شاه سائين جو رسالو

ڪلياڻ آڏواڻي جي ايڊيشن جي آڌار تي

عبدالماجد ڀرڳڙي

جي ترتيب ڏنل

پهرين ڊجٽل

E-Book

ايڊيشن

ڊسمبر 2004

فهرست

To access any sur click on it.

سر ڪلياڻ
سر يمن ڪلياڻ
سر کنڀات
سر سريراڳ
سر ساموندي
سر سهڻي
سر سسئي آبري
سر معذوري
سر ديسي
سر ڪوهياري
سر حسيني
سر ليلا چنيسر
سر مومل راڻو
سر مارئي
سر ڪاموڏ
سر گهاتو
سر سورٺ
سر ڪيڏارو
سر سارنگ
سر آسا
سر رپ
سر کاهوڙي
سر بروو سنڌي
سر رامڪلي
سر ڪاپائتي
سر پورب
سر ڪارايل
سر پرڀاتي
سر ڏهر
سر بلاول

عرض حال

الحمدللہ شاهه سائين جي رسالي جي انٽرنيٽ ۽ ورلڊ وائيڊ ويب تي اليڪٽرانڪ اشاعت جو ڪم، جيڪو مون چند مهينا اڳ شروع ڪيو هو، سو ڏٽي جي ٻاجهه، شاهه سائين جي روحاني فيض، بزرگن، وڏڙن ۽ ڳهٽڪڳن جي دعائن، ۽ ٻانهن ٻيلين جي همت ۽ محنت سان عيد الفطر هجري سن 1425 تي پايئه تڪميل کي رسيو. عيسوي سن 2005 جي شروع ٿيڻ کان اڳ، مان هي نئين سال جو تحفو ڊجٽل اي بوڪ جي صورت ۾ شاهه سائين جي معتقدين ۽ سنڌي ٻولي جي ڳهٽڪڳن جي خدمت پيش ڪيان ٿو. منهنجي ڄاڻ موجب هي سنڌي ٻولي ۾ چيچندڙ پهريون اليڪٽرانڪ ڊجٽل بوڪ آهي جنهن ۾ توهان، ادوبي ايڪروبيٽ ريڊر جي مدد ايسٽ ايڊيشن کي استعمال ڪندي، ڪو به لفظ يا لفظن جو ميڙ ڳولي سگهو ٿا. ڏٽي سگهه ڏني ته رسالي جي ايندڙ اي بوڪ ايڊيشن کي وڌيڪ سنواري توهان آڏو پيش ڪبو.

مون اڄ کان سترهن سال اڳ سن 1987ع ۾ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي سلسلي ۾ ڪم شروع ڪيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ پهريون پيرو سنڌي ڊيسڪ ٽاپ پبلشنگ وجود ۾ آئي ۽ اخبارون، ڪتاب، رسالا ايپل جي مئڪنتوش ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ۽ ٽائيپسيٽ ٿيڻ لڳا. سال 2001ع ۾ مون سنڌي کي ونڊوز ۾ يونيڪوڊ جي انٽرنيشنل معيار موجب آندو ۽ انهي کي پوءِ مون سنڌي جي انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر تي استعمال ۽ ترويج (واڌاري) لاءِ وِت آهر پئي ڪوشش ورتي آهي. مونکي پنهنجي هن ٻن ڏهاڪن تي محيط ڪوشش ۽ محنت جو ڪجهه اجورو شروع ۾ ان خوشي جي روپ ۾ مليو، جڏهن مون اخبارون ۽ ڪتاب ڪمپيوٽر ذريعي ڪمپوز ٿي شائع ٿيندي ڏٺا. پر مونکي مڪمل

اجورو تڏهن مليو جڏهن شاھ سائين جي رسالي جي انٽرنيٽ تي هي اليڪٽرانڪ اشاعت ممڪن ٿي.

پوين چند مهينن دؤران، شاھ سائينءَ جي بيتن جي اينٽري ڪندي، ۽ دوستن جي ڪيل اينٽري جي پروف ريڊنگ ڪندي، مونکي سائينءَ جي ڪلام جي مطالعي جو موقعو مليو. مان ان سعادت جو مُلهه بيان نه ٿو ڪري سگهان. سائينءَ جي ان سٽ، ”جي تو بيت ڀانيا...“، جي لفظي نه بلڪ معنوي مطلب جي هلڪي چاشني جيڪا مون کي چکڻ لاءِ ملي، اها ئي منهنجي محنت جو وڏي ۾ وڏو ثمر آهي. سندن ڪلام دانش ۽ ڏاهپ جو هڪ املهه خزانو آهي ۽ اها اسان جي وڏي بدنصيبي آهي جو ان جي هوندي به اڻهوندا آهيون.

جيئن ته هي اليڪٽرانڪ ايڊيشن ڪلياڻ آڏواڻي جي مرتب ڪيل شاھ سائين جي رسالي جي آڌار تي جوڙي وئي آهي، تنهنڪري ان ۾ سائينءَ جا سڀ بيت شامل نه آهن. انهي ايڊيشن جي استعمال جو مکيه سبب هي هو ته مون وٽ آمريڪا ۾ پيو ڪو غلطين کان آجو ڇاپو ڪو نه هو ۽ مون پاڻ ۾ ايتري اهليت ڪانه پئي پائي جو ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جي مستند ايڊيشن (جيڪو پيو واحد ڇاپو مون وٽ هو) جيڪو سنڌ ثقافتي اداري ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪري ڇپرايو هو، ان ۾ موجود بيشمار غلطين کي درست ڪري سگهان. ان ڪري مون اهو ئي فيصلو ڪيو ته في الحال مختصر ايڊيشن سان ئي سهي ابتدا ته ڪجي ۽ پوءِ اڳتي هلي ان ۾ واڌارو آڻي سڀ شعر شامل ڪرڻ يا ڪنهن ٻئي مستند ايڊيشن کي انٽرنيٽ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪجي.

هن رسالي جي سموري اينٽري اهڙن دوستن ڪئي آهي، جن جو (هڪ يا ٻن کي ڇڏي) پيشو ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ نه آهي. پر انهن ايتري ته محبت ۽ محنت سان اينٽري

ڪئي جو غلطيون تمام گهٽ ٿيون. مون پنهنجي طرفان انهن جي پروف ريڊنگ ۽ غلطين دور ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي، پر تہ بہ غلطين جو امڪان پنهنجي جاءِ تہ آهي. ان جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا: آڏواڻي صاحب جي غلطي، جنهن ڇاپي کي مون استعمال ڪيو آهي ان جي ڪمپوز ڪرڻ وارڻ جي غلطي، ۽ اينٽري جون اهي غلطيون جيڪي منهنجي نگاه کان رهجي ويون، انهن سڀني جو امڪان ۽ احتمال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. منهنجي پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ غور سان مطالعو ڪن ۽ جيڪي بہ غلطيون ڪين نظر اچن انهن جي نشاندهي ڪن تاڪِ انهن کي درست ڪيو وڃي.

مون هن رسالي جي لاءِ خاص ٽائپ فيس ترتيب ڏنو آهي جنهن ۾ اعرابن ۽ نشانين جي بيهڪ جي لحاظ کان موزونيت تي خصوصي توجہ ڏني وئي آهي. پر ان هوندي بہ اوڻاين جو امڪان رهي ٿو. ان لاءِ بہ اوهان دوستن جي راءِ ۽ مشورن جي لاءِ مون کي انتظار رهندو. توهان هن رسالي جا ڪجھ صفحا ليزر پرنٽر تي پرنٽ ڪري ۽ ٽائپ فيس جي باري ۾ بہ پنهنجي رايي کان مطلع فرمائيندا.

هن رسالي جي ڊجٽل اشاعت هڪ خواب ئي رهي ها جيڪڏهن دوست هن ۾ پاڻهن ٻيلي ٿي رسالي جي اينٽري ۾ منهنجي مدد نہ ڪن ها. ٽيهن مان ٽي سر مون اينٽر ڪيا، باقي ستاويهہ سُر انهن دوستن جي مهرباني سان مڪمل ٿيا. سڀني کان وڌيڪ مان محترم احمد چنڊ صاحب جو ٿورائتو آهيان جنهن رسالي جو تقريباً اڌ حصو اڪيلي سر ڪمپيوٽر تي لکيو. جن ٻين دوستن بنا اجوري جي اهو محبت جو پورهيو ڪيو ۽ جيڪي اسان سڀني جي بيشمار نيڪ تمنائن ۽ بيحساب دعائن جا حقدار آهن سي آهن:

شاه نواز سومرو صاحب

محمد حبيب سنائي صاحب

عبدالرحيم نظاماڻي صاحب

فقير اسلح علي قلباڻي صاحب

عاشق حسين نظاماڻي ۽ رشيد ٻرڙو صاحب

هن رسالي جي مواد کي استعمال ڪرڻ ، ڇاپڻ، ورهائڻ وغيره جي سڀني کي اجازت عام آهي. رڳو ايترو عرض آهي ته جن محبت جو پورهيو ڪري هن رسالي کي ترتيب ڏنو آهي، انهن جا نالا يا ذڪر انهي مان حذف ڪيا يا ڪڍيا نه وڃن، ته جيئن پڙهندڙن وٽان انهن کي اجر دعائن جي صورت ۾ ته ملي.

هڪ ڀيرو وري آءٌ الله پاڪ جو ٿورو ادا ڪرڻ جي مُڏي ڪوشش ٿو ڪيان جنهن جي مرضي کان سواءِ هڪ پن به ڇُري نه ٿو سگهي ۽ جنهن هي قابل قدر ڪم مون هِيڻي جي نصيب ۾ لکي منهنجي هٿان ڪرايو. ڀٽ جي سائين، جنهن جو ڪلام مون هن ريت دنيا جي هر ڪند ۾ پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن جي فيض جي شامل حال هجڻ جي اها ئي هڪ وڏي نشاني آهي ته اهو ڪم منهنجي هٿان ممڪن ٿيو. هن ڪم جي پايه تڪميل تي پهچڻ لاءِ مان پنهنجي والدين جو بيحد شڪرگذار آهيان جا لاءِ ته سندن دعائن کان بغير مان ڪجهه به نه آهيان ۽ نه ئي مان ڪجهه ڪري سگهڻ جو اهل آهيان. مان پنهنجي اهليه ۽ پنهنجي ٻارن جو به شڪرگذار آهيان جن منهنجي هر لمحي تي همت افزائي ڪئي ۽ مون کي اهڙو ماحول مهيا ڪيو جنهن ۾ هي سڀ ممڪن بڻيو. مان پنهنجي پٽن عبدالمصور، عبدالباسط ۽ عبدالباري جو ذڪر جيڪڏهن نه ڪيان ته شڪرادائي نامڪمل رهجي ويندي. مان وڏي نصيب ۽ ڀاڳ وارو آهيان جنهن کي الله تعالىٰ اهڙي اولاد عطا فرمائي آهي. منهنجن پٽن مونکي هر قسم

جي مالي فڪر ۽ پڳتي ڪان نہ رڳو آجو ڪيو، بلڪ مون تي بار وڌائون تہ ڪا نوڪري ڪرڻ جي بجائي اهو ڪم ڪيان جيڪو منهنجو من ٿو چاهي. جيڪڏهن غم روزگار، نوڪري يا ڪاروبار جا جهميلا هجن ها تہ پوءِ بہ شايد هي ڪم مون کان نہ ٿي سگهي ها. ان چوڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي تہ انهن اهي سڀ وسائل بہ مونکي مهيا ڪري ڏنا جيڪي هن ڪم لاءِ گهربل هئا. منهنجي روئڻين روئڻين مان سندن لاءِ دعا ٿي نڪري.

ناچيز ۽ توهان جي دعائن جو پينو،

عبدالماجد پريڙي

30 ڊسمبر 2004

سُر ڪلياڻ

داستان پهريون

1

اَول الله عَليمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڌَڻِي؛
قادِرُ پنهنجي قُدرت سين، قائمُ آهِ قديمُ؛
والي، واحِدُ، وَحدَهٗ، رازق، رَبُّ رَحِيمُ؛
سو ساراه سچو ڌڻي، چئُي حَمدُ حَڪِيمُ؛
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جهان جي.

2

وَحدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، جن اُتوسين ايمانَ؛
تن مڃيو مُحَمَّدُ ڪارَڻِي، قَلبَ ساڻ لِسانَ؛
اُوءِ فائِقَ ۾ فرمان، اَوَتڙِ ڪنهن نه اوليا.

3

اَوَتڙَ ڪنهن نه اوليا، سُتَڙِ ويا سالِمَ؛
هيڪائي هيڪُ ثياء اَحَدَ سين عالِمَ؛
بي بها بالِمَ آگي ڪيا اَڳهِين.

4

آڳي ڪيا اڳهين، نسورو ئي نُورُ؛
لَا خَوفٌ عَلَيهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُونَ، سچن ڪونهي سُورُ؛
مولي ڪيو مَعمُورُ، اَنگُ اَزَلَ ۾ اُنِ جو.

5

وَحۡدَهٗ جي وِڍيا، اِلَا الله سين اورِينِ؛
هِنيون حقيقت ڳڏيو، طريقت تورِينِ؛
معرفت جي ماث سين، ڏيساندَرُ ڏورِينِ؛
سُک نہ سُتا ڪڏهين، ويهي نہ ووڙِينِ؛
ڪُلهِنئُون ڪورِينِ، عاشق عَبۡدُاللَطِيفُ چئي.

6

وَحۡدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، ٻُڌِ نہ ٻوڙا؛
ڪہ توڪنين سُئا، جي گهٽَ اَندر گهوڙا؛
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿِيندءِ سامُهان.

7

وَحۡدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، اِهو وِهائج ويُّ؛
ڪَثين جي هارائين، هنڌ تُنهنجو هِيُّ؛
پاٽان چونڊُءِ پِيُّ، پري جام جَنَّت جو.

8

وَحۡدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، اِيُ هيڪڙائيءَ حَقُّ؛
ٻيائي کي ٻَڪُ، جن وڌو، سي وِرسيا.

9

سِرُ ڏُونديان، ڏڙ نہ لهان، ڏڙ ڏُونديان، سِرُ ناهِ؛
هَٿَ ڪَرائُون آگَريون، ويا ڪيچجي ڪانهِ؛
وحدت جي وِهاڻءِ، جي ويا، سي وِڍيا.

10

عاشق چَؤُ مَ اُنَ کي، مَ ڪِي چَؤُ معشوق؛
خالق چَؤُ مَ خامَ تون، مَ ڪِي چَؤُ مخلوق؛
سَلِج تنهن سُلوڪ، جو ناقِصنا نِکيو.

11

وحدت تان ڪَثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلَّ؛

حق حقيقي هيڪڙو، ٻوليءَ ٻِيءَ مَ ڀُلَ؛

هُو هُلاچو هُل، ٻا اللهُ سندو سڄڻين.

12

پاڻِهين جَلَّ جَلالَهٗ، پاڻِهين جانِ جمالُ؛

پاڻِهين صورت پرِينءَ جي، پاڻِهين حُسن ڪمالُ؛

پاڻِهين پِر مُريد ٿئي، پاڻِهين پاڻَ خيالُ؛

سڀ سيوئي حالُ، منجهان هي معلوم ٿئي.

13

پاڻِهين پسي پاڻکي، پاڻِهين محبوب؛

پاڻِهين خلقي خوب، پاڻِهين طالب تن جو.

14

پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لَهِين؛

هُئا اَڳِهين گڏ، ٻُڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

15

ايڪ قَصرُ، دَرَ لَکَ، ڪوڙين ڪَٽِس ڳڙکيون؛
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهُون.

16

ڪوڙين ڪاياڱُون تُنهنجيون، لِکَن لَکَ هزارَ؛
جِيءُ سپڪنهن جيءَ سين، دَرسن ڏارون ڏارَ؛
پِرِيَمِ تنهنجا پارَ، ڪهڙا چئِي ڪيئَن چوان.

وائي

سپڪا پريان ڪُون پُوجي؛
نيهن نيٽيڻ، ڳُرڻ ٻاگهه وو.
جا چِتامِ چِتَ مِ، سجڻ سا تو ٻُجهي؛
لات جا لَطِيفُ جي، سَڏُ تنهنجو سُڄي.

داستان پيو

1

اکي اڳهائي، رَنج پِريان کي رسيو؛
ڇَڪيمِ ڇڳائي، سورانگهي سُورِيءَ تان.

2

انڌا اُونڌا ويڄ! ڪَل ڪُجاڙيا ڪانئِين؟
اسان ڏُکي ڏِيل ۾، تون پيارِئِين پيڄَ؟
سُورِي جنِين سيڄَ، مرڻ تي مُشاهِدو.

3

سُوري آهِ سينگار، اَڳهِين عاشقن جو؛
مُڙڻ مونڻ ميهڻو، ٿيا نِظاري نِروارُ؛
ڪُسڻَ جو قرارُ، اصل عاشقن کي.

4

سُوريءَ مٿي سيڻَ، ڪهڙي ليکي سَنَرا؟
جيلَه لڳا نيڻَ، تي سُوريائي سيڄَ ٿي.

5

سُوريءَ تي سَؤ وارَ، ڏِهاڙيو چَنگ چڙهين؛
جِمَ وِرچي چڏئين، سِڪڻ جي پَچارَ؛
پِرت نہ پسِين پارَ، نيهن جِئان ئي نِڱيو.

6

پهرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙو؛
ڏُکُ پِريان جو ڏِيلَ ۾، واجَٺ جئَن وَڄاءِ؛
سِيخن ماهُ پَچاءِ، جي نالو ڳِيڙُءِ نِينهن جو.

7

ڪاتِيءَ ڪونهي ڏوهُ، ڳَنُ وڍيند ڙ هٿ ۾؛
پَسيو پِرَ عجيب جي، لِڇيو وجي لوهُ؛
عاشقن اندوه، سدا معشوقن جو.

8

ڪاتِي تکي مَ ٿئي، مَرُ مُنِيائي هوءِ؛
مانَ وِر مَن توءِ، مُون پِريان جا هٿڙا.

9

اَڳيان اَڏِنِ وَٽِ، پوِيَن سِر سنباها؛
ڪات نہ پوين قبولَ ۾، مَڇُڻ پائين گهَٽِ؛
مٿا مُهايَنِ جا، پيا نہ ڏِسين پَٽِ؟
ڪلالڪي هَٽِ، ڪُسڻ جو ڪوپُ وَهي.

10

جي اَٿيئَي سَڌَ سُرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪلالن ڪاٽي؛
لاهي رک، لَطِيفُ چئي، مٿو وَٽِ ماٽي؛
تڪ ڏيئي پِڪَ پِيُ تون، منجهان گهوٽ! گهاٽي؛
جو وَرَنَہَ وِهاٽي، سو سِر وَٽ سَرو سهانگو.

11

جي اَٿيئَي سَڌَ سُرڪَ جي، تہ ونءُ ڪلالڪي ڪُوءِ؛
مَهيسَر جي مَنڌَ جِي، هُتِ هَڏهِين هُوءِ؛
جان رمز پروڙيم روءِ، تان سِرَ وَٽِ سُرڪِي سَگُڻي.

12

ناڻي ناهِ ڪَڪُوهِ، ڪي ملھ مهانگو مَنڌُ؛
سَنباهج، سيّد چئي، ڪاتڻ ڪارڻ ڪَنڌُ؛
هِيُ تِنين جو هنڌُ، مَن پاسِ مَرَنِ جي.

13

عاشَق زهر پِياڪَ، وِهُ ڏِسِي وِهُسَنِ گھٽُو؛
ڪَڙيي ۽ قاتِلَ جام، هميشه هيراڪَ؛
لِڳَين لنؤ، لَطِيفُ چئي، فَنا ڪيا فِراق؛
توڻي چِڪَنِ چاڪَ، ته به آهَ نه سَلِن عامَ کي.

14

مَ ڪَرِ سَڌَ سَري جي، جي تون ٿارِئين ٿُوهُ؛
پِتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رَڱَن رُوح؛
ڪاتي چَڪُ ڪَڪُوهُ، لاهي سِرُ، لَطِيفُ چئي.

15

سَدَ ڙِيا شراب جون، ڪُهُ پَچارُون ڪَنِّ؟

حُہ ڪاتَ ڪَلالِن ڪديا، تہ موٽيو پوءِ وڃنِّ؛

پِڪُون سي پِينِّ، سِرَ جن جا سَٽِ ۾.

16

سِرَ جُدا، ڌَڙَ ڌارَ، دوهَ جنين جا ديڳِ ۾؛

سي مَرُ ڪن پَچارَ، حاضر جن جي هَٿ ۾.

17

اصل عاشقن جو، سِرُ نہ ساندِڻُ ڪمُ؛

سَؤ سِسِنئان اَگَرو، سَندو دوسان دمُ؛

هِيُ هڏو ۽ چمُ، پِڪَ پِريان جيَ نہ پَڙَيي.

18

جي مٿي وٽِ مِڙَنِ، تہ سِپڪنهن سَڌَ ٿئي؛

سِرَ ڏني سَٽِ جُڙيي، تہ عاشقَ اِئن اچنِ؛

لذا تي لَيَنِ، مُلهِ مَهانگا سُپرين.

19

مُلهه مَهانگو قَطرو، سِڪَڻُ شَهادت؛
اَسان عِبادتَ، نَظَرُ نازُ پريَنِ جو.

وائي

مَنڌُ پئندي مون، ساڄَنُ سهي سُڃاتو؛
پِي پيالو عِشقَ جو، سِپڪِي سمجهيو سُون؛
پِريان سندي پارَ جِي، اَندرِ آڳ اَٺُون؛
جنِڻُ ناهي جَڳَ ۾، ڏينهن مِڙيئي ڏُون؛
اَلا، عَبۡدُاللّطِيفُ چئي، آهين تُون ئي تُون.

داستان ٻيون

1

اُٿياري اٿي وِيا، مَنجهان مُون آزارَ؛
حبيبَ ئي هٽِي ويا، پِيڙا جا پَچارَ؛
طَبين تَنوارَ، هَڏِ نہ وٽي هاڻِ مون.

2

اَورِ ڏُکَندو اُو ٿئي، هادِي جنهن حَبِيبُ؛
تِرُ تَفاوتُ نه ڪري، تنهنکي ڪو طَبِيبُ؛
رَهَنُما رَقِيبُ، ساٿَرِ صِحتَ سُپرِين.

3

ساٿَرِ صِحتَ سُپرِين، آهي نه آزارُ؛
مجلسَ ويرَ مِنو ٿئي، ڪونِيندي قَهارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ؛
صاحِبُ رَبُّ ستّارُ، سوجهي رَبُون ساهَ جون.

4

رَبُون ٿيون رباب، وَجَنِ ويل سَيَڪَنهِين؛
لُچَرُ ڪُچَرُ نه ٿِيو، جانِبُ ري جَبابُ؛
سوئِي سَندِيندُم سُپرِين، ڪَيسِ جنهن ڪَبابُ؛
سوئِي عينُ عَذابُ، سوئِي راحَتَ رُوحَ جي.

5

سوئي راهَ رَدِّ ڪري، سوئي رَهَنُماءُ؛

وَ تُعِزُّ مَنۡ تَشَاءُ، وَ تَذِلُّ مَنۡ تَشَاءُ.

6

سِڪِين ڪُه سَلامَ کي، ڪَرين ڪه نه سَلامُ؟

پيا دَرَ تن حرامُ، اِيُ دَرُ جنِين ديکيو.

7

مِٺايان مِنو گهٽو، ڪَڙو ناه ڪَلامُ؛

سُڪُوتُ ئي سَلامُ، پِريان سَندي پارَ جو.

8

پريان سَندي پارَ جي، مِڙيئي مِٺائي؛

ڪانهي ڪَڙائي، چَکِين جي چيتُ ڪري.

9

تو جنِين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛

’فَاذۡڪُرُوني اَذۡڪُرۡڪُمۡ‘، اِيَ پَرُوڙِج بات؛

هَٿِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُچَرِ پَرِ پرِين جي.

10

پاٻوھي ھيڪارَ، مون ڪان پُڇيو سَڄَڻين؛
اَلَسۡتُ بِرَبِّڪُمۡ، چَيائون جنھن وارَ؛
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏھانڪُون نہ لھي.

11

پاٻوھِيو پُڇَنِّ، ڪِٿي ھَٿُ حَبِيبَ جو؛
نيزي ھيٺان نِينھنَ جي، پاسي پاڻُ نہ ڪَنِّ؛
عاشِقَ اَجَلَ سامُھان، اوچي ڳاٽ اَچَنِّ؛
ڪُسَڻُ قُربُ جَنِّ، مَرَڻُ تَنِّ مُشاھِدو.

12

ڪوٺي ڪُھي سُپِرِين، ڪوٺي ڪُھڻَ ساڻُ؛
نيزي ھيٺان نِينھنَ جي، پاسي ڪر مَ پاڻُ؛
جُلُ، وِڃائي جاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامھُون.

13

ڪونڻ قُرِبَنَ جو، عينُ تَڙِڻُ آهِ؛
اِيَ اُلٽي ڳالهِڙِي، سِڪَ وَرَندِي ساهِ؛
آسَرَ هَذِمَ لاهِ، چِنِڻ ڳُنڍَڻُ اُنِ جو.

14

ڪُهَنِّ تان ڪَرَ لَهَنِ، ڪَرَ لَهَنِ تان ڪُهَنِّ؛
سيئِي ماءِ! مُهَنِّ، سيئي راحتَ رُوحَ جي.

15

ڪُهي سو ڪَرَ لَهي، ڪوٺي سو قَرِيبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِني سو طبيبُ، سوئي راحتَ رُوحَ جي.

وائي

ٺيندو تَنَ طبيبُ، دارُون منهنجي دَردَ جو؛

ٻُڪِي ڏيندُم ٻاجَهه جِي، اَچِي شالَ عجيبُ؛

پِرِين اچي پاڻَ ڪِيو، سندو غورُ غريبَ؛

ڏُکندو سپوئِي ڏُور ڪيو، مَنجهون تَنَ طبيبَ؛

اَديُون! عَبدُاللّٰطِيفُ چَئي، هاتِڪُ آهِ حبيبُ.

سُرُ يَمَنُ ڪَلِياڻُ

داستان پهريون

1

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا اَنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.

2

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاترَ! کي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون فرَقُ ڪَنِ، جڏهين اَمرُ ڪريو اُنِ کي.

3

هَڻُ، حبيبَ! هَٿ ڪِٽي، ٻَنگان لِهي ٻاڻُ؛
ماڳهِين مون مِنهُن ٿِئي، جهولِيءَ وِجهان پاڻُ؛
اِنَ پَرِساجَنَ ساڻُ، مانَ مُقابلو مون ٿِئي.

4

جِت حبيبَ هَٽِن، نائُڪَ پَري نينهن جِي؛
تِتي طبيبِن، وِڃا وڃي وِسري.

5

هَٽِن جي حبيبَ! محبتِي مَيا ڪري؛
پُڇان ڪينَ طبيبَ، هوند گهائِنَ سين ٿِي گهارِيان.

6

ڪانارِيا ڪُٺڪَن، جنين لوهُ لِڳَنِ ۾؛
محبتَ جي ميدانَ ۾، پيا لالَ لُڇَنِ؛
پاڻهِين ٻَڌنِ پَٽيُون، پاڻهِين چِڪيا ڪَنِ؛
وَٺان واڍوڙِيَنِ، رهِي اَڇِجي راتِڙِي.

7

رهِي اَڇِجي راتِڙِي، تن واڍوڙِين وَٺاءَ؛
جن کي سورُ سريرَ ۾، گَهٽَ مَنجهاران گهاءَ؛
لِڪائي لوڪاءَ، پاڻهِين ٻَڌنِ پَٽيُون.

8

اَجُ پڻ ڪَنجهو ڪَنجَهه، واڍوڙَڪِيءَ مَنَهِينءَ؛

جهُ پڻ پيئِنَ سَنجَهه، هُو پِنيُون هو پَٿيُون.

9

سَگهنِ سُڌِ نه سُورَ جِي، گهايَلَ ڪيئن گهارِينِ؛

پِيَلَ پاسو پَٿَ تان، واڍوڙَ نه وارِينِ؛

پِرِ ۾ پَچَن پِرِينءَ لَئِي، هَئِي! هَنجُون هارِينِ؛

سَجَڻُ جي سارِينِ، تن رويو وِهامي راتڙي.

10

سَگهنِ سُڌِ نه سُورَ جِي، ٿا رُنَڪَن رَنجُوري؛

پِيا آهن پَٿَ ۾، مَٿِ مامُوري؛

لِڳين لَنؤ، لِطِيفُ چَئَي، سَدا جِي سُوري؛

پِرتِ جن پُوري، تن رويو وِهامي راتڙي.

11

آيلِ! اُنِ نہ وِسَهان، هَنجُون جي هارِينِ؛
آڏيو آبُ اَکينِ ۾، ڏي ڪي ڏيکارِينِ؛
سَجَڻُ جي سارِينِ، سي نڪي روئن نہ چون ڪِي.

وائي

وِرسِيا ويڄَ ويچارا! دِل ۾ دَردُ پرِينِ جو؛
اُٿيو ويڄا! مَ وهو، وَڃو ڏَبَ ڪِٽي؛
ٻُڪي ڏيندا ٻاجَهه جي، آيا سُورَ ڏَٽي؛
آيا جيءَ جِيارا، دِل ۾ دَردُ پرِينِ جو.

داستان پيو

1

تَنَ طبيب نہ تُون، سُڌِ نہ لهين سُورَ جي؛
ساندِ پنهنجا ڏَبَڙا، ڪَڏَ ڪِٽي ۾ پُون؛
ڪانَ گُهرجي مُون، حياتِي هوتَنِ ري.

2

وِيڄَنِ سين وائِيءَ پِيا، ڪِري نہ ڪيائون؛
جي پَندِ پاريائُون، تہ سِگهائي سَگها ٿِيا.

3

آهي گَهڻو اَگَهنِ جو، تَرَسُ طبيبَنِّ؛
ڪيو وَسُ وِيڄَنِّ، تان ڪِريءَ ري ڪين ٿئي.

4

پاڙي وِيڄَ هُئامِ، تان مون مُور نہ پُڇيا؛
تيلاهين پيامِ، مورَيسَرَ اَڪين ۾.

5

هارِيا! تو هِري، ڪُپَڄُ ڪايا سين ڪيو؛
ڪَرِئين جي ڪِري، تہ تون تَوانو ٿِئين.

6

جي پائِين پرِينءَ مِڙان، تہ سِڪُ چوران ڪِي ذاتِ؛

جاڳَڻُ جَشَنُ جن کي، سُکُ نہ ساري راتِ؛

اُجهي پُجهي آئيا، وائي ڪَنِ نہ واتِ؛

سَلي سُوريءَ چاڙهيا، بيان ڪَنِ نہ باتِ؛

توڙي ڪُسَنِ ڪاتِ، تہ بہ ساڳِي سَلَنِ ڪينَ ڪِي.

9

تڙپي طبينِّ، گهايلُ گهران ڪَڍيو؛

چِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَڙيُون مور نہ ڪَنِّ؛

دوستَ جي درسنَ سينِ، پَئي ٿارُ ٿَيَنِّ؛

وِرِچيو ويجَ وَجنِّ، آءُ تہ پريمِ! اُبهان.

8

وَدي جَنِ وِڍياسِ، وَري ويجَ ئُي سي ٿِيا؛

ٿُرتُ ٻَڌائُون پَنُيون، روزِ ڪيائُون راسِ؛

هِينئڙا! تنِين پاسِ، گهارِ تہ گهايلُ نہ ٿِئين.

9

وِيڄَ! مَ ٻُڪِي ڏي! اَلا ڇَڪِڱي مَ ٿِيان!
سَڄَڻُ مانَ اَچي، ڪَرَ لاھُو ٿِي ڪَڏِھِين.

10

ھُئِين نہ ويڄِن وَٽِ، تون ڪِئَن جيءَ جَڏو ٿِئين؟
سِرُ ڏيئي ۾ سَٽِ، ڪُھہ نہ ڪَيءِ ڏِٻَرا؟

11

ڪُنِيس ڪُويڄَنِّ، تَنَ طبيبَ نہ گڏيا؛
ڏيئي ڏنپَ ڏَڏَنِّ، پاڻان ڏِيل ڏُکوئِيو.

12

تَرِسُ طبيبِنِّ جو، جَڏِنِ ڪيو نہ جاتِ؛
جو ويڄِنِ جي واتِ، دا رُوئان تنھن دُور ٿِيا.

13

دا رُون ۽ ڪارُون، جان ڪِي ڪيا ويڄَ مون؛
ٻُڪِي ڏيندا ٻاجھَ جِي، نِھاري ناڙُون؛
جن جون سيڻَ لَھِن سارُون، تن تان ڏُکندو ڏُور ٿئي.

14

اَڳهن مِڙِئي اَڄُ، ڪيو سَڏُ صِحَتَ کي؛
ڏُور، ڏُکندا! ڀَڄُ، مِهريءَ مُنهن ڏيکاريو.

وائي

اَچِي سارَ لَهيجِ، ساجَنَ سُورَ ٽُماري آئُون ماري!
سُورَ ٽُماري جي مَران، تان مُون ڏوهُ مَ ڏيجِ؛
ڏَبَنِ پَري هَنڙَا، دارُون، دوست! ڪَريجِ.

داستان ٽيون

1

هَيءِ هَيءِ! وَهي هاءِ، مَنَ ۾ محبوبِنِ جِي!
جيرا جوشَ جَلائيا، ٻُڪين ٻَري باهِ!
ڀَسو مَڄَ مَٿاءِ، جي ويساهَ نه وِسَهو!

2

ڪاندين ٿاندين ٻاٻرين، پَچان مَرُ پيئَي!
جيرا، جِگرَ، ٻُڪِيُون، سيخُنِ ۾ ٿيئَي!
ويڄَنئُون ويئي، ڪِي وهيٽي سَڄَڻين!

3

سَرُ جو سَڃِيو سَڄَڻين، پِيهَرَ ٻارڻُ پَرِي؛
چِمڪِيو سو چوهَ مان، ڪَڙ ڪَانُ ڪَرِي؛
جيرا، جِگرَ، ٻُڪِيُون، لنگهي پيو پَرِي؛
لِڳو جيءَ جَرِڙيءَ، تاڻِيان، تيرُ نه نِڪري!

4

پُڄُ پَتنگَنِ ڪي، سندِيُون ڪامڻ خَبَرُون؛
آڻِيو وجَهنِ آگِ ۾، جيءُ پَنهنجو جي؛
جيري جنِين جي، لِڳا نيزا نينهَن جا!

5

پَتنگ چائِين پاڻَ کي، تہ اَچي آڳِ اُجھاءِ !
پَچَڻَ گَھٽا پَچائِيا، تون پَچَڻَ کي پَچاءِ !
واقُف ٿِي وِساءِ، آڳِ نہ ڏِجي عامَ کي.

6

پَتنگُ چائِين پاڻَ کي، پَسِي مَچُ مَ موٽُ!
سَھائِيءَ سُپيرين جي، کِھڙُ تہ ٿِئين کھوٽُ!
اَجا تون اَروٽُ! کُوري خَبَر نہ لھِين!

7

پَتنگن پھُ ڪيو، مِڙِيا مٿي مَچَّ:
پَسِي لھَسَ نہ لِچيا، سَڙِيا مَٿي سَچَّ:
سندا ٻِچين ڳچَّ، ويچارن وڃائِيا.

8

جي ٿَو تَنُ ٿُورَ جئَن، تہ چَنڊي ساڻُ چَماءِ؛

آڻي آگِ اَدب جي، ٻاري جانِ جلاءِ؛

بُرقعان اندر ٻاڙيون، پنهنجو سڀ پچاءِ؛

لُڇَڻُ لنؤُ لَطِيفُ چئي، پَڏرِ هَڏِ مَ پاءِ؛

متان لوڪ لَکاءِ، وصالان وڃ پَئي!

9

اجا تَنُوران، ڪالهہ ڪڍيائون سڄڻين؛

پڻ تايائون تِڪڙو، وحدت جي وَڏانِ؛

محبتين مٿان، مچ مُورائين نہ لهي!

10

پَچائي پِهاڻُ، جن رساڻيو رُڪَ کي؛

تنين سندو جاڻُ، آهي آڳَڙُينِ کي.

11

ڏنءُ ڏنءُ ڏَمڻَ وار، اڄ پڻ آ ڳَڙين جيءَ؛
ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏُوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

12

ڏُوڏا! تون نہ ڏَئِين! آ گِ اوڏو نہ وڃين!
اُلا جي عشق جا، سي تان تون نہ سَهِين!
اُپوارِئن چَئِين، تہ آئون آ ڳَڙيو آهيان!

13

سِرُ ساندارڻ ڪري، پُڇج گھرُ لهارَ جو!
ڏَکن هيٺ ذري، مانَ ڳَڏينئي رُڪَ سين!

14

سَهِين جنَن ساندارڻ، ڏَکن متي ڏَڪڙا!
وَهِ وِجائي پاڻ، ڏي ڏِبائون ڏُڳرين.

15

اَجِ آ ڳَڙيا آئيا، سُوڏا سِراڻيءَ؛
پياري پاڻِيءَ، تيغُون ڪندا تکيون.

16

اَجِ آ ڳَڙيا آئيا، سائُو ڪي سُڄاڻ؛
لاهِيندا مُورياڻَ، رُڪُ ڪَرِيندا پڌرو.

17

سَرها ڏنم سيءَ، جن ساڄاءَ سِراڻِ سين؛
تيغَ تِنين جي ڪيءَ، ڪَٿُ نه لڳي ڪڏهين.

وائي

جِيءُ جياريو، جِيءُ جياريو، ڪين منهنجڙو هاريو؛

پِرين جِيءَ پچار، سيڻن جِيءَ سنپارَ، جَڏڙو جِيءُ جياريو؛

اُجيو تن عَمِيق مان، پِرِيُن پُوجَ پياريو؛

مرضُ مريضن تان، اِشاري ساڻ اُتاريو؛

ڪَرَمَ ڪريمن جي مون کي، اَهُڪِيءَ مان اُڪاريو؛

سنئون مُنهن ڪري، سپرين! اَئِين نرمل نورَنهاريو؛

سائلن جِڻَن سڌ ڪري، اَئِين طالحن کي تاريو.

داستان چوٿون

1

ايڪ پيالو! ٻه جڻا! عشق نه ڪري اِئِنَ!

ليکيا جي لِکَڻ ۾، سي قرب رسندا ڪيئَن؟

هُئَڻ ڪيا هِيئَن، وانجيا پَسُ! وِصال کان.

2

ايڪ پيالو! ٻہ ڇٽا! عشق نہ ايئن ڪري!

آڻِي سي ايڪ ٿيا، جي ڳَنا نينهن ٻري؛

دوئِي ڏار ڌري، جهُ خُلَّت خنجر آئيو.

3

ايڪ پيالو! ٻہ ڇٽا! عشق نہ ڪري اَڏَ!

اِيَ تان، ساعر! سَڏَ، ڪَيَءِ جا قَوال سين.

4

قاتلَ ڪمائِي ڪري، وَهُ ماڪي جي ڪن؛

وٺان وِيهي تن، پِيج ڪي پياليون.

5

هوندو هَڏِ مَر سَندِ، لاءِ پياڪَن پانهنجو؛

پوڄَ پيارج پَنهِيڙا، ويندا ونيو ڪَندِ؛

نہ هَٿَ تنهنجي هندِ، موڪي! ڪو مانُ لهي.

6

هوندو هَذِ مَ رَکُ، لاءِ پياڪَن پانهنجو؛

وِتي واٽاڙئن ڪي، تان پياري پَرَڪُ؛

سا لِکَ لهي ٿي لَکُ، جا تو ايندي اُنِ سين.

7

گهَٽَنِ مِ گهُٽِڪَنِ، وَٽيُون پِيَنِ وِهَ گاڏيُون؛

بَرخِيز بده ساقِي! پيار ڪي پرِيَنِ؛

پِڪين نہ پرچن، مٽ تڪيائون مَنجهيان.

8

آڻي اُتر واءَ، موڪيءَ مٽ اُپٽيا؛

مَتارا تنهن ساءَ، اَچن سِرَ سَنباهِيو.

9

وجهج واٽاڙئُن تي، ميخاني جي ماڪَ؛

ٺيندي سُڌ سيڪنهين، هنڌ هنڌ پوندي هاڪَ؛

پِره جا پياڪَ، جُہ سي اَگَڙ آئيا.

10

جُهہ سي اُگَڻ آئيام، تہ سَرو ڪندا سُجَ؛

سائي ٿِيندين اُج، هي پِيتو! هُو آڻ ڪِي!

11

موڪِي چوڪِي نہ ٿئي، اصل اوچِي ذات؛

وَتيون ڏيئي واتِ، مَتارا تنهن ماريا.

12

مَتارا مري ويا، موڪِي! تون نہ مَرين!

ڪيهِيءَ پَرِ پَرين، ڏُکِي! ڏاتارن ري؟

13

مَتارا مري ويا، موڪِي! تون بِي مَرُ؛

تنهنجو ڏوسُ ڏمرُ، ڪونَ سهندو اُنِ ري!

16

سَري ڪين ڪيونِ، ويڙ موڪِيءَ جي ماريا!

ڪو جو سخن ڪلال جو، پِتي تي پيونِ!

تِهان پوءِ ٿيونِ، مرڻ مَتارنِ کي!

15

ڪَنڌ ڪَٺارو، مُنهن وِٺي، عادت سندين اِيَّ؛
تنين تِڪُون ڏنيون، جُنبِي منجهان جِيَّ؛
سرو تن سَبِيّ، جَن حاصل ڪيو حال ڪي.

16

موڪِيءَ مَنو نہ گُهريا، وِهُ نہ وِهاٿيا؛
سُرڪِيءَ ڪاڻ، سيَّد چئي، اُتي ٿِي آٿِيا؛
جي ڳالهين ڳَنگاٿِيا، تن ٻَنِ پاسي ٻُنيون.

20

سِرُ ڏيئِي سَٿِ جوڙ، ڪنهن پَرِ ڪَلالن سين!
ڪاتِي ڪَرٿُ ڪپار ۾، خَنجَرُ آٽِي ڪوڙ!
مَرڻان مُنهن مَ موڙ، وَٿي ٿِي وڍِ لهي!

18

وَٽ وَٽ وٽيءَ ۾، مَٽ مَٽ مَنڌُ پيو؛
قدر ڪيفَ ڪلال جو، پياڪَن پيو؛
اَڃن دُرسُ دڪان تي، ڪَندَ قبول ڪيو؛
سُرها سِرُ ڏيو، چَکَن سُرڪَ سيَّد چئي.

19

ڪلالڻون ڪاءِ، مَتِ نہ سڪِين مون هِنئان!
روئندي رات وهاءِ، چِڪائيندي ٻَنيُون!

وائي

دوسُ پيهِي در آيو، ٿيو ملڻ جو ساعيو؛
ڏِينهين پُڄاڻُون آڻي اسان ڪي، مولي مُحب ملايو؛
ويو وِڇوڙو، ٿيو ميلاپو، واحد واءُ وايو؛
هو جَنهِين جو ڏَسُ ڏوراڏو، اوڏو اَڄ سو آيو؛
عَبدُاللَّطِيفُ چئي، اَڄِي عجيين پاڻ فَضلُ فرمايو.

داستان پنجون

1

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ؛
بازي بازِندنِ ڪي، آهي اَويسارَ؛
پريا سين پَهڪارَ، رِنديءَ رَساڻي ڪيا.

2

صوفِيءَ سيرُ سِپين ۾، جَئَن رڳن ۾ ساهه؛
سا نه ڪري ڳالهِڙي، جَئَن پويون پروڙي پساهه؛
آهِس اِيُ گناهه، جي ڪا ڪَري پَڌرِي.

3

ڏِني ڏُکويا، اَڻ ڏِني راضي ٿيا؛
صوفِي تي ٿيا، جَئَن ڪِينَ ڪنيائون پاڻ سين.

4

صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ پانئيس ڪيرُ؛
منجهيان ئِي مَنجِهه وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ؛
جنين ساڻس ويرُ، ٿئي تنين جو واهَرُو.

5

صوفِيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وُجُود جو؛
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

6

صوفِي چائِين، سَڏَ ڪرين! صُوفين اِيَ نہ صلاحَ؛
ڪاٽي رک ڪُلاهَ، وجھ اُچلي آگ ۾.

7

جي ڪُلاهَ رکين ڪنڌ تي، تہ صوفي سالم ٿِيءُ؛
وِہ وِني هٿ ڪري، پُر پيالو پِيءُ؛
هَنڌُ تِنين جو هِيءُ، جن حاصل ڪيو حال کي.

8

جُسي ۾ جَبّار جو، خَفِي خِيمو کوڙ؛
جَلّي تون زبان سين، چار ٿي پهر چور؛
فڪر سين فُرقان ۾، اِسم اعظم ڏور؛
پيا در وجي مَ ووڙ، اِيُ اَمُلَ اِئائين سَپَجي.

9

عالِمَ آئُون ساڻ، پَريو ٿو پيرَ ڪري؛
پاڻ نہ آهي ڄاڻُ، ماندِيءَ مَندُ پڪيڙيو.

10

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سوئهن سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي رُوءِ؛
جنِين ڏني جُوءِ، تني ڪُڇيو ڪين ڪِي.

11

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سوئهن سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي راءِ؛
ماڙهُو اِتِ ڪِياءِ، مَندُ نہ پسين مَنديو!

12

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سوئهن سَرُ، روميءَ چيو آهي؛
تاڙِي جي لاهي، تہ مَنجِهين مُشاهدو ٿئي.

13

ظاهر ۾ زاني، فِڪرَ منجهہ فنا ٿيا؛
تنين کي تعليم جِي، ڪُڙِه اندر ڪانِي؛
حرفُ حَقّانِي، دَورُ ڪيائون دل ۾.

14

جن کي دَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنِّ؛
فِڪرَ فرَهِي هٿ ۾، ماٿ مُطالع ڪنِّ؛
پَنو سو پڙهنِّ، جنهن ۾ پَسن پرينءَ کي.

15

سا سِٽَ نہ سارِين، اَلف جنهن جي اڳ ۾؛
ناحَقُ نهارِين، پنا پيا پرينءَ لءِ.

16

سا سِٽَ سارِيائون، اَلف جنهن جي اڳ ۾؛
”لاَ مَقصُودَ فِي الدّارِينِ“ اِن پَر اُتائون؛
سَبڳُرُ سونائُون، ٿيا رَسِيلا رحمانَ سين.

17

اڪرَ پڙهي اَپاڳيا! قاضِي ٿئين ڪِياءِ؟
پيرِئين ۽ پانئين، ايڏا اِئن نہ آءُ!
اِنَ سُرڪِيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازِيل کي.

18

عاشق عَزازِيل، پيا مڙئي سَنڌ ڙِياءَ؛
منجهان سِڪَ سَبِيلَ، لعنتِي لال ٿيو.

19

جو مون پڙهيو پاڻ لَءِ، سبقُ سابِقُ جو؛
پهرين سُڃاڻم پانهنجي، نفسَ جو نِهو؛
جي عَرفانُ اَصَل ۾، ٿي رُوحن روزَ ڪيو؛
وري وَرَقُ پيو، گڏيم وَڏُ وصال جو.

20

پَڙهيو ٿا پڙهنَّ، ڪَڙهن ڪين قُلُوب ۾؛
پاٽان ڏوهَ چڙهنَّ، جئن وَرَقَ ورائين وِترا.

21

اکر پڙه اَلف جو، وَرَقَ سڀ وسارِ؛
اَندر تون اُجارِ، پنا پڙهندين ڪيترا.

30

جڏن جڏن وَرَقَ وَرائين، تڏن تڏن ڏنو ڏوهُ؛

تنهن ڪَهِڙيءَ ڪبو ڪوهُ؟ جي رهڻيءَ رهيو نه سُپرين.

23

ڪاتِبَ! لِکين جڏن، لايو لامُ اَلف سين؛

اَسان سجڻ تڏن، رهيو آهي روح ۾.

24

تهڙا چالِيها نه چاليهَ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو؛

ڪهڙي ڪاتِبَ! ڪَرِئين، مٿي پنن پيهَ؛

جي ورق وارِين وِيهَ، ته اکر اُهوئي هيڪڙو.

25

تَنُ ڪُڏِي، مَنُ حُجرو، ڪيم چاليها رَکُ؛

ڪوه نه پُوڇيو پُوڇئين، اَنئَي پهر اَلَکُ؟

تان تون پاڻُ پَرَکُ! سَپَڪَنهن ڏانهن سامهون.

26

سَپَڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌ خالِي ناهِ؛
اَحَدا جي اَرَڪَ ٿيا، سي ڪانئَرَ ڪبا ڪانهِ؟
مُحِبُّ منجهين مَنَ مانهِ، مون اَڃاڻندِيءَ اُجِهيو.

وائي

وِسارج مَ ويڻَ، جوڀن ٻه ٿي ڏينهڙا .
لونيُون سَهَنِ لوڪ جا، وِهاڻِيءَ ٿيون ويڻَ؛
اصل اَسارِيُن جا، سُتي وِيڙا سيڻَ؛
جيڏيون! جي مان وِسَهو، ننڊ مَ هيريو نيڻَ؛
راتڙيُون جاڳَن جي، سي آئُون ڪند ڙي سيڻَ؛
آڏيءَ رات اُٿي ڪري، جهل تون ننڊان نيڻَ.

داستان ڇھون

1

دائودِي دَيُون ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي رنگُ؛
گهوڙِيءَ هيٺ اَينگُ، ڪاهيو پاکَرئين هٽي.

2

دائودِي دَيُون ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي چيٺُ؛
گهوڙِيءَ هيٺ سُچيٺُ، ڪاهيو پاکَرئين هٽي.

3

او قابِيلَ! اکين ۾، توکي باري بانَ؛
اُپو اَگِرايُون ڪرين، ماڪِ هٽيو مَستانَ؛
جانبَ! تون زبانَ، اکين سين ايذا ڪرين!

4

جي هو پائِنِ ڪانُ ڪمانَ ۾، تہ سينو سِپَر رکُ؛
منهن ۾ معشوقن جا، چاڪَ چَٽڪا چَڪُ؛
سورِي پانءِ مَ شڪُ، عاشقُ ٿِيُ تہ اُبهِين.

5

جي هو پائِنِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سينو سِپَر ڏيج؛
منهن ۾ معشوقن جا، جهالُو ٿي جهليج؛
پاهان پَڳ مَ ڏيجِ، عاشقُ ٿِيُ تہ اُبِهين.

6

پائي ڪانُ ڪَمانَ ۾، ميان! مار مَ مون؛
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

7

ڪيو چڏين ڪانُ، هَڏَ نہ هَٽائين ٿا؛
ٿيا جي نيشانُ، تہ پهرئين سان پورا هئا.

8

لورِي جِت لڳوم، اُتِ اُپو ئي آهيان؛
سورهُ پرين سَندوم، مانَ ٻاجهائي پيو هَٽي!

9

مَحبّت جي ميدان ۾، ڪر پَڙاڏو پَٽُ؛
سِرُ سورِيءَ، ڏَڙُ ڪُنگرين، متان ڪُڇِين ڪَٽُ!
عشق نانگ نِپَٽُ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

10

مَحبّت جي ميدان ۾، سِرَ جو ڪر مَ سانگُ؛
سورِيءَ سُپيرِين جي، چَڙهُ ته ٿئين چانگُ؛
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏَنِ ڪي پوي.

11

عشق نہ آهي راند، تہ ڪي ڪَنسِ ڳِپرُو؛
جِيَ جُسي ۽ جانِ جي، پِجي جو هيڪاندِ؛
سِسِي نيزي پاندِ، اُڇل نہ اَڏ ٿئي.

وائي

عشق تمام، بره تمام، وو! مئن لُوني يارَ لوڪو!

سيجَ سُتي نُون جَهپَ نه آوي، نيڻين ننڊ حَرامُ؛

راتيان جاڳڻُ، صاحبُ سنڀالڻُ، اِي فقيران دا ڪامُ؛

مَتِ عقلَ دي مُنجهه گَئي، آيا عشق اِمامُ.

داستان ستون

1

عاشقن الله، ويروتار نه وسري؛

آهَ ڪَرِيندي ساهُ، ڪڏهن ويندو نڪري.

2

عاشق اِئن نه هُونِ، جئن تون سَڄي اڱرين؛

وڃي در دوستن جي، رَتُ ڏهاڙِي رُون؛

ٻِيَ پَرِ ڪَنهِين نه پون، ماڪُرِ محبوبنِ سين.

3

جان عاشق مٿي رَتُ، تان دعوىٰ ڪري مَ نِينهن جي؛
سائو مُنهن، سُونهن گَئي، سِڪَڻ اِيُّ شرط؛
نَڪِي گوڏِ گَرَتُ، مٿا سِرَ سؤدا ڪري.

4

اَجا تو منجهان، ڪَڪَ چُتي رتُ نڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جَهلِيندي گهاءَ ؟
سو تون ڪُڇاڙيا، سِڪَڻ جون سَڌُون ڪرين ؟

5

سِڪَڻُ ۾ سورِي، ٻئي اکِرَ هيڪڙي؛
وِهڻُ وانٹَرُين تي، ڪارَڻُ ضرورِي؛
ٻِنهي جي پُورِي، جِيءَ ڏني رِيَ نہ جُڙي.

6

جيڪِي سِڪَڻُ سِڪُ، نات پَسُ سِڪنديئن؛
پاسي تنين مَ لِڪُ، نِينهُن نہ سُڃاڻن جي.

7

عاشقَ! معشوق جِي، وٽي ويهُ ٻِڳِي؛
جمَ وِرچي چَڏئين، سَندِي دوست دَرِي!
ڏِيندا ٻُڪِي ٻاجَھ جِي، ويندءِ ٽَپ ٽِرِي؛
اَسان تان نه سَرِي، تون ڪئن سَرِي سپرين؟

8

عاشقَ! معشوقن جو، وٽي ويھ دُڪاڻ؛
پَئِج پيش پرِين جي، پَٽيءَ وجِهي پاڻ؛
نه تون تِنين ساڻُ، سدا رهِين سُرخُرو.

9

عاشقَ! معشوق جو، وٽي ويهج گهَٽُ؛
جمَ وِرچي چَڏئين، موڪِيءَ سندو مَٽُ؛
ڪري سِرَ جي سَٽُ، پِيج ڪي پِياليُون.

وائي

سُپيريان جي سونهن جي، ڳالهه ڪِينَ وڃي؛
وڃِي ڏَرِ دوستَ جي، سُوريءَ سِرُ هَڃي؛
عاشقَ اَنگُن چڙهيا، پيو سَپڪو پَڃي؛
پُڃج پوءِ پِريتَڻون، پهرين سِرُ سَڃي؛
عاقِلَ ئي اوچُون ٿيا، پورو ڪِينَ پَڃي.

داستان انون

1

هَرَ هَرَ هَرائي، وڃڻ ڏَرِ دوستَ جي؛
پاڙي ڏانهن پرينِ جي، اُجُ مَ اَوائي!
اَلڙُ ٿي آچِ مَ تون، واٽاڙُن وائي؛
لائيندءِ، لَطِيفُ چئي، سُوران سَرهائي؛
ڳُجهو ڳالهائي، پرتِ وَتجي پاڻ م.

2

سُورُ جنين کي سَريو، سَرِي تن صحتَ؛
مِنِي مصيبت، آهي عاشقنِ کي.

3

جي پياري پاڻ، نہ ڪَرَهو تِي پاڻِي پِئين؛
اَڳي اِنَ نِياڻ، اَڻَ ڪونيو ڪونَ گهڙِي.

4

اَڻَ ڪِي عَيان نہ ٿئي، ڪِي پروڙي ڪونَ؛
سچِي جيهِي سونَ، منهن نہ پيئي ماڙهُوئين.

5

اَڻَ ڪِي عَيان نہ ٿئي، ڪِي پروڙي ڪونَ؛
سا سُونهِين ٿئي سونَ، اَمُرُ عطا جنهن جو.

6

چِنَنِ توءِ مَ چِنَّ، پاءِ اُميِري اُنِ سين؛
جي اَوَگِڻَ ڪَنِئِي، اَسُونهِين! تہ تون ڳُڻان ئِي ڳِنُّ؛
پاند جهليو تون پِنُّ، هن سُونهاري سَڱَ مِ.

7

نِمي ڪَمِي نهار تون، ڏَمَرُ ڏولائو؛
ٿِيَيءِ ساجائو، جي اُپِئين اِنهِيءَ پيرَ تي.

8

ڪُمَر! ڪَمندِن ڪٿيو، هارايو هوڙَنِ؛
چڪيو نہ چُوندِن، هو جو ساءُ صبرَ جو.

9

ڪَمندَ ڙَن گهِر ڪِين، چوَندَ ڙ چڳا نہ ٿيا؛
ويٺِهُون ويڌُ پَئي، هٿ نہ اَچي ڪِين.

10

هُو چوَنِئي، تون مَ چؤ، واتان ورائي؛
اَڳُ اَڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي؛
پاندَ مِ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪِينَ ڪي.

11

ڪِنين ڪِينَ پرائيو، ڪِيني منجهان ڪِين؛
جي هوءِ سَٽاڻِي سِيگ، تہ زِهَ چِني جوکو ٿئي.

12

اَڻ چَوندَنِ مَ چؤ، چَوندَن چيو وسارِ؛
اَنئَي پهرَ اَدبَ سين، پَرِ اِهائي پارِ؛
پايو مُنهن مُونن مِ، غُربت ساڻ گذارِ؛
مُفتِي منجھ وهارِ، تہ قاضيءَ ڪانيارو نہ ٿئين.

13

جِنِين سَندِيءَ ”بوڏَ“ مِ، پَتون پَتِين ”جِيُ“؛
تَنَ! تنين سين پِيُ، اوڏا اوڏي پَکَڙا.

14

ويني جِنِين وَٽِ، ڏُکَندو ڏادو ٿِئي؛
سا مَجِلس ئي مَٽِ، جي حاصل هوءِ هَزارَ جو.

15

وَيني جِنِين وَٽُ، ڏُکَندو ڏُور ٿِئي؛
تَنَ! تِنِين سين کَٽِ، اوڏا اَڏي پَکَڙا.

وائي

يار سڄڻ جي فراقَ، ڙِي جيڏيُون! آئُون مارِي!

دَرِ دوسَنِ جي ڪَئِين جو هوندا ، مُون جيها مُشتاقَ؛

جاٺي ڪاٺي محبوبن جي، آه حُسنَ جِي هاڪَ؛

سُرمو سَهِي ڪر اَکين جو، خاص پرِيان جي خاڪِ؛

عَبدُاللَّطِيفُ چئي، پرين اَسانجو هميشه آ حُسناڪُ.

سر کنڀات

داستان پهريون

1

ڀلا ئي آهين، پرين ڀلائيءَ پانهنجي؛
سَباجها سِرِ چَڙهيو، ڏوراپو نہ ڏِينِ؛
مان ڏي مَديُون ٿِينِ، سَجَڻَ سَڄاڻِن ۾.

2

تون چَندَ! اُهوئِي، جو هُتِ پَسين ٿو پِرينءَ کي؛
آڏِتُ چيئِج اُن کي، ڏِيانءِ جو روئِي؛
هيڪاندِيءَ هوئِي، سانگ مَ پوي سَڄَڻين!

3

مَرُ هيڪاندا هُونِ پِرِين، سانگِ مَ وڃن سيڻَ!
رهيا آهِين روح ۾، نِتُ جنِين جا نيڻَ؛
وِماسِيا جن ويڻَ، ٿو تارِيءَ تَڳي تِنِ هِنئُون.

4

رات سَهائي، پُون سَنئَين، پائي! گھُرجي پَلُ؛

آهُرَ ۾ ايلاچِيُون، چَندَن چَرِي چَلُ؛

مون توئي سين ڳالهِڙي، ٻِئي ڪَنهِين مَ سَلُ؛

هاهُرَ ڪندو هَلُ، تہ کِجايُون ڪَرَن ڪي.

5

چوڏهِينءَ چَندَ! تون اُپرين، سَهسين ڪَرِئين سينگارَ؛

پَلَڪَ پِريان جي نہ پڄين، جي حِيلَن ڪَرِئين هَزارَ؛

جهڙو تون سَڀ ڄمارَ، تهڙو دَمُ دوست جو.

6

سهسين سِجَنِ اُڀري، چوراسِي چَندَنِ؛

بالله ري پِرِيَن، سَڀَ اُونداهِي پانئَيان.

7

چَندَ! تنهنجِي ذاتِ، پاڙيان نہ پِرِيُن سين؛

تُون اَچو ۾ راتِ، سَڄَڻِ نِتُ سوجهرا.

8

چَندَ! چوانءِ سَچُ، جي مَنِي نه پائِئِين؛
ڪَڏهن اُپرِين سَنهڙو، ڪَڏهن اُپرِين گَجُ؛
مُنهَن ۾ بَرِيئِي مَچُ، تو ۾ ناهِ پيشانِي پرِينءَ جِي.

9

ڪِڙي نيڻَ خُمارَ مان، جان ڪيائون نازُ نَظَرُ؛
سُورجَ شاخُون جهَڪِيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ؛
تارا ڪَتِيُون تائب ٿيا، ڏيکِيندي دِلبَرُ؛
جَهڪو ٿيو جَوهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.

10

تارا تيلِيءَ رُوءِ، لُڏا لالَنَ! اُپرِين؛
جَهڙِي تو صُبوحِ، تَهڙِي صافِي سَجَڻين.

11

توڏانهن گهڻو نِهاريان، تارا! تيلاهِين؛
سَجَڻُ جيڏاهِين، تون تيڏاهِين اُپرِين.

12

هُنَ تاري، هُنَ هَندِ ، هُتِ منهنجا سُپرِين؛
سَجَڻَ ماڪيءَ مَندِ ، ڪَؤڙا ٿين نہ ڪَڏهِين.

13

تارا ، تِرَ، ترورڪِڙيؤن، مَثِ ڦُلَڙيُون؛
ڪوءِ! سي راتِڙيُون، جي مون پرِينءَ پُڄاڻا پيئُون.

وائي

وَهلِي وَنءُ مَ وِهامِي! رَهُ رات! رائيندِيس پرِينءَ ڪي.
شَمع ٻِيندِيَس شَبَ مِ، اِن خوشيءَ ڪان ڪامِي؛
ٻاٻوئن سندِي باه جِنَ، ٻَران شال اُجهامِي!
پرتِ جا پيِتَمَ جِي، سا ڪِينَ پروڙي عامِي؛
مونکي مون پرِيُن جو، آهي دَردُ دَوامِي؛
آهيان يارُ سَيَّدَ جو، ڪانَ رهِي ڪا خامِي؛
هُوءَ جا لَئُوءِ لَطِيفُ چئي، مونکي آهي مُدامِي؛
روشَنُ ٿِيان رُجِنِ مِ، جي هُئان لَئُوَ اِنهيءَ لامِي؛
ڪارِي سا قِيامَ سَنئِين، هوتُ جنهنجو حامِي؛

آئِم تَنهِين لوڪَ سانءِ جيسِين مان چوَن سامِي.

داستان پيو

1

ناسِيندي نِگاهَ، پهرين ڪج پِرين ڏي؛
اَحوالَ عاجزن جاءِ آکِج لَڳِ الله؛
روزُ نِهارين راهَ، اَکيُون اوهانجي آسِري.

2

چِڱا چَندَ! چَئِج، سَنِيها کي سَجَڻين؛
مَٿان اڱڻ اُپِري، پرِيُن جي پَئِج؛
جِهيڻو ڳالهائِج، پيرين وجِهي هَٿڙا .

3

اُڀرُ چَندَ! پَسُ پِرينءِ تو اوڏا ، مُون ڏُورِ؛
سَجَڻَ سُتا وِلهَ مِ، چوتا پَري ڪَپُورِ؛
پيرين آئُون نه پُڄڻِيءِ ٻاٻُل ڏئِي نه ٻُورِ؛
جنهن تي چڙهِي اَسُورِ، سَنجهي سَجَڻَ سِيئيان.

4

ڏَٽي! ڪَرِيندين ڪَڏهِين، حياتِيءَ هيڪاندِ ؟
مَنَ مِ مُشتاقنِ جي، ڪِي رنجائي راندِ؛
پرِين ڏيساندَ رَ پاندِ، ڳُجھ ڳَرِهيان ڪن سين ؟

5

هِنئَڙي سَجَڻَ سارِيا، ڪِٿي هُوندَمِ هيرَ ؟
اَچي لالَنَ! نہ ڏِئِين، مَٿي پَلَنگن پيرَ ؟
ٿِي ورُونهڻ ويرَ، ڳُجھ ڳَرِهيان ڪن سين ؟

6

ڪَرَهو نہ ڪيڪانُ، پيرين آئُون نہ پُڄِٽي؛
جو مون راتِ رَساٽي، نيئي ساجَنَ سانُڻ؛
مُون نہ وَهِيڻو پاڻُ، ويِٺي نيڻ نِچوئيان.

7

ڪَرَها! ڪَسَرَ چِڎِ، وِڪَ وَڏَندِي پاءِ؛

منهنجو هلڻ اُتهِين، جِتي جانِبَ جاءِ؛

توکي چَندَنُ چارِيان، پيو وَڳُ، لاڻِي کاءِ؛

اِئين اُٺَ! اُٺاءِ، جِيئَن هوندِيءَ رات هُتِ مِڙُون.

8

ڪَسَرَ چڎ ڪَنواٺَ! وِکُون وِجُھ وَڏَندِيُون؛

سَنئَين سُپيرِيُن جي، وِنگي پانءِ مَ واٺَ؛

چَڎ جهورِي، ڏي جهاٺَ، تہ هوندِيءَ رات هُتِ مِڙُون.

9

آڻي بَڌُمِ وَڻَ جاءِ، مانَ مُڪرِيُون چَرِي؛

ڪُڌا تُورو ڪَرَهو، لِڪيو لاڻِي کاءِ؛

اِنَ مَئِي سندي، ماءِ! مُون کي ٻَالهڙين ٻوڙها ڪيو.

10

مَيا! مَچُ مِنٿَ، اَڄ منهنجي ڪَرَها!
جهاڳيندي جَرَ پَٽيُون، مَتان ڪَرِئين ڪَٿَ؛
سُپيرِيان جي سَٿَ، مُون ڪي نيٺَي ميڙِئين.

11

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتِيُنِ ڳُتَيس مالَ؛
ڪَڍِيفي جِي ڪَرَها! هيڊِي پايَنِ حالَ؛
چَندَنُ چارِيَنِ جالَ، جي مُون رات رَساڻِيُنِ.

12

مَيا! تو مَهارَ، سِڄي پايان سونَ جِي؛
چارِيَنِ چَندَنَ چوٽِيُون، نايو مينڊِيءَ ڏا رَ؛
سَندِي پِيَ پَچارَ، جي مُون رات رَساڻِيُنِ.

13

اُٺُ نه وڃي وَڳَ سين، چَري نه چانگو؛
لَڳيس نائُڪَ نينهَن جِي، نِهوڙِيو نانگو؛
چَڏِي سِرَ سانگو، رڙهي رَندِ پرين جي.

14

وِهي مَنجهھِين وَڳَ، ڪَڻُورِيءَ ڏارَ چَري؛
ماءِ! منهنجي ڪَرَهي، پَڌَرِ پَٻَگَ نہ لَڳَ؛
جَڳَ سين جهڙو جَڳَ، هِنئَين سين هُتِ چَري.

15

اَڄ نہ اَڱِڻَءِ ڏارَ، ڪَرَهو جيئن ڪالهہ هو؛
اَڱَڻَ آيو نہ ڪري، پاهوڙي پَچارَ؛
جيڪُسِ مَنجھ قَطارَ، ڪا وِل چِنائين وِهُ جي.

16

مَيي ماڪائي، وِڏو واتُ وَلِيُنِ ڪي؛
خَبَرَ ٿِي ڪيٿَ ڏَٽِيُنِ ڪي وِڏُوڙا واهِي؛
ڪَرَهي ڪاڪَتَ چِڏِي، وَريسِ نہ وائي؛
چانگي چَرِيائي، ويئي ويچاري وِسِري.

17

وَٽي سيٽ سُوَٽَ، پاءِ پنهنجي ڪَرَهي؛
وَليُون واسَ وَرنيُون، پَهرِيُون مَٿي پَٽَ؛
چانگي چَٽِي چَٽَ، نه پوءِ نه رَهَندو پَئُدَ ري.

18

ڪَرَهي ڪي ڪَئِين، وِڌَمَ پَئُدَ پَلَڻَ جا؛
ليڙو لاٽِيءَ ڪي چَري، نِيرَ ساڻ نَئِين؛
چانگي سَندي چِٽَ مِ، صاحبَ! وِجُهه سَئِين؛
اوٻاهيوس اَئِين! لُطفَ ساڻ لَطِيفُ چئي.

19

چانگي چَئِي چُڪياسِ، مَٿان اَڪَ نه اُلَهي!
جنهن وَلِ گهٽا وِهاٽيا، اُنَ سين آرِ لَڳياسِ؛
چوڏارِي چَندنَ وَڻَ، پَچِي پُوجَ پياسِ؛
رُئاري رَتُ ڪَياسِ، هِنَ ڪُڏاتُوري ڪَرَهي.

20

اُٺي اَڙائينس، چڙيو نہ چيڪَ ٿِيو؛
ڪارايان، ڪِڙيو وڃي، پَلاٽي پائينسِ؛
ڏانوَڻِ تنهن ڏائينسِ، جِئَن چَري ۽ چِنگھي پُٺُو.

21

دُو دَستِي، دُو پيرَ، سِيني سَنگھرَ رُڪَ جِي؛
ماءِ! مُنهنجي ڪَرَهي، تازي ڦُلَنِ هيرَ؛
تنهن ڪامَڻَ ڪَنڌِي ڪيرَ؟ جو مُونهِين وَٺِ مَسَ رَهي!

22

ڪِنين ڪامَڻَ ڪَياءِ؟ ڪِيئَن پَنِپولِئين؟ ڪَرَها!
اَڪِيُن مَٿي اَڪياءِ، پِڙ ۾ پيرَ گَناءِ!
وَڳَ ڪِ وِسرِياءِ؟ ٻَڌو جِئَن ڳھاٽي وَهِين.

23

ڪائي نہ ڪَنَّھارَ، چَندَنَ جا چُوپا ڪري؛
اَگَر اوڏو نہ وَڃي، سِرڪَنڌَ لَهي نہ سارَ؛
لاٽِيءَ جي لَغارَ، مَيو مَتارو ڪيو.

24

چانگا! چَندَنُ نہ چَرِين، مَيا! پِئَين نہ موڪَ؛

اَگَر اوڏو نہ وَڃِين، ٿُڪيو چَڏِئين ٿوڪَ؛

لاڙِي وِچان لوڪَ، تو ڪَهڙِي اَڪِر آئُڙِي؟

25

جِئان ڪوڙِ بہ ڪانُيون، پَنجين لَڪين پاءُ؛

مَيو تنهن ماڳاءِ، ڏِهاڙي ڏارَ چَري.

26

لَڪِ لاڪِيٽو ڪَرَهو، ڪوڙين ڏيئي ڪاهِ؛

ايلاچيون آهُرَ ۾، پُوڄَ مَيي ڪي پاءِ؛

ڪَٿ نہ ڪَندو ڪاءِ، جُہ پَلاٽيو تہ پِرينءَ مِڙي.

وائي 1

سَڏين سيڻ نه هُونِ، نِينهُن نِياپي نه ٿِئي؛
ڪارِيءَ رات رَتَ ڦڙا ، جان جان نيڻ نه رُونِ؛
مونڻ جنِين ميهڻو، پڙ تي سيئي پُونِ؛
جِن مُسافر سُپرِينِ، سي مَرُ رويو رُونِ.

وائي 2

توٽي تَڙئِين تُون، يا اَلا! تو دَرُ توءِ نه ڇڏيان!
مون ڪي سو مُشاهِدو، جي مُنهن نه ڏِئِين مُون؛
مُون پيا درَ کهٽا نِهاريا، آهِئِين تُون ئي تُون.

سر سريراڳ

داستان پھريون

1

مانَ پُڇَنِئي سُپرِين، ڇتان لاهِ مَ ڇرُ؛
اُنِين جا اَمُرَ، ڪَڙُ تہ خالي نہ ٿئين.

2

مانَ پُڇَنِئي سُپرِين، ڇتَ مِ رکِج ڇيتُ؛
سِڙَهُ ڏُئاري صافُ ڪر، صابُرَ ساڻ سُپيتُ؛
سامُوندِي! سُڇيتُ، ٿِيُ تہ پَهچين پارَ کي.

3

مانَ پُڇَنِئي سُپرِين، ڇتان لاهِ مَ ڇورُ؛
ڪَڍِي ڇَذِ قَلبَ مان، ماري ڪُوڙو ڪورُ؛
هُنَ پَرِ سَندو هورُ، مٿان تو معافُ ٿئي.

4

مانَ پُڇَنِئَي سُپِرِين، ڇيتارِيج ڇِتُ؛
دائما دُوربِيءَ ۾، پَسِين وِلاتُن وِتُ؛
نيهُ نيڪاري نِتُ، مَلاحَ! ڳَڌُ مُعَلِمَ سين.

5

ڪايو ڪَمايومِ، موتِي مون نہ وَڻِجيا!
سِيهي جو سَيَّدُ چئي، وَکَرُ وِهايومِ؛
هَهڙو حالُ سندومِ، توهَ تُنهنجي اُبَهان!

6

ڪَچُ ڪَمايومِ ڪوڙُ، پَڳِمِ عَهدَ اَللہَ جا!
پِڇرو جو پاڻِ جو، سو چوتِيءَ تائين چُورُ!
مَعلومُ اَٿيئِي مُورُ، ٻُڏُڙها! اِنهيءَ ڳالھ جو.

7

ڪُوڙُ ڪمائيءِ ڪَچُ، اُٿي اور اللهَ سين؛
ڪَڍُ تُون دَغا دِل مان، صاحِبَ وٽي سَچُ؛
مُحبتَ سندو مَنَ ۾، ماڻڪ! پارِج مَچُ؛
اِنَ پرِ اُٿي اَچُ، تہ سَودو ٿِئِيئي سَفرو.

8

لُڙَ، لَهِريون، لَسَ، ليٿَ، جِتي اَنتُ نہ آبَ جو؛
اللهُ! اُتِ مَ اولَئين، پيڙا مَنٿي پيٽَ؛
جوکو ٿِئي مَ جهازَ کي، ڦَرهي اَچي مَ ڦيٽَ؛
لڳي ڪا مَ لَپيٽَ، هِنَ غارِيبي غُرابَ کي!

9

سِڙهَ سَنوان، لاڄُو نَوان، مُهاڻا سندن مِيرَ؛
ساٿِي سَفَرِ هَليا، ٿِيا سَڻاوا سِيرَ؛
جي اَچَنِ ساڻُ اُڪِيرَ، سي پيڙا رَکِين پاڄهَ سين.

10

منجهان پيئي مَڪُڙِيءَ، ڪا جا پاڙِيءَ ٻُوند؛
سيئِي ڏِنم رُوند، وَڪَرُ جِن وِڃائِيو.

وائي

سَهسين شُڪرانا، ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
حَمد چئج حڪيم کي، جور هِٽي جانا؛
تو ڏيکاري تو ڏِٺي، باطِنَ جا ٻانا؛
مَتان، مردَ! وسارئين، صاحبَ جو ثَنا؛
دوستُ رکِي دل ۾، پَڙهَ لالَنُ لِسانا؛
جَفا ڏيئي جِيَ کي، ٿِيُ فِڪرَ منجهه فَنا؛
تُسِي تو سين توهُ ڪري، مَنَ آ گو اَحِسانا؛
ڪَڏُ تُون دَغا دِل مان، ٻانهَپَ سين، ٻانا!
صاحبَ وڏي سَچَ سين، ٿِيُ دانهُ دِيوانا!
جي تَسلِيمَ سين تَحِقيقُ هئا، سي ڪِئَن اَمانا؟
جاڳيا جي جبارَ لَءِ، سيئِي سَمانا؛

فَاذکُرُونِيٓ، اَذکُرکُمۡ، ڪَهيو قرآنا؛
وَاشڪُرُوآلِيۡ وَلَا تَکفُرُونِ، ڪَدُ تون ڪُفرانا؛
سَپ سَنوريا سُپرينءِ، ڪُوَل تو ڪَنا؛
چَڱي چئج چاهَ سين، مَدحَ اِيَ مَنا؛
تائَبَ ٿيو تَڪڙا، جوشاۡ جُوانا!
نہ لهِين تُون لَطيفُ ڪان، اَمَنُ اِيمانا.

داستان پيو

1

جيڪِي منجهِ جهانَ، سو تارِيءَ تِکي تُنهنجي؛
لُطفَ جي، لَطِيفُ چَئي، تو وٽ ڪَمي ڪانَ؛
عَدُلَ چُٽان آئُون نہ، ڪو ڦيرو ڪَج فَضُل جو!

2

سارِي راتِ سُبحانُ، جاڳِي جن ياد ڪيو؛
اُنِ جيَ، عَبۡدُاللَطِيفُ چئي، مِٽِيءَ لذو مانُ؛
ڪوڙين ڪَن سَلامُ، آڱِهِ اَچيو اُنِ جي.

3

سيوا ڪَر سمندَ جِي، جت جَرُ وهي ٿو جالَ؛

سَئِين وَهَن سِيرَ ۾، ماڻِڪَ، موتِي، لالَ؛

جي ماسو جُڙيئي مالَ، تہ پُوڄارا! پُرِ ٿيئِين.

4

سي پُوڄارا پُرِ ٿِيا، سمند سيويو جِنِ؛

آنداءُون عَمِيقَ مان، جُوتِي جُواهرِن؛

لَڌائُون لَطِيفُ چئي، لائُون مان لَهرِن؛

ڪانهي قِيمتَ تِنِ، مُلهہ مَهانگو اُنِ جو.

5

سيوِيو جن سُبحانُ، وِيرِ نہ وِڙهي تن سين؛

توبَهَ جي تاثِيرَ سين، تَرِي ويا طوفانُ؛

ڏيئي تَوَڪَّلَ تَڪِيو، آرُ لَنگهِيا آسانُ؛

ڪامِلُ ڪِشتيبانُ، وِچَ ۾ گَڏِيُن واهَرُو.

6

سارِي رات سُجانَ، سَودو ڪَن صاحبَ سين؛

ٻانهپَ پَري پيڙِهُون، هليا جوپَ جُوانَ؛

پاڙِي پهلوانَ، لَحظي مَنجهِ لَنگِهي ويا.

7

اِيَ گَتِ غَوّاصَنِ، جِنَ سَمنڊُ سوجِهيائُون؛

پيهِي مَنجهِ پاتارَ جي، ماڻِڪَ ميڙِيائُون؛

آڻي ڏنائُون، هيرو لال هَٿَن سين.

8

آچاڙا عَمِيقَ جا، گَڏيا غَوّاصَنِ؛

جَهرِيُون جهاڳي آئِيا، ڪارُونيارَ ڪُنَنِ؛

سمنڊُ سوجهي جَنِ، آڻي اَمُلَ اوِليا.

9

ويا جي عَمِيقَ ڏي، مُنهن ڪائو ڏيئِي؛

تِن سِپُون سوجهي ڪَڍيُون، پاتاران پيهِي؛

پَسَندا سيئِي، اَمُلَ اَڪَرِيُن سين.

10

آڏو ڇِڪَڻُ ڇاڙُ، مُنهنجِي موجَ نہ سهي مَڪُڙِيءَ؛
ميڙِي مَنايِن جو، بيحَدِ ڇاڙهيمَ ٻارُ؛
ڇَوَڻَ چارو ناهِ ڪو، ٻَديُون ٻي شُمارُ؛
ڪَپرُ ڪارُونپارُ، اُڪارِئِين اِحسانَ سين.

11

وِيرَ مَ لاهي وِيهُ، مٿي آرَ اوڙاهَ جي؛
پَسِي پاڙي واريُون، ڪج اَنديشو ايهُ؛
ويندو نہ پَسِين ڏيهُ، پَتَڻِ هُن پارِ مَٽي؟

12

هِڪِي ٻانهي چِتَ ۾، ٻِي سِرِٽي صاحِبُ؛
ڪَدي اُونهي ڪُنَ مان، اِي آگي جو عَجَبُ؛
اِيُ سائِنءَ جو سَبَبُ، جِئَن ٻُڏا اُڪاري ٻارِ مان.

13

هِڪِي ٻانهي چِتَ ۾، ٻِي جا ڪري اَللهُ؛

پاڻِهين وجهي ڪُنَ ۾، پاڻِهين اُڪاري اوڙاهُ؛

تنهن واحدَ کي واهُ، جو سُتِڙ سپيئي ڪري.

وائي

ڪَنڌِي سارِيان ڪانَ، يا اَمَنُ! اَمانَ!

يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاٽِي پانئيان.

ڳُڻَ ڳاڻيٽو ناه ڪو، اَپِر ٿيا عِصيانَ؛

خبرَ ناه قَبرَ جِي، نسورا نِسيانَ؛

والِي! رَسج وَهلو، اَرَڪ ٿيا انسانَ؛

سُڻُ سَباجها سُپِرين، نَعرو نِگهبانَ!

مَدِيُون پَسِي منهنجون، شَرِمايا شَيطانَ!

هِنَ منهنجي حالَ تي، هَيءُ هَيءُ ڪَن حَيوانَ!

سائِين! سُڪاڻِي آهِيَن، سامُوندِي، سُبحانَ!

تُرَهو چِنُمِ تارِ ۾، رَسِج تون رَحمانَ!

پِيلي جو پُڌنِ جو، مون تي موتي مانَ؛

ويٺو پِني پِنڻو، ڪَر پيرو مٿي پانَ؛

خالِقَ تان خوبُ ڪيا، گولِنِ جا گُذرانَ؛

آئُون پڻ اَندو اُنِ ۾، ويٺو پِنان پانَ؛

سَپِ سُوالِي سَمِڪيا، داتا ڏيئِي دانَ؛

وِلها سپِ وَنِهيا ڪيا، تنهنجي جُودَ، جُوانَ؛

مَتان مُونکي ڇَڏِئين، پيلي سندا پانَ!

وِيرَ! وَسِيلو آهِئين، داڙُو ۾ دِيوانَ؛

لاءِ ڏُهارِين ڏِينهَن ڪي، خِيمو اَڏِيو خانَ؛

اُتي عَبدُاللَطِيفُ چئي، سُڄِ ڪا سُلطانَ!

داستان ٽيون

1

ڪُوها ڪالھ ڪٽِي، اُنِ وڏا اُتَرَ آسَري؛

اَلا جُهري مَ اُنِ جي، اولي جي اِٽِي؛

وَٽِجارَنِ وِٽِي، وَکرُ وِڏو پيڙِيِن.

2

وَڪَرُ سو وِهاءِ، جو پَئي پُراڻو نہ ٿئي؛
ويچِيندي وِلاتَ ۾، ذَرو ٿِئي نہ ضاءِ؛
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آڳِہ جَنهنجي اُبِهين.

3

اورِيائين آڳِين، ميڙيو مُعَلِمَ خَبرُون؛
سا تان سُڌِ نہ ڏِين، جتي وَهُ ويڌَ ڪري.

4

پيڙِي پُراڻِي، وَڪُرَ پاءِ مَ وِتَروءَ؛
ترِي ۾ تَنَ پِياءِ، پاسَنِئُون پاڻِي؛
هِيءَ هَڏِ وِهاڻِي، ڪَڙهُ ڪالهوڻي ڏِينهَن ڪي.

5

ترِي تَنَ پِياسِ، پاسَنِئُون پاڻِي وَهي؛
ڪُوهو جُهرُ جهنو ٿيو، لاجُو سَپ لَڙِياسِ؛
جيلان سَڌَرُ سڪاڻِياسِ، وَهي تي وَهَ سامهون.

6

وِڃو تُنَ ٽِنِينسِ، مَکِ ڏيهاڙِي مَڪُڙِيءِ؛

سَنباهي، سَيَّدُ چئي، مٿي نيندءُ نِينسِ؛

وَٽائي وَڏاندَ را، لاڄُو لِڳائِينسِ؛

آخرِ اُهِرائِينسِ، نہ جوکو ٿِئي نہ جهازَ کي.

7

اَچِي سو ڏنوءِ، جو ڪَپَرُ سوءِ ڪَنَنِ سين؛

سُتي لوڪ لَطِيفُ چئي، يادِ نہ ذرو ڪيوءِ؛

غافِلُ ٿِي غُرابَ کي، اوڙاهَ تي آندوءِ؛

سو چِترُ چُوهي ڪان رَکِين! جو پِيو پُراڻو پوءِ؛

جهازُ ضَعِيفَنِ جوءِ پاڻِيءَ ۾ پَرِتوءِ!

سَيَّدُ! ساٿُ سندوءِ، پُرِ بَندَرِ پَهچائِين!

8

جُتو وانءُ جَهازَ! گَڏيو غُرابَنِ سين؛

پُورِيندي هُنَ پارَ ڏي، سَدَرَ ڪَڄَ سازَ؛

اَچِنِ ٿا آوازَ، سَنَاٽي سَمُندَ جا.

9

دَنگِي وِچ درياهه، ڪِي ٻُڏي ڪِي اُپڙِي؛
هُو جي وادِي واڻيا، سي سُونهَڻ سپ سَڙيا؛
مُعَلِمَ ماڳ نه اڳين، فِرَنگِي منجهه ڦِريا؛
مَلاحَ! تُنهنجِي مَڪُڙِيءَ، اچِي چورَ چڙهيا؛
جِتي ڏِينگ دَرِيا، تِتي تارِي تُنهنجِي!

10

پيڙِياتا! پيئي، تو نه ڦِنَديُون ڳالهَڙِيُون؛
سَجِيُون راتِيُون سُمهِين، پَرُ سُڪانُ ڏيئي؛
صُباحَ سَپيئي، پارِ پُڇَندءِ خَبرُون.

11

وَهَ تِکَ وَهَڪرا، جت لنگر نه ٺَهَرَنِ؛
وڏاندَ ريُون وَهَ سامُهيُون، جَهجهي زورِ جُنبَنِ؛
نيدوءَ مِ ناتارِيُون، وِڙجارا وِجهَنِ؛
مُلان مُعَلِمَنِ، مُون ٻَرِي سُئِي ڳالهِڙِي.

12

وَڻجارا ! ويني، تو نہ سَرَندِي شاهَہ ري؛
مَکِ پَنهنجِي مَڪُڙِي، ڇَڪِّي ڪَر ڇيني؛
پاسا پاڪَڙِين جاءِ سَمُندُ ٿو سيڪي؛
جي لُنڊا ۾ ليکي، وِيرِ وڙهندِي تِن سين.

13

ناکُئو نِگَهبانُ، مُعَلِمَ مُنجي خَبَرُون؛
جِن ساري کَنيو سَمندَ تي، سَفَرَ جو سامانُ؛
لُطفَ سانڍ لَطِيفُ چَئي، تِن لَنگهيو طُوفانُ؛
سَنپاري سُبحانُ، وِجي عادَنِئُون اُکَتَا.

14

بَندَرِ جان پَئي، نہ سُڪاڻِيا مَ سُمهو؛
ڪَپَرُ ٿو ڪُنَ ڪري، جِئَن ماتي منجهہ مَهِي؛
ايڏو سُورُ سَهِي، ننڊ نہ ڪجي، ناکُئا!

15

سُتا سَڀِ پِئَي، سَندي مُعَلِمَ آسري؛

اَئِين پڻ سُمهو، ناڪُئا! بَندَرِ ناه پَئَي؛

جن جِي سَيدَ لَڄَ ڪَنئَي، سي سڀ لَنگهيندا لَڪيُون.

وائي

ساڻِين نَنڌا بارَ، وو! تن پانڌِين نَنڌا بارَ؛

توکي آرِسُ اَکڙِين ۾!

پاتا پاڙيوا رِيين، پَيگه منجهِ پاتارَ؛

پَتڻُ ٿو پُورَ ڪري، آئي تُنهنجڙِي وارَ؛

سَڄِيُون راتيُون سُمهِين، ڪِيو منجهه خُمارَ؛

ڪِ تو ڪَنين نه سُئَي، هَلڻَ جِي هاڪارَ؟

تاڻَبَ ٿِيو تَڪِڙا، سَچِي اِيَ سَنپارَ؛

نِنڊَ نه ڪجي ايتِري، سُڄَ اَدا يارَ!

سائِينءَ مُڪين سَچَ ڪي، تون ڪُوڙو منجهه قطارَ؛

ڪِ تو ڪَنين نه سُئَي، ڪَپَرَ جي ڪُوڪارَ؟

ڳِهڙان ٿي رِءَ ڳهڙي، اِلاهِي ٿُهارَ!
هو جو شَڪُ شارِڪَ جو، تِئان رَکُ سَتارَ!
ڪُلُّ نَفْسٌ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ، پَڙهو اِيَ پچارَ؛
شِڪارُ تون شَهبازَ جو، تون تان مَنجِهه شِڪارَ!
يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ، جت پَجَندا پارَ؛
تُرَهو چِنو تارِ ۾، اَڃِج تُون اوسارَ!
لَکَ مِڙيئي لُٽيا، هُنئَهِين ويا هزارَ؛
ڏِنئه جي اَللّٰهَ ڪي، هُوندَ ٿئين پَرِين پارَ؛
جوتَنِ مَٿان جُنڪي، ڏُني ٿنهنجي دارَ؛
جيفو آهِ حَديث ۾، اَنڊِيءَ اِي آچارَ؛
وَنِيءَ ڪين وِلهَن سين، ڪَنبي پَرِ قَهارَ؛
ساڪِئَن هَلي تو سين، جا پَڳِي ڪان پَتارَ؟
جِيَڻُ جالَ نہ نِبهي، سُٽَجِ اِيَ سَنپارَ؛
جِمَ وِسارِئين وِسِرا! پِنِيُن جي پُلڪارَ.

داستان چوٿون

1

سَپيئِي سُبحانَ جي، ڪَرِ حوالي ڪَمَ؛
تِنِ تَحقيقُ تَسليمَ ۾، لاهي غَمَ وَهَمَ؛
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصَل ڪري حاجَ تو.

2

چَڱا ڪَنِ چَڱايُون، مَنايُون مَنَنِ؛
جو وَڙُ جُڙي جِن سين، سو وَڙُ سيئِي ڪَنِ.

3

مَيَنِ مَٿي سَمَرا، ڪُهِيَنِ سَڌَ ڪَرِينِ؛
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، اِيَ پِرَ سَندِي سَجَڻِين.

4

وِتُ وِيمي جو جي لَهِينِ، تہ بِي ڪارِ نہ ڪَرِئِين ڪا؛
سا پَرُوڙِج ٻالهِڙِي، وَڻجارَنِ وٿانِ؛
موتِي مِن هَٿانِ، آنڊِءِ گهٽِي اَدَبَ سين.

5

اَمُلَ آڇِ مَ اُنِ کي، جي نہ پَرُوڙِين مَٿِ؛

جِتِ ڳَڏِجيئي جوهَرِي، ماڻِڪُ ٿِهَين مَٿِ؛

جِنِين سونَ سين سَٿِ، تِن هَٽِي رِيُّ رَدِ ڪيو.

6

سونا! وانءُ صَرافَ سِيئَن، لَڏو لاهِ مَ لَڏِ؛

سودو سوئي چَڏِ، جَنهن ۾ جَواهِرُ ناهِ ڪِي.

7

جُہ صَرافَنِ لَڏِيو، تہ تُون پڻ لَڏِجِ، سونَ!

قَدُرُ لَهَندُءِ ڪونَ، نيئي ڳَڏِيندَءِ ڳَڏُونءَ سين.

8

اَڳِهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٽَ ٿِي!

پَلَيءِ پايو سَچُ، آچِيندي لَجَ مَران!

9

ويا سي وِينجهارَ! هِيرو لال وِنڍِين جيِ؛
تِنين سَندا پويان، سِيهي لَهَن نہ سارَ؛
ڪُتِين ڪُٺِ لُهارَ، هاڻي اُنين پيٽِين.

10

وجن مَ وِينجهارَ! پاڻِيَتَ جي پَرَکَا؛
ڪَنِيُرُ پايو اَکِئين، لَهَن سَپَڪَنهن سارَ؛
موتِيءَ جي مِزاجَ جو، قَدرُ مَنجِهہ ڪنارَ؛
صَرافِنَئُون ڏارَ، ماڻِڪَ مُلاحِظو ٿِئي!

11

ماڻِڪُ، مُنڌَ هَٿان، پيتِيءَ مِ پُرزا ٿيو!
سَچو تان، سَيَّدُ چئي، لهي لَکُ سَوا؛
پَکِي پُجاڻا، پَدَمان پَري ٿيو.

12

جتي ماڻِڪَ ماڳُ، تِتي چوران تَڪيو؛
سَنئون تِن سُپاڳُ، اَمُلُ جن اوباهِيو.

13

چورُ اُپوءِ ائن چوءِ، تہ آئُون اُهوئِي آهيان؛
جي اَسِي اَکِيُنِ هوءِ، نہ لِکي کي ڪونہ لَهي.

وائي

جاڳو، يارا! جيڏِيُون! پاڻُ پَرَنجي؛
جاڳو جوشان، جيڏِيُون! پاڻُ پَرَنجي.
هَلَندي حَبِيبَن ڏي، ويلو وِڃ نہ ڪجي؛
مَٿان اُهِسَ اُسرِي، پَتنگ جِئَن پَئجي؛
عَرضُ اَحوالُ اُن کي، چَڪِيءَ پِٽ چَئجي؛
ڪري نِيازُ نِڪَٽُو، واحِدَ ڏي وَرجي؛
آهي مَوتُ مِڙَن تي، ڪُوڙِيُون ڪيو ڳجي؛
اَجَلُ ايندُءِ اوچتو، جو سَدا ٿو سجي؛
اڳيان اُونداهيءَ جو، سَمَرُ ساڻُ ڪجي؛
ڪَرُ تون قُوتُ قَبَرَ جو، ڪُهڙو ٿو ڳُهرجي؛
آڳو عيبَ اوهانجا، ڍَڪيا ڳُجَهه پُجهي؛

جيڪِي وَهي وُجُودَ ۾، صاحبُ سو سَمجهي؛
ڏِجي ڏاءِ ڏَٽيءَ جي، جيڪو پِيءَ پَچي؛
اَمَنُ آهي اُن کي، جو مَنجهه اَللهُ اَجهي.

داستان پنجون

1

لَهرِيُن ليکو ناهِ ڪو، جت ڪَپَرَ ڪُنَ ڪارا؛
آچاڙا عَميق جا، اَچَنِ اوپارا؛
اُٿي اَسارا! وِير وڙهَنديءَ وِسرا!

2

ڪالهه وِڏائِين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگ جَهازَ؛
تُنهنجي اَجُ تَرازَ، آهي آرَ اَکِيُن ۾.

3

مُلاحِظو مَهراڻَ جو، مُورِ مَ لاهِ مَناءُ؛
سامُونڊِي! سَنپالِ ڪِي! سُمَهڻ آيُءِ ساءُ؛
جاڳِي جَرَ مَٿاءُ، تاري واڻُ تَرازَ کي.

4

تاري وانءُ تَرا ز کي، مَنجهان مَوجَ، مَلاحَ!

دانهُون ڪَنِ درياهَ جون، اُونهي جا آ گاهَ؛

سُونهَنِ جي صَلاحَ، وَٺُ نہ وِيرِ لَنگهي وَڃِين.

5

سُونهان سَدِيون ڏِينِ، هِنَ ديواني درياهَ جون؛

ڪُوڙَ اوڏائي ڪِينَ ڪِي، رُڳو سَچُ سودِينِ؛

عِجزَ جي اَڏَ رات کي، وَکَرُ وِهائِينِ؛

ساٿُ نِباهِيو نِينِ، ثابِتُ اِنهِيءَ سِيرَ مان.

6

قَرقُلَ ڦوٽا، پارچا، پاڙِيٿَ پاتائُون؛

ڪوڻيُون قِيمَتَ سَندِيُون، تَرَ مِ تاڪِيائُون؛

لاجُنِ مَنجهه، لَطِيفُ چئي، پيڙا پَدائُون؛

نَذرُ نَبِيءَ جامَ جو، چَڙهندي چَيائُون؛

جي چُوهي چوڙيائُون، سي پيڙِيُون رَکِين پاجهه سِين!

7

وِچينءَ جان ويِھي، جَرَ پَلؤ پائِيان؛
”تَڙِ پيڙا! گھرِ سُپرِين!“ اُوسَهِ اِيَ پيئِي؛
جِئَن وَڻجارو سين وَکَرين، سَرَها سَپيئِي؛
حُرمَتَ ساڻُ حَبيبَ جي، سُونگِيا نہ سيئِي؛
پاڻِھين اُوءِ پيھِي، ڪَندَ ڪيڙائُو آئِيا.

داستان ڇھون

1

تانگھي مِ تاڻي، ٻَڌُ پَنھنجو تُرَھو؛
اُونھي مِ آڻي، ڪو نہ ڏيندُءِ ڪو پيو!

2

ڏوري لَھُ ڏاتارُ، جِمَ وِھين وِسِرو!
هَڪِيو هوئِجِ هوشيارُ، ڪِنوڻِ ڪِنوندَيءِ اوچتي.

3

ڪِنوڻ ڪِنوايو، آيَءِ ٻِندَ اَپاڳَ ڪي!

جِنين نہ پؤ پانيو، ڪَري تَوائي تِن ڪي.

4

سامُوندِي! ٿو سَنبَهِين، ساڃو جَهلِ سُڪاڻُ؛

لَڳِي واءُ وَڏاندَ رو، مُنجهائي مَهراڻُ؛

جِنين پانيو پاڻُ، ڪَري تَوائي تِن ڪي.

5

نَڪو سُڪ نَڪَتِين، نہ وِساندِ نَئِين؛

جيڪا اَچيئِي سامُهِين، پانئِين سا سَنئِين!

مُوڙِي ڪوہ مَئِين؟ جِنءَ سَچِيُون راتِيُون سمهين!

6

اَهُڪِي راهَ اَللهَ جِي، اَهُڪِي، اَهُڪِيءَ پَتِ؛

هُوءِ جي ڏيهائِي ڏيہَ جا، تن پڻ مُوڙهي مَتِ؛

آچاڙانِ اُبتِ، ڳُهِڙج ڳاتي نِينهَن سين.

7

تَنَ ۾ تَرازَ توهَ جِي، گهَٽُو لَهُ گهوريءَ

اَدَبَ ۽ اِخِلاص جا، سِڙهَ ٻَڌِج سوريءَ

وَکَرَ وينَتِيُنِ جو، تنهن ۾ پائج توريءَ

تہ عادَنِئُون اوري، تُنهنجو تَوائِي نہ ٿِئي.

8

سمنڊُ جي سيوِين، تِنِين ماڻڪَ ميڙِيا؛

چِلرَ جي چوئِن، تِن سانکوڙا ۽ سُتيون.

سر سامُونڊي

داستان پهريون

1

پَڳهَ پاسي ڳارِ، آيلِ! سامُونڊِيُن جيءَ؛
وِجهي جِيُ جنجارِ، جِمَ وَيجَنِئِي اوهِرِي.

2

پَڳهَ پاسي پَچُ، آيلِ! سامُونڊِيُن جيءَ؛
مَنَ ۾ ٻاري مَچُ، جِمَ وَيجَنِئِي اوهِرِي.

3

پَڳهَ پاسي ويهُ، آيلِ! سامُونڊِيُن جيءَ؛
تون ويسِرِي وِکَ ڪَٽِين، هو پُورِيندا پَرَڏيهُ؛
سَمُنڊُ جِن ساٽيهُ، ڪوهُ نہ وِيئِنءَ تِن سين؟

4

نَنگَرئُون نيٽِين، مَنُ اوِلِيءَ نہ اوهِرِي؛
سَباجهين سيٽِين، پائي ڳُرَّ ڳِهيو هِنئُون.

5

سيئي جوپَنَ ڏِينهَن، جڏهن سَجَڻ سَفَرِ هَليا!
رُئان رَهنِ نہ سُپرِين، آيَلِ! ڪَريان ڪِيئَن ؟
مُونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻجارو اوهِري!

6

نہ سي تِڙ هوڙاڪَ، نہ وايُون وَڻجارَنِ جُون!
سَرتيُون سامُوندِين جا، اَجُ پِڻُ چِڪِيَمِ چاڪَ؛
مارِينمِ فِراقَ، پاڙيچيُون پرِيُن جا.

7

وِيا اوهِري اوءِ، مُونکي چڏي ماڳهَين؛
جُڳَنِ جا جُڳَ ٿيا، تِنان نہ موٽيو ڪوءِ!
گُوندَرُ مارِيندوءِ، ويچارِي! وِيَنِ جو.

8

اُونهي ۾ اوهِري، جڏهن ويا جي؛
موٽِي ماڳِ نہ آئِيا، ماءِ! سامُوندِي سي؛
ڪارو تِنين کي، جيڪُسِ وَهُ ورِي ويو!

9

اُهرِيا جِنئين، ڏُڪَنِ تن ٽَڙائيين!
سامُوندين، سائين! واءُ سَٽائو وا رِئين!

10

سامُوندِيَڪو سَڱُ، آهي ڳُوندَ رَ ڳاڏُئون؛
انگِنِ چاڙهي اَنڱُ، ويو وَڻجارو اوهِريِ!

11

وجيئي وِسري شال! جو تو سودو سِڪيو؛
اَچا آئين ڪالَ، پڻ ٿو سَفرِ سَنبهِين!

12

ٻِرِيو جهليو روءِ، مَٿي مُهُري هَنڙا؛
ڪوءِ! سودو سَندوءِ، جو تون، ڍوليا! سِڪيو.

13

اُلوڙَنَ نه ڏِئي، وَرُ وِڏائين وَنجهَ ڪي؛
رَهُ اَچوڪِي راتِڙي، لالَنَ! مُون لائي؛
وَڃُ مَ ڦوڙائي، ايڏي سَفرِ، سُپرين!

14

جيڪُسِ نِبَرُ نِينهُن سَندومِ؛ جڻ مون ٻِني هُن ٿِليو؛
سعيو سامُوندِيُن سين، اَکِين تان نہ ڪَيومِ؛
وِجَهڻُ مَنجِھ هُئومِ، پاڻُ وراڪي رَسِ سين.

15

پيرِڙيءَ جي پُٽَنِ، نِينهُن نہ ڪَجي تِن سين؛
اُپيُون ڏَنبَ ڏِسَنِ، جہ سِڙُہ ڏيئُي سِيرَ ٿيا.

16

هِنئَڙو پيرِڙيءَ جان، ڏُنَرِ پئي ڏينهن ٿيا!
پُچيو تان نہ پِريان، ڪَرَلاهُو ٿِي ڪڌهين.

17

سَرَ نِسرِيا پاندَ، اُتَرَ لِڳا، آءُ پِرِين!
مُون تو ڪارَڻِ ڪانڌَ! سَهِسين سُڪائُون ڪَيون.

18

جيڪر اَچي هاڻِ، تہ ڪريان رُوحَ رُچَندِيُون؛
آيَلِ! ڊولِئي ساڻُ، هوندَ ڳَرِ لِڳي ڳالهيون ڪَريان.

19

آيَلِ! ڍولِئي ساڻُہ اَچي نہ جهيڙِيانءِ،
لائيَءِ ڏِينهن گهڻا، مون سين ڪَيَءِ ٿوررڙا.

20

لاهِيندا ئي ڪَنِ، ڳالهيُون هَلَڻَ سَندِيُون؛
ڏِيندا مُون ڏُکَنِ، وَهَ وِجهندا جِند ڙو!

21

مونکي جِياريو، پِرِيُن جي ڳالهہ ڪري؛
ڏَنو اَڄُ اَڏِيو، هِنئڙو ڪوٽَ بُرجَ جڻ.

22

چِمڪيون چَوڌارَ، ڏَجُون ڏا ڙيچَنِ جُون؛
ماءِ! سامُوندِي آئيا، سَهسين ڪَري سِينگارَ؛
اُنِين جي پَچارَ، ڪالهونڪَرَ ڪانگُ ڪَري.

وائي

آيَلِ! ڪَريان ڪِيئن؟ منهنجو نِينهُن اَپليو نہ رهي.

ويو وَڻجارو اوهِري، مونکي چاڙهي چِيئَن؛

سامُوندين جي سَڱَ کي، رُئان راتو ڏِينهن؛

اُڏوهِيءَ جئَن ڏُکَڙا، چَڙهيا چوٽيءَ سِيئَن؛

ڳُوندَرَ مٿان جِندڙِي، وَريا وَلِيُن جِيئَن؛

مادَر! پائي مُنديُون، وڃان هادِيءَ سِيئَن.

داستان پيو

1

اَجُ پرڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃڻَ جُون؛

هَلڻَ هارا سُپرِين، رُئان تان نہ رَهَنِ؛

آئُون جَهلِيندِي ڪيترو؟ آيَلِ! سامُوندين؛

پَڳهَہ چوڙي جَنِ، وِڏا پيڙا پارِ ۾.

2

لاهِيان جي نہ چِتان، اَلا! اُنِ مَ وِسران!
مَرِڙهيو مَنجهاران، جِيُ مُنهنجو جن سين

3

تَڙين تَنوارِين، ماءِ! سامُوندِي آئِيا؛
مونکي جِيارِين، وايُون وَڻجارَنِ جون.

4

لَڳِي اُتَرَ اوهِرِيا، واهُوندي وَرَنِ؛
آئُون گهٽو ئي گهورِيان، سؤدو سامُوندِيَنِ؛
اَکَڙِ جن اَچَنِ، عِيدَ وَرتِي اُنِ کِي.

5

اَکَڙِ آئِيا جان، تہ سَرَتِيُون مون سُکَ ٿِيا؛
اَمُلَ پِرِينءَ مٿان، بِرِکِيو بين ڏِيان.

6

سِڙهَ ٿي سِبيائُون، ٻَندَرَ جَن تَڙِن تي؛
سِڙهَ سِڀي ساڄا ڪري، ڪُوها ڪَنيائُون؛
ٻيرَقُون ٻجرِن ۾، چوڙي چَڏيائُون؛
لَهريُون لَنگهيائُون، لُطف سان لَطِيفُ چَئي.

7

سِڙهَ ٿي سِبيائُون، ٻَندَرَ جِن تَڙِن تي؛
مُلان مُعلِمَ خبرون، پُڇي پُوريائُون؛
سُتَڙُ سونِيائُون، اَوَتِڙ ڪنهن نه اولِيا.

8

ٻَندَرَ ديسان ديسِ، مُلھ نه مِلي وارِئِن؛
فَقِيراڻي ويسِ، اَمُلَ ڏِيَن اَتوريا.

9

اُپيُون تَڙَ پُوڄِين، وَهُون وَڻجارِن جون؛
آڻيو اَڪا ڏِين، ڪَٿُورِي، سُمُونڊ ڪي.

10

جَرَ ٿَڙ ڏِيا ڏي، وَڻَ ٽِڻَ ٻَڌي وانئُٽيُون؛

اَلا! ڪانڌُ اچي، آسائِتي آهيان!

11

جا جَرَ جاڻُون نہ ڏِئي، ڏِيا نہ موهي؛

سَڌُون ڪوهُ ڪَري، سا پنهنجي ڪانڌَ جون؟

داستان ٽيون

1

پُران، مانَ پُڄان؛ ٻَندَرَ مون ڏُورِ ٿِيا؛

نہ مُون هَڙَ نہ هَنجَ ڪِي، جو آئُون چَئِي چڙهان؛

اِيهين ڪَجِ، پانِٽي! جنهن پَرِ پِرِينءَ مِڙان؛

ڪارُون تي ڪَريان، تو دَرِ اُپِي، ناکُئا!

2

هَڙَ مِ ڪِينَ هُئُونِ، هُنئِين هُنِ نہ چاڙهيا؛
سارو ڏِينهُن سمندَ تي، لِهي سِجُ وِيونِ؛
جڏهين سائِيءَ سَببُ ڪَيونِ، تڏهن سُتَرِ ٿيا سَيَّدُ چئي.

3

اسان اُڏا را، آٽي آوَنگَ چاڙِهيا؛
مُنهُن ڏيئي مُون آئِيا، سَمُهان سِيارا؛
اُپِرَنِ سِيڪارا، پَسو وَرَ بِين جا.

4

مون اُپِي تَرَ هيٺِ، پرِيُنِ پَڳَهَ چوڙِيا؛
ڪا مُونهِين مِ ڏيٺِ، نات سَجَڻَ سَباجها گهڻو.

5

مون اُپِي تَرَ پاسِ، پرِيُنِ پَڳَهَ چوڙِيا؛
هو اَللهُ هارَ اُهِرِيا، آئُون دَمِ دَمِ دُعا ڪَنديَاس؛
آهَ نہ لاهِيندياس، موٽِي ايندا مان ڳَري.

6

ڪاري ڪيڙائُون، مَٿي مِني موٺيا؛
سَودو ڪَنِ نہ سونَ جو، وَڏا وِهائُون؛
موتِي جي مَهراڻ جا، تِن جا طاماعُون؛
سامُوندِي سائُون، لَنڪا لوڙي آئِيا.

7

لَنڪا لَنڪا ڪَنِ، لِيءَ لَنڪا جي اوهِرِيا؛
سُٽِي سونُ لَنڪا جو، سُڪُ نہ سامُوندِيُنِ؛
پِرهَ پَڳهَ چوڙِيا، ڪاري ڪيڙائُنِ؛
وَڏي ڀاڳ پِڙنِ، جي کَهيا ڪارُونيار ڏي.

8

وَڻجارنِ ورِي، پِرهَ پَڳهَ چوڙِيا؛
اولِيُون پَسي اُنِ جون، پيڙَمِ ڳَچ ڳِرِي؛
ويندِيسِ، ماءِ! مَرِي، ساري سامُونڊِيُنِ کي.

9

وَڻجاري جِي ماءِ، وَڻجارو نه پَلِئين؟

آيو ٻارهين ماهِ، پڻ ٿو سَفرِ سَنبهَي!

10

وَڻجاري ڪانذاءِ، مُون وَرُ وڻي گهارِيو!

لَڳي اُتَرَ واءُ، ڍولِيو هَلڻَ جون ڪري.

11

جي تون وَڻجارو ڪانڌُ، ته مُون هَڏِ مَ لائون لَڏيُون!

پَرَ ڏيهَ مٿي سانگُ، اَنئي پَهرَ جنهن ڪيو.

12

ڏِني ڏِياري، سامُونڊيُنِ سِڙهَ سَنباهِيا؛

وِڃيو وَرُ ونجهَه کي، روئي وَڻجارِي؛

مارِيندَءِ مارِي! پِرهَ سُورَ پرِيُنِ جا.

سُر سُهڻِي

داستان پهريون

1

وَهَ تِکَ، واهُڙَ تِکَ، جِت نِينهُن، تِکَ نرالِي؛
جِن کي عِشقُ عَمِيقَ جو، خِلوَتَ خيالِي؛
وا رِئِين سا، والِي! هِنَئڙو جِن هَٿِ ڪيو.

2

واهُڙَ وَهَنِ نَوان، اَجا وَهُ اَگِي ٿيو؛
گَهرِ ويٺيون گهَڙا ڪريو، سَرَتِيُون سَگَ سَنوان؛
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، سا جي ڏِني آن؛
هُوندَ نه پَليو مان، گِهڙو سپ گهَڙا کٽِي.

3

ڪَنڌِي اُپِيُون ڪيترِيُون، ”ساهَڙُ ساهَڙُ“ ڪَنِ؛
ڪِنِين سانگو ساهَ جو، ڪي ”گهورِيسَ“ ڪيو گِهڙَنِ؛
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گهاگهائي گِهڙَنِ جي.

4

وَڻن ويٺا ڪانگ، وِچين ٿي ويلا ڪري؛
ڪِهڙي ڳَهڙو هَٿِ ڪري، سُٺِي سانجهيءَ بانگ؛
سيئي ڏُونديي سانگ، جِتي ساهَڙُ سُپرِين.

5

ڪِهڙي ڳَهڙو هَٿِ ڪري، ڀُون نِهاري ٻَنگُ؛
سر در يار فِدا شُد چہ بَجا شُد ۔ وَصلَ اِهوئِي وَنگُ؛
رات جنِين جو رَنگُ، الا! سي اُڪارِئين.

6

ڪِهڙي ڳَهڙو هَٿِ ڪري، ڀُون نِهاري ٻَنگُ؛
وَ اَمّامَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ، اِيُ لَنگھِيائِين لُنگھُ؛
سِڪَندِيَن کي، سَيِّدُ چئي، ڪِينَ جَهلِيندو جهنگُ؛
راتِ جنِين جو رَنگُ، الا! سي اُڪارِئين.

7

ڪِھڙي ڳَھڙو ھَٿِ ڪري، اِلاھِي تُھارَ!
جَنگھ جَرڪي واتَ ۾ سِسِيءَ ڪي سيسارَ؛
چُوڙا ڀِيڙا چِڪَ ۾، لُڏَ ۾ لِڙھيَس وارَ؛
لَڪين ڇُھنِيس لوھِٽيُون، ٿيلھيُون ٿَرَنئُون ڏارَ؛
مِڙيا مَڇ ھزارَ، ڀاڳا ٿِيندِي سُھِڻي.

8

ڳَھڙو ڀَڳو تہ گھوريو، مَرُ چُورُ ٿِئي چوڙو؛
طالِبُ المولیٰ مُذَڪَّر، اِيُ ٻُڌَندَنُ ٻوڙو؛
ڪوڙِھيو ڏَمُ ڪُوڙو، مُون ميھارُ مَنَ ۾.

9

ڳَھڙو ڀَڳو تہ گھوريو، ڀاڻان ھو حِجابُ؛
واجِبُ وجي وُجُودَ ۾، رھيو رُوح رَبابُ؛
ساھَڙَ رِءَ صَوابُ، آءُ ڳھِڻُ ئي گھورِيان.

10

گَھڙو پَڳو تہ گھوريوِ، تان ڪِي تُرُ، هِنيان!
اَدَبُ اَکَڙُنِ کي، ڏيهاڙِي ڏِيان؛
ميهارَنِ مِيان، سَئُون سُونهايِمَ پيچِرو.

11

گَھڙو پَڳو تہ گھوريوِ، آسَرَ مَ لاهيجَ؛
لَا تَقۡنَطُوا مِنۡ رَّحۡمَةِ اللّٰهِ، تُرهي اِنَ تَرِيجَ؛
حَبِيباڻِي هيجَ، پَسِين مُنهُن ميهارَ جو.

12

گَھڙو پَڳو، مُنڌَ مُئِي، وَسِيلا وِيا؛
تِنهان پوءِ سُئا، سُهڻِيءَ سَڏَ ميهارَ جا.

13

پاڻُ مَ ڪَٽجَ پاڻَ سين، وَسِيلا وِسارِ؛
لُڙُ لنگھائي، سُهڻِي! پِرتِ وِجهنديءِ پارِ؛
سي تُرتُ لنگِهينديُون تارِ، اُڪَنڊَ آگَهُ جن سين.

14

پاڻُ مَ ڪَٽِج پاڻَ سين، رِءِ وَسِيلي وانءُ؛
مَٿان سائَرَ، سُهِڻي! پِرتِ ونجي پانءُ؛
نينهن ڳِنهندي نانءُ، ونءُ پِريان جي پارَ ڏي.

15

ڪونهي آڳَهُ اَهِڙو، جهڙِي مُحبتَ مَنِ؛
اُپِيُون اورئين پارَ ڏي، ڪُوڙيُون ڪَڪَ پُڇَنِ؛
نَدِي تِن نيڙُ ٿِئي، جي رِيءَ تُرهي تَرَنِ؛
سِڪَ رَسائي، سُهِڻي! اَصِلِ عاشِقَنِ؛
سي جَهليُون ڪينَ ڪُنَنِ، پُڇَنِ جي ميهارَ کي.

16

پُڇَنِ جي ميهارَ کي، پُڇي سي ميهارَ؛
تُرَهو تِنِين بارُ، عِشقُ جنِين کي آڪِرو.

17

ساهَڙُ سا سُهِڻي، سائَرُ پڻ سو ئِي؛
اهي ہِجو ئِي، ڳُجُه: ڳُجهاندَ رَ ڳالهِڙي.

وائي

ڪهڙي مَنجهه حِساب؟ هُئڻ مُنهِنجو هوتَ ري، لا!
گورِلي! پَچُ گُناهَ ڪان، ڪونهي سُولُ ثوابَ؛
نڪِي تَفاوتَ ۾، نڪِي مَنجِهه رَبابَ؛
خُديائِي خُوبُ ثِئين، لائِن جي لُعابَ؛
پَليتُ ئِي پاڪُ ٿِئي، جُنبيو مَنجِهه جِنابَ؛
سو نہ ڪَنهن شَيءِ ۾، جيڪِي مَنجِهه تُرابَ؛
هُوءِ جي جَرڪِيا جَرَ تي، سي تان سَپ حُبابَ؛
هادِيءَ سين هُنَ پار ڏي، رِڙهين ساڻُ رِڪابَ؛
چَنبو وِجهي چورَ ڪي، آءُ چَڙهُ، عُقابَ!
ڊِيڊُ وِجاءِ مَ دوسَتَ جو هَلِي مَنجِهه حِجابَ؛
ڪَسرَتَ آهي قُربَ ۾، اِدغامَ ۾ اِعرابَ؛
فَنا وِجهي فَمَ ۾، ڪارَڻ ٿِيُ ڪَبابَ؛
ڏي طَهُورا تن کي، جي سِڪَنِ لاءِ شَرابَ؛
مُنِيءَ ڪيا مرضَ ۾، جاوا سَپ جَوابَ.

داستان پيو

1

ڪَرَڱَلَ ڪوچَ ڪُنَ گهڻا، جِتِ جَرَ واڳُو جِٽائِينِ؛

پاڻ اُڇِلي آبَ ۾، وَهَ سِرِ وِڌائِينِ؛

لَهرِيُون لَنگهيائِينِ، لُطف ساڻ لَطِيفُ چئي.

2

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ سَنّاٽا سيسارَ؛

بيحَدِ ٻاڳُو ٻَحرَ ۾، هيبَتناڪِ هزارَ؛

سارِيان ڪانَ سَرِيرَ ۾، طاقَتَ توهان ڌارَ؛

ساهَڙَ جامَرَ! سَتارَ! سِگهو رَسج سِيرَ ۾.

3

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪَڙڪو ڪُنُ ڪري؛

توڏي تاڪُن وِچَ ۾، مَٿان وِيرَ وَري؛

آءُ، ساهَڙَ! مُنهِنجا سُپِرين! پِرتان پيرَ پَري؛

هادِيءَ، هَٿ ڌَري، اونهي مان اُڪارِئين.

4

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جتِ ڪُنَنِ جو ڪَڙڪو؛
آهيمر اُنهَين پارَ جو، دِلِ اندرِ دَڙڪو؛
پَجي سِڪ، سَيِّدَ چَئي، سِيرَ سَندو سَڙڪو؛
والِي! ڪَجِ وَڙُ ڪو، تہ پارِ لَنگھيان پاڄھ سين.

5

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جتِ جايُن جانارَنِ؛
نَڪو سَندو سِيرَ جو، مَپُ نہ مَلاحَنِ؛
دَرَندا دَرياهَ ۾، واڪا ڪيو وَرَنِ؛
سَچا پيڙا پارِ ۾، هَليا هيث وَجَنِ؛
پُرزو پئدا نہ ٿِئي، تختو مَنجهان تَنِ؛
ڪو جو قهرُ ڪُنَنِ، ويا ڪِينَ وَرَنِ؛
اُتي اَٽارُنِ، ساهَڙَا! سِيرَ لَنگھاءِ تُون.

6

ڏرهَڙَ ڏنّسَ ڏرياهَ ۾، جتِ لَهريون ڪَنِ لوڙا؛
سَئين اَچي سمُوندَ ۾، ٿيا سِيٽايا سوڙا؛
جي تارُو هُئا توڙا، تن هَربو پانيو هيڪڙو.

داستان ٽيون

1

تَڙَ تَڪَڙَ تارِ ڳهڙڻ، ايُ ڪاٺيارِن ڪمُ؛
ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏِينهَن ۾، ڏي ڏورا پا ڏمُ؛
عَقُل، مَتِ، شَرَمُ، ٿيئي نِينهَن نِهوڙِيا.

2

ڳهيڙان ڪَري نہ ڳهورَ، تَڙُ تَڪَڙِ ڪان نہ لهي؛
جَنهِنکي سِڪَ ساهَڙَ جي، پُورَنِ مَٿي پُورَ؛
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهمَن ڪِي وَهلُورَ؛
جَنهِنکي ساڻُ پِريان جا سُورَ، تَنهِنکي نَدِي ناهِ نِگاهَ ۾.

3

جِئان ڳهڙيِ تِئان ڳهيڙُ، ڪَپَرو پُڇَنِ ڪُوڙيُون؛
ڏَمَ سين جُسو ظاهِرا، مَنَ ميهارَ سين ميڙُ؛
سا نَدِي پانئي نيڙُ، جَنهِنکي سِڪَ ساهَڙَ جِي.

4

جِئان وَهي تِئان واٽَ، ڪَپَرو پُڇَنِ ڪوڙيُون؛
جن کي سِڪَ ساهَڙَ جِي، سي ڳهيڙَ نہ پُڇَنِ ڳهاٽَ؛
جن کي عِشقَ جِي اُساٽَ، سي واهُڙُ پانئِنِ وِڪَڙي.

5

ڪنهن جنهن ڳهيڙَ ڳهڙِي، جنَ اوَتَڙان تڙُ ٽِيوسِ؛
سالمُ ويئي سُهڻِي، ڪُنَنِ ڪِينَ ڪَيوسِ؛
اُهِسُ اَکَڙِيُنِ مِ، پِريان جو پيوسِ؛
حَقّان حَقُّ ٿِيوسِ، هُئِي طالِبَ حَقَّ جِي.

6

هُئَي طالِبَ حَقُّ جي، توڏِي لاڪُون توڙَ؛
نہ مَلاحُ نہ مَڪُڙِي، نڪِي ٻَڌي نوڙَ؛
پاڻِي پِنيءَ ٻوڙَ، سُهڻِيءَ ليکي سِيرَ ۾.

7

توڏِي توڙائين، نينهَن نوازِي سُهڻِي؛
ڳچِيءَ هارُ حَبِيبَ جو، لائقُ لَڌائين؛
سو تَڙُ سونائين، جيڏانهن عالمَ آسِرو.

8

توڏِي! تُهائين جي، سي هِتي ڇَڏِ حِرصَ؛
ساهَڙَ ڏارانِ سُهڻِي! ڪوتِيُون ڪَنِ ڪِرسَ؛
وَڏِي اِيَ وِرسَ، جيئَن ڏَمَ وَتِ ڏِينهَن گُذارِئين.

9

ساري سِڪَ سَبَقُ، شرِيعَتَ سَندو، سُهِڻِي!
طرِيقَتَان تِکو وَهي، حَقِيقَتَ جو حَقُ؛
مَعرِفَتَ مَرڪُ، اَصلُ عاشِقن کي.

10

صَبرُ شاڪرِنِ، آهي اوطاقُنِ ۾؛
جي واصُل ٿيا وِصال ۾، سي ذرو ظاهِرُ نہ ڪَنِ؛
وِيبَت واهَرَ ترَنِ، هِنئَڙا، جَنِ هَجِي ويا.

11

سِياري سِهَ راتِ ۾، جا ڳِهڙِي وَسندي مِينهَن؛
هَلو تہ پُڇُون سُهڻِي، جا ڪَرَ جاڻي نِينهَن؛
جنهن کي راتو ڏِينهَن، ميهارُ ئِي مَنَ ۾.

12

سانوَڻ ڳِهڙِي سَپَڪا، هِيءُ سَرَهي سِياري؛
تَنُ وِڌائين تارِ ۾، اَرواحَ جي آري؛
مُحبَتِي ماري، ڪونهي دادُ دَرياهَ ۾.

13

واهُڙَا! پَرِيُون مَ پاءِ، تو پِڻُ ليکو ڏيڻو؛
سدا سانوَڻ ڏِينهَڙا، هِئَن نہ هُونداءِ؛
وهاڻي ويندءِ، اوپِرَ اُتاهان لَهِي.

14

مُحَبَّتِي ميهارَ جُون، دِل اَندرِ دُونهِيُون؛
آڱيو وِجهي آرَ ۾، لُهاڙو لُوهيُون؛
جي ساهڙ جُون سُونهيُون، سِيرِ سِرا ڙو تن کي.

وائي

مَدَت ثِيُ، ميهارَ! يارَ! ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾.
اُونها ڪُنَ، اَتانگ تَڙَ، اوِلي هَڙُ، آڌارَ!
ڏِينهَن ڏُهلا ڏَمَر سين، آهِيان اَوهان ڌارَ؛
ڀِچَل ٻاندِي ٻارِ ڪَري، اَتِ اُبَتا آرَ؛
تِني کِهڙِي سُهڻِي، آگَهَ رِءَ آڌارَ؛
”ڪارِي راتِ، ڪَچو گهڙو“، توڏِيءَ ڪِي تنوارَ؛
سَنپُوڙو سِيڻاهِ سين، سِڱهو رَسُ، سَنگهارَ!
اوراران آهُون ڪَريان، پَهچان شَلَ پرارَ؛
سُڻِيو جهانءِ جِهجِي هِنئُون، ساڻِپارا سَنپارَ؛
آيَم ريلي ريءَ سين، اَللهَ تو آهارَ؛

تارِ تَرَندَيَسِ، لُڙَ لَنگهِينديَسِ، وِينديَسِ وَٿِ وَچارَ؛
پُورِينديَسِ پارِ مَٽِي، سَهسَين جي سيسارَ؛
گوِلي گهاگهائي گِهڙِي، جَڪَنِ ٿا جانارَ.

داستان چوٿون

1

اَدِيُونَ! سپ اَندامَ، چڙَنِ مُنهنجار چورِيا؛
لارُنِ جا لَنؤ لائِي، سا ڪيئَنِ آڇيان عامَ ؟
لِڳيس جنهن جي لامَ، سو دِلاسا دوست مُنجي.

2

ڪارا ڪُنَ، ڪارِي تِڳِي، جت ڪارِيهَرَ ڪَڙڪا؛
مَئِي مَتي مِهراڻَ ۾ ، اَچن دُپارا دَڙڪا؛
وِيندي ساهَڙَ سامهان، جهول ڏِنس جَهڙڪا؛
ڪِرڪِنِ جا ڪَڙڪا، سُونهان ٿِيڙَس سِيرَ ۾.

3

جِيارِيَسِ سَنپارَ، ڪُهُ ڪَرِينَدَمِ گڏجي؟
ويروتارَ وُجُودَ ۾، پِرِيُنِءَ جي پَچارَ؛
سَجَڻَ هُونِ ڏارَ، جي هِنئَين ۾ حَلُ ٿِيا.

4

ٻيلي پارِ ٻُرِي، مون کي چَڙَنِ چورِيو؛
مُحَبَّتِي ميهارَ جِي، سُتِي شاخَ چُرِي؛
مَٿي جهوڪَ جُهرِي، پَوَندِيَسِ پاريچَنِ جي.

5

هُنَ پَرِ سُيَمِ هُوءِ، سُتِي سَنپارَنِ جِي؛
چِتُ چَڙَنِ چورِيو، جؤنڪَ ٿِيَڙَمِ جُوءِ؛
مُحَبَّتِي ميهارَ جِي، بِاللهِ پِيَمِ بُوءِ؛
وِجِي رُوءِ بَرُوءِ، ڏيکيان دوست ميهارَ کي.

6

ڪِٿي ٿِيو ميهارُ؟ ڪِٿي ٿو ڳِهندُ ڳُڙهي؟
ڪِٿي ڏُونهِي دوستَ جِي؟ ڪِٿي پَرِيون پارُ؟
جَنهن مُون سَڀِ ڄَمارَ، جَرَ ۾ جهوڻون ڏِنُيون.

7

ميهاران مِرڪَ، پِيتائين پرِيمَ جِي؛
تنهن مُنڌَ مَتوالِي ڪِي، سندِيءَ ساءَ سُرڪَ؛
لِڳَيس ڪامَ ڪِرڪَ، لوهان تِڪِي لَطِيفُ چئي.

8

مَري تان مَ ميهارُ، وَٺانڻ وِلهو مَ ٿِئي؛
وَچِن جي وَچارَ جو، وِنگو ٿِئي مَ وارُ؛
ساهَڙُ مُون سِينگارُ، ماڻهِن ليکو مِهڻو.

9

چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آئُون مَٿي پيٽَ؛
لُڙَ لَنگهيندِيُون ليٿَ، لُطِفَ ساڻُ لَطِيفُ چئي.

10

چاهَڪَ چَرِيءَ، تارِ تَرِيءَ، آئُون مَٿي ڪُنَ؛
ڪوڙِيِن ڪَرَ ڪَنڊِيُون، ساهَڙَ جي سَمَنَ؛
مينهُون ساڻُ اَمَنَ، پَرچِي پارِ لَنگهيندِيُون.

داستان پنجون

1

ساندَه سَپ دَرياهُ، پَري ڪَنڌِي پارَ جِي؛
چِڪي چوليءَ ۾ گهڙي، جِتي جِيَّ وِڙاهُ؛
پَسيو ڏوه ڏَڪي هِنئُون، آرِ مَٿي اَرواحَ؛
جي توهُ ٿِئي توڏانهُن، تہ وِيرَ وَهِيڻو ناهِ ڪي.

2

سِڪَڻَ وارَنِ سُڃُرو، جي دَهشَتَ سان دَرِياهُ؛
اوڙَڪِ اُنِين جو نہ رهي، آرَ بِنا اَرِواحَ؛
ويندي ساهَڙَ سامهون، صَدقو ڪنديون ساهُ؛
جن کي حُبَّ اُنهِين جِي آهِ، ساهَڙُ ساڻِي تن جو.

3

گھِڙيا سي چَڙھيا، اِئين اَڻيئَي؛
مئي متي مَھراڻ ۾، پؤَ ٽپو ڏيئَي؛
نہ ميھارُ مِليئَي، سَنپُوڙو سِيٽاھَ سين.

4

اَکيُون مُنھن ميھارَ ڏي، رَکيُون جن جوڙي؛
رِءَ سَندَ، سَيَّدُ چئي، تارِ گھِڙَن توڙي؛
تنين کي ٻوڙي، سائرُ سَگھي ڪِينَ ڪِي.

5

جيڏانھن چِتَ چاهُ گھڙو، آرُ بہ اوڏانھِين؛
وچِي وَهُ واڪا ڪيو، تِکو تيڏانھِين؛
ميھارُ مِلائين، لَھرُنِ منجِھ، لَطِيفُ چئي.

6

پَلِيان، پَلِيو نہ رھي، نِرتُون نِينھُن نِبارُ؛
گھِڙان، گھورِيو چِندُ ڙو! اُٿَلَ مُون اَپارُ؛
جنِين مَنِ ميھارُ، ھَلَڻُ تنِ حَقُ ٿِيو.

7

سَندو ڏمَر ڏهَڪارُ، هَڏِهين ڪونهي هِنَ ڪي؛
هِيءَ پاڻِيءَ سين پانهنجو، پُسائي نه سِينگارُ؛
ڪارَڻِ مُنڌَ ميهارُ، ڪارِيءَ راتِ ڪُنَ تَري.

8

جيهَرَ لوڪُ جهپَ ڪَري، ذَرو جاڳَ نه هوءِ؛
اوهيرَ اَچيو، اَديُون! پَهُ پريان جو پوءِ؛
جي ڪَچو چوَنِ ڪوءِ، ته مَرڪُ پانيان مِهڻو.

9

نه ڪَرڪِينءَ سُئي؟ جي سِيرَ نه گهِڙي سُهڻي؛
هِتِ حياتِيءَ ڏِينهَڙا، هَڏَهن تان نه هُئي؛
چُلي تنهن چَرِي ڪَئي، جو ڏِنُسُ اُنَ ڏُهِي؛
سُهِڻي ڪي، سَيَّدُ چئي، وڌو قُربَ ڪُهِي؛
هُنئِين هُوندَ مُئي، پرَ بُڏِيءَ جا پِيٽا ٿيا.

10

ڪا جا ڪُن ڪَرِينِ، پِنيءَ پُرِ جُهڻِ پاڻ ۾؛
اَکيُون تنهن آبَ کي، آڌِيءَ اُڪيرِينِ؛
توڙي تِڪُون ڏِينِ، ته به اُجَ اُنِين کي نه لَهي.

11

دائمَ جا دَرِياهَ ۾، سا مَڇي ڪِنِي ڪوهُ؟
آهس اِيُ اَندوهُ، پاڻِي ڪِٿي پِيان.

12

لهرَ مِڙوئي لالَ، وَهَڻُ ڪَنُورِيان وترو؛
اوڀارا عَبِيرَ جا، جَرَ مان اُچن جالَ؛
ڪُنَنِ ڪِهِڙي ڪالَ، سِڪَ پرِيان جي سُهِڻي.

13

جيڪِي ڏِنُءِ تارِ ۾، ڪَنڌِي سو ڪَهيج؛
جَرُ وڏو، جهاجَهه گهِڻي، پاندُ مَ پُسائيج؛
ساهَڙُ ساگاهيج، ته ثابتُ لَنگهِين سِيرَ مان

14

جا هَڙَ اَندَرِ جِيَّ، ساهَڙَ ڏِني ساهَ کي؛
سا هَڙَ چُڙيي نہ ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيَّ؛
ساهَڙَ ميڙِ، سَميعَ! تہ سا هَڙَ چُڙيي ساهَ جِي.

وائي

اکيون پيرَ ڪَري، وَجِجي، وو! وَجِجي.
سُپيرِيان جِي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪِينَ ڪَجي؛
لِڪائي لوڪَ کان، ڳُجَهڙي ڳوٺِ نَجي؛
مُحَبَّتِيءَ ميهارَ جو، سُور نہ ڪنهن سَلجي.

داستان ڇهون

1

ساهَڙَ جا سِينگارَ، اَڻَلِکيا اَگي هُئا؛
نڪا ڪُنْ فَيَڪُوْنُ هُئي، نَڪا بِي پَچارَ؛
مَلَڪَنِئان مَهَندِ هُئي، توڏِيءَ جِي تنوارَ؛
مُحَبَّتَ سانڍُ ميهارُ، لايائِين لَطِيفُ چئي.

2

گهيڙ لَنگهيو گهاري، مِيثاقان ميهارَ ذي؛
اَلَسۡتُ بِرَبِّڪُمۡ قَالُوۡا بَلیٰ، پَر اِها پاري؛
ڏِسيو ڏيکاري، پِرت پِريان جو پيچرو.

3

اَلَسۡتُ اَرواحَنِ کي، جَڏهِن چيائُون؛
مِيثاقان ميهارَ سين، لَڏيُون مُون لائُون؛
سو موٽي ڪِيئن پائُون؟ جو مَحفُوظان مُعافُ ٿِيو.

4

اَلَسۡتُ اَرواحَنِ کي، جَڏهِن اَمُرُ ڪيو اَحَدَ؛
هو مَنَ ڪاڍو ميهارَ ڏي، سُهڻِيءَ سِڪَڻَ سَڌَ؛
دِلو دَوُرَ دَرِياهَ جي، ڪيو اِرادي اَڏَ؛
جيڪِي آيسِ ڏانهن عَهدَ، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

5

’اَلَسْتَ‘ اَرواحَنِ کي، جَڏهِن جاڳايو جَلِيلَ؛
سَنئِين راهَ، سَيَّدُ چئي، سوناڻُون سَبِيلَ؛
وَحدَتَ جِي وادِيءَ ۾، ڪوڙين ڪي قَلِيلَ؛
دَرِياهَ جي دَلِيلَ، لَکين لهوارا ڪيا.

6

ڪامان، پَچان، پَڄُران، لُچان ۽ لوچان؛
تَنَ ۾ تَوُنسَ پِرينءَ جِي، پِيان نہ ڍاپان؛
جي سَمُندَ مُنهن ڪريان، توءِ سُرِڪيائي نہ ٿِئي.

7

ڪارِي راتِ، ڪَڪر گهَڙو، اُٺِيهَ اُونداهِي؛
چَنڊ نالو ناهِ ڪو، دَرِياهَ دَڙ لائِي؛
ساهَڙ ڪارَڻ سُهڻِي، آڏِيءَ ٿي آئِي؛
اِي ڪَمُ اِلاهِي، نات ڪُنَنِ ۾ ڪيرَ گهِڙِي؟

8

ڪارِي راتِ، ڪَڇو ڳھڙو، نڪا سِيڻهَ ساڻُ؛
وِڃهي وَيرَمَ نہ ڪري، پِريان ڪارَڻِ پاڻُ؛
مُحَبَّتَ ڪي مهراڻُ، سُڪِي سَپُ پَٽُ ٿِيو.

9

اورارِ نہ پَرارِ، ويچارِي وَهَ وِچَ ۾!
سُڪِي ڏَنيءَ سُپِرِين، پِيو مِڙوئِي تارِ؛
تُون ڳِھڙُ، ڪِيمَ نِهارِ، ٻُڏَندَنِ سين ٻاجهُون ڪري.

10

هِنَ پارِ، نہ هُنَّ، ويچارِي وَهَ وِچِ ۾!
نِيچُ نِهاري نہ ڳِھڙِي، تنهن ۾ پيس تُنَّ؛
اَللهُ! ساڻُ اَمُنَّ، آران ڪنهن اُڪارِئِين.

11

سَهسين سائَرَ ڳَجَنِّ، توءِ سَهَجَ نہ مَنِي سُهڻِي؛
نہ ڪي نِينهَن چِجَنِّ، پَرِتَهِين پِرِيَن جي؟

12

سُپيريان جي تُرَهي، ٻُڌِي! هَٿُ مَ لاءِ؛
صُباحَ تو چَوَنداءِ: ”اَسان تو اُڪارِيو.“

13

سُپيريان جي تُرَهي، ٻُڌِين، توءِ مَ لَڳُ؛
جي پائِنئِين پرِينءَ مِڙان، تہ پُور اُبتي وَڳُ؛
پاءِ تيڏاهِين پَيڳُ، ناهِ جيڏاهِين نِجُهرو.

14

سُڪِيءَ ٻُڏَنِ جي، ساهَڙُ ساڻِي تن جو؛
لَهرِنِ سِرِ لَطِيفُ چئي، ڪُلهنِ چاڙهيو ني؛
جي پُڄَنِ پَندُ پَري، تِن اُماڻي اورهُون.

15

سُڪِيءَ جي سانباهَ ۾، ٻُڏِين، توءِ ٻُڏُ؛
ڪَڪَ، ڪانڊيرا، ڪانئُون، ميڙيي، ٻَڌُ مَ مَڏُ؛
نڪو ساهَڙُ سَڏُ، نڪا سُڄي سُهڻِي.

16

جي تو بيت پانيا، سي آئُون آهِيِن؛
نِيو مَنُ لائِين، پرِيان سَندي پارَ ڏي.

داستان ستون

1

ٻوڙِئين، چاڙهِئين، تُون ڏَٽِي! ٻِئي جو دعوىٰ رَسي نہ دَمُ؛
هِن مُنهِنجي حالَ جو، ميهَرَ تي مَعۡلَمُ؛
رَکُ پيلي جو ڀَرَمُ، جو اَچِي پِيو اَجهور ۾.

2

ڪانڌِي ڪَنگ ٿِياس، وَهَڻُ جَنازو سُهِٽِي؛
ٻَگها جي پيٽَنِ جا، ڪُلها تن ڏِناس؛
اکئين مَلَڪَ ڏِناس، توءِ مَنَ ڪاڍو ميهارَ ڏي.

3

اُڀو تَڙِ ميهارُ، مَلاحنِ سَڏَ ڪري؛
آءُ پِڻُ وِجهان هَٿڙَا، اَئِين پِڻُ وِجهو جارُ؛
گهوريُون ڪارُونپارُ، مانَ مِلَنِئُون سُپِرِين.

4

ڪَنڌِي جَهليو ڪانهَن، عاشِقُ اُڀو آهُون ڪري؛
تو ڪِيئَن ٻوڙِي سُهِڻي؟ ٻيِلي مُنهنِجي ٻانهَن؛
دَرِياهَ! تو تي دانهَن، ڏِيندُسِ ڏِينهَن قِيامَ جي.

5

جِتي پيرَ پِرَنِ، پُريُون پَون پَوا ريُونَ؛
تانگهه نه لَڌِي تارُئِين، مَپُ نه ماڻِيڙَنِ؛
ڪَنڌِيءَ اُڀا ڪيتِرا، سِيڻاهِيا سَنڪَنِ؛
تُون ڪِيئَن تن تَڙَنِ، اَچيو، اَسارِي! گهِڙِين؟

6

سانپارا سَڏَ ڪيو، اُپا چوَنِ: ”آءُ“؛
هِڪ تِڪو ئي تارِ وَهي، پيو لُڙُ، لَهريُون ۽ واءُ؛
ساڻِي جن اَللهُ، پُجهان سي نہ پُڏنديُون.

7

هارِي! حَقُّ رَکيجِ، سانپارا ساهَڙَ جو؛
خوابَ، خيالَ، خَطرا، تن کي تَرَڪُ ڏئيجِ؛
اَندَرُ آئينو ڪري، پَرِ ۾ سو پَسيجِ؛
اِنهِيءَ راهَ رَميجِ، تہ مُشاهِدو ماڻِئين.

8

سانپارا سيئِي، تَنُ جنِين جو طالِبُو؛
مَنُ پِريان نيئِي، پِکهِيو پاڻ پِڳري.

داستان اٺون

1

ٻُڏَندي ٻُوڙَنِ کي، ڪي هاتِڪَ هَٿَ وِجَهنِ؛
پَسو لَجَ، لَطِيفُ چَگِّي، ڪيڏِي کي ڪَڪَنِ؛
توڙي ڪَنڌِيءَ ڪَنِ، ناتَ ساڻِ وجن سِيرَ ۾.

2

ڪَچِي ڪانِي ڪانهَن، ٻُڏا ڪَڏي ٻارِ مانِ؛
يا لَنگهائي، لَطِيفُ چئِي، يا ڏُريان ڪري دانهَن؛
ڪَما حَقَّهُ ڪَڪَنِ جِي، آهي ڳالهه اَڳانهَ؛
جيڪِي ڏي ٻُڏَنِ کي ٻانهَن، ناتَ ساڻِ وجن سِيرَ ۾.

3

آهِئِن هُتِ اُماڻَ، ٻَڌُ تُرَهو تارِ جو؛
لَهرِيُون، لُڙَ، لَطِيفُ چئِي، جَهليا جُنگَ جُواڻَ؛
اُونهي تَڙِ آ گَهِٽيا، آڏي پائي آڻَ؛
جي پِيا مُنهن مهراڻَ، تن ٻانڌِيُن پيٽُ نه اُجَهي.

4

ڪَڇي سانُ ڪَهي، پَڪو پُڇي نہ سُهِڻي؛
لَنگهيو لُڙُ، لَطِيفُ چئي، وَڇارَنِ وَهي؛
سا ڪِئن نِينهَن نهي؟ جنهنکي نِينهَن نَدو ڪڻِي.

5

ڪديا جي ڪُلالَ، سي پَسِي خالَ خُوش ٿِئي؛
پاڻِيءَ چِٽَ پُسائيا، ڏاءَ نہ جهِلي ڏَمالَ؛
سپَڪَ پانيا سُهِڻِيءَ، جوپَنَ جي جَمالَ؛
آڪي جا اَحوالَ، مَعلُمَ ٿيا مهراڻَ ۾.

6

ڪَڇو تان ڪوهُ؟ پَڪو نَظَرُ پرِيُنّ جوءِ؛
ساهَڙُ مُنهِنجو سُپرِين، ڏَمَ ڏِنيئِي ڏوهُ؛
جي چَٽو جي چوهُ، تہ پُورِيندِيَس پارِ مَٿي.

7

ڪَچي ڪَٿُ نہ جَهليو، پيلو پيو پُري؛
سارَ چَڏيائين سِيرَ ۾، پانهُن ڪان ٻِري؛
لَٿي لَهرِيُون ويئُون، چوڏا رِي چُرِي؛
هِنئَڙي مَنجه هُرِي، ماهِيَتَ مَلَڪَ المُوتَ جي.

8

پيلي پِلاڻي، پَسي چِٽَ چَرِي ٿِئي؛
”ٻِرَ! ٻِرَ! ٻُڏِي سُهِڻِي!“ وِيرُن ۾ وائي؛
ڪَچي ڪيرائي، لال لَهرن وِچَ ۾.

9

پَڪو ڪَٽِج پارَڻ سين، چَڱو چِتائي؛
ڪَچو ڏيج ڪُلالَ کي، مُنهن تي موٽائي؛
سو سُرِڻ هِنئين سين، سُهِڻي! جيڪي فائُقُ فَرمائي؛
مؤجُون مُنجهائي، مارِينئي مَهراڻَ جون.

10

پِرُ، پَليرا سُپِرين! پَلا مِ ٻيراهَ؛
تو رِءَ تارِي ناهِ ڪا، والِي! تو رِءَ واهَ؛
ساهَڙَ جي صَلاحَ، تَنَ کي ڪَدِي تارِ مان.

11

تَنَ کي ڪَدِي تارِ مان، صُلحُ ساهَڙَ جو؛
اُتِ آڏو اَچي ڪِين ڪِي، پيلِيَو ٻِئي جو؛
ميهَرَ! ڪَجِ مُنهنجو، ڪو اوڪَرُ ڪَنهِين آرَ تان.

داستان نائون

1

جَرِ ثَرِ تِکَ تَنوارَ، وَڻَ ٽِڻِ وائي هيڪِڙِي؛
سِپيئي شَيءِ ٿِيا، سُورِيءَ سَزاوارَ؛
هَمَهَ مَنصُورَ هزارَ، ڪَهڙا چاڙهيو چاڙهئين.

2

سَيَتِ پَچار پرِيُنِ جِي، سَيَتِ هوت حُضُورُ؛
مُلڪُ مِڙيو مَنصُورُ، ڪِهي ڪُهَندين ڪيترا ؟

3

لَهرِن لَڪَ لِباسَ، پاڙِي پَسَرُ هيڪِڙو؛
اُونهي تَنِهن عَميقَ جِي، واري چَڏِ وِماسَ؛
جِتِ ناهِ نِهايتَ نِينهَن جِي، ڪوءِ اُتِ پنهنجِي ڪاسَ؛
تَڙَنِ جِي تَلاسَ، لاهِ نہ لالَنَ لِڳِ ٿِئين.

4

وَجان ڪِينَ وَري، هُوندَ رِءَ چَئي رَهِي رهانِ؛
ڏُونهِينءَ پاسي دوسَ جِي، ماڳِهِين پَئان مَرِي؛
صُورَتَ نہ سُنهن ڪا، ڪَيسِ چِتَ چَرِي؛
وِصالان فِراقَ جِي، سُجِي ڳالهِ ڳَرِي؛
تيلاهِين تَرِي، مُنهن ڳِنيو موٽيو وجان.

5

جي قِيامَ مِڙَنِ، تہ ڪَرَ اوڏا سُپرِين؛

تِهان پَري سُڄَنِ، واڍايُون وِصالَ جُون.

6

آئُون ڪِ نہ ڄاڻان اِيئَن؟ تہ جَرَ گِهڙِي جوکو ٿئي؛

قَضا جا ڪَرِيمَ جِي، تَنهن ڪان ڪَنڌُ ڪَڍِ بو ڪِيئَن؟

هِڪُ لِکِئي، ٻِئي نِينهَن، آڻي اولِيَس اول ۾.

7

نہ ڪاتِيءَ نہ ڪانهَن، نڪو ڏوهُ قَلَمَ جو؛

اَنگُ اُتيئي لِکِيو، جِتِ نہ رَسي ٻانهَن؛

ڪَنهِنکي ڏِيان ڏانهَن؟ قَضا قَلَمُ وَهائِيو.

9

نَڪو سَنڌُو سُورَ جو، نَڪو سَنڌُو سِڪَ؛

عَدَدُ ناهِ عِشقَ، پُڄاڻِي پارَ لَهي.

10

سِڪَ تُنهنجِي، سُپِرِين! اَندر ٿِي اَجَهلَ؛
بَرڪِيو ٻاهر نِڪري، ڪُوري ڪانئي ڪَلَ؛
رِءَ سِيراهِيءَ سَل، مُونکي ڏِنا سَڄَڻين.

11

ڪِي تران ڪِي تارِ مُون، ڪِي سَگهان ڪِي سَگهُ؛
آڏو ڏيج مَ لَڳُ، مُون هيڪلِيءَ، وَلَها.

12

ڏِني ڏِينهَن ٿِيامَ، ڪوهُ ڇاڻان ڪهڙا پِرِين؟
سَهسين سَجَ اُلَهِي، واجهائيندي وِيامِ؛
تِنين سالَ ٿِيامَ، جنِين ساعَتَ نه سَهان.

ابيات متفرقه

1

ساهَڻَ ڏا ران سُهِڻي، نِسورِي ناپاڪَ؛
نَجاسَتَ ناهِ ڪري، اُنين جِي اوطاقَ؛
هُوءِ جي ڪِيرَ پِياڪَ، پاسي تنِين پاڪَ ٿِئي.

2

ساهَڻَ ڏا ران سُهِڻي، هِيءَ تان جُنِبي جوءِ؛
هِنَ پاڻِيءَ سين پانهنجو، مُورِ نه مَٿو ڌوءِ؛
جي پِرِينءَ پاسي هوءِ، ته ڪَر تونِڏيءَ تَڙُ ڪيو.

3

ساهَڻَ ڏا ران سُهِڻي، هِي تان جُهڪِي زالَ؛
تونِڏيءَ تَپُ شرُوع ٿِيو، هَيءَ! هِيٺيءَ جي حالَ؛
جَڏِيءَ رِءَ جَمالَ، اَگِهي ٿِي آهُون ڪري.

4

ساهَڻَ ڏا ران سُهِڻي، آهي ۾ آزارَ؛
ڏَمَ پاسي ۾ ڏُکَندو، صِحَتَ وَتِ سَنگهارَ؛

توڏِيءَ سَندي تَنَ جِي، دَوا ۾ دِيدارَ؛

جي پَسي مُنهن ميهارَ، ته سِگهيائي سَگِهي ٿئي.

5

ڏِيهاڙِي ڏَمَرُ ڪري، مَٿي مُحَبَتَ مُون؛

تنهِن ڪي اَچِي تُون، پرِيمَ! ڪوهُ نه پَلئِين.

6

جان جان هُئَي جِئَرِي، وِرچِي نه وِيئِي؛

وِچِي پُون پيئي، سِڪَندِي ڪِي سَجَڻِين.

7

جان جان هُئَي جِئَرِي، وِيئِي نه وِساندِ؛

لُڙهِي لهَرِن پاندِ، مُيائي ميهارَ ڏي.

8

وَرُ اُونداهِي راتِڙِي، ڪوءِ چاندُوڻِيءَ چندان؛

اوري ميهاران، مُنهن مَ پَسان ڪو پيوَ

9

سائَر ٻوڙِي سُهڻِي، نہ ڊوري نہ ڊنڊِ؛

اَکِين مَنجھ اُکَنڊَ، مُيائِي ميهار ڏي.

10

سانوڻَ لَهرِيُون، ٿَر وارِي، تِرَ وارَ؛

اِنهان ئي اَپارَ، مُون سين پَلي پالَ ڪيا.

وائي

مُنهِنجُون سپيئِي، آيَلِ! ماءِ، مَنَ مُرادُون پُنيُون.

جهڙِي پِريان ڳالهڙِي، تهڙِي ٻِي نہ ڪاءِ؛

ڪجي تان ڪوڙُ ٿِئي، سُجي تان سيباءِ؛

ويهُ داتا جي دَرَ تي، شُڪُر جنهن جُڳاءِ؛

ڪانهي حَدَ حَمَدَ جي، نہ ڪَرِيان لالَنَ لاءِ؛

ڳَڻِيو، ڳَڻِيان ڪيترِيُون، وَڏِيُون وَڏاياءِ؟

سو مُون هَٿان نہ ٿِئي، جيڪِي تو جُڳاءِ؛

تو سَجِيُون، تو سَنديُون، سَڪَن توهِين ساءِ؛

اُجَ تُنهِنجي اُجِيُون، لوچِن توهِين لاءِ؛

دِلِ دانهُن ري نہ رهي، مُون کي ماٺِ جُڳاءِ.

سر سَسُئِي آبري

داستان پهريون

1

جي سِجهائي سڪَ، تہ پڻ سِڪي سَسُئِي؛
پيتائين پُنهونءَ کي، هڏِ نہ پِڳيس هڪَ؛
اِن تَڙَ منجهان تِڪَ، ڏِني پاڻَ اُجَ ٿئي.

2

پَسي جهاجهہ جَمال جي، جَنين پِيتي پڪَ؛
اَپِرِ اگانجهو ٿيو، سُورُ اُنين کي سِڪَ؛
هڏِ نہ پِڳَين هڪَ، سَدا سائرَ سِيرَ ۾.

3

مُحَبَّتَ جن جي مَنَ ۾، تن تِشْنَگِي تارِ؛
پِي پيالو اُجَ جو، اُجَ سي اُجَ اُڻيارِ؛
پُنهون پاڻَ پيارِ، تہ اُجَ سِين اُجَ اُجهائِيان.

4

مَحَبَّتَ سَندو مَنَ ۾، پُرُ پيالو جن؛
پيڻَ پَرَچاءُ ناهِ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاهِ ڏِيَن؛
تنهن نِهايَتِ ناهِ ڪا، جنهن سُچا سُچَ وچن؛
تيلان اُجَ مَرَنِ، سَدا سائُرَ سِيرَ ۾.

5

سَدا سائُرَ سِيرَ ۾، اَندر لِهي نه اُجَ؛
پَسَڻُ جو پرينءَ جو، سا سَپائي سُچَ؛
تيلان مَرَنِ اُجَ، سَدا سائُرَ سِيرَ ۾.

6

ساجَنَ ڪارَڻِ سُچَ، مَرُ قَبُولي سَسُئي؛
اَندَرُ جنِين اُجَ، پاڻِي اُجِيو اُنَ کي.

7

پاڻِيءَ مَنجي جهوپڙا، مُورکَ اُجَ مَرَنِ؛
ساهان اوڏو سُپَرِين، لوچي تان نه لَهَنِ؛
دَمُ نه سُڃاڻَنِ، دانهون ڪن مُنَنِ جئن.

8

سَسُئَيءَ ڪِينَ سَمجهيو، اوري آريءَ سانُ؛
ڪري پيڪ پُنهونءَ سين، پاڌا رِيائين پانُ؛
جَتِ وِڃايو جانُ، پانِيَنِ پَروچَنِ سين.

9

لَڳي ڪوسو واءُ، لوڪُ مِڙوئي لَهِسيو؛
اُپَنِ مَنجهان آيو، ”هيءِ! هيءِ!“ جو هيڪاءُ؛
طُيورَنِ تَنوارِيو، پُنهونءَ پِچاڻاءُ؛
رَسِيو سُورُ شَبانَ کي، وُحُوشَنِ وَڻاءُ؛
مِرُوئَنِ موتُ قَبُولِيو، اَپَرِ اَفسوساءُ؛
بَرَ پِڻُ ڪن ٻُڪاءُ، اُڪَنديا آرِيءَ لَءِ گهڻو.

10

مَهندِ مُحتاجي ڪَري، پُنيءَ پيرُ ڪَٽيج؛
ڪُبيليارِئي! ڪيچَ ڏي، حُجَ مَ هلائيج؛
پاٽا ڏارَ پِريَنِ ٽو، سَسُئي! ساڻُ ڪَٽيج؛
اوڏي عَزازِيلَ کي، وِجھي تان مَ وَڃيج؛
نا اُميدِي نيج، تہ اوڏي ٿِئين اُميدَ کي.

11

ويهُ مَ مُنڌَ! پَنهورَ مِ، هاڙهي هڏِ مَ هلُ؛
ڪُوڙِي ڪَجَ مَ ڪَڌهين، سَچِي ڳالھ مَ سَلُ؛
جانِبَ لِءِ مَ جَلُ، سُورَ وِسارِ مَ سَسُئي!

12

سُکين ٿِيُ مَ سَنرِي، پَسي ڏُکَ مَ ڏرُ؛
پَٽي ڪَر مَ پانهنجو، گهورِي! اَڌِ مَ گهرُ؛
مارِي! هڏِ مَ مَرُ، مَڇُڻ جِيُ جِيارِئين.

داستان پيو

1

پَسِي ڏُونگَرَ، ڏاھِ! جِمَ ھلڻَ ۾ ھيٺِي وَھين؛
لانچي لَڪَ لَطِيفُ چئي، پُنِيءَ ڪيچِيُن ڪاھ؛
پُڇِي پُورِج، سَسُئِي! بَلوچاڻِي باھ؛
اِنَ وَڙائِتي وَرَ جِي، آسَرَ ھڏِ مَ لاھِ؛
جو اَڪَنُئُون اوڏو آھ، سو پِرِين پَراھون مَ چئُو.

2

ھتان ڪَڙِي ھتِ، جن رَڪيو، سي رَسيُون؛
ساجَنُ سُونهن سُرتِ، وِڪان ئِي ويجھو گھڻو.

3

جيڪُسِ يادِ ڪَياسِ، وَرُ وجِي وِڻڪارِ ۾؛
جَلدُ جَرِيدي پَنڌَ ۾، اَديُون! اَجُ ٿِياسِ؛
وَجِي ڪيچ پُنِياسِ، باروچاڻِي ٻاجھ سين.

4

واقُفُ نہ وَڻِڪارَ جِي، پاڙِي ڪَنيُمِ نہ پاءُ؛
جَبَلُ جَلدايُون ڪري، تِڪَ ڏيکاري تاءُ؛
لَگي لُڪَ لَطِيفُ چئِي، معذُورِنِ مَٿاءُ؛
اُتي اوڏو آءُ، جِتِ هوتَ هيڪَلِي آهيان.

5

وَڏا وَڻَ وَڻِڪارِ جا، جِتِ نانگَ سُجَنِ نِيلا؛
اُتي عَبدُاللَطِيفُ چئِي، ڪيا هيڪَلِيُنِ حِيلا؛
جِتِ ڪُڙمَ نہ قَبِيلا، اُتِ رَسجِ، رَهبَرَ! راهَ ۾.

6

ويچارِيءَ وَڻِڪارُ، اَڳُ نہ ڏِٺو ڪڏهين؛
مَهرَ نہ هئِي ماڙُهين، هو سَڀُ هندُوڪارُ؛
جَتُ ڪيائِين يارُ، سُورَنِ ڪارَڻِ سَرَتِيُون!

وائي

هوءِ جي هليا هوتَ سُونهارا؛

مُون نه وَهيڻا، پنهونءَ سَڳِيڻا.

سَسُئِي پُڇي ساٿَ جا، اوطاقُون اوتارا؛

آن ڪي ويندا ڳڏيا؟ آرِياڻي اِهَ پارا؛

ٿِليُون ٿؤنرَ هلوِيُون، مَيَن سِرِ موچارا؛

مُون کي نِيندا پاڻَ سين، ڪامِلَ ڪُرَ اُجارا؛

اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چئي، دوسَ آيا دِلِدارا.

داستان ٽيون

1

پُنهونءَ چڏيو پوءِ، جانِبُ جَبَلُ ڳوليئين؛

تيلاهين تَنڳُون ڪَرئين، جيلانهين تون جوءِ؛

ساجَنُ سُجَ نِهارِئين، ڏِکي! ڏوهُ ڪيوءِ؛

هاڙهي هوتُ نه هوءِ، وري پُڇُ وينِئِنِ کي.

2

وِري پُڄُ وِڻِين ڪي، سَندا پُنھونءَ پارَ؛
ساڄَنَ سَڀُ ڄمارَ، ڏُکِي! ڏورِج ڏِيلَ ۾.

3

ڪونھي اُتِ ڪوھيارُ، جِتِ تو، پورِي! پانئيو؛
پَنڌُ مَ ڪَرِ پَھاڙَ ڏي، وُجُودُ ئي وَڻڪارُ؛
ڏارِيا پانئَج ڏارَ، پُڄُ پِريان ڪَرَ پاڻُ تون.

4

سَپيئِي ساري، سَسُئِي! گھرَ ڪُنڌُون تون گھورِ؛
وِڃِي ڏُورِ مَ ڏورِ، درا مَنجھ دوسِتُ ٿيو.

5

سوئِي ڪَٽيو ساڻُ، سوئِي ڏورِئين، سَسُئِي!
ڪَڏھن ڪَنھين نہ ڪيو، جُلَڻَ مَنجھان جاڻُ؛
پُڄُ پِريان ڪَرَ پاڻُ، تہ تون تِنئَين لَھين.

6

جو تُون ذورِئين ڏُورِ، سو سَدا آهي ساڻُ توءِ؛
لاڳَنَ لَءِ، لَطِيفُ چئي، مَنجهي ٿِي مَعذُورِ!
منجهان پَنئُن پَرُوڙِ، تو مَنجهه آهسِ تَڪِيو.

7

وَڃِين ڇو وَڻِڪارِ؟ هتِ نہ ڳولئين هوتَ کي؛
لِڪو ڪِينَ لَطِيفُ چئي، پاروچو ٻِئي پارِ؛
ٿِيءُ سَتِيءَ، ٻَڌُ سَندِ روءَ، پرتِ پُنهونءَ سين پارِ؛
نانئَي نيڻَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.

8

هلُ هنئين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَرِ مَ پَنڌُ؛
رائي پُڇُ مَ رَندُ، رِڙهُ رُوحاني سَسُئَي!

9

ڪَجي پَنڌُ، پُڇان تو، ڪيچِينُ ڪارَڻِ ڪِيئَن؟
بيخود هلِج بَرَ ۾، آئُون ٿو چوَان اِيئَن؛
سِڪَڻِ ساجَنَ سِيئَن، مَتان، مُنِي! چَڏِئين.

10

مَتان، مُنِي! چَڏِئين، پريتَڙو پاڻا؛
ڄاڻِن جَئَن ڄاڻا، تون پڻ هوئِج تن جَئَن.

11

مَتان، مُنِي! چَڏِئين، پاڻان پِريتَڙو؛
ڪَثُورِيءَ ڪَٽو، مَڙهي مَڙهج مُنهن ۾.

داستان چوٿون

1

هيجُ نہ هوندو جن، سي ڪِيئَن وِنڌُ ر وِينڌِيُون؟
وهو وِچ رَهنِ، سَهسين سَڌُنِ وا رِيُون.

2

سَڌائِتِي سَپَڪا، ٻُڪَ نہ باسي ڪا؛
جيهيءَ تيهيءَ ذاتِ جي، جُنبَشِ ڪانهي ڪا؛
مون سين هلي سا، جا جِيُّ مِنو نہ ڪَري.

3

وَريتيُون! وَرو، آئُون نہ وَرَندِي وَرَ ري؛
جاڏي هنَ جَبَلَ جو، تانگهيندِيَسِ تَرو؛
جَتِنَ ساڻُ ڌَرو، نيڻهن نِيرِڻُ نہ ٿئي.

4

وڃوسپ وَرِي، اَئِين جي وَرَن وا رِيُون؛
ڦوڙائي فِراقَ جِي، سُڄي ڳالہ ڳَرِي؛
ٻُنپان جن ٻَرِي، ڏُونگر سي ڏُورِينديُون.

5

اَڄ ملندِيَس، ماءِ! ڏاڃا ڪَنديَسِ ڪَپڙا؛
جِيجان! جوڳِياڻي ٿِيان، مون کي جهلَ مَ پاءِ؛
هوتَ ٻَروچي لاءِ، ڪَنين ڪُنِرَ پائيان.

6

مُون کي پانئي پاڄَ، ڏيرَ ڏُوراٽا ھليا؛

اِڱيان اُٺي اُنِ جي، خُوبُ نه پَڪَمِ ڪاڄَ؛

مَيڙي آپَ سَرَتِيُون، نَڪِي ٻاڱِ ڳاڇَ؛

سا مُون ھٿان نه ٿِي، جيڪا رَسَمَ راڄَ؛

آيَلِ! آءٌ اَڪاڄَ، ٻولُ بَروچي وِترو.

7

پھرِين تُون پاريڄِ، پارَٹُ پوءِ پُنھونءَ تي؛

ٻولُ مَ وِساريڄِ، ھو جو ڪَيُءِ ھوتَ سين.

8

توسين ٻولَ ٻَهون، سَهسين ساڄَنُ جي ڪري؛

ڪَندِينءَ توءِ ڪَهون، جي نالو ڳِيَڙُءِ نِينهن جو.

9

سُٽِي ٻولَ سَندانِ، جِمَ سُمھين سَسُئي!

ڪَندِينءَ ڪوهُ ڪيٽانِ؟ جه سي اُنِ اورانگھيا.

10

سِجَ اُلَٿي سَسُئِي، رَتَ وَرَڻو روءِ؛
پَهِي نہ پانڌِي ڪو، جنهن ڪَرَ پُڇي لوءِ؛
مُوڙِهي وِجي توءِ، موٽَڻ جِي ڪانَ ڪري.

11

چُلان، مَنجهِہ نہ چاڪَ، پُران، پوَنِ پُرِڪَٽا؛
مَتان ڪا مُنڌَ ڪَري، موٽَڻ جِي مَزاڪَ؛
چِتُ سَندو مُون چاڪَ، هاڙهي هڏِ هٽِي ڪيو.

12

موٽَڻ جا مَذڪُورَ، جان ڪِي چَيَسِ جيڏِئين؛
پَرِيتِ پِهرئين پُورَ، نيئي پهچائي پُنهونءَ ڪي.

13

موٽِي مَران مَ ماءِ! موٽَڻَ ڪان اڳي مَران!
لُڇِي لالنَ لاءِ، شالَ پوندِيَسِ پيرَتي!

وائي

مَعلُومُ حالُ حَبِيبَ! مُون کي دَرِدُ قَدِيمِي، وو!

دَرِدُ جَدِيدِي، حُبَّ حَبِيبِي.

اَلُودِي آزارَ کان، تولِءَ ٿِيَسِ، طبيبَ!

شادِي ڏُئِين صِحَتَ جِي، غَمِي لاهِ، غَرِيبَ!

اَهِڙَانِ ٿِي آهون ڪَرِيانِ، نَعرو مَنجهه نَصِيبَ!

ڪاهلِ آهيان ڪُوڙِي، رَسِي لاهِ، رَقِيبَ!

حاذِقُ آهِئين هنَ جو، اَچين شالَ، عَجِيبَ!

دَوا آهِئين دِلِ جِي، پُڇ پُڇ رَهيَسِ طَبِيبَ؛

اَلا! عَبدُاللَطِيفُ ڪِي، ڪوڙِي لاءِ، قَرِيبَ!

داستان پنجون

1

پَڇِي جان پَنپورَ کان، ڏُونگَرُ ڏُورِيو مُون؛

ڪاهي رَسِيَس ڪيچَ کي، جِتي پارَ پُنهون؛

سَپَتِ آهِئين تُون، قَضا ڪَندين ڪِن سين؟

2

پيهي جان پاڻَ ۾، ڪَيَمِ رُوحَ رِهاڻِ؛
تہ نَڪو ڏُونگَرُ ڏيہَ ۾، نَڪا ڪَيچِيُنِ ڪاڻِ؛
پُنهون ٿِيَسِ پاڻَ، سَسُئي تان سُورَ هئا.

3

پُنهون ٿِيَس پاڻَهِين، ويو سَسُئيءَ جو شَرَمُ؛
هيڪلِيُون هلَنِ جي، پَچي تن پَرَمُ؛
جو وِندُ رمِ وَرَمُ، سو سودو سَرِيَسِ هتَهِين.

4

پُنهون ٿِيَسِ پاڻَهِين، وِئي سَسُئيءَ جي سُونهَن؛
خَلَقَ آدَمَ عَليٰ صُوَرَتِہ، اِئن وَٽِن مَنجھ وِرُونهَ؛
چَرِي مَنجهان چُونهَ، ڪِٿي هوتَ هنجَ ڪيو.

5

وِئِي سُونهَن سَسُئيءَ جي، پُنهون ٿِيَس پاڻَ؛
سَيِنِ جي سَيّدُ چئي، آهي اُتِ اُماڻَ؛
پَنِيورَ جا پاڻَ، آڏا عَجِيَنِ ڪي.

6

وَهمَ وِرساياسِ، نات پُنهون آئُون پاڻَ هئَي؛
پاڻُ وِڃايُمِ پانهنجو، پئَي پِريان جي پاسِ؛
رَتي عِلمَ نہ راسِ، ڏاران پَسَڻ پِرينءَ جي.

7

هيڪَرَ هئڻُ ڇڏِ، تہ اوڏِي ڻئِين عَجِيبَ کي؛
مَارَاَيتُ شَيئاً اِلاَّ وَرَاَيتُ اللهَ، نيئِي اجها اوڏانهين اَڏِ؛
تہ هوتُ توهين کان هڏِ، پِرين پاسي نہ ٿِئي.

8

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇين ڪوهُ پَهي؟
وَ فِي اَنفُسڪُمۡ، اَفَلا تُبصِرُونَ، سُوجهي ڪَرِ سَهي؛
ڪڏهن ڪانہ وَهي، هوتُ ڳولَڻَ هٿ تي.

9

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇين ڪُوهُ پَريانُ؟
وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِنۡ حَبلِ الوَرِيدِ، تُنهنجو توهين ساڻُ؛
پنهنجو آهي پاڻُ، آڏو عَجِينَ کي.

10

وِوڙِيمِ سَپ وَٽاڻ، يارَ ڪارڻِ جت جي؛
اَللهُ بِڪُلِّ شَيۡءٍ مُحِيۡطُ، اِي آرِياڻيءَ اُهجاڻ؛
سَپ ۾ پُنهون پاڻ، ڪِينهي پيو پَروچَ ري.

وائي

اَهڪِيءَ آگَهُ آهي، ووءِ! مون ڪي تان نہ ڇڏيندو تڪ ۾.
پڇي پوءِ پِيَن ڪي، لَڪَنِ ۾ لَڏَ لاهي؛
آرِي اُڳهاڙَنِ ڪي، پُنهون جامُ پَراهي.

داستان ڇهون

1

جُدائيءَ جو جامُ، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي؛
مَنگُلَ مُنهنجي مَنَ ۾، بارِيو هوت حَمامُ؛
اَرکِ ٿِيو آرامُ، ڪاڪُلَ پَسِي ڪانڌَ جو.

2

دَرِدُ نہ لهي دا رُوئين، زُلفَ زورُ ڏِنوم؛
ڪاڪُلُ ڪالَ ڏِنوم، رُخساري تي رُوپَ سين.

3

ڪاڪُلَ ڪُنِي جام، ڪَفَنُ تنهن ڪِينَ ٿئي؛
مَنجهہ شهادَتَ سان، لُڏي ۽ لاڏَ ڪري.

4

ڏکام ڏُونگرَ جامَ! مَ ڪَرِ مَعذُورِن تي؛
توتي لَجَ، لَطِيفُ چئي، آهي سَندِي عامَ؛
مارِ مَ چَئِي مَعذُورِ کي، وَنهيا ڪانڌَ ! ڪَلامَ؛
پَرِچج پيادِن سين، اَللهَ لَگِ، عَلامَ!
جا نَوازِي اَهنجي نامَ، سام هوتَ! مَ چَڏِج هيڪلِي.

5

پَير پَٽانئَي ڪُنڌَرا، ڏُونگرَ مَٿي ڏي؛
ڦِٽيا ڦَرڻ فَقِيرِ جا، سيرُون ٽِيَڙا سي؛
جھڙي تھڙي حال سين، پُري پُنھونءَ ڏي؛
وَڃي، مانَ وَري، ٻانھِيءَ ٻَنڌَڻُ جنھن سين.

داستان ستون

1

وِنڌُ رِ جي وَڄَنِ، سي مَرُ ٻَڌَنِ سَندِ را؛
پِيُون ڪوهُ ٻَڌَنِ، چوڙي جي چَڏِينديُون.

2

ڏيهُ ڏيھان ئي ڏُورِ، پَرڏَيھان پَري ٿِيا؛
سيٽَنِ ڪارَڻِ سَسُئي، پيئي پَرانھين پُورِ؛
تُون وَڃِين، هوتَ! حُضورِ، مُنھنجوجِئُڻ جيلانھِين ٿِئي.

3

هيڪانديءَ هوئي، اُٿي راتِ رَوان ٿيا؛
ساهُ سَڀِڳي مِ سُورَ جي، پُنهون وِيو پوئي؛
رَهُه، قَضا! دَمُ ڪوئي، ته هيڪرَ هيڪانديِ ٿِيان.

4

هَڏِ نه ساهُ سُڏِيرُ، دِلِ دَرماندِي دوسَ ري؛
پائي وِيَڙا پِرتِ جو، زوراوَرَ زَنجِيرُ؛
جِيُ جُسو، جاڳِيرُ، هاٿي مِلڪَ هوتَ جي.

5

عُمرِ سَبِ عِشقَ سين، پُنهون جي پُچَنِ؛
رِيسَ ريذالِيُون تن سين، ڪُجاڙي ڪي ڪَنِ؟
مارَڳِ جي مَرَنِ، وڏو طالِعُ تن جو.

6

ويني وَرِ نه پَوَنِ، سُتي مِلَنِ نه سُپِرِين؛
جي مَٿي رَندَنِ رُئَنِ، ساجَنُ مِلي تن کي.

7

رائي ڪِي رَنجُورَ، ٺَڪَرَ توءِ ٺاڪِيو چڙهي؛
لانچي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، هلي ڏانهن حُضُورَ؛
رَهيا سَڀِ رُجُنِ ۾، سَسُئيءَ جا سالُورَ؛
ساجَنُ ميڙيُسِ سُورَ، سُکَ نہ ميڙيُسِ سُپِرين.

8

مَنجهان پَنءُ پَرُوڙِ، سَڀَ مَ پُڇِجِ، سَسُئي!
ويهي وَڏي ڍِگَ مان، ڏُٺي وِجهج ڏُوڙِ؛
نہ تون ماڻِين مُوڙِ، جي پَندِ اِهائي پارِئين.

9

بَرِيائي نہ بارِ، ڦُوڪِ نہ لَڳي اَنبَرين؛
هِتي جي هُئَڻَ جُون، وَڻُون سَڀِ وِسارِ؛
سَمُوري سَرِڪارِ، نيئي رَکِج ناهِ ۾.

10

قَدُ ٻَڌِي، تُون ڪِينْ، پُهُچندِينءَ پُنهونءَ سِينْ؛

جئن سِينو ساهئين سَسُئِي، ٿِئين ٿَهوارون ٿِينْ؛

مُٺِي! ٿِيُ مِسڪِينْ، هِمَّتَ هوتُ وِڃائِيو.

11

ٻِلَرِ لَڳو ٻاڻُ، پَسو! جوءِ جَرا ٿِئِي؛

سا مُنڌَ مَري نه جِئِي، پيئي پَچاڙي پاڻُ؛

سَسُئِي سُورَنِ ساڻُ، سَنپوڙِي سَيَّدُ چئي.

داستان اٺون

1

اَڏَرِ، نِڌَرِ، اَپَرِي، اَسُونهِين آهِيان؛

لُڙِڪَ لعَلَ، لَطِيفُ چئي، وَرَ لَءِ وَهايان؛

هيجان هَنجُون حَبَ ۾، هوتَنِ لَءِ هارِيان؛

جانِبُ ضَعِيفِيءَ سِين، پُنهون پَهايان؛

پِيهان، پَچايان، جي مان نِيو پاڻَ سِين.

2

اَڏرِ، نِڏرِ، اَپرِي، آهيان اَسُونهِين؛
پَرَ ڏيهي پِرين ڪَيا، مَرَنَڻ لَءِ مُونهِين؛
سَسُئِيءَ کي سَيّدُ چَئَي، تَنگُنِ ۾ تُونهِين؛
هارِي! ڪِئَن هونهِين، رِءَ سَمَرَ سَڏُون ڪَرِين.

3

اَڏرِ، نِڏرِ، اَپَرِيءَ سَڏَرِ ٿِيُ سچي؛
سُپَڪِ ٿِيُ، سَيّدُ چَئَي، پَهڻِ مَنجهه پَچِي؛
مَعذُورِ تي مارو ڪيو، اولاڪَنِ اَچِي؛
منجهان راهَ رَچِي، ٿِيڙِي لالُ، لَطِيفُ چَئَي.

4

اَچِي عِزرائيلَ، سُتِي جاڳائِي سَسُئِي؛
ٿِي ڏوڙائِي ڏَليلَ، تہ پُنهون ماڙُهو موڪليو.

5

مُنڪرِءِ نَڪِيرَ ڪي، جڏهن ڏِنائين،
اَکِيان اُتي اُنِ ڪي، پُنهون پُڇِيائين،
اَدا اِنائين، ڪو ويوساٿُ سَجَڻ جو؟

6

پاپاڙِي ٿي پورِ، پُنيءَ ڪيچِيُنِ ڪَڪِرا،
رائو مِڙيوئِي رَتَ، ڪارَڻِ ڪانڌَ ڪَڪورِ،
لانچي لَڪَ لَطِيفُ چئَي، اُتي ڏُونگَرِ ڏورِ،
جَتُ وَجِي ٿو زورِ، اُڙُ تان اوڏِي ٿِئين.

7

جُهتَ پِني، پهُ جَهنگِ، هاڙهي پُچُ مَ هوتَ ڪي،
سُورُ سُپِيلِي، سَسُئِي! لَڪَ تَنهِين سين لَنگهِ،
تہ سُپيرِيان جي سَنگِ، مُنڌَ! ميڙائو ٿو ٿِئَي.

8

ڪَرِڪو واڪو وَسُ، وِهُ مَ مُنڌَ پَنپورَ ۾؛
چَڙهي ڏاڍين ڏُونگَرين، پيرُ پُنهونءَ جو پَسُ؛
ڏورَڻ مَنجهان ڏَسُ، پَوَندُءِ هوتَ پُنهونءَ جو.

داستان نائون

1

ويهُ مَ وِساري، پُچا ڪَرِ مَ پَنڌَ جِي؛
نِرمَلُ نِهاري، هلَندِن تان هٿِ ڪيو.

2

اَوَجهڙ اَسُونهَن، ڏيهُ گهٽُوئِي ڏورِيو؛
سَبگَر رءَ سُونهَن، پهِتِي ڪانه پَنڌُ ڪَري.

3

واءَ! وِجاءِ مَ سو، پُنِيءَ جنهن پَنڌُ ڪريان؛
چَٺا! چَپَرِ پِرينءَ جو، پيرُ پَرِنيان تو؛
بَرِ بورائو جو، لِگِي، متان لِنئَين!

4

ڏُورِ مَ تون ڏوريج، صَبرُ ڪَرِ مَ سَسُئِي!
پُرَڻُ چَڏِ پِرنِ سين، وِهڻُ وساريج؛
سُڪَنِ جا، سَيَّدُ چئي، لاڳا پا لاهيجِ؛
هنئين ساڻُ هليج، پَنڌُ پاسي پَرِ نِبري.

5

ڪُهِي جا ڪَنيائِين، وِڪَ تَنهين ويجهي ڪَئِي؛
چِڪِيءَ چِنائِين، پَنڌُ مِڙوئِي پَٻَ جو.

6

سَؤڪوهَ ڪري سَپَڪا، تُون، ڪُهِي! ڪَنِجِ وِکَ؛
تاڻِجِ مَنجهان تِکَ، تہ پَنڌُ پاسي پرَ نِبري.

7

هيڪلِيائي هيلَ، پورِيندِيَس پُنهونءَ ڏي؛
آڏا ڏُونگَرَ لَڪِيون، سُورِيُون سُڄَن سيلَ؛
تہ ڪَرَ پيلِي آهنِ پيلَ، جي سُور پِرِيان جا ساڻُ مُون.

8

دوسِتُ ڏِنائِين دِلِ سين، وِرچي تان نہ وِهي؛
لانچي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، پَهڻِ مَنجهِ پِهي؛
سَندي نِينهن نِهي، ڪِي سَرفِرازُ سَسُئي.

داستان ڏهون

1

آءُ اوراهُون، سُپرِين! پَري وَڃُ مِ پِيَّ!
موٽُ، مَرَندِيَسِ چِپَرِين، تُون جِيارو جِيَّ؛
هوتَ! مَ چَڏِجِ هِيَّ، پُنهون! پِيادِي پَنڌَ مِ.

2

آءُ اوراهُون، سُپرِين! ڏُکِيءَ ڏيجِ مَ ڏاڱهَ؛
وَتِ چَڏي مُون واڱهَ، آرِي! وِئِين عِشقَ جو.

3

هَٿان هَڏِ نہ چَڏِيان، صَبرُ شُڪرانو؛
ذَوقَ زَمانو، مُون، وَرَ! وِيو وِسرِي.

4

ناهِ جَمعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُڄاڻا هانِ؛

اَللهَ! سيئي آنِ، جن ساءُ چڱائِي سِڪَ جو.

5

ناهِ جَمعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُڄاڻا هتِ؛

پُنهونءَ جي پِرتِ، ساءُ چڱائِي سِڪَ جو.

داستان ٻارهون

1

ڪَنُ ٿِيُ، ڪيچِينُ ڪُڇيو، ڪُڇُ مَ، ٿا ڪُڇَنِ؛

اِشارَتُون اُنِ جون، سُڪُوتان سُڃَنِ؛

وَٺان ويهِي تَنِ، سُرُ نه سوزُ پرائِيِن.

2

سُرُ نه سوزُ پرائِيِن، ”آءُ“ چيائُون اَڄُ؛

ٻولِي ٻِي نه سِگِيا، ”پاڻا“ چوندءِ ”پَڄُ“؛

واڄي وَٺِ مَ وَڄُ، ٻُڌُ نه ٻِيائي لَهي.

3

ڪَٿارو ۽ ڪوسُ، اَڳِڻ آرِيءَ جامَ جي؛
دِيَتَ آهي دوسُ، مارَڳ ۾ مُيِنِ جي.

5

اَڪيُون آرِيءَ جامَ جون، اَنڌِيءَ سين آهينِ؛
هُو جي وَڻ وِندُرَ جا، سي مُون سُونهائِينِ؛
ڏِسيو ڏيکارِينِ، پيشاني پُنهونءَ جي.

6

سَڏَ مَ ڪَرِ سَڏَنِ ري، هلَڻ رِءَ مَ هلُ؛
جلَڻُ رِءَ مَ جلُ، رُئَڻَ رِءَ مَتان رُئِين.

ابيات متفرقه

1

اُٿيو ۽ اُٿِياڪُ، ڪالهوڪو ڪاڏي گيو؟
وِيو جاڳائي، جيڏِيون، بِره، هِيُ بيباڪُ؛
چُر ڦُر ڪاري چاڪُ، سُورُ سُمهاري ڪِينَ ڪِي!

2

جان ساماڻيئِن، سَسُئِي! تان ويسُ وِڙَنِ جو ڪَرِ؛
لاهي لَجَ، لَطِيفُ چئي، ٿِيُ بيگاريِاڻي بَرِ؛
تہ ويندِي پوَئِي وَرِ، اَڳيان هوتَ حُضُورَ ۾.

3

مُنڌَ نہ مَنجهان تن، پَسي لَڪَ لُڏَنِ جي؛
جا پَرِ ڪاهوڙِينِ، سا پَرِ سِکي سَسُئِي.

4

مُنڌَ مَ مَنهِن ويهُ، اُپِي اوسِرُ اُسَ ۾؛
تو سيئِي سيڻَ ڪيا، ڏُورِ جنِين جو ڏيهُ؛
پاڙي پاڙي پيهُ، وَتُ پُڇَندِي پرِينءَ کي.

5

اولاڪَنِ اَچِي، مَعذُورِ تي مارو ڪيو؛
مَتان، وَرَ وِسارِئين، مَنجهان ڪُرَ ڪَچِي!
لاهي لاڳاپا لَنگهه تُون، سيڻَن ڏانهن، سَچِي!
مَنجهان راهَ رَچِي، ٿِيندينءَ لَعَلَ، لَطِيفُ چئي.

سُر مَعۡذُورِي

داستان پهريون

1

هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، ڪُهِجَنِ ڪي ڪوٺِيُون؛
پُهَڻُ تَنِين پَٽُ ٿِئي، جي لءِ لالَنِ لُوڻِيُون؛
سَبُ سَهيلِيُون سِڪَ کي، چُنجُهون ۽ چُوڻِيُون؛
بانيَڻِ! ٿِي بُوٺِيُون، تہ ڪُتا ڪِيَنِئي ڪيچَ جا.

2

تن پيئي جانارَنِ يادِ، جي پاريَلَ پُنهونءَ ڄامَ جا؛
سَندي لا لَنِ لاڏِ، مُئَنِ پوءِ مَنڌُ ٿِئي.

3

جاڳايَسِ جَنبُورَ، ڪُتي قَرِيبَنِ جي؛
بَهي پؤنڪِي اُٺيو، گِهڏِي مَنجهان گُهورَ؛
سَبِ لاهِيندو سُورَ، گِرِي هِنَ غَرِيب تان.

4

ڪُتو طالِبُ ڏُوندَ جو، اسين ڪُتي ڪيڙَ؛
ڇُهِتي آهي ڇيڙَ، ڪارايي جي ڪَنَ ۾.

5

سَگبانَ سِينديا رِيا، بَچِيا، تي بَهَنِ؛
ڦِريا نہ فرمانَ کان، مُلهُ نہ موتِيَڙَنِ؛
ڪونهي ڏوهُ ڪُتَنِ، ڏاڪارِيا، ڏا ڙِهِين ٿا.

6

ڏُکا، ڏُونگرَ جا مِرُون، مَرُ ٿا مُون تي ڪَنِ؛
پُڙَندا ڪِينَ پَرِيَتِ تي، هِنَ جا سَڏَ رَ ٿا سُڃَنِ؛
سَڳائيءَ جي، سَيِّدُ چئي، آهي سُڌِ سَپَنِ؛
هُوندَ نہ هِتِ ٿَرَنِ، پر قرابَتَ ڪَمُ ڪيو.

7

سَڏَ رَ سين سَڱُ ڪري، پَرَکندين پيياسِ؛
ڪيرَ برهمَڻِ؟ ڪِنَ جي؟ ڪيرُ ڄاٽي ڪيٽاسِ؟
هُوندَ نہ سِنڌُ سُياسِ، هِنَ پُرِيِن ڪَيَسِ پَڌِري.

وائي

خُوبِي مَنجھ خِفَتَ، اي! دوستَ! دِقَتَ، آهي عَبدُاللّطِيفُ کي.

مَدَحَ مون کان نہ ٿِئي، سَندي سُورَ صِفَتَ:

هِجي ڪريان هيجَ سين، مُطالِعُ مَحَبَتَ:

حُزنُ هوتَ پُنهونءَ جو، رُڳيا ئي راحَتَ:

پِرِيان جي پِستانَ جو، فاقو ئي فَرَحَتَ.

داستان پہريون

1

اَدِيُون! وَرُ اُڪَاڙَ، وِهانءُ جنهن وِساريو؛

جيڏِيون! چڏي جاڙَ، سَپِ نَنگُيون ٿي نِڪرو.

2

سَپِ نَنگُيون ٿي نِڪرو، لا لِڄ چڏي لوپُ:

سُپِيرِيان سين سوپَ، نِندُون ڪندي نہ ٿِئي.

3

سَپِ نَنگُيون ٿي نِڪرو، پَرَهَڻَ چَڏي پوءِ؛

مَهَندِ مِڙَنئان هوءِ، ڪَهي جا ڪِينَ ڪِٽي.

4

ڪَهي جا ڪِينَ ڪِٽي، پِرينءَ پُهَتي سا؛

وِهي ويڙهِجي جا، وَصلُ تنهن وِجائيو.

5

وَصلُ تنهن وِجائيو، سِيندِ سُرمي سِيئَن؛

سا لُوِٽي لِيلان جِيئَن، مَٽِيو جنهن مِٺُ ڪَيو.

6

هُوندِيان هوتُ پَري، اوڏو آه اَڻَ هُوندِ ڪي؛

ساجَنُ تن سَري، ”لا“ سين لَڏِين جي.

7

لائي خَنجَرُ ”لا“ جو، هَيءِ! خَچَرَ ڪي هَڻُ؛

سَڌُنِ جُون سَيَّدُ چئي، وَڻُون سَپِ وِڪَڻُ؛

پيرُ پَرُوڙي ڪَڻُ، تہ هَلَڻَ ۾ هورِي وَهِين.

8

هورِنِ هاڙهو لَنگهِيو، ٿِيِ جَرِيدِي، جوءِ!
هُوندِ جنِين سين هوءِ، هوتُ نہ هُوندو تن سين.

9

هورِنِ هاڙهو لَنگهِيو، مُنِي! مُوسَٿُ چَڏِ؛
”لا“ سين اُٿِي لَڏِ، ”ڪِينَ“ رَساڻي ڪيچَ ڪي.

10

نڪا هِتِ، نہ هُتِ، ڪا گَوريءَ سندي ڳالِ؛
ڪِينَ پَهُتِي مالِ، حالِ پَهُتِي هوتَ کي.

داستان ٽيون

1

هَلَندي هاڙهو مَٽِي، ڪَرَڻُ ڪوهَ پيامِ؛
اَرڏا آريءَ جامَ ري، گُوندَرَ گُذرِيامِ؛
لڪِيُون، لَڪَ، لَطِيفُ چئي، اورانگهڻَ آيامِ؛
پُرَڻُ پُنهونءَ پُٽِ ۾، اِيُ سَعادَتَ سَندِيامِ؛
مَنسِ ڪَمَ وڏامِ، وِهان تان نه وَسِ پيو.

2

وَڏو ڪِيمَ وَٽاهُ! اُونچا ڏُونگرَ! مَ ٿِيو.
ٿِمو مَ نيٺاهُ، ته پيرُ نهارِيان پرينءَ جو.

3

وارو! مُون وَٽ‍ِراهِ! ڪا سُڌِ سُونهَپَ جي نه ڏِيو؟
وِجهي وَراڪَنِ ۾، مَعذُورِ ڪي مَ مُنجهاءِ؛
مَنجهان پارَ پيادِيُون، هادِي ٿِي هلاءِ؛
پرِيان ڪي پُهچاءِ، ته لَڳي لُونو نه ٿِئين.

4

ڪَندا مون پيرَنِ ۾، توڙي لَڪ لَڳَنِ؛
آڳُرِ، آڱُوٺي نہ مِڙي، چِپُون پير چِنَنِ؛
ويندي ڏانهن پِرينِ، جُتِي جاتِ نہ پائيان.

5

جُتيون سي پائينديُون، جنِين پيرَ پِرينِ؛
لاٿيُون سَبِ پرَينِ، سَسُئِي سُپيرِيُن ڪي.

داستان چوٿون

1

مَرِي، جِيُ؛ نہ ماڻئين، جانِبَ جو جَمالُ؛
ٿِئين هُوندَ حَلالُ، جي پَندِ اِهائِي پارِئين.

2

مَرُ نہ موچارِي ٿِئين، اَجَلان اَڳِي اَجُ؛
جان ڪِي هُئِين جِرِي، تہ مُنڌَ! پَنپوران پَجُ؛
پُنهونءَ ساڻُ پَهَجُ، تہ مَلَڪَ اَلمَوتُ ماڻئين.

3

اَجَلان اَڳي، سَسُئي! مُندَ ! جِئَرِيائي مَرُءِ؛
توِليان تنهن مَ ٿَرُ، جنهن رُوحُ وِڃايو راهَ ۾.

4

مَرَڻان اَڳي جي مُئا، سي مَرِي ٿِيَنِ نه ماتُ.
هوندا سي حَياتُ، جِئَڻان اَڳي جي جِئا.

5

اُونچو اُتاهون گهَڻو، جِئَڻ کي جَبَلُ؛
مَرَڻ مُون سين هَلُ، ته پُنِيءَ تو پَندُ ڪَرِيان.

6

تو سَڳُ، ساهُ! گهَڻَ سين، جِئَڻَ! گوشي جاءِ؛
مَرَڻَ! مُون سين آءُ، ته پُنِيءَ تو پَندُ ڪَرِيان.

7

پِرِ ۾ پَچِي پِرينءَ کي، مَرِي نه ڄاتوءِ؛
”مُوتُوا“، مُندَ ! نه سوءِ، ڪَندُ ڪُڄاڙِيان ڪانئِين ؟

داستان پنجون

1

هَٿين، پيرين، مُونڻئين، هَلِج ساڻُ هِنئَين؛
عِشقُ آرِيءَ جامَ جو، نِباهي نِئين؛
جان جان ٿِي جِئين، تان پارِج ڪومَ پُنهونءَ سين.

2

هَٿين، پيرين، مُونڻئين، ڪَهِج پرِ ڪَپارَ؛
مَتان، چوري! ڇَڏِ ئين، پرِيَتَڙي پَچارَ؛
توکي سَنَدَ، سَسُئي! سَندِي لَنؤ لَغارَ؛
جي هُونِئي هوتَ هَزارَ، ته به پارِج ڪوم پُنهُونءَ سين.

3

ٿَڌيءَ ٿَڪِي نه وِهي، تَتِيءَ ڪَري تاڻَ؛
وِڏائين وَڻِڪارِ ۾، سَسُئيءَ پاڻُ سُڪاڻَ؛
پُڇي پَهَ پَکِئُن کي، پيئي مُنڌَ پَرِياڻَ؛
ڏِنَسِ ڏيهَ وَڻَن جا، تن اَللهَ لَڱ اُهڃاڻَ؛
مانَ پَرِچي پاڻَ، اَچي آرِياڻي وَري.

4

توڙي وِلاڙُون ڪرِين، توڙي هَلين وِڪَ؛
لِکِئي مَنجهان لِڪَ، ذرو ضايعَ نہ ٿِئي.

5

لِکِيو جو نِراڙِ، سو اَنگُ ڪِياڙيءَ نہ ٿِئي؛
پاڙِيو وينِي پاڙِ، جيڪي لاڱَنِ لِکِيو لوحَ ۾.

6

ڪَيائِين ڪيچِنُ لءِ، جُسو جَلاوَتَ؛
ڇَڏِي پينِي ڇپَرِين، هارِي سَپِ حُجَتَ؛
هُئِي نماڻِي نِسَتَ، پَنڌُ وِڌائِين پاڻَ تي.

7

ماڙهُو ڏيئِي مِهڻا، مُون کي ڪَندا ڪوهُ؟
جنهن چورِيءَ ۾ چوهُ، سا پڻُون ٿِيندِي پيرَ تي.

داستان ڇهون

1

فَردا مُنڌَ ڦِٽي ڪَئِي، نَقدُ ڪنيو نارِ؛
هِيَ جا واڳَ وِلَهيءَ جي، ويرَمَ ڏي مَ وارِ؛
جانڪِي مُنِيءَ مار، جانڪِي ميِڙ مُنِيءَ ڪي.

2

مُنِي ٿي مُدَعا گُهري، موتُ ٿيو موجودُ؛
اَچِين نہ اَجُ ڪَرِيان، صُباحَ جو سُجُودُ؛
جانڪِي ني وُجُودُ، جانڪِي ميِڙ مُنِيءَ ڪي.

3

ڏُکِي ٿي ڏَڏورَ، لَهِسي لَنؤ پُنهونءَ جي؛
ڏيئي آڳِ اَتورَ، سَپَ نہ ساڙِي سَسُئِي.

4

ڏِسَڻُ ڏِکان اَڳِڙو، سَسُئِي! آڻِ مَ شَڪُ؛
ٿِيُ ٻانِهي، پَرِ اوئِيُون، لُڏُ مَ پَسِي لَڪُ؛
وَرُ پُنهونءَ سين پَلَڪُ، ڪوءِ ٻارهَنَ ورهَ پِنِ سين!

5

ڏُکِيءَ سَنڌِيُون ڏُونگرين، پَسو! پٿُون پَوَنِ؛
مُئي پُڄاڻان مُنڌَ کي، روجهَ رُڄَنِ ۾ رُئَنِ؛
پُوڻا اِيهِين چوَنِ، تہ ”مُئيءَ اَسانکي مارِيو!“

6

ڏُکِيءَ سَنڌِيُون ڏُونگَرين، اوچِنگارُون اَچَنِ؛
هَٽِي سانگِ سَسُئيءَ کي، ڪَلو ڪَيو ڪَيچِنِ؛
جي هَٿان هوتَ مَرَنِ، هوتُ تِنين جي هَنجَ ۾.

7

ڏُکِيءَ سَنڌِيُون ڏُونگَرين، وَڻَ ٽِڻَ وايُون ڪَنِ؛
وَٿان ويهِي جَنِ، وَڏيءَ سي واڏورِڙيا.

8

وَڏِيءَ سي واڏورِڙيا، رَتُ نہ ڏِنو جَنِ؛
موتُ قَبوليو تن، ڏِنو جن ڏُکِيءَ کي.

9

وَڍِيَلَ ٿي وايُون ڪَري، ڪُتَنِ ڪُوڪاري؛
هُنَ پَنَ پنهنجا سارِيا، هِيَ هنجُون هَڏَنِ لءِ هاري.

وائي

اَچِي، لالَنَ! لَٽِ، مِيان! مُئيءَ جو لوڙهُ لَڪَنِ ۾.
هو ڪانُ ڪَٿُورِيءَ هِيرِئُون، مُون ۾ صابُرِ چَٽَ؛
آرياڻِيءَ اَچِي ڪَري، ڪا گهڙِي مُون وَٽِ جَٽِ؛
ڪَٿُوري ڪَشِبُوءِ سين، هارِيائُون هَٽِ هَٽِ؛
دَردُ مُنهنجي دِلِ جو، تون، ڪامِلَ! اَچِي ڪَٽِ؛
اَڊِيُون! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، سِرَ تائِين آهي سَٽِ.

داستان ستون

1

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، سَهَسين سِجَ وِيا؛
هَلَڻَ وِيرَ هِئانِ، ڏيکي شالَ دَمُ ڏِيانِ!

2

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، پويون ٿِيو پَساهُ؛
سِڪان ٿِي سَڪِراتَ ۾، رويو پُڇان راهُ؛
شالَ مَ وَجيمِ ساهُ، ڏاران پَسَڻ پِرينءَ جي.

3

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، آيو عِزرائِيلُ؛
جوراڻي سين جيڏِيُون! نَڪو قالُ نہ قِيلُ؛
آيو موتُ دَلِيلُ، مارِيندو مُرادَ کان.

4

وِلا ڙِيو وَڻِين چَڙهي، رَئِي پَسِيو روءِ؛
وِچان جو وِڇُ پوءِ، سو ڪَنهن پَرِ ڪَهِي لاهِيان!

5

وِلا ڙِيو وَڻِين چَڙهي، اُونچَن مَٿي اَجُ؛
لالَنَ ڪارَڻِ لَجُ، باسِيائِين بَردارَ جو.

6

وِلاڙِيو وَٽِين چَڙهي، ڏِيو پَٽولي لانگَ؛
ٽاريءَ ٽاريءَ چانگَ، سَسُئيءَ مورَ ٻَچَن جَڻَن.

7

وِلاڙِيو وَٽِين چَڙهي، پَسو سَڱهَ سَندِياسِ؛
آڏِيءَ وَجيو آ ڪُڙِي، نَڪو پِيُ نہ ماسِ؛
سوئِي سو سيٽاسِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.

8

رُجُنِ مِ رَڙِ ٿِي، ڪَر ڪووَلَ جي ڪُوڪَ؛
وَلَولو ۽ وُوڪَ، اِيَ تان آهِ عِشقَ جي.

9

رُجُنِ مِ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ ڪَرڪي ڪُونجَ؛
نَعرو منجهِ نِڪُونجَ، اِيَ تان آهَ عِشقَ جي.

10

رُجُنِ مِ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ سارَنگي سازُ؛
اِيُ عِشقَ جو آوازُ، ماڙهو رَکَنِ مُنڌَ تي.

سُر ديسي

داستان پهريون

1

ڏاگهَنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَرَنِ، ٿِنهي ڏِنمَ ڏُکَ؛
سي سَپِ پانيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻِ هوتَ جي.

2

ڏاگهَنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَرَنِ، ڏُکَنِ آئُون ڏَڌِي؛
پُچان پيرُ پُنهونءَ جو، وِجهان وِکَ وَڌِي؛
لِکِئي آئُون لَڌِي، ناتَ پَٽِنِ ڪيرَ پَندُ ڪَري.

3

اَگَڻَ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِٺَءِ ڏِينهَن؛
وَٺِي سَڙَڪَ، سَسُئي! ويهُ وِهاڻِيءَ سِيئَن؛
چوٽِي سين چانگَنِ ڪِي، جَڙِ زَنجِيرُن جِيئَن؛
نہ هوتُ تُنهنجو هِيئَن، هوندِ پُنهون نيائُون نہ پارَ سين.

4

اَڱَڻ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِينهَن ڏِٺاءِ؛
ڪُنجُون جي قُفِلَن جون، تان ڪنهن لَڱ لِڪاءِ؛
تہ سُپا ٽي سَندِياءِ، ٿِئي سارُوِٽي سَسُئي!

5

اَڳي اُٺَ رَڙَنِ، مُون پيري ماٺِ ٿِئي؛
پَلاڻِيندي، پاڻَ مِ، ڪُڇيو ڪِينَ ڪُنَنِ؛
ڪا جا مامَ مُنَنِ، هِنِ پڻ هُئي هُنَ سين.

6

ڇا جي ڏِنگا ڏيرَ، مُنهنجو ڏِينهن ڏِنگو مَ ٿِئي!
اُنَنِ ۾ اوِنيَڙَنِ جي، ڇا وَهِيٽو ويرُ؟
هِيَ ڪَمِيٽي ڪيرَ؟ جا اَمُرَ ڪي آڏو ڦِري.

7

ديسِي سيڻَ ڪَجَنِ، پَرَديسِي ڪَهڙا پِرِين؟
لَڏِيو لاڏؤٽا ڪَيو، پَنهنجي ديسِ وَجَنِ؛
پُڄاڻان پِرِيَنِ، ڪَجي بَسِ پَنپورَ ڪان.

8

اُٿَ مَ اوري آڻِ، ڏاگهَنِ ڏَڏِي آهِيان!
هَٽِي هَٿُ هَيَنِ کي، پَري نيئَي پَلاڻِ؛
هوتُ مُنهنجو هاڻِ، پُنهون نِيائُون پاڻَ سين.

9

جَتَ هَڏهِين هُتِ، مُون هِتِ هِنئَڙي ۾ حَلُ ٿِيا؛
چَنگَلُ جنِين چوڦَرا، راحَتَ تن جِي رُتِ؛
ڱُنگَنِ جي گُپتِ، چيڙهي وِڌَسِ چَپَرين.

10

گَهَ سِرِ ٿِئي مَ گُسَ، پَٽِي پوءِ مَ پِرينءَ تي!
جنهن سِرِ ساجَنُ سُپِرِين، تنهن اُٿَ مَ لَڳي اُسَ!
پُنهون پاڪُ پُرِسَ! هوتَ نہ ڪَجَنِ هيڏِيُون.

11

لَڏِيندي لِباسُ، جَتَنِ جيڏوئِي ڪَيو؛
اَڇي آرِيءَ چامَ جو، وَڻَ وَڻَ مَنجهان واسُ؛
مِرُون کِيَنمِ ماسُ، هَڏَ هَلندا هوتَ ڏي.

12

اُٺَ ويِري، اوٺارَ ويِري، ويِري ٺِيَڙَمِ ڏيرَ؛
چوٿون ويِري واءُ ٿِيو، جنهن لَٿِيا پُنهونءَ جا پيرَ؛
پَنجون ويري سِجُ ٿِيو، جنهن اُلَهِي ڪِي اَويرَ؛
ڇَهون ويري ڇَپَرُ ٿِيو، جنهن سَنوان ڪَيا نہ سيرَ؛
سَتون ويري چَندُ ٿِيو، ڪِڙيو نہ وَڏِيءَ ويرَ؛
واهيري جِي ويرَ، چُلون ڪَرِيان ڇَپَرين!

داستان پيو

1

مِڙيِي مُندَ ڏي آئُيون، ساهيِڙيُون سَهَجان؛
اَلسَّفَرُ قِطۡعَةٌ مِنَ النَّارِ، هارِي! موٺُ هِتان؛
سَگَّ صِراطَ المُسۡتَقِيۡمَ جو، اَٿيئِي تان اڳيان؛
سي ڪيچِي نِيندءِ ڪِيان؟ تُنهنجو نِينهُن نِفاقَ سين.

2

جَڏان ڪُنْ فَيَڪُونَ چَئِي، نِيو آرِياڻيءَ اَرواحُ؛
اَنگُ اَڳِهين لِکيو، مُنهنجو مِيثاقاءَ؛
مَنْ طَلَبَ شَيْئاً وَّ جَدَّ وَ جَدَ، اُتو عَلِيءَ شاهَ؛
اَجا اِن حَدِيث جو، مُون آسِرو آهِ؛
پُنهونءَ جي پيغامَ تان، مُنهِنجو موتُ مُباحُ؛
سَرَتِيُون! دُعا ڪَجاهُ، تہ ميڙائو مُون ٿِئي.

3

سَبَهَ سِياهِيءَ، آهي آرِيءَ ڄامَ ري؛
ڪڏهن پَسي ڪا نہ ڪا، رِءَ لاڻَن لالائي؛
دُودُ دِلِ تان دُورِ ڪَرِي، ڪَرِ، ساجَنَ! صَفائي؛
مَنْ لاَ شَيْخَ لَهٗ فَشَيْخُہٗ الشَّيْطَانُ، اِنَ رِءَ اُوِنداهِي؛
هُوءَ جا هَلِي هيڪَلِي، سا گِيرَبَ گُمائِي؛
بِلَا شَيْخِ مَنْ يِّمْشِيِ فِی الّطَرِيْقِ، اِهڙِي اَوائِي؛
تنهن رِءَ تَوائِي، ڪوڙين ٿِيَن ڪيتَرِيُون.

4

پِنيءَ ٿا پَرِين، ساٿِيُن سَندَ هَٿَن ۾؛
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چئي، مُون کي مَنجُهه نه ڏِين؛
هوتُ پُنهون ٿا نِين، اَسُونهِينءَ جو آجِڪو!

5

پڻ ٿا پَلاڻِين، اوٺي اَجُ اُٻاڪَرا؛
پَهَ پارِسِيُون پاڻَ ۾، ڏيرَ ڏِهاڙِي ڏِين؛
هوتُ پُنهون ٿا نِين، ٻاروچي ٻولِي ڪيو!

6

دوڪَ دَهِليا جِتِ، ڳوُرا هَلَنِ نه ڳَسَ ۾؛
ڇَوُسالَ ئي نه چَلِنا، ٿِي تَنگَ نِهاري تِتِ؛
سُوڏِي اُنِين، سَيَّدُ چئي، پوءِ پانچارِيَن پرتِ؛
اِنَ اَڙانگي پَنڌَ جي، ڪا نيشَن پوءِ نِرتِ؛
سَسُئي وَڏي سَتِ، جا اَهڙِيءَ پَرِ پَنڌُ ڪَري.

7

”هَيءِ ! هَيءِ!“ ڪَيو ”هاءِ!“، ٿِي پاڻ هٽي سِرِ پاهِڻين؛
لَذائين، لَطِيفُ چَئي، جُوءِ جَتَنِ جِي جاءِ؛
شُڪُرَ، بارِ! سَنداءِ، سُٺاٽي ساٿِ مِڙِيي.

داستان ٻيون

1

اَللهَ ڪارَڻِ، اوٺِيا! ليڙا نِيو مَ لَڙَ؛
نيو نماڻِي پاڻ سين، ٻانهِيءَ جهلي ٻُرَ؛
مُون کي ماري مَنجهِ ٿِي، سَندِي هوتَنِ هُرَ؛
ڪَچو لايان ڪُرَ، ڪيچان اوري جي وَران.

2

ڪيچان اوري ڪيتِرِيُون، مَعذُورِيُون مُيُون؛
واٽُون وِيهَ ٿِيُون، ڪُهُ جاڻان ڪيهِي ويا؟

2

ڪيچان آيو قافِلو، جُنگ سُونهارِيءَ جوڙَ؛
تَليارا توڏَنِ ڪي، ڳِچِيءَ سُونهَنِ موڙَ؛
دؤلَتَ چايان دوڙَ، جي مُون نِيو پارَ سين.

3

جهوُڙا جن جُهلُنِ ۾، هِيري لَکَ هَزارَ؛
لَڳا واٽَ وَٽِن جا، پُنهونءَ ڪي پالارَ؛
آن ڪي ويندا ڳَڏِيا، اَهِڙيءَ سِٽَ سُوارَ؟
لَنگِهي ڪالهَ قَطار، تُون، آئي! اَڄُ نِهارِئين!

5

مِزمانَنِ مَهرِي، آڻي جهوڪِيا جهوڪَ ۾؛
چاٽي چَنبَنِ ۾ وِيا، جِئَن بازُ سَٽي ٻَجِري؛
ڪوهِيارو قَهرِي، وِيو نِهوڙي نِندَ ۾!

6

مُون پانيو مُون وَٽِ، هَميشَہَ هُوندا پرِين؛
ويڙهو ڏيئي ويڪِرو، پهري وِيا پَٽِ؛
ساهُ جنِين جي سَٽِ، وِڪيُمِ ٿي وَٽڪارِ ۾.

7

مُون پانيو مزِمانَ، هَميشہ هُوندا پرِين؛
ڪُهي ڪَميٽِي هَليا، ڪَهِل ڪَيائُون ڪانَ؛
ڏيئي ويا ڏاهِ ڪي، سُورَنِ جا سامانَ؛
جورو راتِ جُوانَ، جيڏيُون! جَتَ ڪَري وِيا!

8

برِهَ مَٽايُسِ برُ، ناتَ سُڪي ڪيرَ سَڏُون ڪَري؟
گهَٽو ڏورِيائِين ڏڪَ سين، ڏيرَنِ لءِ ڏُونگَرَ؛
وِري آيُسِ وَرُ، سَفَرَ مُئيءَ جا سابِ پيا.

9

وَرَ مِ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وَڏو ڪَيو؛
نِهارِيندِيَس نِڪرِي، بوتَنِ ڪارَڻِ بَرُ؛
آڏو ٿَڪَرَ ٿَرُ، مَتان روهَ رَتِيُون ٿِئِين!

10

وَرَ وَراڪا وِچَ مِ، لَکِين آڏا لَڪَ؛
هُو جي آڏا حَقَ، سي ڪَندا ڪوهُ ڪَندِيُن کي؟

داستان چوٿون

1

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، آرِيچا اَظلامَ؛
آندائُون آريءَ جا، پُنهونءَ ڏي پيغامَ؛
يَهُ ڪَيائُون پارِڙ مِ، مُنهان مَخفِي مامَ؛
سَنپُورا ساٿُ ڪَڍِي، ويساهي وَرِيامَ؛
ڪاڪِيُون! راتِ قِيامَ، جيڏِيُون! جَتَ ڪَري وِيا!

2

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏَمَرُ؛
هاڻي ٿِيو حَشَرُ، پُنا قَول قِيامَ جا!

3

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڏاڙهِيءَ پَنِيا ڏيرَ؛
ڏِينديسِ ڏادِين ڏُونگَرِين، اُنِين لَءِ اُليرَ؛
ڪيچ پهچي ڪيرَ؟ وِجڻ سين وَسُ ڪَرِيان.

4

جَذِيءَ وَتِ جالِي، مانَ اَللهِ ڪارَڻِ لِڪ سِيئَن؛
آهي آرِيءَ ڄامَ جي، هِتِ هُتِ حوالِي؛
عَيبَ مُون اَگرا، مانَ نِرمَلُ نِڪالِي!
پَرِيَاڻِي پالِي، ڪامِلُ نِيندو ڪيچَ ڏي!

5

پَرِيَنِ جي پاڙي، جاڙَ گُذارِيمِ جيڏِيُون!
جنِين مُون کي مارِيو، سُورَنِ سين ساڙِي؛
اِرادي آڻي، سانگِيُنِ سين سَڱُ ڪَيو.

6

اَسِين پاڻَ پَرِٿَ، پورهِيَت پُنهونءَ جامَ جا؛

هوتُ ڪَتُورِيءَ هيرَئون، مُون ۾ صابُڻَ چَٽَ؛

آتَڻَ مَنجِهه اُگَهٽَ، ڪانڌُ ڪنهِين جي مَ ڪَري!

7

آئُون تان اَهڙِياءِ، جا ٻانهِيءَ ڪي ٻائِي چوان؛

مُون ڪَمِيڻِيءَ لاءِ، پُنهون ٿي پَرِٺُ ٿِيو.

8

گَڏِيو ڏوِيِنُ ڏوءِ، پُنهُونءَ پارِچو هَٿَ ۾؛

اُتي آرِيءَ جامَ جو، قاصِدُ آيُسِ ڪوءِ؛

اِيُ، ڪامِلُ! ڪَمُ نہ سَندوءِ، جِئَن پَهَسَ پَچارِئين پورِئين.

9

نَڪو ڪيچُ پَنِورُ، نَڪو مائٽُ مُندَ جو؛

هورُ مِڙوئِي هِنَ ڪي، هوتَنِ ڪونهي هورُ؛

زارِيءَ ڏاران زورُ، هَلي ڪونَ حَبِيبَ سين.

داستان پنجون

1

جئن سو هَرَڻُ هُماءُ، سَرگَردان سَنسارَ ۾؛
هِيُ پَکُ نہ کوڙي پَٽئين، هُو ڏَڙَ سِرِ ڏَري نہ ساهُ؛
جيڪُسِ تن مُلاءُ، سَسُئيءَ سُورَ پِرائيا.

2

راتِ ڏِنائين روجَهه، پانءِ کِي اوٺِي آئيا؛
پِرِيَتَّي پِرِيُنِ جي، سِڪَڻَ کِي سَبوجَهه؛
هُئي گَهٽو اَبوجَهه، سُورَنِ سُنهائِي سَسُئي.

3

سَمَرُ جنِين نہ ساڻُ، هوتُ حِماتِي تن جو؛
ڪَري چيچَ چَپَرَ ۾، پُنهون اِيندو پاڻَ؛
ٿِيندِي رِيجَهه رِهاڻِ، لَحظي مَنجِهه، لَطِيفُ چئي.

4

سَسُئيءَ لَنگِهيو سو، مَردَ جنهن ماتِ ڪَيا؛
جَبَلُ وڏو جو، نُوڻِ مِڙوئِي نِينهَن کي.

5

چَپَرُ چَمَرُ پانيان، ڪانيو ۽ ڪارو؛
پَبُ وِڄهندِيَسِ پُٺِ تي، صُبُحَ سَوارو؛
وَڃَڻَ مُون وارو، ڪينَ وِهَندِيَسِ وِچَ ۾.

6

چَپَرَ ۽ چَمَرَ، ٿا لَڳَهَ لَڳَنِ پاڻَ ۾؛
ڏاڍا ڏُونگَرَ ڪَرَڪَرا، ويڌَ، وِنگايُون وَرَ؛
آئُون پِيادِي پَنڌَين، نماڻِي نڌَ رَ؛
سُورِيُون جِتِ سَگَرَ؛ اُتِ ياتاڙِيءَ پِيلي ٿِئين!

داستان ڇهون

1

آڏَ تِراڇا، آهُڙا، ڏُونگَرَ کي ڏاڪا؛
ڪَيَمِ آهَ عَجِيبَ کي، سِڪَ مَنجهان سا ڪا؛
پيئي هِيٺِڪِي هوَتَ کي، ڪُوڪَ وَڃِي ڪَنِ ڪا؛
مُنهنجو وَسُ وِاڪا، پُڌَڻُ ڪَمُ پَروچَ جو.

2

آڏَ تِراچا، آهُڙا ، ڏُونگَرَ کي ڏاڪا؛
وَنِي وَرُ واٽَ ٿِيا، بَرِ چَڙهِي باڪا؛
ڦَتِيا پيرَ فَقِيرَ جا، چَڙهَندي چَڙهاڪا؛
هُيَنِ جِيءَ اَندَرِ جا ڪا، وِيا پُڄائي پانهِنجي.

3

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ ڪَهَ گَهَٽِي، جِتِ بَرِپَٽَ، سُڃَنِ بَيرانُ؛
ڏاهَنِ ڏاهَپَ وِسِري، ٿِيا حَرِيفَ ئِي حَيرانُ؛
سَسُئِيءَ لَنگِهيو، سَيِّدُ چئي، مُحَبَّتَ سين مَيدانُ؛
جنهنجو آرِياڻِي اِڳوانُ، تنهن ڪانهي باڪَ بَهِيرَ ۾.

4

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گَهَٽِي، جِتِ جَبَلَ گُوناگُونِ؛
ليڙَنِ جُون، لَطِيفُ چئي، تَنگَ تَنوارُون پُونِ؛
جن ڏِنو پيرُ پُنهونءَ جو، سي نه ڪي رُونِ، نه چُونِ؛
هُوندَنِ مَٿي هُونِ، لاڳاپا هِنَ لوڪَ جا.

5

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گَهِٽي، جِتِ وِيا روڏا رِنگائي؛
ساڱاپي سيٽِنَ جي، ٿِي وِندُرِ واجهائي؛
رَهيَسِ، رَسُ، لَطِيفُ چئي، تنهن ڪَميٽِيءَ ڪاهي؛
آرِياڻِي آهي، مَنهِن مَعذُورِنِ جي.

6

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گَهِٽي، جِتِ مِينهَن وَسَنِ ماڪُون؛
سُجَنِ ٿِيُون، سَيّدُ چئي، هاڙهي جُون هاڪُون؛
جِتِ اَنڌيُون اوطاقُون، تِتِ ڪاهي رَسِجِ، ڪارَڻي!

7

ماڻِڪُ مِٺُ سَندومِ، اونداهِيءَ ۾ سوجهرو؛
حَشَرَ وِيلَ حِسابَ ۾، ڇَڏي نہ وِيندومِ؛
سارِيو سَڌُ ڪَندومِ، ڪوهِيارو ڪيچ ڌَڻِي.

داستان ستون

1

پُنھونءَ سين پرِيتِ جو، ڪو جو پيچُ پيومِ؛
پَنپي هِنَ پَنپورَ ۾، وِهَڻُ وِهُ ٿِيومِ؛
مَتيُون موٽَڻَ سَندِيُون، ڪاڪِيُون! ڪِيمَ ڏِيومِ؛
سَرَتِيُون! ساهُ سَندومِ، ٿِيو حَوالي هوتَ جي.

2

ڏانجَهنِ تي ڏانجها، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي؛
لِگَيسِ نائُڪَ نِينهَن جِي، ڪُڙِه اَندَرِ ڪا جا؛
ٿَرَنِ ۾ ٿاجا، ڪَري مُنڌَ مِرُنِ سين.

3

ڪو مُنهِن ڪُنَلِ آئيو، وَسِ نہ ويچارِي؛
هوتَ! تُنهنجي هَٿَ ري، پُهُچي نہ پارِي؛
اَچِين جي، آرِي! تہ پاندَ پُڄِي، لَڪُ لَنگهِيان.

4

ڪَڏِهن تان ٻاجَهه پَئُي، ساڄَنَ! مُنجُ سَلامُ؛
سِڪَ تُنهنجِيءَ، سُپِرِين! ڪَيو تَنُ تَمامُ؛
هَٿين هاجَ وِهُ ٿِي، نيڻين نِندَ حَرامُ؛
دوسَ! نہ سَهان دامُ، تُون وِندُرِ ٿو ويلا ڪَرِين!

5

ٻَرُ مِڙوئي ٻُوءِ، ڇَپَرَ ڇاٿُون مُڪِيُون؛
ٻِهِ ٻِهِ ٿي ٻَنپورَ ۾، هَنڌَ مِڙيئي هُوءِ؛
راڻِيُن وَرِي روُءِ، گُوندَرَ لَٿا گولِئين.

6

جَتَنِ سان جانڪُون، سَرَنِيُون! مُون سَڳُ ٿِيو؛
ڪَري ڪوهِيارو وِيو، تَنُ ڇِنِي تانڪُون؛
آئُون پڻ تَڏانڪُون، اَڌَ ڏُکوئِي آهِيان.

7

مَتان ڪا، ٻَڌِي! ٻولَ ٻاروچي وِسَهي؛
هُوندَ نہ سُتيَسِ، سَرَتِيُون! ويھِي رَهِيَسِ وَڙِي؛
جَتَ پَنهنجي جُوءِ ۾، گھارِين مانُ گَھڙِي؛
ڪيچِيُنِ آئُون نہ ڪَڙِي، ڪنهن ڏُکِيءَ ڏاوَڻُ ڏائِيو.

8

اَدِيُون! آئُون نہ تِيئَن، جِيئَن پِرِيَتَڙو پِرِيُن سين؛
ٻَڌِي سُتيَسِ نہ سوگھو، چَلُوَرُ چاتِيءَ سِيئَن؛
ڪيچِي ڪاهي ڪَرَها، مُونهان وَجَنِ ڪِيئَن؟
ڏوهُ مُنهنجي ڏِينهَن، پُنهونءَ کي ڪا مَ چَئِي.

9

وَرَ! مَ وِساريج، آهِيان تُنهنجي آسِري؛
ڏاڍو ڏُونگرَ جو سُڄي، سو لُطفُون لَنگھائيج؛
اُسرِي اُتَهِين، وِيرَ! تُون، آرِي جامَ اَچيج؛
نماڻِيءَ کي نُورَ سين، لالَنَ! لَڏائيج؛
ظُلمَتَ جا زمين جي، سا نِرمَلَ! نُورُ ڪريج؛
ڪامِلَ! ڪَنِ ڪَريج، فَريادِيُون فقِيرِ جون.

وائي

چوري چَڏِ مَ چَپَرين، ٻاروچلَ! ٻانهِي؛
جانِبَ جهڙو جَڳَ ۾، ناهي ڪو ثانِي؛
پُنهَلَ! نِيو پاڻَ سان، پورِهيتِ پرَتياڻِي؛
پورِهيو ڪَندِيَس پِرَ جو، پَرِينِديَس پاڻِي؛
هوتَ! مَ ڇَڏِيو هيڪلِي، هِيءَ جا وِنڌُرَ وِڪاڻِي؛
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، اِيندُمِ آرِياڻِي.

سُر ڪوهياري

داستان پهريون

1

لَيَلَ نہ جاڳِينءَ لِڪَ سِيئَن، ڪُلّي نوَمُ ڪَياءِ!
قُمۡ ٿِي، پُهُچ قَرِيبَ ڪي، اِجۡلِسۡ تو نہ جُڳاءِ؛
مُنِي! مِهمانَن سين، ويِهي راتِ وِهاءِ؛
جيلان نِندَ ڪَياءِ، تي روزُ رَهِين ٿِي راهَ ۾.

2

اِجۡلِسۡ ڪَري اُٿِيا، تَنوا رِيو توڏَنِ؛
نوَمَ نوَازِينءَ؛ اُن جي، مَرۡحَبا موڏَنِ؛
رِڙهِي رَسُ روڏَنِ، اَلۡيَوۡمَ سِيرُوۡا، سَسُئِي.

3

غافِلِ! غَفَلَتَ چوڙِ! تُون ڪِيئَن، اَٽاسِي! اوجِهرِين؟
چُپاتا چَڙهِي ويا، وڄِي پُهُتا توڙِ؛
نيٽِين نِندَ اُڪوڙِ، جِمَ وَرَنِ ۾ واڪا ڪَرِين.

4

آلوڙو اکين، آئِر ننڊ اُپاڳ ڪي!
هاڻي هِن پَنپور مِ، گهارِيان ڪارَڻ ڪِن؟
اَديُون! اونيَڙن، هِنئين سان هاجو ڪيو.

5

سُتينءَ پير دِڳها ڪري، وَڏي جاڙ ڪَياءِ؛
دَرَ پرِ اُپئين دوست جي، تہ سُرِ پُر هُوندَ سُياءِ؛
اَصلِ آريءَ جامَ جي، سَڳي تُون نہ سِياءِ؛
پُنهُونءَ سين پياءِ؛ ٿي، نِپاڳي! ننڊُون ڪرِين!

6

اِيُ ڪمُ ڪَميڻِين، جِنئَ سُمَهَن پير دِڳها ڪري؛
لوچِين چو نہ، لَطِيفُ چئي، هارِي! لَءِ هوتِنَ؛
ننڊان نِپاڳِين ڪي، اوپالا اَچِنَ؛
سي پُنهُون ڪوه پُچَنِ؟ جي سَنجهي رَهن سُمِهي.

7

سُتِينءَ سَنجهيئِي، مُنهُن ويڙهي مُئَن جِئَن؛
اوجاڳو اکِيُن کي، ڇاتوءِ نه ڏيئِي؛
هَٿان تو پيئِي، ٿِي کَڇو کيچِيُن کَرِين!

داستان پيو

1

ڏُونگَرَ! تُون ڏاڍو، ڏاڍا! ڏاڍايُون کَرِين؛
مُون تَنَ اَندَرِ تِيئَن وَهِين، جِئَن وَڻُ وَڏي واڍو؛
اِي کَرَمَ جو کاڍو، نات پَٿَرِ کيرَ پَندَ کَري؟

2

ڏُونگَرَ! ڏُکَ سَنداءِ، پِرِين گَڏِجان نه ڇوان؛
پِنِيءَ ٿِئين پوارَئُون، پيا وِنگا وَرَ سَنداءِ؛
ڇِڳِي کانَ کَياءِ، پيرُ وِجايُءِ پِرِينءَ جو.

3

ڏُونگَرَ! ڏوراپو، پَهريون چوندِيَس پِرينءَ کي:
”پَهَڻَ پيرَ پِٺُون ڪَيا، تِرُيون چِنيُون تو؛
رَحمُ نه پِيُءِ رُوحَ ۾، قَدُرُ مُنهِنجو ڪو؛
واڪو ڪَندِيَس: ’وو! مُون سان جَبَلُ تو جاڙُون ڪَري!‘“

4

ڏُونگَرَ! ڏُکوئِن کي، دِلاسا ڏِجَن؛
کَهڻو پُڇجي تَن کي، جن وَٺان هوتَ وَڃَن؛
تُون ڪِئَن سَندا تَنِ، پَهَڻَ پيرَ ڏُکوئِين؟

5

ڏُونگَرَ! ڏُکوئِن کي، ڳَلِ نه سُڪا ڳوڙها؛
هُو جي پَهَڻَ پَبَ جا، سي پَڇِجي ٿِيا پورا؛
گُوندَرَ جا گهوڙا، وَڃَنِ جانِ جُدا ڪَيو!

6

ڪي جي ڪَڍِيا پارَ، ڏُکِيءَ ڏُونگَرَ پاڻَ ۾؛
سُٽِي سا تَنوارَ، مِرُون پِيا مامري.

7

ڏُونگَرَ پُونِينِ ڪِيرَ، سَجَڻَ ميخُون ڏُونگَرين؛
هَھڙا سيڻَ سُڏِيرَ، ڪِينَ لَهَندِينءَ ڪي پِيا.

8

ٻَئي وينا رُوَنِ، ڏُکِي ڏُونگَرَ پاڻَ ۾؛
ڪنهنکي ڪِينَ چَوَنِ، مَنجهَنِ جو پِرِيتَڻُو.

9

تَپي ڪَندين ڪوهُ؟ ڏُونگَرَ! ڏُکوِيُنِ کي؛
تُون جي پَهَڻَ پَٻَ جا، تہ لِڳَ مُنهنجا لوهُ؛
ڪَنهنجو ڪونهي ڏوهُ، اَمُرَ مُون سين اِئن ڪَيو.

10

ٻَڙِيَ! تہ پيلِي گهَٽا، ساٿِي پُڇي سُڪُ؛
رَفاقَتَ رُجُنِ ۾، ڏُونگَرَ ڪاري ڏُکَ؛
آرِيءَ جو اَهُڪُ، مُون رَهَنُما راه ڏِيو.

داستان ٽيون

1

مُون کي ڇڏِ مَ ڇَپَرِينِ، هِت، هوتَاڻِي! هانِڻ؛
اوڏِي مُنڌَ اُنَنِ کي، اَللهَ ڪارَڻِ آڻِ؛
پورهيو ڪَندِسِ پانِڻ، اَڳِيان آرِيچَنِ جي.

2

مُون کي ڇڏِ مَ ڇَپَرِين، پوءِ رَهايَسِ ’پانِڻ‘؛
جي پُلاٽُون پانِڻ، تن کي رَسُ، رَسِيلا، راهَ ۾.

3

سُتي پَوَنِ ڇِرِڪَ، آيِلِ! بارُوچَنِ جا؛
وَمَ وِهائِي، وو! ڙي! ڪوهِياري ڪِرِڪَ؛
ڏَڙُ ڏُوڏِيو تنهن ڏَڪَ، جَڏِيءَ جئڻ نه ٿِئي!

4

سُتي پَوَنِ ڇِرِڪَ، آيِلِ! بارَوچَنِ جا؛
پُنهونءَ جي پَيڪانَ جُون، راسِيُون مَنجهان رُڪَ؛
هَنيَمِ هوتَ ڪِرِڪَ، لوچان، لوهُ نه نِڪري.

5

جيهِي جي تيهِي، ته به ٻانهِي ٻاروچَنِ جي؛
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مُون ڪَمِيٽِي ڪيهِي؟
اَصُلِ آرِيءَ جامَ جي، پَليءَ آءُ پيئِي؛
هُوءَ جا پائِنِ پيرَ ۾، تنهن جُتِي نه جيهِي؛
وِساري ويهِي، تن ڪيچِيُنِ کي ڪِيئَن رَهان؟

6

هُئِي، جي نه هُئِي؛ ته به ٻانهِي ٻاروچَنِ جي؛
اِنَ سَگَ مُقابِلِ سَسُئِي، سَندِيَنِ ٿي سُئِي؛
هُنِ تان لَجَ لُئِي، هِنَ جو هَلَڻَ هوتَ ڏي.

داستان چوٿون

1

ڳَالهي نه وائِي؛ اَدِيُون! آرِيچَنِ جي؛
ڪنهن پَرِ ڪَهِي لَنگِهيان، جَبَلَ جهاجهائِي؛
جيڪسِ واجهائِي، هاڻي مَرَندِيَسِ هوتَ لَءِ؟

2

هَلَڻُ سَهان نہ هوتَ جو، وَڄَڻُ مُون نہ وَسِ؛
اَللهُ! آرِيچَن جِي، گولِي ميڙئين گسِ؛
پرِين، پَنهوار! تو پُڇان، ڏُونگرِيا! مُون ڏَسِ؛
اکِيَن جِي آرَسِ، مُنڌَ جيهائي جوڙ ڪِي.

3

مُون ڪي جنِين مارِيو، آن ڪي گَڏِيا سي؟
تَنَ ۾ طاقَتَ ناهِ ڪا، اَدا! اُنِين ري؛
سُورُ سَلِڻُم تي، جيلان ڳالهِ ٻُرِي ٿِئي.

4

مُون ڪي جنِين مارِيو، سُڃاڻِ سيئي؛
پُنهون پَيڪانَ پَچَندِيا، ٻِلَنِ تان پيئي؛
ويڄَنِئُون ويئي، ٿِي وَهِيڻِي سَڄَڻين.

5

پَرْتوو پُنهونءَ جو، سَهائي، سِياهُ؛
مُنهُن ڏيئي مُون آئيو، رَنگارَنگِي راهُ؛
پَهرِين ڏِيندا پاهُ، پوءِ رَڱِيندا رَڱَ ۾.

6

پَرْتَوو پُنهونءَ جو، رُڱِيائي راحَتَ؛
پانئيان ڏِينهُن پوا رئون، ساڄَنَ لاءِ صِحَتَ؛
مِنئي مُصِيبَتَ، آهي آرِي جامَ جي.

داستان پنجون

1

رِءَ قَرِيبَن قُوتُ ڪَيو، ونِئِي وِرهُ چَرانِ؛
اِنَ عَذابان اَکِين، مادَرِ! چو نہ مَرانِ؟
اَدِيُون! جو نہ اَوهان، سو مان سُر سَرَتِيُون!

2

اَدِيُون! اَکِھي آهِيان، پِرِيُن پُڄاڻا؛
سي ڪوهيارا ڪيڻ وِيا، ساڄَنَ سِياڻا؟
جي سَسُئَي سيباڻا، سي وڃي ڪيچ قرارِيا.

3

حَقيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَرِيان ذَرِي؛
لَڳِي ماتِ مِرُوئَنِ کي، ڏُونگَرَ پَوَنِ ڏَرِي؛
وَڃَنِ وَڻَ ٻَرِي، اوپِرَ اُپِري ڪَيِنَ ڪَي.

4

حَقيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَرِيان زبانَ؛
لَڳِي ماتِ مِرُوئَنِ کي، رسي سُورُ شَبانَ؛
تاڪَرِ تِڪي ڪانَ، جَبَلُ سَڀِ جَلِي وَڃي.

5

سارِيان ٿِي سَبِيلَ، پُرِ تَقصِيرُون پاڻَ ڏِي؛
مَتان مُون کي ڇَڏِئِين، آرِي جامَ اَصِيلَ!
وَرُ وِلهِنِ جا وَسِيلَ! رَسُ، رَهبَرَا! راهَ ۾.

6

سرَتيون سُوراتِن جي، ڪوهُ ٿيون پَٽَ پوَنِ؟
ڳهاءُ نہ لَڳُنِ ڳهَٽَ جو، رِيا مان ٿِيُون رُوَنِ؛
چيتارِيو نہ چوَنِ، پارَ مُنهِجي پِرينءَ تان.

داستان ڇهون

1

ڪنهِن پَر رُئان پِرينءَ ڪي؟ اَندَرِ ناهِ اُساٽَ؛
لوهُوڪا لَڪَنِ ۾، ويرِي مَٿي واٽَ؛
ڇَپَر ۾ ڇُونچاٽَ، ڏِنَمِ ڏُکوُنِ جا.

2

ڪنهِن پَر رُئان پرينءَ ڪي؟ پَچَرَ ناهِ پَچارَ؛
اَندَرِ ٿِي آهُون ڪَرِيان، ڪاڙهِي مَنجهه خُمارَ؛
گِريي جي گُفتارَ، ٻِيءَ پَتِ ٻارُوچَنِ ۾.

3

سُجَ وَسَندِي تن کي، جوشَ جَلايا جي؛
طالِبَ جي تحَقيقَ جا، نِينهُن تنين وَٽِ ني؛
تيڏِي پَسي تي، هُو تان آهي هيڪڙو.

4

پِيُون ڏيئي بَنِ کي، هَلِج پاسي هيڪَ؛
وَرُ نہ سَهي ويڪَ، تُون، تيڏِي! تِئايُون ڪَرِين.

5

اَجا تُون اَواٿَ، وانٺان پاسي ويسرِي؛
سُونهين ٿِي سُواٿَ، نہ مَنجهان دِلِ دَڳُ لهِين.

6

پانهِين، پسِي پَبُ؛ مَتان ڪاهِ مُندَ ! ڏِئين؛
اڳيان ڪَؤُ مَ ڪَبُ، اِيُ قالِي آڏو ڪيچ کي.

سُر حُسيني

داستان پهريون

1

لَڙُ مَ، لاڙائُو ٿِيو، هَلِي ڪَرِ هِمَٿَ؛
سِجُ سامُهون مُنهَن ۾، مَتان ڪَرِئِين ڪَٿَ؛
سُپيرِيان جي سَٿ، ڳاڙهي سِجَ ڳالهِ مِڙِين.

2

اُلَهي سِجَ اَوِيرَ ڪِي، ڏِنائِين ڏونگَرُ؛
سَسُئِيءَ کي سَيِّدُ چئِي، سُورَن جو سَمَرُ؛
ڪُنَلِ رَکيو، ڪَرُ، ويچاريءَ وَڻِڪارَ تي.

3

ويٺي مُون وِيو، لَڙِي سِجُ لَڪَنِ تان؛
آئُون ڏُورِيندي ڪيترو، پَهڻَ پيرُ پيو؟
سُورَنِ سانڍِ سِهو، اَچي ٿِيُمِ، جيڏِيُون!

4

سَرَتِيُون! سُڄي سُڄَ، مَتان ڪا مُون سين هَلي؛
پاڻي ناهِ، پَنڌُ گھڻو، اڳيان رائو رُڳي رُڄَ؛
مَتان مَرِي اُڄَ، ڪا ڏِئي پارا تو پِرِينءَ کي.

5

پَنِيءَ نہ پيرون، اوڏيءَ چڪ نہ چَميا؛
پويون هِيُ پيرون، نِينهن نِباهي هَليا.

6

سُيءِ ڪا تنوارَ، ڪِي هُنئِين تِي هَٿ ڪَٽِين؛
سوين رُليُون سَسُئيون، هوتاڻِن هزارَ؛
پاروچاڻا پارَ، توڙان تَرسُ نہ سِگھيا.

داستان پيو

1

ڪِي ڏَرَتِيَ، ماءِ! ڪِي جَرَ سَندي سَجَڻين؛
هَلي ۽ واجهاءِ، پِنين جيرَنِ وچَ ۾.

2

مَٿيان مَٿي مَڃ، ٻَرِيُمِ ٻاروچَنِ جو؛
مُون کي طَعنا تي ڏِئين، جئَن نہ پَرُوڙِئين سَچُ؛
اَمڙِ! اوري اَچُ، تہ سِٽَ سُڻائينءِ سُورَ جِي.

3

مَٿي مَنجهانِ مِينهُن، پَسو! پاڻيءَ جئَن وَهي؛
مُون پانيو نينهُن، ڄِپيُون جيري سَندِيُون.

4

منجهان مُنهنجي رُوحَ، جي وَجي ساجَنُ وِسِرِي؛
تہ مَرُ لَڳي لُوهَ، ٿَرَ ٻاپيهو ٿِي مَران!

5

پِهي ڪامَ پچاءِ: اَمڙِ! مُنهنجي آسِري؛
ڏِنئي لَتَ چَرخي کي، پُوڻِيُون پاڻيءَ پاءِ؛
ڪَتِيُمِ جنهِين لاءِ، سو ڪوهِيارو ڪيچ وِيو.

6

ڪوءِ هاڙهو! ٻَنِ هوتُ! ڪوءِ پُنهون، ٻَنِ پِرِيَتَڻو!

مادَر! مُون مَوتُ، پَسَڻان پرائيو.

7

ڪوءِ ٻولِي! ٻَنِ ٻَروچُ! گهورِي ذاتِ جَتَنِ جِي!

مُون ڪِي چَئَي ”لوچُ“، پيهِي وِيا چَپرِين.

8

جِئَن جِئَن تَپِي ڏِينهُن، تِئَن تِئَن تاڻي پَندَ ۾؛

ڪو آڳانجهو نِينهُن، ٻانپَڻِ ٻاروچَنِ سين.

9

جان جِئَين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ري؛

تَتِيءَ ٿَڌِيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي.

10

تَتِيءَ ٿَڌِيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي؛

مَتان ٿِئي اُونداهه، پيرُ نه لَهين پِرينءَ جو.

وائي

شاديءَ جو سِينگارُ، آيلِ! مَرَڪُ مُنهِجو مُون پرِين.

آهي گَهُه ڳِچِيءَ جو، ڏِئي هالورا هارُ؛

آهي اُگهاڙِين کي؛ جانِبَ جو جنسارُ؛

آهِئين ڪاجُ ٻُڪِنِ جو، تُون تان طَعامُ تيارُ؛

اَعليٰ اَچو عِيدَ ۾، دوسِتاڻو دِيدارُ؛

حُسْنَ هوتَ پُنهونءَ جي، ڪَڪورِيو ڪوهِيارُ؛

سُجَ ڪَيائِين سُرَهِي، واسِيائِين وَڻڪارُ؛

چَپَرَ چاڻُون مُڪيُون، عَطُرُ ثِيو آوارُ؛

ڪوڙِين ثِيا ڪيترا، نالي تان نِثارُ؛

سَدا صلابَتَ جِي، گولِي گرِفتارُ؛

گهورِيان گهَرُ گهِٽيءَ تان، اَچي جِئان آذارُ؛

اَدِيُون! عَبْدُاللَطِيفُ چئِي، مِليو مُون مَنٺارُ.

داستان ٽيون

1

ڪوڳُھمندي گھورُ، آئُرِ ٻاروچَنِ جو؛

چَڍِيندِيَسِ ڀَنڀورُ، هِنئُون هِتِ نہ وِندُري.

2

ڀَنڀورَجَنِ سُکَنِ، مُون کي ساٿان کارِيو؛

هاٺي سانڍُ ڏُکَنِ، تان ڪِي ڏُونگرَ ڏورِيان.

3

ڀينرُ! ڀَنڀوران، ڀَڄو تان اُٻَھو؛

اَڳِي اِنَ ماڳان، سَرَتِيُنِ سُورَ پِرائِيا.

4

ڀينرُ! هِنَ ڀَنڀورَ مِ، دوزَخَ جو دُونھون؛

سَوارو سُونھون، پُڇِي پورِج، سَسُئِي!

5

ڀَنڀوران اُجاڙُ، سَرَتِيُون! سَکَرُ پانئِيان؛

مُون سين تنھن پَھاڙُ، ڏُکان هَڏِ نہ ڏوريو.

6

اُجاڙان ڀَنڀورُ، سَرَتِيُون! سَڳَرُ پائنِئَان؛
آرِيانِي اَتورُ، ڏِنمِ جِتِ اکِيِن سان.

7

ڀُلِيو سَڀُ ڀَنڀورُ، جو ڀُنِيءَ هوتَ نہ هَليو؛
شَهرَ سُڃاتو ڪِينَ ڪِي، آرِيانِي اَتورُ؛
ماڻِيو تِنِين مورُ، ديکِيو جنِين دِل سين.

8

بُرو هو ڀَنڀورُ، جو آرِيانِيءَ اُجارِيو؛
لاٿو سَڀَ لوڪَ تان، هاڙهي ڏِٺِيءَ هورُ؛
چورِيُون چُرَڻُ سِکِيُون، پُنهون ڪَيائُون پورُ؛
آيو سو اَتورُ، جنهن ڏُکِيُون ڏِکَ وِهارِيُون.

داستان چوٿون

1

لَڄايا مُونهان، ساجُهرِ تي سيڻ وِيا؛
پِيَنِ پَنوران، سُڌِ مُنهنجي ذاتِ جي.

2

آئُون جي هُيَسِ هَڏُ، اَدِيُون! آرِيچَنِ جو؛
ساٿَ لَڏِيندي سَڏُ، هُوندَ ڪوهِيارا ڪَرِينِ مُون.

3

هُيَسِ جي سِياءِ، ته ڪَيُمِ ڏُک ڏيرَنِ تي؛
اَدَبَ وچان اُنِ سين، ڳالهِ نه ڪَيَمِ ڪاءِ؛
ذات مُنهنجِي، ماءِ! ڪَچو ٿِي ڪيچِيُنِ کي.

4

ساٿِي توءِ هَلَنِ، پَٿَرِ جي وارَ ڪَرِيانِ؛
جيڪُسِ ٻاروچَنِ، ڪوڏِ نو عَيبُ اَکِنِ سين.

5

ساڻُن سَئِين نہ جاڳِين، پوءِ ڪُجھاڙِيان روءِ ؟

اِيَ پَرِ ڪُپَرِ هوءِ، جئُن هُو سانگِي، تُون سُمَهِين.

6

مُون سَڏِيندي سَڏ ڙا، ساٿِي سَڏُ نہ ڏِين؛

وِلهِيءَ جي وَٿاڻَ تي، توڏَ نہ تنوارِين؛

هيڏا هاجا ٿِين، بُري هَنَ پَنِيورَ ۾!

7

ڪَهان، تان ڪيچان پري! وِهان، تان وَٽِ مُون!

پُلي ڏورِيمِ پُون، عَبَثُ آرِيءَ جامَ ڪي.

8

ڪَهان نہ ڪيچان پَري! سُمهان تان سِرَ هيٺ!

پاروچي سين ڏيٺِ، جيڏِيُون! جيهِيءَ پَرِ ٿي.

وائي

هوتَ! هوتَ! اي هوتا! ڏِينديس ماه مِرُنِ کي؛

آئُون جَرا جِيُّ ڪري.

ڏيئي باهِ ڀنڀورَ کي، آئُون آيَس تو ڳري؛

آرياڻِي پُنهونءَ ري، مُون کي، سَرِتيُون! تان نه سَري؛

جَندِي پايو جانِ ۾، ڏُکِي ڏُکَ ڏَري؛

آءُ اوراهُون، سَپرِين! وَڃُ مَ، پِيَّ! پري؛

مُون ڏِني، مُون وِسَهو، وِرچي تان نه وري؛

ڏُکِيءَ جي ڏِيکارِئين، ڏا ران مُنهَن مَري؛

پيالي پِرِيُن جي، موهِيَس ميٺ ڪَري؛

آرِيءَ جي عِشقَ جي، مُون کي اَندَرِ آڳِ ٻَري؛

توکي توءِ نه ڇڏِيان، جي وَجان پُونءِ تري؛

ڏَڙُ وِجهنديَس ڏُوڙ ۾، مَٿو ڏارَ ڏَري؛

هَلَڻُ سُٽِي هوتَ جو، ڏُکِي، پَسُ ڏَري؛

پِرِين! ڪَڍِج پانهِنجيُون، اِکِيُون ٻاجَهه ڀَري؛

اَدِيُون! عَبۡدُاللطِيفُ چئي، مَنَ ڪا مَهرَ ڪَري.

داستان پنجون

1

ليڙَنِ لَنگهِ لَسَ، مانباڻِيان مَٿي وِيا؛
وَ نِي وَرُ واٽَ ٿيا، پُنهون جامُ پَهَسَ؛
هُئا وَڏِي وَسَ، ٻاروچا ڀَنڀورَ ۾.

2

چِپُون چَپَرَ ڪَڻَيِ، پَهَڻَ پَٿَراِٽِيُون پائُيان؛
جتي رَهان راتِڙِي، مِرُون مُنهنجا مِٿَ؛
سيڻَنِ جِيءَ سَهَٽَ، ڏُونگَرُ ڏوِلِي مُون ٿِيو.

3

مُسافِرَنئُون، ماءِ! وِرِه وِهائِمِ وِتَرو؛
اَچِي ٿِيَمِ اوچِتِي، تن سانگِيُنِ سين ساچاءِ؛
جِيجان! جَهلَ مَ پاءِ، هِنئُون هوتَ هَٽِي وِيا!

4

ڪِيئَن اَڙايُءِ پاندُ، پلؤ پَرَڏيهِيُن سين؟
مَتيُون مُوڙهِيُءِ، سَسُئي! ڪَيُءِ ڪوهِيارو ڪانڌُ؛
رُلي! پانئُيءِ راندِ، ٻانپڙِ! عِشق ٻَروچَ جو!

5

مُنهنجو پاڙِيچَن، ڪَچو ڪونہ ڏِڪيو؛
پاسي چَڙهِي پُنهونءَ جي، ذاتِ سَلِتي جَنِ؛
تيلان ٻاروچَن، نِڌَر چڏي نند م.

6

حُسينِيءَ جي هاڪ، مادَرِ! مارِي آهِيان؛
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُکَ سين، راتِيان چِڪَنِ چاڪَ؛
ڏِجان پَرَ فِراقَ، مَتان پوئَمِ پرينءَ سين.

7

جيڪِي فِراقان، سو وِصالان نہ ٿِئي؛
اَچِي اوطاقان، مُون کي پِرِيُن پَري ڪَيو.

8

ڦِري آءُ، فِراقَ! مُونکي وِصالان وِڃُ پِيو؛
جي ٿي چِڪِيَمِ، سي پِرِينءَ گڏجي پُورِيا.

وائي

پُنهون پَريشانُ، بَرِ! بِرِ! نڪو خانُ نہ مانُ؛
هيءِ! هيءِ! حالُ مُنهنجو.
مُونکي ٻُکَ ٻوتَنِ جيءِ، ناقي پانئيان نانُ؛
شَهرُ صَحرا پانئيان، مُون ليکي مَيدانُ؛
رُئان ٿي رُجُنِ ۾، آرِيءَ لءِ عُرِيانُ؛
پِٽيان مُنهُن پَسَڻَ لءِ، هِتي ٿي حَيرانُ؛
آهي آرِيءَ جامَ جو، مُون کي ڪارِي ڪانُ؛
ديوانِيءَ کي دِلِ ۾، سُورَن جو سامانُ؛
وِڄِهج پِڪَ پينارِ تي، پِرِيَمِ! ڪائي پانُ؛
ڪَڏهِن ٿِيندو ڪيچَ ۾، مُنِيءَ جو مَڪانُ؟
آهِيَن، عَبدُاللَطِيفُ کي، اڳيان تُون اڳوانُ.

داستان ڇهون

1

آيا آسَ ٿِيامِ، ٻاروچا ڀَنڀورَ مَ؛

ڀَسِي ڀَهَرَ ڀُنهونءَ جِي، ننَهَن سِيئَن نيڻَ ٺَرِيامِ؛

گُوندَرَ وِسِريامِ، سُڪَنِ شاخُون مُڪِيُون.

2

ڏيکارِيُسِ ڏُکَنِ، گُوندَرَ ڳُسُ پرِيُنِ جوءِ؛

سُونهائي سُورَنِ، ڪِي هيڪاندِي هوتَ سين.

3

سَؤ سُڪَنِ ساٿي ڏِيان، سِرُ پڻ ڏِيان سَٿِ؛

جي مُون مِڙِيي مَٿِ، تہ وِرِهُ وِهايان هيڪڙِو.

4

سُورَنِ سانگهارو، ڪَڏهِن تان ڪونَ ڪَيو؛

آيَلِ! اوپارو، ٻاڙوڏو ٻوڙَ وَهي.

5

لڱُمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو، ڪَرَها ٿِيا قَضاڪَ!

اَهُڪِي جا اُنَنِ ڪي، سا مَيَنِ پوءِ مَ ماڪَ!

اَڪَڙِينِ خوراڪَ، پَسَڻُ پَرَڏيهِيُنِ جو.

6

ڏُکوِيُون ڏيهان، جيڪُسِ لَڏي وِيئُون؛

هاڻي ڪِنِ مُلان، پُڇان پِرِيُن خَبَرُون؟

7

مُٺِ مُٺِ سُورَنِ سپڪنهِين، مُون وٺِ وَٿاڻِنِ؛

پَرِيُون ڪَيو پُٽانِ، وَيا وِهائُو نِڪري.

8

پيڙِي پيڙِي ٻَنڌُ، سُورائِيِي! سَندِ رو؛

ڪيچَ اَڱاهُون پَنڌُ، مَتان لَڪَنِ سين لِڱي مَرِين!

9

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونهَن، گهورِيا سُکَ ڏُکَنِ ري!

جنِين جِيءَ وِرُونهَن، سَجَڻُ آيو مان ڳِري.

داستان ستون

1

پُڇَنِ سي پَسَنِ، جڏهن پِرينءَ کي؛
ڏورِينديُون ڏِسَنِ، اگَڙَ عَجيبَنِ جا.

2

پُڇيو ئي، تان پُورِ؛ نات پُڇَڻُ هوءِ مَ پِرينءَ کي؛
ڏورَڻَ وارِيُون ڏُورِ، هَڏِ نه آهِينِ هوتَ کي.

3

ڏورِيان، ڏورِيان، مَ لَهان! شالَ مَ مِلان هوتَ!
مَنَ اَندَرِ جا لوچَ، مَڇُڻِ مِلَڻَ سان مانِي ٿِئي.

4

آئون ڏورِينءَ، شالَ م لَهَنءَ! پِرينَ! هُئِين پَري!
هَڏِ نه ساهَ سَري، تَنَ تَسَلِّي نه ٿِئي!

5

چَڏِيمِ حُجَّ هَلَڻَ جِي، چَکِيمِ چاڙهِيڪا؛
اَدِيُون! آڙِيڪا، هِنئڙي پِيَمِ هوتَ سِين.

6

جيڪا ڪَندي سَنگُ، مُون جنَن ٻاروچَنِ سين؛
اَنگُنِ چاڙهي اَنگُ، رُئندِي سا رَت ڦُڙا.

داستان اٺون

1

آتَڻُ اورانگهي وِيا، آئون ٿي مَران، ماءِ!
پِڻُون ٿِيندِيَس پِيرَ تي، 'هَيءِ! هَيءِ!' ڪَري هاءِ!
جِنَڻُ مُون نہ جڳاءِ، پِرِيُن تان پاسو ڪَيو.

2

جاڙِي جي جاتومِ، تہ پوندو فلَقِ فِراقَ جو؛
اڪَرُ اِرادَتَ جو، ڏُريائين ڏوتومِ؛
پوءِ تان ڪونَ ڪَيومِ، هُوندَ ڪَشالو ڪيچَ ڏي.

3

ڏُکائيندِي ڏُونهَڙا، مُندَ! سيڻانِي وَڃُ؛
پِرِياڻُونِ مَ پَڄُ، ساڻُ چڙهَندو لَڪِين.

4

چِــڄ مَ قَطاران، ساٿُ چَڙهَندو لَڪِـين؛
مَڇُڻِ ٿِئين پُٺان، وَڳَ واٽَ ئِي نہ لَهِين.

5

پُڇِيوئِي جان دوستُ، تان پاسي ڪر پَرِهيزَ ڪَيِ؛
جِنِين ڏِٺو هوتُ، تن دِينَ سَپِيئِي دُورِ ڪيا.

وائي

مُون کي ڇَپَرِ مَ ڇَڏِيجا، ٻاروچا! پَلَيءَ لَڳِي آهِيان.
چورِي چِنِي آهِيان، نِينهُن نِباهي نيجا؛
چورِي ڇَڏي ڇَپَرِين، ڪيچِي! ڪِيمَ وَڃِيجا؛
پُنهون مُنهنجو آن سين، ساٿُ سلامَتَ نيجا.
مون تان وَڙُ وِڃائيو، اَئِين پنهنجو وَڙُ ڪَرِيجا؛
جوڳِيڪو ويسُ ڪَري، سِڱهِڙِي سارَ لَهِيجا؛
آرِياڻِي! عَبدُاللَطِيفُ چئي، مُون تي وَهِلو وَرُ ڪَرِيجا.

داستان نائون

1

ڪاتِيءَ تان نہ ڪَنھِين، مَنُ وِجُھلَڻَ وَڍِيو؛
ماريَسِ سُورَ تَنھِين، جو نہ جِئاري، جيڏِيُون!

2

جِيءُ مُنھنجو جَنِ، اَنگڙِيارو وَڍِيو؛
ٻُجاڻا پِرِيَنِ، سِبان، سَچو نہ ٿِئي!

3

رَوءِ وِسانئي راندِ، پَہ پُرُوڙِج ساٿَ جا؛
هوتَنِ سين هيڪاندِ، هُيَمِ ٻاتي ڏِينھَڙا.

4

رُئَڻُ ۽ راڙو، مُون نماڻِيءَ جي نِجُھري؛
ڪُنَلِ ڪي قَلبَ ۾، قُربَ جو ڪاڙهو؛
هوتَنِ لَءِ هاڙهو، رِجائِيندِيَسِ رَتَ سين.

5

روئِي ڪَندِينءَ ڪوهُ؟ هاڻي ڪو هوتُ وَري؟

جيڏِيُون! جيڏوئِي ڪَيو، ساٿُس سيڻَ سِتوهُ؛

ڏوهِي اَثيان! ڏوهُ، مَتان ڪا مُون سين ڪَري!

6

ڪاڻِيءَ مَ ڪانيو، مُنِيءَ مَنگرُ مَ ڏِيو؛

هيڪَڙَ اُجهايو، ڏيئي ٻُرَ لُهارَ جِنءَ.

7

تُون جي ڪالهَ مئِي، تہ ڪالهَ ئِي گَڏِينءَ پِرِينءَ کي؛

ڪَڏهن ڪانَ سُئِي، تہ ڪا سَکِهي گَڏِي سَجَڻين.

8

اَڳِي پوءِ مَران، مَرُ مَران مارَڳَ ۾!

مَٿي پوءِ پِرِيان، خُونُ مُنهنجو جيڏِيُون.

9

مَرُ، مَٿا ڏيئِي، پُنهونءَ ڪارَڻِ پَٻَ ۾؛

تہ سَرَتِيون سپيئِي، واڪاڻِينئِي وِنِيُون.

داستان ڏھون

1

واڪِيو واڪِيو وِڪ، پاٻوھِيو پيرُ ڪٽي؛
سي نہ چَڙھندِيون ڏِڪَ، موڙي پيرُ مَرَن جي.

2

وِجُھ وَڏَندِي وِڪَ، مَچُڻِ لِڪ لَڪائيِن؛
ڏُکُ تِنين کي ڏِکَ، حُبُّ جنِين کي ھوتَ جو.

3

واڪو هَذِ مَ لاهِ، سَڏَنِ مٿي سَڏَ ڙا؛
مانَ تُنهنجِي ڪاءِ، سَگَرِ سارَ ٿِئي!

4

سُورَنِ سانديِياسِ، پُورَنِ پالِي آھِيان؛
سُکَنِ جي، سَيَّدُ چئي، پُکي نہ پِيياس؛
جيڪسِ آئُون ھُياسِ، گُرِي گُونڊَرَ وَلِ جي.

5

ڪِينهي طالِبَ تاتِ جا، نہ تہ آهي تاتِ تِيارُ؛
ڏورِيان پيو ڏُڪارُ، گهورِندَ ڙَڪَٽي وِيا.

6

ڪنهن جنهن نِينهَن نَنڌاهُ، جي مُون واجهائِيندي نہ وَرو؛
جيڪِي مُئي ڪنداهُ، سو جانبَ! ڪَرِيو جِئَري.

7

مَتان ٿِئين مَلُورُ، ڪينَ اڳاهون آهِيان؛
ڏِسَڻَ ۾ ڪَرَ ڏُورُ، حَدَ پِنِين جي هيڪِڙي.

داستان ٻارهون.

1

جِنُ اُتِنِ آرِيءَ جامَ، اُنَ تان اوڻِيُن نہ ڪَيو؛
ٻڙڪِي ٻاهَرِ نِڪِتي، گاڏرِ مَنجهان گامَ؛
ساهُ ڏِنائِين سامَ، سُتي سَڳَرَ پِٿِين.

2

لَڪِيُون! آن لَڳا، ڪي پلَءَ پانڌِيڙَن جا؟

توهان گَهٽيرو، ماءِ! رُوندا اُوءِ رَتُ وِيا.

3

ڏوٿِيُن چيُسِ ”ڏُورِ، ڪيچُ اَڳاهُون پَنڌُ ٿِيو“؛

پاٽا چَڙهِي پُورِ، وِکَ وِڌائِين وِتَرِي.

4

سَسُئِيءَ جِي سِرِيءَ سان، ڪيچَ ڏِٺي ڪانڌِي؛

پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرِينءَ جِي، مُنڌَ هُئِي ماندِي؛

لَڪَنِ تان لَطِيفُ چئِي، آرِياڻِيءَ آندِي؛

پُنهونءَ پيراندِي، نَماڻِيءَ نَصِيب ٿِي.

5

هَيءِ ٿو وِجي هوتُ، آئُون ڪِ اَڳيرِي ٿِيان؛

مَتان چوءِ بَلوچُ، ”ڪَمِيڻِيءَ مان ڪِينَ ٿِيو“.

6

ڪَميڻِيُن هَٿان، ٿِين مُورائِين مَدِيُون؛

تُون ڪَر پاڻَ وَڙان، موٽُ سَباجها سُپِرِين!

7

نَڪِي ٿِيان سَڱ ۾، نَڪِي سڱِيڻِي؛

آهِيان ڪَميڻِي، ذاتِ ٻَروچِيءَ نه جُڙان.

8

ڪيچِ ۾ خَبَرَ هوءِ، هِنَ مُنهنجِي ذاتِ جي!

مَتان پُنهونءَ پوءِ، لَڄَ مُنهنجِي لوءَ ۾!

داستان ٻارهون

1

ڏِنان جي ٻَروچُ، مُون جنءَ هوتُ اکِين سين؛

مُون کي چَيان ”لوچ“، پاڻا پيئِيُون چَپَرِين.

2

’ووءِ! ووءِ!‘ ڪَندي وَتُ، مَڇُڻ ’ووءِ!‘ وِسارِئين!

پاڻِي هار مَ پَدِ رو، روءُ مَنجهان ئي رَتُ؛

صَبُرُ وڏو سَتُ، سِگھا ميڙي سُپرِين.

3

ماتِ مارينديءَ پِرينءَ جي، مَڇُڻ، رُئين رَت!

چوري! چڏِ مَ سَتُ، هِمَتَ هوتُ وِجائيو.

4

جَرَ جِري جن سين، مُئي پڻ سين تَن؛

جي هِتِ نه هوتُ پَسَن، سي ڪَنهن پَرِ ڪيچ پَسَنديُون؟

5

اَوجهڙ وَتان آنءُ، پِيُون سَپ سَبگرِ ساٿَ جي؛

جا نِينهَن ڳَنهَندي نانءُ، سا مُون جِئَن پَوندِي مامِري.

6

ٻَڌو ڪَنهن ٻَندارِڻ، هِنئڙو هوتاڻِيءَ سين؛

ڪا جا پِيِسَن ڪاڻِ، نِيرِيانسِ، نه نِبري!

7

ڏُونگرُ ڏَنا نُوڻِ، مُون پارِڪُو پُڇِيا:
هيڪلِيُون هَلَنِ جي، سي تاڪُنِ سَندِي تُوڻِ:
اِي اَهُڪِي پُوڻِ، سُونهَن رِءَ نہ سُٽِڙِي.

8

لَڪِين لوڙائُون، سَهَسين آهِنَ سُڄَ ۾:
بَرَ ۾ بورائُون، ڪَڙُ پيادِي! پاڻَ سين.

9

نِينهَن مَ نالو ڳِنُّ، پِرِيَتِّي پيرَ پيا:
سُورَن ساڻُ مَ چِنُّ، وِرهُ وِهائِجِ وِترو.

10

سَجَڻُ ڏِنو جَنِّ، تن ڳِچِي ۾ سِرِ ٻَهُ ڪَيو:
پِيُون ڪوهُ ٻُجَهنِّ، قَدُرُ ڪِيمِيا اِنَ جو؟

11

هارِي! هِنئُون مَ لوڙِ، سُڪَنِ پوَندِينءَ، سَسُئِي!
ڪوهِيارو تو ڪوڙِ، اَچِي ڪَرَہ قَطارِيو.

12

حُسِيني حُسينَ لَءِ، ٻِيءَ پاڻَ چَئي؛

تهان پوءِ ٿَئي، خَبَرَ ٻِي خلقَ کي.

سُرُ لِيلا چنيسر

داستان پهريون

1

داغ تُنهِنجو دائما، ماري مَعذُورين؛
سائينءَ ڪارَڻِ سُپرين! وَجِ مَ ڏُورين؛
آءٌ تو حُضُورين، مَٽيو وِجهان مَچَ ۾.

2

مَٽيو وِجهان مَچَ ۾، هائيءَ هِٽي هارُ؛
سوپِي! سُڪُ سيَّدُ چئي، ڪَرِئين ڪوهُ قَرارُ؟
راجا رِيساڙو گهڻو، سَنّاڙو سردارُ؛
چوڏِس چَنيسَرَ چامَ جو، ڏيهان ڏيہِ ڌهڪارُ؛
ناڪُرُ اڪِين نارُ، مَٽئي تي ٿِي مَنّيِن!

3

چَنيسَرُ چؤرَنگُ، بِرَنگو لوڪُ پِيو؛
تنهن سين چِنيو سَنگُ، وَجِيو هارَ هَٿُ چُهين!

4

مَٽئي تي موھِجي، مُوڙھِي ڪَيُءِ مَرَڪُ؛
چِئِي چنيسَرَ جامَ سين، وِڏو تو فرَقُ؛
وَرِي ويو وَرَقُ، آيُءِ ڏَنءُ ڏُھاڳَ جو.

5

مَٽِئي مَٽي جي ھُئا، تِن چِٽَن ڦيرِيُمِ چِٽُ؛
ھارُ ڪَتَندِيَس ھوڏَ مِ، نِيبَھُ ٿيندُمِ نِٽُ؛
ڪِؤنرُوءَ جو ڪِرِٽُ، مُونھان مَٿاھُون ٿيو.

6

مَٽِيو ناهِ مِٽيُون، جو تُون پَسِي ھارُ ھِرڪِئِين؛
اَصُلِ آھي اَڳِهِين، سَندِيُون ڪُوڙَ ڪَٽِيُون؛
اِنَ گھوڙَنِ ھَنئِي گھَٽِيُون، دوسَنِئان دُورِ ڪَيُون.

7

تو جو پانيو ھارُ، سو سُورَنِ جو سَگُرو؛
چنيسَرُ چِٽُ ڪٽي، ٿِيو پورِھِيَتِ جو پارُ؛
اَوَٽَ جو آچارُ، ڪانڌ ڪَنھِين سين مَ ڪَري.

8

نہ ڪِي هو ٻانهَڙِيُن ۾، نہ ڪِي ڳِرِ هُئومِ؛
نہ مُون، سِينڌِ نہ سُرمو، نہ سِينگارُ ڪَيومِ؛
تيلانه ڪانڌُ سَندومِ، رُکو ئي رَءِ ڳِڙِي.

9

سونا ڪُرَّ ڪَنَنِ ۾، ڳِچِيءَ ڳاڙها هارَ؛
ٻانهُوٽا ٻانهُنِ ۾، سِينڌِ سَٽِيا وارَ؛
تيلانهَ پِيَّ پَچارَ، ڪانڌَ مُنهِنجي چَڏِئي.

10

اُو ڏِمرِيو ڏِسُ! حِيلو هُنهَنِين هارَ جو؛
سُٺو سَڀ سَرَتِيُون! وَرُ نہ ڪَنهِين وَسِ؛
دَعَوىٰ ڀِهرِئِين دَسِ، پَچِيو ٿو پورا ڪَري.

11

پُوچا ڏِنَمِ پِيرَ، ڏِڪَڙَ مٿي ڍولَ جا؛
مون پانيو تَنهِن وِيرَ، ڪوجِهي ڪَندو پَرِيئَڙِي.

12

سَوَڙِيِن سُتَڙِياءِ، پَکو سَھُو وِلا رِيو؛
چَنيسَرَ ڪانڌاءِ! تان مُون هِئَن نہ پانئيو!

داستان پيو

1

ٽِڙڪِي پَسِي ٿوڪُ، ٽِرڪِي تَڪَبُّرَ ۾ پئي؛
اَچيو اَچِيو، ”اَڳِلي!“، چَئي لِيلا کي لوڪُ؛
اندَرُ اوپالَن سين، ساڙي ڪَيائُونس سوڪُ؛
بالاپَڻَ جو ٻوڪُ، وِيو ويچاريءَ وِسرِي.

2

هُئِنءَ نہ گَھڻو هُوشِيارُ، ڪَلَ بہ هُيَيءَ ڪانڌَ جِي؟
تو پانيو موچارِي ٿيان، ڳِچيءَ پائي هارُ!
ڪانڌَ ڪُوڙيءَ جو نہ وَٽي، سَئِن پَتِين سِينگارُ؛
وَهَمَ لَهي وِينجهارُ، ڏِليُون پَرڪي داسَڙو.

3

وڏيري هُياسِ، ميڙو مُون گهرِ سَرَتيين؛
هَٿ ڇُهَڻ هارَ جي، ڪَڙيي ڪانڌَ ٿِياسِ؛
دولي ڏِيلياسِ، آئُرِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

4

وَڏيرِي هُياسِ، ڇَنيسَرَ جي راڄَ ۾؛
ڌُهلِين دَمامين، نَفرِين، ٿي پَلپَل پُڇياسِ؛
دولي ڏِيلياسِ، ٿِيَس ڏُهاڳِڻِ ڏيهَ ۾.

5

وَڏيرِي هُياسِ، ڇَنيسَرَ جي راڄَ ۾؛
دائين، ٻائين، دَرِبانَنِ، پَرِ ۾ ٿي پُڇياسِ؛
ڌُهلين دَمامين، نَفرِين، ٿي وِڄَ ۾ وهارِياسِ؛
هُيَسِ دادُلي دوسَنِ جي، ڪَٽي هَلڪيِ هارَ ڪَياسِ؛
تِنهان پوءِ ٿِياسِ، ڪانيارِي ڪانڌَ جي.

6

هُيَسِ هِندورَنِ ۾، پيِيَمِ ڪانَہ پَرُوڙَ؛
مِٽئي سَندي مامِري، ڪوجهي وِڏَيسِ ڪُوڙَ؛
سامُهان ٿِيَمِ سُورَ، وِيو وِلُئي وَلَهو!

7

لِيلا! جِمَ لَڪائِين، چَئِي چَنيسَرَ ساڻُ؛
وَرَ سين وِڙهيو اُٿئِين، مُوڙهِي! مُٺـِءِ پاڻُ؛
پوري! ڪَيُءِ پاڻُ، تي آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

8

لِيلا! پُورِي نہ پَئِين، چَئِي چَنيسَرَ ساڻُ؛
تو جو پانيو پانهِنجو، سو رِيساڻو راجاڻُ؛
پاٽان ڏا رَ پرياڻُ، ڪانڌَ ڪَنهنجو نہ وَٽي.

9

چَئِي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلا! تُون مَ لَڪاءِ؛
دوسُ تُنهِنجو داسڙو، ڪاندِ وَڏيائي ڪاءِ؛
نہ ڍولو ڍَڪَ سَندِياءِ، عَيبَن کي آڏو پَئي.

10

چَڱي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلا! تُون مَ لڪاءِ؛
اِيُ ڪانڌُ ڪَنهِجو نه ٿِئي، نه ڪا مُون نه تُون؛
رُئندِيُون ڏِٺيون مُون، اِنَ دَرَ مَٿي دادلِيُون.

11

لِيلا! حِيلا ڇَڏِ، جي تُون سوڀِي! سِڪِئين؛
پائي پاندُ ڳِچيءَ ۾، پارُ غَرِيبيءَ گَڏِ؛
هَڏِ نه چَوَندُءِ لَڏِ، جي ڪارُون آٽِئَين ڪانڌَ ڪي.

داستان ٽيون

1

چَنيسَرَ سين چاڳُ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪَري؛
جان مُون پوءِ پَرُوڙِيو، ته هِيُ نه ماڻي ماڳُ؛
ڏَمِريو ڏُهاڳُ، سِگهو ڏِئي سُهاڳِڻِين.

2

چَنيسَرَ سين چاءُ، مَتان ڪا مُندَ ڪَري؛
ڪاندَ ڪَنهِين جو نه وَٽي، گِيرَبُ ۾ گاءُ؛
جي ٿِڙي ٿورَ ڙِياءُ، ته دوسَ دَسائي داسَڙو.

3

سَپِيئِي سُهاڳِڻِيُون، سَپِني مُنهَن جَڙاءُ؛
سَپَ ڪَنهِين پانيو پاڻَ کي، ته اِيندو مُون ڳِر راءُ؛
پينو تَنِ دَراءُ، جي پَسي پاڻُ لَجائُيُون.

4

اَوَڳُڻَ ڪَري اَپارَ، تو دَرِ آيَسِ داسَڙا!
جِنَ تو رُسَڻَ سنديون رُوحَ ۾، تَنِ مون پيڙِي ناهِ پَنارَ!
سائِينءَ لِڪِ، سَتارَ! ميٺِ مَدايُون مُنهِنجِيُون.

5

جي مُون مُوڙهِي مَتِّ، ته تُون پاڻُ سُجاڻِ سُپِرِين!
اصِلِ اَوائِنِ جا، عَيبَ ڍَڪِئين تُون اَتِّ؛
اِيَ، پِرَ! تُنهنجي پَتِّ، جِئَن وِلهِيُون ڍَڪِئين وَلَها!

6

ڪوڙين تُنهنجُون ڪامِڻيُون، تون ڪوڙِيَن سَندو ڪانڌُ؛
مُون ڪي چَڏِ مَ داسَڙا! تہ وَڃان نہ وِڙواندُ؛
مون ڳِچيءَ ۾ پاندُ؛ تو ۾ چنيسَرَ! هَٿ ۾.

سُرُ مومل راڻو

داستان پهريون

1

ڪالَهہ گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو بيڪاري؛
سامِيءَ سيلو سِرَ تي، مالا موچارِي؛
ڏيئِي ڏيڪارِي، ڦَٿي دِل فَقِيرُ وِيو.

2

ڪالَهہ گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، جَهڙو ماهُ مُنِيرُ؛
فَيضُ، فِراقُ فَقِيرُ، جوڳِي جاڳائي وِيو.

3

ڪالَهہ گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، پَهَرَ سِجَ کان پوءِ؛
پَسو سُونهَن سامِيءَ جي، رَتَ وَرنو روءِ؛
جو مُنهِن مُومَلَ جي پوءِ، موٽُ تَنهِن مَسَ ٿِئي.

4

ڪالهہ گڏيوسُون ڪاپڙي، بابُو بان بَرِي؛
سائي سالَ ڪُلهَن ۾، سامِي سون سَرِي؛
خَبَرَ ڏي ڪِري، ڪا مُومَلَ جي مَجازَ جي.

5

بيڪارِيءَ ڪي بَرَ ۾، وِيو ڪَيفُ چڙهِي؛
ڳالِهيُون ڪَندي ڪاڪِ جُون، ڳوڙها پِيَس ڳڙي؛
ڪا جا اَنگَ اَڙِي، جِئَن چُنا ڦَٽَ چُڙِي پيا.

6

سِجُّ سُپاٽي جا ڪَري، سامِيءَ سائِي رُوءِ؛
اَچي ٿِي عَطُرَ جي، مَنجهان مُڳَٽ بُوءِ؛
سا ڏيڪارِيهُون جُوءِ، جِئان لاهُوتِي لَعلُ ٿيو.

7

جوڳِيءَ تي جَڙاءُ، نِسوروئي نِينهَن جو؛
پَتَنگَ جِئَن پيدا ٿِيو، سامِي سِجَّ وَڙاءُ؛
آيو ڪاڪِ تَڙاءُ، ڪُنوارِنِ ڪَڪورِيو.

داستان پيو

1

آءُ لانگوٽيا لالَ! ڪَنهِن پَرِ ڏِنيُءِ گُجَرِيُون؛
آبُ اَرتو اکِين، لُڙڪَ وَهائِين لال؛
ڏِنَءِ جي جَمالَ، سامِي! ڪُهُ نہ سَلائِين؟

2

گُجَرِ ڪي گَجميلَ جُون، تارَن ۾ تَبَرُون؛
هٽي حاڪِمِيَنَ ڪي، زورَ پَرِيُون زَبَرُون؛
ڪاڪِ ڪَنڌِيءَ قَبُرُون، پسو پَرَڏيهِنُ جُون.

3

گُجَرِ گارو ڙِيُن، اَچيو اَڏِي اُپِيي؛
مَثان پيئي تِن، بِدا بارڻ هَٽَن جي.

4

مُومَلَ ماري مِيرَ، آهيڙِنُ ڪي آڪَري؛
سودِيءَ گهٽا سَڪائيا، پَڙهيا پَٽَٽ پيرَ؛
هَٽِي تِنِ ڪي تِيرَ، مَٽِيو جن مَٿِ ۾.

5

جوڳيءَ جاڳائي، ماري وِڌو مامِري؛
لنؤ لُڌُوڻي ڪَنڌِين، اَميو آهي؛
وَيو جي ڪاهي، تہ نِڪُون پَسو نينهَن جُون.

6

هَلو، هَلو! ڪاڪِ تَڙين، جتي نِينهَن اُچَل؛
نہ ڪا جَهلَ نہ پَلَ، سَپُڪو پَسي پرِينءَ کي.

7

هَلو، هَلو! ڪاڪِ تَڙين، جتي گهَڙجي نِينهُن؛
نہ ڪا راتِ نہ ڏِينهُن، سپڪو پَسي پرِينءَ کي.

8

هَلو، هَلو! ڪاڪِ تَڙين، چَرُو جتِ چڙهَنِ؛
ڪوڙين رَنگ رَچَنِ، پانوڙيءَ پَڪَ سين.

9

آ ڪُون، ڏاڪُون، سِرَڪَنڌَ شاخُون، جِتِ چَوڪا چَندَنَ ڪَؤنرَ؛
مَيي سيئُي ماڻِيا، جِتِ نه پِرَنِ پؤنرَ؛
ڪُنوا رِيُون ۽ ڪَؤنرَ، ڪاهِ ته پَسُون ڪاڪِ جا.

10

چَڙهِيا چارَئِي يارَ، سُوڏا شِڪارِي؛
فِڪِرَ ساڻُ ڦِٽِي ڪِي، سوڍي سوپارِي؛
وِيا ڪاهِيندا ڪاڪِ ڏي، جِتِ مُومَلِ موچارِي؛
موٽِيا نه مارِي، ڪَؤنرَ لَتاڙي ڪاڪِ جا.

داستان ٽيون

1

جَهِڙا گُلَ گُلابَ جا، تَهِڙا مَٿِ وِسَ؛
چوٽا تيلَ چَنبيلِيا، هاها! هُو! هَميشَ؛
پَسيو سُونهَن سَيَّدُ چئي، نِينهَن اچَنِ نيشَ؛
لالَنَ جي لِبيسَ، آتِڻ اکَرُ نه اُجَهي.

2

جَھِڙا پانَ پَنَّ، تَھِڙيون سالُون مَٿِن سائيون؛
عَطُرَ ۽ عَبِيرَ سين، تازا ڪَيائُون تَنَّ؛
مَڙھيا گھڻو مُشڪَ سين، چوٽا ساڻُ چَندَنَّ؛
سُنھَن رُپي سونَ سين، سَندا ڪامَڻِ ڪَنَّ؛
ڪَيائِين لال لَطِيفُ چئي، وڏا ويسَ وَرَنَّ؛
مَنجھ مرڪيَسِ مَنَّ: ”سودي سين سَڳُ ٿِيو.“

3

سونَ وَرِنيُون سوڊِيُون، رُپي راندِيُون ڪَنِّ؛
اَگَرَ اوطاقُنِ ۾، ڪَٿُوريون ڪُٽَنِّ؛
اوتِيائُون عَبِيرَ جام، مٿي طاق تڙَنِّ؛
ٻاڻِ ٻيلون ٻَڌِيون، پَسِيو سُونھَن سَڙَنِّ؛
ٿِيا لاھُوتي لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لَءِ پرِيَنِّ؛
اِجھي ٿا اچَنِّ، ڪاڪِ ڪَڪوريا ڪاپَڙِي.

4

ڳُجَرِ ڳھٽا ڳھائيا، پاٽا لُڳَسِ ڳھاءُ؛
ميندَ ري مُلاءُ، لڳِسِ ڪانُ ڪَپارَ ۾.

5

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو سَپِن سُونھَن؛
لاٿائَين لَطِيفُ چئي، مٺان دِلِين ڏُونهَن؛
ڪانهي ٻِي وِرُونهَن، ٿيو مڙوئي ميندِ رو.

6

ڪاڪِ نہ جَهِليا ڪاپَڙي، موھِيا نہ مَحلَنِّ؛
ٻاڻِن ۽ ٻانهِيُن جي، ٻَنڌَڻِ ڪِينَ ٻَجَهنِّ؛
لڪين لاهُوتِينِ، اَهِڙِيُون اوريان چَڏِيُون.

7

ڪاڪِ نہ جَهِليا ڪاپَڙي، موهِيا ڪَنهِن نہ مالَ؛
سوڍِيُون سِجهائي وِيا، هَهڙا جَنِين حالَ؛
جي چورِيُن ڏِنا چالَ، تَپ لاهُوتي لَنگهي وِيا.

داستان چوٿون

1

شَمَعَ ٻاريندي شَبَّ، پِرهَ ٻاڪُون ڪَڍِيُون؛
موٽُ، مَران ٿِي مينڌِرا! راڻا! ڪارڻِ رَبَّ؛
تُنهنجِيءَ تاتِ طَلَبَّ، ڪانگَ اُڏائِمِ ڪاڪِ جا.

2

اُڀِي اُڀارِيامِ، نَکَٽَ سَڀِ نَئِي وِيا؛
هِڪُ مَيو، ٻيو مينڌِرو، سَڄِي راتِ سارِيامِ؛
ڳوڙها ڳَلِ ڳاڙِيامِ، سُورَجَ شاخُون ڪَڍِيُون.

3

ڪَتِنِ ڪَرَ موڙِيا، ٽيڙُو اُڀا ٽيئِي؛
راڻو راتِ نه آئيو، ويلَ ٽَري ويئِي؛
ڪوءِ سا ڪاڻِي راتڙِي! پِرِيُن ري پيئِي؛
مُون کي ڏَنءُ ڏيئِي، وڃِي ڏولو ڏِٺَ قَرارِيو.

4

راڻو ڪا راتِ ويو، ڳُجِهي ڳالهہ ڪَري؛

سودِي رِءَ، سَرتيُون! هَڏ نہ ساهَ سَري؛

وَجِي، مانَ وَري! آسائِتي آهِيان.

5

سودِي سُتي لوءِ، ڪا جا مون سين ڳالھ ڪَئي؛

سا جي پَڌَرِ پوءِ، تہ سَرِتيُون ڪانہ سُمِهي.

6

راڻا! تُنهِنجي راهَ تي، ڏيهاڙِي ڏيکان؛

راڻي جِيءَ رِهاڻِ جُون، رُوحَ اندَرِ ريکان؛

مُحَبَتَ جُون ميکان، تو سين، لالَ! لَپيٽيُون.

7

آءُ، راڻا راحَتَ! ڏاجَ ڏَرِتيءَ جا ڏِٺي!

سِڪَن ٿِيُون سُهاڳِٽيُون، سودِا تُنهِنجي سَٿَ؛

مون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامِلَ ڏِٺي ڪاڪِ جا!

داستان پنجون

1

سَڱُ ڪري سين سِينهَنِ، ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏَهِين؛
رَمِج راڙي پُٽِ ۾، نِرتُون مَنجهان نِينهَن؛
اِنءَ مَ وَسج عامَ تي، جِئَن مُومَلَ! وَسَنِ مِينهَن؛
سندي حَشَرَ ڏِينهَن، سوديو سارِيندِينءَ گهٽو.

2

جا پُون پيرين مُون، سا پُون مٿي سَجڻِين؛
ڏِگَ لِنبا ڏُوڙِ ۾، اُپي ڏِنا سُون؛
ڏِينهَن مَڙيئي ڏُون، اُتي لوچ لَطِيفُ چئي.

3

راڻو پانيو رانڊِ، ڪِئَن وِڙُ رائِيين؟
وَرُ وِڏُوڙو اِيهَين، جِئَن پَرُ پُڇِتوءِ پانڊِ؛
هَيءِ! پِڪِيءِ هيڪاندِ، سوديو سارِيندِينءَ گهٽو.

4

ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻ وِيا، جلي مُنهنجي جانِ؛
رَکي ڪامَ ڪِٽِڪيو، مارِيَس تنهِن گُمانَ؛
هَڏِ نه جِيان هاڻ! سِگهو موٽِج سُپرِين!

5

ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻ وِيا، بَرِيا رَنگ رَتولَ؛
تو پُڄاڻا سُپرِين! هِنئَڙي اَچَنِ هولَ؛
جي مون سين ڪَيَءِ قولَ، سي سِگها پارِج، سُپرِين!

6

حال قُربانُ، مالُ قُربانُ، گهورِيان لُڏاڻوءِ؛
فِدا ٿيءَ فقيرِ جو، شَلَ رُسي مَ راڻو!
مُيَنِ سين ماڻُو، مُناسِبُ نه، ميندِرا!

داستان ڇهون

1

نه وارِثُ نه وَلهو، نه سَڱُ، نه سِياڪو؛
تو پُڄاڻا، سُپرِين! آئِم اولاڪو؛
پانڌِيا! پاراپو، ڏِجانءِ ڍاٽِيءَ ڍول کي.

2

ڪَرَهو ڪَمِيٽِيءَ تي، سودا! وارِ، سُڄاڻَ!
ڪُهُ ڪَرِيان ڪاڪِ کي؟ تَنَ توهِين ڏي تاڻَ؛
لاهي غيرَ گُمانُ، اڱِڻِ آءُ اُڪنڊِيين.

3

اڱِڻِ آءُ اُڪَنڊِيين، پرچِي پِيارا!
پَلَڪَ پَراهُون نه سَهَنءِ، جِيءَ جا جِيارا!
نِينهان نيزارا، سَچِ، نه مانَ سُورُ لهي.

4

پَسُ توشَڪُون، تَڪِيا، سيئُي وِهاڻا؛
پَسِيو هَنڌَ، پَڇي هِنئُون، جي حَبِيبَنِ هاڻا؛
هِڪُ ڏُنگا ڏاڏاڻا، پِيو موٽِيو تان نہ مينڌِ رو.

5

سوڍا! سُورَ سُڪائِيُون، اَکِيُون آبُ نہ ڪَنِّ؛
راڻي جِيءَ رِهاڻِ کي، وِرُوڻِيُون وَجَنِّ؛
سي ڪِئَن، مينڌِ را! مَچَنِّ؟ جي تو سُورِيءَ چاڙِهيُون.

6

مُون گهرِ اَچِي جي ٿِئي، مينڌِ رو مِهماڻُ؛
آڻي جهوڪِيان آگِ ۾، جيري وِجهان چاڻُ؛
تاڻي تَنُورَنِ ۾، پيري هَٿان پاڻُ؛
پيڪَنِ سُوڏو پاڻُ، گهرُ نَڙُ گهورِيان پرَ تان.

7

ڪوڙَ ڦناٽُون ڪاڪِ ۾، راڻا ويهُ رَهِي؛
ماڙهُو جي مَحلاتِ جا، سوڍا ڪَچِ سَهِي؛
وِيندِيءَ ڳالِهه وَهِي، وِڪَرِ پَوَندين وَلها.

داستان ستون

1

ڏَتِ مَ وَڃِج ڏولَ! ڪاڙِياري ڪاڪِ ڪَري؛
آءٌ اَڳهين آهيان، ٻَڌِي تُنهِنجي ٻولَ؛
توکي ساري، سُپِرِين! رُنُمِ مَنجِهه رَتولَ؛
ٿِڪاڻا ۽ ٿولَ، وِسَهُ مُون وِهُ ٿِيا.

2

سوڍي سِرُ نِيو، هِتِ ڪَرَنگهرُ سَڪُڻو؛
راڻي جي رِهاڻِ کي، سِڪي ساهُ پِيو؛
پَسان ڪِينَ پِيو، تو رِءِ اَکِڙِيُن سين.

3

راڻي رِڻُ ڪَيو، جيڏِيُون! مُنهِجي جِيءَ سين؛

مَنُ مينڌِ ري وَڍِيو، ڏُٻِي ڏَڙُ پِيو؛

ٻُجهان، ٻَهَرِ وِيو، هِنئون هَنڌِ نه هيڪِڙي.

4

رُئان ٿي، راڻا! هَنڌَ نِهاريو حُجِرا؛

پيئِي ڪِهَ ڪَڻُن تي، ٿِيا پَلَنگَ پُراڻا؛

ڏَرِيائِي ڏُوڙا ٿِيا، وَرَ رِءَ وِهاڻا؛

جايُون، گُلَ، جَباتَ، وَڻَ، تو رِءَ ڪُوماڻا؛

مينڌِرا! ماڻا، تو رِءَ ڪَندِيَسِ ڪِنِ سين.

5

جِئَن ايندي ئِي موٽِئين، مينڌِرا! وَڏِي جاڙَ ڪِياءِ؛

وَرُ نه هُئِين؟ وَلَها! هُوندَ جِٿي مون جاڳاءِ؛

نه سُتي جي ساجاءِ، سوڍا! سِگهيائي ٿِيَءِ.

6

جڳ جِئَن تي چوءِ، سوڍو تِئَن نہ سِڪيو؛
راڻو تِئَن نہ رُوءِ، ڳوڙهو جِئَن ڳَلِ ڳَڙي.

7

تِن باغَنِئُون بَسِّ، جي ڪَنڌِيءَ ڪاڪِ ڪَڪوريا؛
سوڍي رِءَ سَرِتِيُون! ڪاڪِ نہ اچي ڪَسِّ؛
راڻي پائي رَسِّ، تَنُ پيرِيءَ جِئَن تاڻِيو.

داستان انون

1

ڪِينَ ساڳاهِيُمِ، سُپِرين! جاڙُون ڪَيُمِ جالَ؛
سوڍا! مون کي ڪالَ، موٽي مُنهَن مِ آئُيون.

2

خاموشِي خَبَرَ جي، مُومَلِ ٿي مَتِّ؛
صَبرُ ڏِيو سُپَتِّ، مُنهِنجي حَقِّ، مينڌِ را!

3

ڏولي ڏَڪِي آهِيان، هُيَسِ اُڳھاڙِي؛
ڏيئي لِڪَ لاڙِي، ڪَڪَرُ ڪَيائينمِ ڪاڪِ جو.

4

سوڍا ! صَبرُ تُنهنجو، مَرَڪُ لَڄائِنّ؛
ڇُپ سين جي ڇوَنِّ، اَدَبُ ڪجي اُنِ جو.

5

سوڍا ! صَبرُ تُنهنجو، سيڪاري سَهَسَ؛
پُڄِي ٿِئان پَهَسَ، مون کي نَصِيبَ نيئي جهليو.

6

سوڍا ! صَبرُ تُنهنجو، بي عَقُلَ آڻي بازِ؛
سندي صَبُرَ سازِ، توبَهَ ڪارِيمِ تَڪِڙي.

7

جنين سندي مُنهَن ۾، نِهائِيُون نَڪَنّ؛
تِئان وَڍِيو هيڪِڙو، تہ ڪَهڙو ٿورو تَنِّ؟
سي مَرُ سُڃا ئِي سُونهَنِّ، جن پِلِي پينگَ پِرَمَ جي.

داستان نائون

1

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آديسِي آيو؛
چوڏِهينءَ ماهَ چَندَ جئَن، ڪَيو سامِيءَ سَهائو؛
لَٿو اُونداهو، جوڳِيءَ سَندِيءَ جوتِ سان.

2

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آيو آديسِي؛
ڪَٿُورِيءَ خوشبُوءِ سين، ولاتَ سَڀ واسي؛
سُوڌو سَناسِي، اُتانهِين ٿي آيو.

3

نئَون نِياپو آيو، راڻي مُلان راتِ؛
لَذِيسُون لَطِيفُ چئي، ڪَنان ڏاترَ ذاتِ؛
ڪَهڙِي پُڇين ذاتِ؟ جي آيا، سي اَگهِيا.

4

ڪيڏانهُن ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چَوَڏِس چِٽاڻو؛
مَنجِهين ڪاڪِ ڪَڪوريِ، مَنجِهين لُڏاڻو؛
راڻو ۽ راڻو، رِءَ راڻي پيو ناهِ ڪو.

5

ڪيڏانهن ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چِٽاڻو چؤڏا رَ؛
مَنجِهين ڪاڪِ ڪَڪوريِ، مَنجِهين باغ بَهارَ؛
ڪانهي بي تَنوارَ، ٿِيو مِڙوئي مينڌِرو.

سُرُ مارُئي

داستان پهريون

1

’اَلَسَتُ بِرَبِّڪُمۡ‘، جَڏهِن ڪَنِ پيومِ؛

’قَالُوا بَليٰ‘ قَلبَ سِين، تَڏهِن تِتّ چَيومِ؛

تَنهِين وير ڪَيومِ، وَچَنُ ويڙهيچَن سِين.

2

جَڏهِن ’ڪُن فَيَڪُونُ‘، مَنُ تَڏهانڪُون مارُئِن؛

تُون ڪِئَن وِڃهِين تن ڪي، سُومِرا! شَڪُون؟

هَمِيرَن هَڪُون، جاڙَ جُسي کي پاتِيُون!

3

نَڪا ’ڪُنْ فَيَڪُونْ‘ هُئي، نَڪا مُورَتَ ماهَ؛
نَڪا سُدِ ثَوابَ جِي، نَڪو غَرضُ گُناهَ؛
هيڪائي هيڪ هُئي، وَحْدانِيّتَ واهَ؛
لَکِيائِين لَطِيفُ چئي، اُتِ ڳُجهاندَرَ ڳاهَ؛
اِڪِيُن ۾ اَرْواحَ، اِها ساڃاءِ، سُپِرِين!

4

’قَيدُ الْماءِ‘ ڏيومِ، هِتِ اَڙانگي ڳھارِيان؛
’هِناڪَ جِسْمِيَ وَالْفُؤادُ لَدَيْڪُمْ‘، هِنئُون هُتّ سَندومِ؛
قادِرُ ڪَندومِ، ميڙاڪو سِين مارُئِين!

5

جهِڙو ’قَيدُ الْماءِ‘، تهِڙو بَندُ نہ ڪو پيو؛
’جَفَّ الْقَلَمُ بِمَا هُوَ ڪائِنٌ‘، لَهي نہ تِرُ تِنَاءِ؛
عُمَرَ! تو هَٿاءِ، اَجائي ٿِئي آجِڙين!

6

رِءَ اِعرابِيُنِ ھِتِّ، گَھنگھَرُ گھارَڻُ مون ٿِيو:
'بَڪتِ الْعَيْنَانِ فِيِ ھَوَاڪَ دَماً'، پُڄان ساڻُ پِرِتّ،
مَنُ، اَکِيُونِ، تَنُ تِتّ، جِتي جَنَبُ جيڏِيين.

7

ھي ھَندَ، پِيِڻُون ھاڻِ، ساڙِيان سپ ڏِيھُين ري:
'ڪُلُّ شَيءٍ يَرجعُ اِلىٰ اَصلِهٖ'، ٿي جِھجان جھانگِيُنِ ڪاڻِ:
پِرِي پَنھنجي پاڻِ، پَسان مُلڪُ مَليرَ جو!

داستان ٻيو

1

نَڪو ايرُ نہ پيرُ، نَڪو اوٺي آيو:
مون وَٽِ آيو ڪونَ ڪو، پائران پَري پيرَ:

ڪِتابَتُون ڪيرُ، آڻي ڏِيندُمِ اُنِ جُون؟

2

اوڻي! ٻُوڙي آڻين، ڪو هُتي جو هِت هيرَ؛
تہ ڪِنا جي ڪوٽَنِ جا، ٿِيَنِ سَرها سيرَ؛
آءُ تہ اکِيين اُگهان، جي پائُرِ ڏِنءَ پيرَ؛
اللهَ لَڳِ لَطِيفُ چئي، لاءِ مَ تون اَويرَ؛
ڪونِيين گهاري ڪير؟ مَحَلين مُنجهي مُون هِنئُون!

3

جي اَمُرُ هَنيو اَڏَ ڪري، سي ڪاغَذَ لِکان ڪِيئَن؟
واڪِيُون جي وِصالَ سين، تِنين چاڙهي چِيهَن؛
رُئان راتون ڏِينهَن، جِئَن اُن جي وائِيءَ ۾ وَرَ گهٽا.

4

ٿَرَ ٿَرَ اَندَرِ ٿاڪ، عُمَرَ! ماروئَڙَنِ جا؛
لاٿائون لَطِيفُ چئي، مَٿان لوئِيءَ لاڪَ؛

عُمَرَ! ڪَرِيو آڪَ، پَهِريو ٿي پَنَ چَران.

5

سَهَسين سيبا ڪَنجِري، لوئِي لِيڙَ ٿِيامِ؛
اَباڻَنِ جي آسِري، ڪَتِي ڪانَ ڪيامِ؛
جا ڏَٺَ ڏِڪيامِ، تَنهنجو پِرَوَرَ! پَنَ رَهائِين.

6

سَهَسين سيبا ڪَنجُرِي، لوئِي لِيڙُون لِيڙَ؛
واسي وارَ نہ ويڙِهيان، مَرُ چَڳُون رَهَنِ چيڙَ؛
مارُوءَ جي مُهاڙِ رِءَ، اَندَرِ ناهِ اُڪِيرَ؛
هَهِڙو حالُ هَميرَ، وَني شالَ ويڙِهِ وَجان!

7

سِبي، سيبا ڏي، پورِي نِينهُن نہ ڪَچوئِي؛
ڪَتِيءَ وَتِيُون ڪَتِيُون، سَتِي سِيٽي سِي؛
مَڇُڻِ چَوَنِ ڪي، تہ لڄائُيءِ ٿَرَ جائِيُون!

داستان ٿيون

1

پَٽولا پَنوَهارِيُون، مُورِ نہ مَٿي ڪَنِّ؛
جهُ لاڪَ رَتائُون لوئِيُون، تہ سالُنِئان سُونهَنِّ؛
اُنَّ ايلاچَنِئُون اَگِرِي، بَخمَلَ بافتَنِّ؛
سَڪَرَ پانئِيان سُومِرا! ڪَٽِي ڪان ڪُنهَنِّ؛
جا ڏِنيَمِ ڏاڏاڻَنِّ، سا لاهِيندي لَجَ مَران.

2

آرَمَ هَذِ مَ اوڍِيان، پَٽولا، پَٽَ چِيرَ؛
پاندُوڻا پَنِ ڍِيان، اَرغَجَ ۽ عَبِيرَ؛
مارُوءَ سين شَلَ ماڻِيان، ڪَٽِيُون جهَڙيُون ڪِيرَ!
اَندَرِ اُجَ اُڪِيرَ، مُون کي پِرِينءَ پَنوَهارَ جي.

3

سونَ بَرابَرِ سَڱِڙا، مارُوءَ سَندا مُون؛
پَٽولا پَنوَهارِ کي عُمَرَ! آڇِ مَ تُون؛
وَرُ لوئي جي لُون، ڏاڏاڻَنِ ڏِنيامِ جا.

4

سونَ برابِرِ سڱِڙا، لُون لُون بَرابَرِ لَکُّ؛
رُڳو جنهن رَدِّ ڪَيو، ڪوڙ تَنهِن کي ڪَکُّ؛
مُون مارُوءَ جو مَکُّ، تيلُ نہ لائيان تُنهنجو.

5

تيلُ نہ لائيان تُنهنجو، مُون مارُوءَ جو مَنِّ؛
ڪَرِيان بِي نہ ڪَنِّ، آهَرَ اُنهَنِ آهِيان.

6

ڪَرائِنِ ڪَڙورِ جا، چُوڙا ڪُوڙا جَنِّ؛
سو مَرَڪُ مارُوئَڙَنِّ، جِئان لوڪَ لَڄَ ٿِئي.

7

ڪارا ڪَرائِنِ مِ، سونُ اسان کي سُوءَ؛

وَرُ جيڏِنِ سِين جُوءِ، فاقو فَرحَتَ پانئيان.

8

اِيَّ نه مارُنِ رِيتِ، جئَن سيڻَ مَٽائِن سونَ تي؛
اِچي عُمرَڪوٽ ۾، ڪندِيَس ڪانَ ڪُرِيتِ؛
پَکَنِ جي پرِيتِ، ماڙيءَ سين نه مَٽيان.

9

وَرُ سي وَطَنَ جائيون، صحرا سَنڙُ جنِّ؛
ڳولاڙا ۽ ڳُگرِيُون، اَوچَڻَ اَباڻَنِّ؛
ويڙهيا ڳُهمَنِ وَلِيِنِ، جهانگِي مَنجِهه جَهنگَنِّ؛
مُون کي مارُوئڙَنِّ، سُجَّ ڳِڻائي سيجَ ۾!

10

پَلُرُ پيڻُ اَوچَڻُ اُنَّ، جن جا پيرَ مَٿي پَٽَ پاڪَ؛
وِهڻُ وَراڪَنِ ۾، اُنِ جي اجوکِي اوطاق؛

پاڻُ نہ پَسَنِ پاڻَ کي، ويچارا بي باڪَ؛
عُمَرَ! اُوءِ نہ عاق، ڏِکيا جمَ ڏُکوئِين.

11

جاءِ عُمَرَ! تو مُلِ عِيدَ، سا سان سُوءَ ورتي سُومِرا!
ويئي ويچارَنِ وِسرِي، خوشِي ءِ خَرِيدَ؛
سِڪَڻَ ڪِيا شهِيدَ، مارُو جي مَليرَ جا.

داستان چوٿون

1

ميندا ڏوءِ مَ مارُئِي، پيِيَسِ پَنوَهاريون چِتِ؛
راڄَ رُئاري، هَنجُون هاري، هِيءَ هُنيجي هِتِ؛
آهِسِ پائُرُ پارَ جو، کِجَڻُ ءِ کَپَتِ؛
وينگسِ ويڙِيچَن رِءَ، مَسَ سُٽِي ڪا مَتِ؛

سُومِرا! سُپَتِ، ڪَرِ تہ ڪوٺيان نِڪَري.

2

محلين ماندِي مارُئي، ڏِنيَمِ مُنهَن مَلُورَ؛
اَڙِيا سَڙِيا نہ ڪري، سُونهَن وِجاسِ سُورَ؛
پِيَسِ لوهَ لَطِيفُ چئي، لَشَرِ ڪوڏَ، ڪَپُورَ؛
چِتَ جَنين جا چُورَ، سي مَکي مَرَڪُ نہ ڪنديون.

3

ڪريو مُهاڙِ مَليرَ ڏي، روءِ اُپِي چوءِ:
”سُهِجُ سُورِي پانئيان، سُومِرا! سَندوءِ؛
مِلڪَ مارُوءَ جِي آهِيان، جورِ نہ ٿيان جوءِ؛
سو قَلَبُ ڪوٽ نہ هوءِ، جو هُنيجَنِ هَٿِ ڪيو.“

4

بَندي پِيا قرارِ، اسِين لوچُون لوهَ مِ؛

مٿي تَنَ ترارَ، سدا سانپيڙَنِ جي.

5

لِنگڙِياري لوءَ ۾، جنِين لَءِ ٿِياسِ؛
تنِين تِرَ جيترو، پَلَڪُ نہ پُڇياسِ؛
جَهروڪَنِ جهورِيو هِنئُون، ڪونِيُنِ آءُ ڪُنِياسِ؛
مارُنِ مُنجهَّه مُياسِ، نات مَاڙِيُنِ مارِيَس ڪَينَ ڪِي.

6

جي وِجهي ٿِيان وَرَ ڪي، تہ سِپاڳوءِ سَنَئُون،
نِتُ نِتُ آهِ نَئُون، مون کي پَسَڻُ پنهوارَنِ جو.

7

آئُون ڪِئَن ڇَڏِيان، سومرا! تِن پنهوارَنِ پَچارَ؟
جَڙَ جنِين جي جانِ ۾، لَڳِي رِءَ لُهارَ؛
ميخُون مُحَبَتَ سَندِيُون، هِنئڙي مَنجهِ هَزارَ؛
پَکا ءِ پنهوارَ، ڏِني مُون ڏِينهَن ٿِيا.

داستان پنجون

1

سُونهَن وِيجايِمِ سُومِرا ! مارُو مَس مَجِينِ؛
ڏُنگا ڏاڏي پوٽِيين، ڪَنِ ڏُنا، ڪي ڏِينِ؛
جي مان لوهَ لاهِينِ، ته ڪوٽَنِ مِ ڪَينَ هُئان.

2

سُونهَن وِيجايِمِ سومرا! ميرو مُنهُن ٿِيومِ؛
وَچَڻُ تِتِ پيومِ، جتِ هَلَڻُ ناهِ حُسنَ ري.

3

سُونهَن وِيجايِمِ سُومِرا ، ٿيندِيَس ڪِئَن قَبُول ؟
ڪونهي سُهڳُ نه سُولُ، پُوچي مُنهُن پنوهارَ سين!

4

تِن مُنهَن موچارا مارُئِين، مَليرُ جنِين ماڳِ؛

ناقِصَ نوازي ڳھٽا، سَندو تِن سَپاڳُ؛
اَڱِڻ مُون اَڀاڳُ، حُسنُ تي هِيئَن ٿِيو.

5

ڪونهي قادِرُ ڪو پيو، اُنِين جو اَڀاڳُ؛
قُلۡ لَّنۡ یُّصِیۡبَنَاۤ اِلَّا مَا کَتَبَ اللّٰهُ لَنَا، اِيُ مَعذِرَتَ ماڳُ؛
سَپوئي سَپاڳُ، مارُئيءَ مُساوِي ٿِيو.

داستان چھون

1

جھَڙِي آيَسِ جِيئَن، جي تھَڙِي وَجان تِن ڏي؛
تہ لالائيءَ جا، لَطِيفُ چئي، ڪَرَ مُندُنِ اُنا مِينھَن؛
مارِڙيءَ لَڳُمِ مِھڻو، سپَ جَماندَرَ سِيئَن؛
ٿِيَسِ ڪاڙِياري ڪانڌَ جِي، هِتِي اَچي هِيئَن؛
ڪَنڌُ ڪَنَدِيَسِ ڪِيئَن، مَنھَن ماروئڙَنِ جي؟

2

هيڪُ جِئن نہ ڄاڻاسِ، پِيو ڄاڻندي جي مران؛
گَهنگُهرُ گهڻو ٿِياسِ، ڄاڻِي مارُوئَڙَنِ کي.

3

سِيلَ پَچَڙَ جِي سُومِرا! مُون کي مَتِ مَ آڇِج، مِيرَ!
ٿورين گهَٽِين ڏِينهَنڙِين، وِندِيَسِ هُتِ هَمِيرَ!
مَچُڙِ مَنجِهہ مَلِيرَ، کَنڌُ مَٽائون نہ کَٽان.

4

مَ سَپَنِي مارُئِي! مُئِي! مَ ڄائِي؛
جنهن اَچِي عُمَرَڪوٽ ۾ لوئِي لڄائِي؛
جا سانگِيُنِ سِيڌائِي، سا ڪِينَ مَرڪي ماڙِيين!

5

اَلا! اِئَن مَ هوءِ، جيئَن آءُ مران بَندَ ۾!
جُسو زنجِيرَنِ ۾، راتو ڏِينهان روءِ؛

پَهرِين وَجان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄنِم ڏِينهَنڙا !

6

آءُ بَندِياڻي بندَ ۾، ڪِي ڪي پيسِ بَند ؟
مُنهِين لَڳو مَهڻو، ڪِي مُنهِين ڪَڙو ڪَندِ ؟
مَران جي هِنَ هَندِ، تہ نِجانءِ مَٽُ مَلِير ڏي.

7

واجهائي وَطَن کي، ساري، ڏِيان ساهُ:
بُتُ منهنجو بَندَ ۾، قيد مَ ڪر ڪيجاهُ:
پَرَڏيهِياڻي پرِينءَ ري، ڏا رَ مَ ڏَ ريجاهُ:
ٿَذِي وَسائِجانءِ ٿَرَن جي، مِٺي مُٺِيءَ مَٿاهُ:
جي پويون ٿِئي پَساهُ، تہ نِجانءِ مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

8

واجهائي وَطَن کي، ساري، ساهُ ڏِيان:
هِيُ سِرُ سانڍيهَ ساهُون، مُنهنجو نِج، ميان!
مُقامِياڻي مارُئِين، وَڃي ٿَرِ ٿِيان!
مُيائِي جِيان، جي وَڃي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

9

واجهائي وطن کي، آءُ جي هِتِ مُياسِ؛

گورَ مُنهِنجي سُومِرا! ڪَجِ پَنوَهارِنِ پاسِ؛

ڏِجِ ڏاڏاڻي ڏيهَ جِي، مَنجهان وَلِڙِنُ واسِ؛

مُيائُي جياسِ، جي وَجي مَڙُهُ مَلِيرَ ڏي.

10

ڳِچِيءَ ڳانا لوهَ جا، زيرِيُون ءِ زنجيرَ؛

پَيڪَڙا پَيرِنِ ۾، ڪونِيُن اندَرِ ڪِيرَ؛

چارِي چوڳانَنِ ۾، واهِيَتَ ڪَنِ وَزِيرَ؛

چَنِ نه چَجي آهيان، اهڙِيءَ سِٽَ سَرِيرَ؛

مارُو جامَ مَلِيرَ، پُڇِج ڪِي پَنوَهارِ ڪي.

11

زيرِين پيڙِين لوهَ ۾، ڳَنِ ڪَيَسِ ڳاهُ؛

سَنڪي سَندي سُومِري، هَڏِ نه چاڙهِيُمِ ماهُ؛

سَرَنِيُون! دُعا ڪَجاهُ، ته پَرَمُ پاروڙِيءَ رَهي.

12

پَرَمُ پاروڙِيءَ رَهي، جَنهِن مِ اڇِي اُنَّ؛
تہ پڻُ ويڻي وِندِيان، توڙي پوَنِس تُنَّ؛
غافِلُ رَکُ غَرِيبِ کي، عُمَرَ! مَنجِھ اَمُنَّ؛
سَرتِيُن ساڻُ سَمُنَّ، آهِمِ اُني مِينهَنڙِي.

داستان ستون

1

پنوَهارَنِ پابوهِيو، وَرِيا واهُندا؛
سارِيَمِ سيڻَ سَيَّدُ چئي، ڳاڏِيلِيُون ڳندا؛
پِتُن پِرِ هُندا، پُنگا پَڙَ پَتارَ جا.

2

پَنوَهارَنِ پابوهِيو، کي وَسَ واهُندَنِّ؛
لَٿو سِيُّ لَطِيفُ چئي، ٻَڌو قَڻُ قَرَنِّ؛
اُوءِ ٿا کورِنِ کُنئُرِي، سَرَتِيُون مَٿان سَسَنِّ؛
عُمَرَ! اُنَّ اَڱُدَرِي، پاسي کانڌَ کَنِّ؛
پائُرِ ڏِنِيُون پُنِيُون، نَندَنِ نوراپَنِّ؛

ڪاٺُرِ ڪَٺِيُون خاصِيُون، اُوچِيُون اُتِ اُجَنِّ؛

ڪَڍِيو پيڻُ ڪَهَنِّ: ”مَلِيرِ گُهرجي مارُئِي!“

3

آڻِنِ ڪي چاڙهِينِ، ڏُٿُ ڏيهاڙِي، سُومِرا!

سَٿا ڪَيو، سَيَّدُ چئي، سائُون سُڪائِنِ؛

مَنجهان لَنبَ لَطِيفُ چئي، چائُرُ ڪَيو چاڙهِينِ؛

پُلاءُ نہ پاڙِين، عُمَرَ! آرا ڙِيءَ سين.

4

تِن وَنهِنِ ويڙِهچَن ۾، سَدائِن سُڪارُ؛

چُندِيو، آڻِيو چاڙهِيُون، سَندو ڏَؤنرِن ڏارُ؛

جن جو ويڙِنِ سين واپارُ، سي ڏوٿِي هوُنِ نہ ڏُبِرا.

5

ٿوري قُوتَ قَرارِيا، رَهَنِ سَبَرَ سَتِّ؛

ڪَٿِيءَ ۾ ڪِهَ پَڪُلِيا، پُوڙَنِ اهَڙِيءَ پَتِّ؛

پَنوَھارَ ڪِي پَتِّ، پيھِي پُڇ مَلِيرَ ۾.

6

نَڪا جَھلَ نہ پَلَّ، نَڪو رائُرُ ڏيھَ ۾؛
آڻيو وِجَھنِ آھُرين، روڙِيو رَتا گُلَّ؛
مارُو پاڻَ اَمُلَّ، مَلِيرُون مَرڪَڻو.

7

مَٿِ ٽِبُڪَ ٽُبڪَڙا، چڪَندڙا اَچَنِ؛
ڪِڙُيُون ڪيہَ پَڪُلِيُون، پَگھَرُ سِرِ پيرَنِ؛
اِي وَڙَ ويڙِيچَنِ، مُون لوڏان ئي لَکِيا.

8

دَرَ، دَروازا، دَرِيُون، ھاڙي ھِتي ھو؛
ڪوڙِين اَڏِيان ڪيتِرا، تَنبُو مَٿان تو؛
جي مُلِ نہ آيا، مارُئِي! تِنين رَڙُ مَ روءِ.

ڪُوڪَٽُ آهي ڪوءِ پُسِيءَ پنوَهارن ۾.

9

سَنِهيءَ سُئِيءَ سِبيو، مُون مارُوءَ سين ساهُ؛
ويٺي سارِيان سُومرا! ڳولاڙا ءِ ڳاهُ؛
هِنئو مُنهِنجو هُتِ ٿيو، هِتِ مِٽي ءِ ماهُ؛
پَکَنِ منجِهه پَساهُ، قالِبُ آهي ڪوٽَ ۾.

10

سَنِهيءَ سُئِيءَ سِبيو، مُون مارُوءَ سين مَنُّ؛
هَٽِي ڪَرَڻَ حِلمَ جا، تَهَ وِڌائِين تَنُّ؛
ڪِئَن ڏوٿياڻن ڪَنُّ، اَباڻِي اِبرَ ري؟

11

پاڇاهِي نہ پاڙِيان، سَرَتِيُون! سُئِيءَ سانڍُ؛
ڏَکي اُگهاڙَنِ کي، ڪِينَ ڍَڪيائِين پاڻُ!
پِيهَرَ ڇاپي ڇاڻُ، اِبرَ جي اَوصافَ کي!

داستان ا نون

1

چُرَنِ، چُڻِڪَنِ چِتَ مِ ، وِساريان ڪَينَ وَري!
’ڪَنان عَهدَ اَلَسُتَ‘ جي، ڪِ ٿهائين پَري؛
’لَمۡ يَلِدۡ وَ لَمۡ يُولَدۡ‘ ، مارُئي ڪوهُ ڪَري؟
اَجُ ڪِ ڪالهه مَري، ساري سانپيڙَنِ ڪي!

2

چُرَنِ، چُڻِڪَنِ چِتَ مِ ، وِساريان ڪَينَ وَري!
جن ٿي پَي پِياريو، مَنجهان سِڪَ سَري؛
وَنهِيَن وِيڙيچَن جي، سِنائُن سَري؛
ٿَرَن ٿوڪَ ڏَري، اُني وِيڙا اُڪِري.

3

چُرَنِ، چُڻِڪَنِ چِتَ مِ ، وِساريان ڪَينَ وَرَنِّ؛

لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَيۡءٌ، پَسَڻُ ناهِ پرِيَنِّ؛
پَکا پَنوَهارنِّ، نيئي اَڏِيا ناهِ مَ.

4

چُرَنِ، چُڻِڪَنِ چتَ مَ، رهيا اَندَرِ رُوحَ؛
اُني وِيَڙا اُڪِري، مارُو مَٽي موهَ؛
ويرُون وِلوڙَڻَ جُون، سارِيان گهَڻو صُبُوحَ؛
وَرُ سي كارا كُوهَ، سِنجيَمَ جي سانڍيهَ جا!

5

بِيَرَ كَنيائُون بَرَ مَ، پيارِين پُهُون؛
سِنجَنِ سانِيڪَنِ تي، وَڏِيءَ وير وَهُون؛
پايو جَرُ جَندِنِ مَ، ڪوڏان ڪَنِّ ڪِهُون؛
ڏِينهان ڏينهن نئُون، مُون کي وِرهُ ويڙِهچَنِ جو.

6

آڏِيءَ اُٺَنِ تي، جيلان پاٽِي پاتارَ مَ؛

وارو ويسرُين ڏِينهان ڪونہ ڏِئي؛
مُون ڪَمِيڻيءَ ڪي، مَٿان ڪُوهَ ڪَڍي وِيا!

7

سَرتِيُن سِنجَڻُ چڙِيو، سَتِيُن ڳالھ سُئي؛
ماريچي مارُئِن ۾، ڪَڏَهِن ڪانَ هُئي؛
عُمَرَ! آءُ نہ مُئي، ان اوپاليان اڱِهين.

8

پِنيءَ جي پُوڻَنِّ، پيچ پُڻڪو نہ سُٺانِ؛
سِنجَڻَ وارِيون سُٽيُون، وچِي ويڙهِ وَرَنِّ؛
پِيا سيٺ سَڙَنِّ، تَرهي پِنهي ڪَنڌِين.

9

عُمَرَ! ٿِيَمِ اَپارَ، وِرَهُ وَٽِيان ڪَن سين؟
ڏوٿِيَڙا ڏُورِ ٿِيا، تَڳان جِن تنوارَ؛
سِنائُون سَنگھارَ، ڪُوهَنِ تان ڪَڍي وِيا.

داستان نائون

1

جُهڙِ ڦُڙِ جتِ ٿيانِ، اُتِ اَڏيائُون پَکَڙا؛
هِنَ مُنهنجي حالَ جو، قَدُرُ نه ڪيٽانِ؛
جيڪُسِ آءُ وِسرِيانِ، مارو قُوتَ قرارِيا.

2

جُهڙِ ڦُڙِ مَنٿي مارُئين، جِتِ چيها، چِلَڙُ چِڪَ؛
اَندَرُ ٿو اُجَ مري، ساهُ اُنين جي سِڪَ؛
پيهُون شالَ پَهيُون پري، تِنان ڏيئي تِڪَ؛
وَرُ پِريان سين پِڪَ، بِيا پانڌَ پَرِيائي گهورِيا!

3

ڏَٿين پَٽين ڏيرَ، مَهينِ مارُوئڙَن جا؛

پائُرُ سَپ پَچِي پِيو، گهرِ گهارِيندي ڪيرَ؛

ڪونِيِين لَڳَنِ ڪيرَ، مَحَلين مُنجهي مُون هِنئُون.

4

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ويِڙهين وَڳَ وارِين؛

چَچِيا چِيڪاريو چِيلڙا، پَٽين پَهرائِين؛

نيرَ مُنهنجا اُن ڪِي، جَهجهو جَرُ هارِين؛

تاڙا تَنوارِين، مِينهَن وَسَندا موٽُ تُون.

5

هِنَ مُندَ مارو سَنَرا، ڪائُرُ مِ خُوشِحالَ؛

سائُون، سِيارِچُ، مَڪَٽِي، جيڏِيُون! آڻِن جالَ؛

سَتِيءَ جِي سَيَّدُ چئي، ڪا ساڙيهَ مَنجِه سَنبالَ؟

لِڱَن تان، لَطِيفُ چئي، لوئِي لاهِ مَ لالَ!

پَلو ڪندو پالَ، مِينهَن وَسَندا موٽُ تُون.

6

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ڏِنگَرَ ڏِا رَ رَهَنِّ؛
پاڻِي پُوجَ پَٽَنِ ۾، پَکي پاندِ پِيَنِّ؛
هِنَ کي لوهَ لَطِيفُ چئي، هُوءِ ڪاڻُ مَنجِهه ڪِلَنِّ؛
ڪاٿُونبا ڪاڄَنِّ، مِينهَن وَسَندا موٿ تُون.

7

سَدا جِن پَريانڻُ، پانڌِي پَکي لَڌَ سِين؛
مارُو ڳُڻَنِ سانڻُ، وِيڙا ٿِر اُڪِرِي!

8

پاسا پولِڙِيُنِ ۾، ٻانهُون سِرِ ٻيئي؛
اکِيون، نَڪُ اَريجَ ري، ٿمايِ ٿيئي؛
ڏُورِ ٿِيا ڏيهي، پِرِين پاڻُرَ وَٿِ ۾!

9

ٿاجا ٿَرَ ٻَرَ جهلَّ، پِيُون پاڻُرَ وَٿِ ۾؛
سيئي سارِيو، سومرا! اَچي آبَ اُڇلَّ؛
سانپِيَنِ ڏِنمِرَ سَلَّ، ڏِني جن ڏِينهَن ٿِيا.

10

جُهران جِهجان تي، جِنَ پَسَٽان پِري ٿِيا؛
اَلا! اوتِي آڻِيين، جو ڪِينءِ جِي خَبَرَ ڏي!
مَنَ مُنهِنجي ڪي، واڪو لهي ويڙهه جو!

داستان ڏهون

1

اُني ٿِي وَراڻِ، ڪِينءِ واڌايُون آيُون؛
لَٿي لوڙِيارِين، مِڙَني مُنهَن ڪاڻِ؛
صُلحُ وارِيو سُومِري، ڇَڏِي پنوهارَن پاڻ؛
هَميرَنئُون هاڻِ، مُهتُ لهَندِينءَ مارُئي!

2

اُتان اوتِي آيو، خَبَرَ اِي ڪَرِي؛
وِساريج مَ وَرَ ڪي، پَنَجَ مَ مُنڌَ! مَرِي؛
وينِدِينءَ اُتِ وَرِي، ڪو ڏِينهُن آهِين ڪوٽَ ۾.

3

ڪو ڏِينهُن آهِئين ڪوٽَ ۾، لوئِي هَڏِ مَ لاهِ؛

ڪامڻِ! اَهِجي ڪُرَ جي، اَڌِ وَڏائي آهِ؛
هِتِ مَ پاڙِج هيڪڙو، پائُرَ جي پَساهَ؛
سَتِي! سِيلُ نِباهِ، مَلِيرِ ويندِينءَ مارُئِي.

4

سي ساهيڙِيُون سارِين تو، سِيلُ جنِين جو سَچُّ؛
مارُوءَ ريءَ مَ مَچُّ، سِيهو پانئَجِ سون کي.

5

ساهيڙِيُون سارِين تو، سَچ جِنِين جو سِيلُ؛
ڪو قالُ نہ قِيلُ، اُنِين جي اَدَبَ ۾.

6

جو ڏيہَ ڏاڏاڻِيان آيو، ڏِٺمِ تنهن طَعنو؛
”پائي ويهُ مَ پَلنگين، پِڇيءَ سِرِ پَانو؛
مَٿان لَڪ لَطِيفُ چئي، ڪانءِ مَ خَزانو؛
سَرتِيُن سِيلُ چَوايو، جورِ هَٽِي جانو؛

ٿِيو سَڌُ سَمانو، حَرَفَ لَٿي هيڪِڙي.“

7

مُون سين مارُوئَڙِيُون، ڪَهڙِيءَ رِيتِ رُسَندِيُون؟
چوٽِيءَ ۾ چِيڙُ پيو، پِنَ رَتَ جَيُون؛
نيٺِين نِندَ وِهُ ٿي، ساري ساڏوهِيُون؛
هِتي جي هُيُون، تہ سُتِ پيِنَ سِيلَ جي.

8

”سَتِي! تُنهنجي سَتَ ۾، ڳالِهہ گُهرجي ڳَجُّ؛
وَڍيو، چِيرِيو، چِچِريو، پَرِ ۾ اُپِي پَجُّ؛
ساڻُ اَمانَتَ اَجُّ، تہ ٿِئين سَمانِي سازِيہَ ۾.“

9

جانڪِين سَتِيُن سِيرُ، تان ڪِينَ وِهَندِيَس ڪوٺَ ۾؛
سِپَ سَمُندِين سَپَجي، نَدِيءَ پِيي نہ نِيرُ؛

جِنَ هُوءَ اَبرَ آسِري، تِنَ مُون مَنِ مَليرُ؛
ڪانُرَ پِينِ ڪِيرُ، جي اَمانَتَ اُتِ وَجي.

10

جَرَ ۾ سِپُون جِيئَنِ، آهِينِ اَبرَ آسِري؛
جِنَ ڪُنجُون سارِينِ روهَ ڪي، مُون تَنَّ اندرِ تِيئَنِ؛
هُتِ وَعدا وَجِڻَ جا، هِتِ نه پانيُمِ هِيئَنِ؛
ڪونِيُنِ وِهان ڪِيئَنِ، جي نظرَ بَندِياڻي نه هُئان؟

11

سِپَ سَمُندِين سَپَجي، اَبرُ آسارُوسِ؛
باڙو پِئي نه پِيڙهِي، مِنو مُنهن لَڳُوسِ؛
ماڻِڪُ تي مِڙيُوسِ، جِنَ تَنگَ ڪَدِيائِين تارِ ۾.

12

سِکو سَپ، سَرِتِيُون! سِپُن مُلان سيرُ؛
پِيو مَنائِي نيرُ، اُپِيون اَبرَ آسِري.

داستان يارهون

1

مَليران مارُو، پَکي پيهِي آئيو؛

وَرِيا واهارُو، هاڻُو سَپِ هيٺا ٿِيا.

2

پِهِي سُکَ پيرِن کِيهَ! ڪو نينهَن نِياپو مارُئِن ؟

اَتِ اُڪَنڊِي آهِيان، تِنهِن آتَڻ، تِنهِن ڏيهَ؛

سَنڊِي جا سارُيهَ، کِهَ کَٿُوري پانئِيان.

3

سَکِرِ سيئي ڏِينهَن، جي مُون گهارِيا بَندَ ۾؛

وَسايِرِ وَڏَ ڦُڙا، مَٿي مارُئِن مِينهَن؛

واجهاڻِيَس وِصالَ کي، ٿِيَس تَهوارُون تِيئَن؛

نِيرُ مُنهِنجي نِينهَن، اُجاري اَچو ڪَيو.

4

عُمرَ! اَجُ گَڏِيامِ، ڏوٿِي اُنهِين ڏيهَ جا؛
پارايا پِرِيُن جا، اُپِي اُن چَيامِ؛
لِهِي لوهَ پِيامِ، لُطفَ سانڀ لَطِيفُ چئي.

ابيات متفرقه

1

جُه سي لوڙائُو ڙِيا، جنِين پِرِ رَهَنِّ؛
مارُو منجِهه ٿَرَنِّ، رَهِي رَهَندا ڪيترو؟

2

جُه سي لوڙائُو ڙِيا، جنِين سندِيءَ ڏِيرَ؛
مارُوئڙا فَقِيرَ، ڪَنهِن دَرِ ڏِيندا دانهَنڙِي؟

3

مارُوءَ پاسِ مَلِيرَ ۾، ڏوئِي مَرُ مَران!
پاڻِي واري پانهِنجو، وينڊِيائِي وَران!
ٿورو مَنجِهه ٿَران، هُندَ لَڳي لوئِڙِيارِيِين!

4

ڪانڌُ نه ڪَندِيَسِ ڪو بِيو، ڪَٿيروئِي خُوبُ؛
ميروئِي محُبُوبُ، اَسان مارُو مَنَ ۾.

5

مُنهُن مُنهِنجو سُومِرا! مَرُ ميروئِي هوءِ!
مٿان مارُو چوءِ، ته ڏوتوءِ ڏوراٽِنِ ۾.

6

جِت کَرَڙَ، کَٿا ۽ کاهِيُون، پالَ، پَڪا ۽ پَڪَّ؛
سَرَهِيُون سي سَرَتِيُون، حاضِرُ پاسي حَقَّ؛
مارُوئَنِ سين ماڻِيان، شالَ مُندائِتي مَڪَّ؛
کِنڪارِيان خَلَقَّ، جا ٿَرَ جائِي ۾ ٿُوهَرين.

7

جي هِتِ هُئي مارُئي، ته لَڏِيمِ ڪَرَ ڪيٽاسِ؛
اَرداسِيُمِ عُمَرَ کي، ويجهو ٿي وَٽانسِ؛
جي نه ڇَڏِيائين ڪِ جَهليائين، ته پنهنجو اَنگُ آڇِيانسِ؛
لاهي لوهَ لَطِيفُ چَئي، هِتان هُندَ هَلانسِ؛
موکي مَلِيرَ سامُهين، وَٽِي ٻانهَن وَجانسِ؛
رَهبَرُ ٿِي رِيڙهيانسِ، سُنهاري ساٽيهَ ڏي.

8

جِئَن ڳَنڍِيُون مَنجِهه ڳَنڍِيرَ، تِئَن مُون مَنِ مارُوئَڙَنِ جُونِ؛
ڏِنيُون لَسَ لَطِيفُ چَئي، هِنئڙي کي هَمِيرَ؛
وَڃِي مَنجِهه مَلِيرَ، سَڀِ ڇوڙِينديَسِ سُومِرا!

9

سُڻِي ساٽيهَ ڳالهَڙِي، لَهي وِيا لوهَ؛

اَندَرَ جا اَندوهَ، لَٿا ڏُکَ، سُکَ ٿِيا.

10

توکي توڙائِين لِکِي، عُمَرَ! اَچائِي؛
جنهن تو سامائِي، مامَ نہ پَڌِي مارُئِين.

11

مَ ڪِي روءُ، مَ رَڙُ ڪِي، هَنجُون هَڏِ مَ هارِ؛
تو تان بَندُ بِدا ٿِيو، پيڙِيُون نيئِي پارِ؛
پُهُچَندِينءَ پَنوَهارِ، سِڱهي سنگهارَنِ کي.

12

اَجُ پڻ چِڪِيَم چاڪَ، وَنهِيَن ويڙِهچَنِ جا؛
سُورَنِ اِچي سُومِرا! اَندَرِ ڪي اوطاقَ؛
مارُوءَ جي فِراقَ، هَڏَ مُنهِنجا ڪَپِيا.

سُرُ ڪاموڏُ

داستان پهريون

1

تُون سَموءِ آءٌ گندِري، مُون ۾ عَيبَنِ جُوءِ؛
پَسِي راڻِيُنِ رُوءِ، مَتان ماڳَرِ مَٽِئِين!

2

تُون سَمو آءٌ گندِري، مُون ۾ عَيبَ اَپارَ؛
پَسِي لِيَّ لَغارَ، متان مَاڳَرِ مَٽِئِين!

3

تون تَماچِي تَڙَ ڌَڻِي، آءٌ مُهاڻِي مَي؛
مُون کي ڏُهاڱُ مَ ڏِي، آءٌ جا نالي سُيَسِ تُنهنجي.

4

تُون تَماچِي تَڙَ ڌَڻِي، آءٌ گندِ ري غَرِيبِ؛
تو سين جامَ! قَرِيبِ، ڪِي ڏَنُ چڏائي ڏيج مُون.

5

ڪِڪيءَ هاڻِيُون ڪارِيُون، ڇِڇِيءَ هاٿا ڇَڃَ؛
پاندُ جِنين جي پاندَ سِين، لَڳو ٿِئي لَڄَ؛
سَمو ڄامُ سُهَڄَ، اُپو ڪري اُنِ سين.

6

ڪارِيُون، ڪوجِهيون، ڪُوڙِيُون، مُورِ نہ موچارِيُون؛
وَنِي وِنِيُون واٽَ تي، ڪِڪيءَ جُون ڪارِيُون؛
اُنِين جُون آرِيُون، سَمي ري ڪيرُ سهي!

7

گَندُ جِن جِيءَ گوڏِ مِ، پاٻوڙا پوشاڪَ؛
اُنِين جِيءَ اوطاقَ، راڄا رِيجِهي آئيو.

8

ٿِيا ٿَماچِيءَ ڄامَ سين، مُهاٽا مَحرُومَ؛
نَندِيءَ وَڏِيءَ گَندِ ريءَ، مَٿي ماڙِيءَ ڏُومَ؛
جي ڪِنجُهرَ، جي رُومَ، سي سَپِ اِنعامي ٿِيا.

9

نہ وَڏي، نہ وِڪِڙي، نہ ماري نہ ڌاري؛
ڪارو وِڏائين ڪُوهَ ۾، نِرتُون نِهاري؛
سائي پَرِ پاري، جا گَهرِ سَمي جي سَپَجي.

10

نہ وَڏي نہ وِڪِڙي، نہ ڪَٽي ۾ ڪاري؛
اُهِجَ، سُهِجَ ساهِمِيُون، ڏُريان نہ ڌاري؛
سائي پَرِ پاري، جا گَهرِ سَمي جي سَپَجي.

11

پابوڙو پيشِ ڪَيو، نَئون نُوريءَ نيئي؛
حاضُرُ هُيُون هَڪِيُون، سَميُون سپيئي؛
نَوا زي نيئي، ڳاڏِيءَ چاڙهِي ڳَندِرِي.

12

مُهاڻِيءَ جي مَنَ ۾، نہ ڳِيرَبُ نہ ڳاءُ؛
نيڻَن سِين ناز ڪَري، رِيجهايائين راءُ؛
سَمو سَپِنِ مُلاءُ، هيرِيائين حِرفَتَ سين.

13

نورِيءَ جي نِيازَ جو، عَجَبُ اَجَهلُ هوءِ؛
سَمو سِرُ سَپِنِ ۾، مي مُورِچيو سوءِ؛
اَچيو اُپِيَنَ پوءِ، حُجَتَ پَڳِي راڻِيِن.

14

هَٿِين پيرين آرِڪَيِن، مُنهِن نہ مُهاڻِيِ؛
جِئَن سَڳو وِچ سُرِندَ ڙِي، تِئَن راڻِيُن ۾ راڻِيِ؛
اَصُلُ هُئِي اُنَ ڪي، اَهَلَ جاماڻِيِ؛
سَمي سُجاڻِيِ، ٻِيڙو ٻَڌُسِ ٻانهَن ۾.

15

ٿِهڙو ڪِنجُهرَ ڪِينَ ٻِيو، جَهڙي سُونهَن سَندِياسِ؛
مَڏَ ۾ مِياڻِيُون، مَڪُڙا ۾ مِڙَئي مَعافُ ٿِياسِ؛
مورِچَلَ مَٿانسِ، اُپو تَماچِيءَ تي هَٽِي.

16

ڪوءِ سَمِيُون! ٻَنِ سُومِرِيُون! جي اَڇَنِ اُوڇي ڳاٿِ؛

وَرُ سي ڪِنجُهرَ ڄائِيُون، جِن ٿَماچِيءَ جي تاتِ؛

راڻِيُن مُلان راتِ، ماڻِڪُ مي پِرائِيو.

وائي

هِيري هَٿُ وِڏائِين، وِيهي سائِين وِچ ۾.

نَوازِش نُوريءَ جي، آهي تَماچِيءَ تائِين.

گَندَگِيءَ گوشو ڪيو، عَطُرَ اوتَ اوتِيائِين.

اَنڌا مَندا آئِيا، سَخا سَڌُ وِڏائِين.

پَسو جُودُ جُوانَ جو، ڪو هَنڌُ ڪونهِ مَٽِيائِين.

قِيمَت ڪَميڻَن سين، جَهِڙيءَ وَٿَ وَتِيائِين.

موتِي مِڇيءَ هَٿَ تي، ڪوڏِن جئَن ڪَڍِيائِين.

ماڻِڪَ مياڻِن ۾، چِلِرَن جئَن چِٽِيائِين.

ڏيئِي سونُ سُوال ۾، رُپِي راندِ ڪَيائِين.

پاڻِيَٿَ آڻي پارَ سين، لَعلُون سَپِ لِٽِيائِين.

فيروزا فَقِيرَن تان، گهوري سَپِ گهورِيائِين.

اُتي عَبدُاللَّطِيفُ چئِي، اُچِلي اَمُلَ ڏِنائِين.

داستان پيو

1

سِرُ سَلابَتَ سُپِرِين، مَرَڪَڻَ! تُون مَ مَرِيجِ؛
آهِيين ٿارُ اَڪِيُنِ جو، وَٿان مُون مَ وَڃِيجِ؛
تَماچِي تِڳِيجِ، ڪو ڏِينهُن ڪِنجهُرَ ڪَنڌِيين.

2

هيتِ جَرُ مَٿي مَجَرُ، پاسي ۾ وَڙاهَ؛
اَچي وَڃي وِچَ ۾، تَماچِيءَ جي ساءَ؛
لَڳِي اُتَرَ واءَ، ڪِنجهُرُ هِندورو ٿِئي.

3

هيتِ جَرُ، مَٿي مَجَرُ، پاسي پِرِين سَندامِ؛
ڪوڙِيين ڪاجَ سِڌامِ، اَڻَ سِڌو ڪونَ رهِيو.

4

هيتِ جَرُ، مَٿي مَجَرُ، ڪنڌِيءَ ڪَوڙَ تَرَنِّ؛
وَرِئي واهُوندَنِّ، ڪِنجهُرُ ڪَٿُورِي ٿِئي.

5

سَمِيُون ڪَري سِينگارُ، راءُ رِيجهائِڻ آئيُون؛
جامَ هَٿَ ۾ جارُ، جُلي جُيبرِن وِچ ۾.

6

نُوريءَ جي نوازِيو، ڻيو تَماچِي تي؛
گاڏِيءَ چاڙهيءَ گَڏِ ري، ماڙِهُو ڪيو مي؛
ڪِنجُهرِ چُوندا ڪي، تہ سَچُ سَپائِي ڳالهِڙِي.

7

ڄامان اَڳِي جي ڄائِيُون، تن جي نِرت نُوريءَ کي ناهِ؛
نہ مَنهِن نہ مارِڪي، نہ وَجِن ڪنهن وِهانءِ؛
سي ڪِنجُهرَ ڪَندِيُون ڪانهہ، جن تَماچِي تَڪِيو.

8

نہ ڪَنهن ڄائو ڄامَ کي، نَڪو ڄامَ وِياءُ؛
نَنڍيءَ وَڏي گَڏِ ريءَ، سَپِن آهِ سِياءُ؛
”لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُولَدۡ“، اِيُ نِجابَتَ نِياءُ؛
ڪِبرُ ڪِبرِياءُ، تَختُ تَماچِي ڄامَ جو.

9

پَکا ڀَکارِيو، چامُ ٽَماچِي آئِيو؛
ڳُوندَرَ لاهِيو، گَندِ رِيُون! آڻَ اُجارِيو؛
ڪِنجُهرُ قَرارِيو، سَمي سامَ ٻَخشِي.

10

ڪو جو ڪامَڻُ مَي، آهي اڪَرِيُن ۾؛
تَنُ ٽَماچِي چامَ جو، ناپُون پايو ني؛
عِشقُ اِئَن ڪَري، جِئَن چارو چامَ ڪُلهي ڪَيو.

سر گهاتو

داستان پهريون

1

ڳَهنگَهرِيا ڳَهڻَ ڄاڻَ، موڙهِي مَتِ مَهائِين؛
وِيا ڳَڏجِي وِيرِ ۾، پِيا مُنهِن مَهراڻِ؛
اڳيان پويان ڏاڻَ، وِيا ويچارَنِ وِسري.

2

ماڪَ پچاڻِ مولهِيا، مڻان راتِ پئِي؛
اولِيون اُجَهڻَ لَڳِيون، وِيا وَنجَهه وَهِي؛
ڪَلاچِيان ڪَهِي، ڪَڏهِن ڪونه آئِيو.

3

ڪو جو قَهَرُ ڪلاچ ۾، ڳِهڙي سو نِئي؛
خَبَرَ ڪونه ڏِئي، رَچَ ڪُڄاڙي رَندِيا؟

4

ڪالهہ ڪَلاچِيءَ ويا، چَتيُون ڪٽي چُڳيرَ؛
پائِرَنِ پيرو نہ ڪَيو، اَدَنِ ڪِي اَويرَ؛
اهڙِي خاصِي ڪيرَ، ڪُنَّ ورائي جَهلِي.

5

تَرِيُون پَسان نہ تارِ ۾، جُھڳا جاءِ نہ ڪَنِ؛
مادَرِ !ملاحَنِ، ماڳِ نہ ڏويا مَڪُڙا.

6

ڏِهاڙِي ڏِنَمِ ڪيتِرا، جنِين مارِيو موڪَ؛
گهرَ ۾ گهاتُوئَڙَنِ جا، ٿا مارِينمِ ٿوڪَ؛
لَڏي وِچان لوڪَ، اُونهي ويا اوهِري.

7

اُپِي اوسِڙان اُسَ ۾، جَهليو ڪُنَّ ڪِنارَ؛
گهاتُو گهرِ نہ آئِيا، وَڏي لَڳِيَن وارَ؛
هُيَسِ جنِين هارَ، سي موڙي چَڙِهيا مَڪُڙا.

8

جِتي گھورِيو گھاتوئين، تِتي وارِيءَ بُٺَّ؛
سَھسين ساٿي مُٺَّ، سَرُ سُڪو، سُونگِي گيا.

9

مُون اُڏا رِيا مَڇَڙا، اللهَ! گھاتُو آڻِ،
مِيان! مُدارَنِ سين، مونکي، قادرَ! وِجُھ مَ ڪاڻِ؛
ھَٿَ مُنھِنجي ھاڻِ، قَدُرُ لِڌو جِنِ ري.

10

اَئِين جا لُڏو لوڏ، اِيَ پِرَ گھاتُوئڙَنِ جي؛
ڪُنَّ ڪلاچِيءَ ڪوڏ، سُڪِ نہ سُتا ڪَڍِھين.

11

گھورِيندي گھورِيا، اَگھورِ گھورِيائُون؛
مَيڪَرُ مارِيائُون، مَلاحَنِ مُنھَن سَنَرا.

12

جِئَن جُهڳا پائِيِن جهولَ ۾، اِئَن نہ مَرَنِ مَڇَّ؛
سَٻَرَ ڏارِ سَمُنڊَ جا، ڪي رائُون رَڳِيُون رَڇَّ؛
هِي چارُون ۾ چَڇَّ، اجا اوڙاهُ آڳاهُون ٿِيو.

سُرُ سورَٺِ

داستان پهريون

1

اَللهَ جي آسَ ڪري، هَليو هِيائِين؛
چارَڻَ ٻَڌا چَنگَ کي، جُهوڙا ۽ جهائِين؛
ڏولِي راءِ ڏياچَ جي، ڏُوران ڏِنائِين؛
وَينَتِي واحِدَ دَرِ، تَنهِن وير ڪَيائِين؛
”سَٻاجها سائِين! راءُ رِيجهائِين راڳَ سين.“

2

”پَرديسان پنڌُ ڪَري، هلِي آيو هُون؛
اُونچو تون عرشَ تي، آن پورو مٿي پُون؛
ڪِيئَن تُسَندين تُون؟ هِيُ سِرَ سوالِي مَڱڻو.“

3

”پَرديسان پنڌُ ڪَري، سُٽَي آيُسِ شانُ؛
مَڱَان ڪَهڙِي مَتِ سين؟ نِسورو نادانُ؛
سو ڪو ڏِيارِئِين ڏانُ، جو طَمَعَ کي تَرَڪُ ڪَري.“

4

”سَرديءَ سالِمُ نہ رَهان، گَرمِيءَ ڻِيان گُدازُ؛
اَمَنُ ڏِيج اَمانَ تون، سائِلُ هَٽي سازُ؛
رَبابِيءَ کي رازُ، خالِصُ ڏِيج خَلِيلَ جو.“

5

”تو دَرِ آيُسِ راڄِيا: جاجِڪُ وني جِيُّ؛
ڪَنان ’نارُ حامِيَه‘ هارِ ٻچائِج هِيُّ؛
والِي! ڏِياريئِي وِيُّ، جِت آهي ’جَنَّاتُ عَدنِ‘.“

6

”پِيا دَرَ ڏيئِي ٻَنَ ڪي، آيُسِ تُنهِنجي دَرِّ؛
سُونهارا سورَٿِ وَرَ! ڪا مُنهِنجي ڪَرِّ؛
پِلا! پيري پَرِّ، پالهو پانڌُ پينارَ جو.“

داستان پيو

1

جاجِڪُ جُهوناڳڙهَ ۾، ڪو عَطائِي آيو؛
تَنهِن ڪامِلَ ڪَڏِي ڪِينَرو، وِيهِي وَڄايو؛
شَهِرُ سَڄو ئِي سُرَ سِين، تَنَدُنِ تَپايو؛
دايُون دَرِمانديُون ٿِيُون، ٻايُنِ ٻاڏايو؛
چارَڻَ ٿي چايو، تہ ماري آهي مَڱڻو.

2

نِرتي تَنَدُ نِيازَ سِين، ٻُرائِي ٻيجَلَّ؛
راجا رَتولَنِ ۾، اونائِي اَمُلَّ؛
رازُ ڪَيائِين راءَ سِين، ڪَنهِن موچارِيءَ مَهَلَّ؛
”اَنَا اَحۡمَدُ بِلا مِيمِ“، سَيَنَ هَنئِي سائِلَّ؛
ڪَنهِن ڪَنهِن پِيئِي ڪَلَّ، تہ هَرِدوئِي هيڪُ ٿِيا.

3

ڪِنين ڪِنين ماڙهُين، پيئي ڪَل ڪائي؛
رَسيا جي رَمزَ کي، تن پارسِي پائي؛
”اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَ اَنَا سِرُّهٗ“ ورتي اِي وَائي؛
راجا راڳائي، هَرِدوئِي هيڪُ ٿِيا.

4

سِرَ جِي هُئائين هَليو، چارَڻُ چتائي؛
سو مُوڙا جَهلي نه مالَ جا، ٿو ماڻِڪ موٽائي؛
”تو دَرِ آيُس تي، جِئَن تو ناهِ نه سِڪيو.“

5

”جي ميراثِي مَڱڻا، آءٌ پُڻِ مَنجهان تَنِ؛
ڪِي ڪَهُ مُنهِنجي ڪَنِ، اِرْثَ مَنجهاران اُنِ جي.“

6

”ڪا جا ڳالِهه ڳِري، پِيجَليا! ٻُڌاءِ مُون؛
پيئين جِئَن ڳِرنارَ ۾، تَندُنِ تانُ ڪَري؛
ڪِ تو پَنڌُ پري، ڪِ مَڱ جهلِيندين؟ مَڱڻا!“

7

”مَڱ نہ جَهلِيان مُورَهِين، نہ مُون پَنڌُ پَري؛
ڳِٽي آئُسِ ڳالهَڙيِ، ڳُجهي تو ڳِري؛
سا سَمجِهج سورَتِ وَرَ! وِيندُسِ ڪِينَ وَرِي؛
پَريان پيرَ پَري، تو لِءِ آيو آهِيان.“

8

سِرُ مَڱي سِرُ گُهري، سِرَ رِءَ ٿِئي نہ صلاحَ؛
غَرِيبَنِئُون نہ گُذرِي، ٿو ماري ميرَ مَلاحَ؛
نايو نوابَنِ جا، سورِيو ڪَڍي ساهَ؛
خالقُ سَنجِهہ صُباحَ، ڪونہ ڇَڏيندو ڪِٿهَين.

داستان ٽيون

1

ڪِي جو ٻيجَلَ ٻوليو، پِنيءَ وِيهي پانَ؛
راجا رَتولَنِ ۾، سيباڻو سُلطانَ؛
”آءُ مٿاهُون مَڱڻا! مُقابِلِ مَيدانَ؛
گهورِيان لَکَ، لَطِيفُ چئِي، تُنهنجي قَدمَنِ تان قُربانَ؛
مَٿو هِيءُ مِزمانَ! هَلِي آءُ ته هِتِ ڏِيَنِءِ.“

2

”آءُ مٿاهُون مَڱڻا! چڙهي ۾ چَوڏولَ؛
توکي گهوٽَ گهُرائيو، راجا مَنجِهه رَتولَ؛
ٻيجَلَ! توسين ٻولَ، وِهاڻِيءَ وَڏَڻَ جِي.“

3

مَحَلين آيو مَڱڻو، ڪَٽي ساز سِري؛
لِڳي تَندُ تُنيرَ جِي، پيا ڪوٺَ ڪِري؛
هَنڌين ماڳين هُوءِ ٿي، تُنهنجي پيجَلَ! دانهَن ٻُري؛
سِسِي تَنهن سُلطانَ کان، اِچي گهوٽ گهُرِي؛
جُهونا ڳُرَهُ جُهرِي، پُوندي جهانءِ جَهروڪَ ۾.

4

ڏاتارَ ۾ مَڱڻي، ڪونهِ وسيلو وِچ؛
سائِي تالَ تَندُنِ جِي، سائِي چارَڻَ چِتَ؛
جي هِتي جي هُتِ، نه ڳالهِ مِڙِيائي هيڪِڙِي.

5

”جاجِڪَ! تو جُهارُ، ڏَهَ پيرا ڏِياڄُ چئِي؛
جَنهِن ۾ مالُ نه مِرِيءَ جيترو، تَنهِن تون طَمَعدارُ؛
جي اچيئِي ڪَمِ ڪَپارُ، نه وِيهَ پيرا وڏي ڏِيَنءِ.“

6

”ٻيلي! ٻئي پارَ، جان مُون نينڊَ هَٽي ننڊارِيا،
چوري رَکِيمِ چِتَ ۾، ڏِسِڻُ جا ڏاتارَ،
هِيُ سِرُ توهان ڌارَ، ٻِيجي ڪَنهِن نہ ٻولِيو.“

7

”سو جِيُ، مَڱڻهارَ! مَ هوءِ، جَنهِن تو مَٿي سِرَ سَٿو ڪَيو،
جو مُون مُلِ مورِ نہ سَپَجي، تان جي سو گهُرِيوءِ،
تان جُڳان جُڳ ڏنوءِ، ڏُنگو ڏاتارَنِ کي.“

8

”مَٿو مَٿائِين گهوريان، مَٿو تو مَٿاءِ،
هَڏو هِيُ هَٿِ ڪَري، جاجڪَ! وَهِلو جاءِ،
تُون سين اَنيراءِ، جِمَ واچا ۾ وِلهو وَهِين.“

9

”مَٿو مُورِ نہ پاڙِيان، تُنهنجي تَندُ تَنوارَ،
سِرَ ۾ سَجَڻَ ناهِ ڪِي، موٽُ مَ، مَڱڻهارَ!
ڪِينهي منجهِ ڪَپارَ، لَڄيندو تو لاهِيان.“

10

”سؤ سِرَنِ پائي، جي تَنَدُ بَرابَر توريان؛
اُتَلَ اوڏانهِين ٿئي، جيڏانهن پِيجَلَ پُرائي؛
سَڪِٽو هَڏُ آهي، سِرَ ۾ سَجَڻُ ناهِ ڪِي.“

11

”مَٿي اُتي مُنهنجي، جي ڪوڙين هُوَنِ ڪَپارَ؛
نہ وارِيو وارِيو وَڍِيان، سِسِيءَ ڪي سَوَ وارَ؛
نہ پڻِ تَنَدُ تَنوارَ، مُوهان مَٿاڻُون، مَڱڻا!“

12

”جو تو ڏِيڻُ ڏِياچَ! لاهِيو اِي سِرُ سَپِڪو ڏي؛
ڪِي نانهِ جَهِڙو ڏي، جو سَنَدَ ٿِئي سُوالِيِن.“

13

پَسي پاڻُ پُرِ ٿِيو، سندو جادِمَ جُودُ؛
مَڱ وِهاڻِيءَ مڱڻا! مَٿو هيرَ موجُودُ؛
بَلَڪِ آهي بُودُ، ناڪَسِيءَ، نابُودُ ۾.

14

چارَڻ چَنگ ڪُلهي ڪَري، پيرَ پُرِي پاتا؛
صَدا جي سَيَّدُ چئي، وائي ڪَيائين واتا؛
تَنهِن تي راءُ راضِي ٿيو، دِل وڏيءَ داتا؛
مَرڪي مَرُ ماتا، رُوڙِي راءِ ڏياچَ جي.

داستان چوٿون

١

رِءَ مَصلِحَتَ مَڱڻا، قَصرِ ڪِينَ اَچَنِّ؛
نُورُ تجَلَّو نُورَ سين، نميو نيڻ پَسَنِّ؛
خِيمي مِ ڪَنگهارَ جي، چانڊُوڻا چِمڪَنِّ؛
لَذائين لَطِيفُ چئي، سَندا ڏاڻ ڏِسِنِّ؛
تيلان مُلڪَ ڏَٺِنِّ، مَڃيو مَڱڻهارَ کي.

2

”مَرُ نہ آئين، مَگَّڻا! مامَ پَرُوڙِي مُون؛
جيڪا ڳاھَ ڳالھائِين، سا سَڀ سَمجھِي سُون؛
تَنھِن ۾ تُسِج تُون، جيڪِي پَوَيُي پَٽَ ۾.“

3

”چارَڻ! تُنھنجي چَنگَ جو، عَجَبُ آھِ اِيُّ؛
ھَٽِي آيو ھَٿَ سين، جِھَرو رکِيو جِيُّ؛
راتِ مُنھنجو رِيُّ، ڪاتِيو تو ڪُماچَ سين.“

4

”تانُ نہ آھي تَندُ جو، رُون رُون ڪري راز؛
ھَٽَندَڙ سَندا ھَنڙا، سِپِڪو چئُي ساز؛
سَٽَ ڏيئُي شَھبازُ، تِيُ، نہ ٿوڪُ پِرائِين.“

5

”تَندُ تُمارِيءَ تانُ، ڪَھيو سو قَبُول پيو؛
سِرُ نہ آھي سَٽَ ۾، پَرَ پيو ڪِي مَگَّجِ دانُ؛
خاڪِ، مِٽِي ڪا بانُ، ڪاتِيا پوءِ ڪُجُھ نَھِين.“

6

”چارَڻ! ٻوڙِ ڪَيِ پيو، گُهرِيُءِ سو گهورِيان؛
گَهرُ، سورَٺِ نہ پڙي، جان تندُنِ بَرابَرِ تورِيان؛
ڳُجهي آهِ ڳالهڙِي، آءُ اوري، تان اورِيان؛
ڪِ ڪُلهَنِئُون ڪورِيان؟ ڪِ، جاجڪَ! جُسي سين ڏِيَنِءِ؟“

7

ٽيئي پَرِچيا پاڻ ۾، تَندُ، ڪَنارو، ڪندُ؛
”تَنهِن جهوئي ناهِ ڪِي، جو تو، چارَڻَ! ڪَيو پَندُ؛
اِيُ شُڪُرُ اَلۡحَمۡدُ، جِئَن مَٿو گهرِيوءِ مَنگتا!“

8

ڪَنجهي ڪيرَتِ ڪِينَرو، واڄو وِلاتِي؛
هَنئِي تَندُ حُضورَ ۾، تَنهِن پارِسَ پيراتِي؛
ڏِسَنديئِي ڏِياڄَ کي، ظاهِرُ ٿِيو ذاتِي؛
ڪَڍي تَنهِن ڪاتِي، وِڌو ڪَرَٿُ ڪَپارَ ۾.

9

ڳُلُ چنو ڳِرنارَ جو، پَنَڻِ ٿِئُون پٿِنِ؛
سَهسين سورَتِ جهَڙِيُون، اُپِيُون اوسارِنِ؛
چوٽا چارَڻَ هَٿَ ۾، سِرُ سِينگاريو ڏِنِ؛
نارِيُون ناڏَ ڪَرِنِ: ”راجا راتِ رَمَڪيو!“

10

سورَٺِ مُئي، سُکُ ٿِيو، خِيما هَنيا ڪَنگهارَ؛
ٿِيو راڳُ، رُوپُ سو، لَڳي تَندُ تَنوارَ؛
سو ڏِٺين پٿين پارَ، پسو! راجا راضِي ٿِيو.

سُر ڪيڏارو

داستان پهريون

1

ڏِنو مُحَرَّمُ ماهُ، سَنڪو شَهزادَنِ ٿيو؛
جاٽي هيڪُ اَللهُ، پاڻَ وَٽَندِيُون جو ڪَري.

2

مُحَرَّمَ موٽِي آئيو، آئِيا تان نہ اِمامَ؛
مَدِيني جا جامَ مؤلا، مُون ڪي ميڙِئِين!

3

مِيرَ مَدِينِئان نِڪِري آئِيا نہ موٽِي؛
ڪارا رَڳَج ڪَپِڙا، اَدا نِيروٽِي!
آن تِنِين لَءِ لوٽِي، جي مِيرَ مُسافِرَ رانئِيا.

4

سَخِتِي شَهادَتَ جِي، مِڙوئِي مَلا رُ؛
ذَرو ناهِ يَزِيدکي، اِي عِشَقَ جَوآثارُ؛
ڪُسَڻَ جو قَرارُ، اَصُلُ اِمامَنِ سين.

5

سَخِتي شَهادَت جِي، نِسوروئي نازُ؛
رِندَ پَرُوڙِين رازُ، قَضِيي ڪَربَلا جو.

داستان پيو

1

چَندَ وِهاڻِيءَ چَڙهيا، مَلَّه مَدِينئان مِيرَ؛
اُنِ سين طَبَلَ، بازَ، تَبَرُون، ڪُندَ، ڪَٽارا، ڪِيرَ؛
عَليءَ پُٽَ اَمِيرَ، ڪَندا رازو رُڪَ سين.

2

ڪَربَلا جي پَڙ ۾، خِيما ڪوڙِيائُون؛
جهيڙو يَزِيدَ سامُهون، جُنبي جوڙِيائُون؛
مُنهُن نہ موڙِيائُون، پَسِي تاءُ تَرارِ جو.

3

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، اَهلِ بَيۡتَ آئِيا؛

ماري مِصِرِيُن سين، تن ڪافِرَ ڪَنبايا؛

سَچُ ڪِہ ٻِيِيءَ ڄايا، هَهڙا سُورِهَ سُپِرِين.

4

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا جُنگَ جُوان؛

ڌَرتي ڌُبِي، لَرزِي، ٿَرِٿليا آسمانَ؛

ڪَرِهِ هُئِي ڪَانِ، هو نظارو نِينهَن جو.

5

دوسِتَ ڪُهائي دادُلا، مُحِبَ مارائي؛

خاصَن خَلِيلَن کي، سَختِيُون سَهائي؛

اَللّٰهُ اَلصَّمَدُ بي نيازُ، سا ڪَري، جا چاهي؛

اِنَهِين مَنجِهه آهي، ڪا اُونهي ڳالهِه اِسرارَ جي.

داستان ٿيون

1

ڏِنو ڪالهَ ڪَنھِين، جُھونجھارِ ڪو جھَڳِڙو؛
ھاٿِيُنِ ھَڏَ مُڇائِيا، ريلو رَتَ نئِيَن؛
پانئَنِ سا سَنئِين، جِئان جِيءُ جوکو ٿِئي.

2

آيا، اُجارِين؛ تَنڪ، تَرا رِيُون تِئُرا؛
سانگِيُون سائُن ھَٿَ مِ، ڪُلَھِنئُون نہ لاھِين؛
اُپا ئي آھِين، مُھائي مَرَڻَ تي.

3

ھٽَڻَ، ھَڪَلِڻُ، پِيلي سارَڻُ؛ مانجِھيان اِيُ مَرَڪُ؛
وِجَھنِ تان نہ فَرَقُ، رُڪَ وَھندِيءَ راندِ مِ.

4

ٻَھادُرَ گَڏِيا ٻَھادُرين، ڪَڙِڳَ ڪِلوِلِ ڪَنِّ؛
وِجَھنِ ڏَڙَ ڏَڙَنِ تي، ھاڪارِينِ ھٽَنِّ؛
ڪِرَن، ڪَندَ نَچَنِّ، رِڻُ گَجِيو، راڙو ٿِيو.

5

هوڏانهن هُنِ هاڪارِيو، هيڏانهن هِي هَٽَنّ؛
سُرِنايُون ۽ سُندِ ڙا، ٻنين پارِ ٻُرَنّ؛
گهوٽَنِ ۽ گهوڙَنِ، رِڻ ۾ لائُون لَڙِيُون.

6

گهوڙَنِ ۽ گهوٽَنِ، جِئَڻ ٿورا ڏِينهَڙا؛
ڪَڏَهِن مَنجهه ڪوٽَنِ، ڪَڏَهِن واهي رِڻ جا.

7

جهمَندِيُون اَچَنِ، جهوليُون جُهوڄهارَنِ جُونِ؛
پايو ٻُڪَ ٻُهارَ جا، اُنِ جُونِ وَهُون واڪا ڪَنِ؛
پِٺِنِ پارَ ڪڍَنِ؛ رڻ گجيو، را ڙو ٿِيو.

8

"ڪانڌَ! ڪَلارين ڪَپڙين، وَرَ! وِناهِيو آءُ؛
جتِ سانگِئُنِ جي سَٿِ وَهي، اُتِ وِڪَ وَڌندِي پاءِ؛
نان تان پِوَ مَ پاءِ، جان جان نُوڌين نہ چڙهِين."

9

’پَکو‘ آئُون نہ چوان؛ ’مارِيو‘، تہ وِسَهان؛

ڪانڌَ مُنهَن ۾ ڏَڪَڙا، سيڪِيندي سُونهان؛

تہ پڻ لَڄَ مَران، جي هُوَنسِ پُٺِ ۾.

10

مُنهَن مَٿاهان جن جا، سي پِٺيو ڪَڍَنِ پاَر؛

”جيڏِيُون! هِنَ جُهنجهارَ، اُجاري سَپِ اَچا ڪَيا.“

11

مَرُ مَرِين، آئُون رُئَنءِ! موٽِي آءُ مَ، ڪانڌَ!

ڪَچَنِ وَڏا پاندَ، جِئَڻَ ٿورا ڏِينهَنڙا.

داستان چوٿون

1

ڪا جا ڏِري ڏُنگِري، ڪو جو وَرِيو واءُ؛

عَلِيءَ شير وِياءُ، رِڻَ ۾ پِيَن راتِڙي.

2

جهيڙو لاهِ، يَزِيدَ ! عَلِيءَ جي اولادَ سين؛
سا نہ پَسَندين عِيدَ ، جا هُوندِي مِيرَ حُسينَ سين.

3

ڪُوفِيُنِ قَهرُ ڪَيو، ڏِيا جَماتي يَزِيدَ سين؛
پَلِيتَن ڪي پِڙَ ۾، وَرَنهُ وَرِ پيو؛
سَٿَرِ هونِ سِهو، شيرُ شَهادَتَ رَسِيو.

4

ڪُوفِيُنِ ڪاغذُ لِکيو، وِچ وِجهي اَللهُ؛
”اَسِين تابِعَ تُنهنجا، تُون اَسانجو شاهُ؛
هيڪَرَ هيڏي آءُ، تہ تَختُ تابِيني تُنهنجي.“

5

ڪُوفي ڪَربَلا ۾، پاڙِي نہ پيارِين؛
اُتي عَلِيءَ شاهَ کي، شَهزادا سارِين؛
نِڪِريو نِهارِين؛ چَڙهُ، مِيرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي!

6

پِرِهَ پَکِي آئيو، ڪَربَلا مان ڪَهِي؛
روضي پاسِ رَسُولَ جي، تَنِهن هلِي هاڪَ هَنئِي؛
”ڏِنيَمِ رُڪَ رُئِي، چَڙهُه، مِيرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي!“

داستان پنجون

1

حَسَنُ ناه حُسينَ وَٽِ، پيلِي نه پاهُون؛
ساڙيه شَهزادَنِ جو، آهي اَڳاهُون؛
يَزِيدَ! جُلاهُون، تيلان ڪَرِئين تَڪِڙِيُون؟

2

ڪِلِي وِيرَ ڪَنَڪَ ۾، هَيءِ! جي حَسَنُ هو؛
پيڙو پيڙو پَنهنجي پاءُ سين، پَتَنگَ جِئَن پيو؛
آهي ڪيرُ پِيو، جو ڪَري هَلان مِيرَ حُسينَ تان؟

3

ڪِلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، سائُو سَپ نہ هُوَنِ؛
پِڙَ تي سيئي پُوَنِ، موتُڻَ جنِين ميهِڻو.

4

ڪِلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، پاڪَر جو پائي؛
اَجا اُنَ کي جِئُڻَ جو، آسانگو آهي؛
سُورِهُ سو چائي، جو رُڳُوئي رِڻِ ڳهڙي.

5

سُورِهَا! مَرِين سوپَ کي، تہ دِلِ جا وَهمَ وسارِ؛
هَڻُ پالا، وِڙهُ پاڪُرين، آڏي ڍالَ مَ ڍارِ؛
مَٿان تيغ تَرارِ، مارِ تہ مَتارو ٿئين.

6

حُرُّ هَلِي آئيو، مانجهي مَردانو؛
”آهِيان عاشِقُ آڳِ جو، پَتنگُ، پَروانو؛
مانَ راضِي ٿئي، رَسُولُ رَبَّ جو، نَبِي تو نانو؛
هِيُ سِرُ سَمانو، گهوٽَ! مَٿان ئي گهورِيان.“

7

هُئِي هِدايَتَ حُرَّ کي، اَزَلَ ۾ اَصلاڻ؛
چَڙهِي آئيو جَنگِ تي، هلِي هُنَ پارا؛
اِيندي چِيائِين اِمامَ کي: ”گھورِيُسِ آن مَٺاءِ“؛
”لَا يُڪَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا“، جيڪا پُڄَندِيَمِ سا؛
گھوٽَ بہ لِڳا گھاءَ، سِر پڻ شِيرُ شَهِيدُ ٿِيو.

8

پاوَنگُ اُپو پِڙَ ۾، هَٽِي هَزارِي هولُ؛
جوهَرَ ۾ جَڙاءَ سِينَ، ڪامِلَ سِرَ ڪَنکولُ؛
رَتو رَتَ رَتولُ، مولِهيو مِيرَ حُسينَ جو.

9

ڏاڙهِي رَتَ رَتِياسِ، ڏَندَ تہ ڏاڙهونءَ گُلَ جِئَن؛
چوڏِهينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، پِڙَ ۾ پا ٻَرِڙِياس؛
ميڙِي ۾ مُحَمَّدَ جي، مَرُ مَرڪي ماسِ؛
تَنِهن سُورِهَ کي شاباسِ، جو مَٿي پِڙَ پُرِزا ٿِئي.

10

ڪَڪِرا ڪَربَلا جا، مادرِ ٿي ميڙِياسِ؛
ڦَٽَنِ تان رَتَ ڦُڙا، عَلِيءَ ٿي اُگهياسِ؛
مِڙَئِي معافُ ڪَياسِ، خالقَ بَدِلي خُونَ جي.

داستان ڇهون

1

ڪَؤنر، ڪِلي جا ڪوڏِيا! جانڪِي تائَين جِي؛
مَٿان اَڙِنِ اُسِري، رُڪَ پيالو پِيُ؛
ڳاهُ ڳِجُهنِ جو ٿِيُ، ويئي جن وَرِهَ ٿِيا.

2

ڇِپَرِ جَنَ پهُون، تَنَ رِڻ ڳِجُهنِ رانئيو؛
وَنِڪا وَنِڪَنِ ڳَڏِيا، دوڙِيو ڏِيَنِ ڏَهُونِ؛
مُهاَنِ وَهُون، نِيرُ مَهانگو ڪَندِيُون.

3

ڪُوپا ڪِلي ڪوڏِيا، راوَتَ ڪِين رَهَنّ؛
سائُن سِرَ فِدا ڪَيا، اَڳيان اِمامَنّ؛
”يُجَاهِدُونَ فِي سَبِيْلِ اللّٰهِ“، ڪَمُّ اِهو ئي ڪَنّ؛
حُورُون هارَ بِڌَنّ، سِهرا شَهِيدَنِ کي.

4

جَنَّتَ سَندِيَن جُوءِ، فائِقَ هَليا فِردَوسَ ڏي؛
فانِي ٿِيا ’فِي اَللّٰهَ‘ ۾، هُوءِ سين ٿِيا هُوءِ؛
رَبَّ! ڏيکارِئِين رُوءِ، اُنين جي اِحسانَ سين!

5

حسَنَ، ميرَ حُسينَ کي، رُنو تِن تولَن؛
گهَرِ ماڙُهين، جهنگِ مِرُوئِين، اُپَن ۾ مَلَڪَن؛
پَکِيُن پاڻ پَڇاڙِيو، تہ لَڏِيو هوتَ وَجَن؛
اَلا! شَهزادَنِ، سوپُون ڏِئِين، سَچا ڏَڻي!

6

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ جو، جن نہ هِنئَڙي جارُ؛

خالِقُ، رَبُّ جَبّارَ، ڪِينَ مَرهِيندو تن کي.

سر سارنگ

داستان پهريون

1

آگَمِيو آهي، لَڳَهَ پَسُ! لَطِيفُ چئَي؛
وُنو مِينهُن وَڏَ ڦُڙو، ڪَڍو ڏَنڊَ ڪاهي؛
چَنَ چَڏي پَٽِ پِئو، سَمَرُ سَنباهي؛
وِهو مَ لاهي، آسِرو اَللهَ مان.

2

آگَمَ ڪَيا اَللهَ، لَڳَهَ پَسُ! لَطِيفُ چئَي؛
پَلَرَ جي پالُوٽَ سين، پَٽَنِ جهليا پاهَ؛
واحِد وَڏائِي ڪَيا، مَٿي ڪَسَن گاهَ؛
سانگِيُنَ وَرِيا ساهَ، اُتُنِ آبُ آگوندِ رو.

3

آگَمَ اِيَ نه اَنگَ، جهڙو پَسَڻُ پرينءَ جو؛
سيڻَنِ رِءَ سَيَّدُ چئَي، رُوحَ نه رُچَنِ رَنگَ؛
سَهَسين ٿِيا سارَنگَ، جاني آيو جُوءِ مِ.

4

جانِي آيو جُوءِ ۾، ٿيو قَلبَ قَرارُ؛

وَهِلو وِچائِين وِيو، ڪَري غَمُ گُذارُ؛

نِظارو نِروارُ، پِي پَسايو پانهِنجو.

5

اَجُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، تاڙي ڪِي تَنوارَ؛

هارِيُن هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ؛

اَجُ پڻ مُنهنجي يارَ، وَسَڻَ جا وِسَ ڪِيا.

6

اَجُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيسَ؛

وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لَعَلُ لِبيسَ؛

پِرِين جي پَرِديسَ، مُون ڪي مِينهَن ميڙِيا.

7

اَج پڻ اُميدُون، آگمِ سَندِيُون اُپَ ۾؛
ساوَڻُ پَسِي، سَرَتِيُون! سَجَڻُ سارِيو مُون؛
آئُون آسائتي آهِيان، مانَ پِجائي پُون؛
گهَرِ نہ گهُرجِين تُون، مُندَ مڙيئي مينهَن جِي؛

8

اُتران ٿي آئِيُون، ڪَري هَڪَلَ هُوءِ؛
پَري ٿَلَ تَرائِيون، جوڙي هَلِيُون جُوءِ؛
پَسو جا پَٽَن ۾، ڪَٿُورِيءَ خوشبُوءِ؛
اَچي رُوبرُوءِ، اُنِيُون روضي تان رَسُولَ جي.

9

پِيَّ پَسايو پانهِنجو، نِظارو نا گاهَ؛
لَٿو ڪَٽُ قَلُوبَ تان، ٿِي وِرُوهَڻَ واهَ؛
اُميدُون اَرِواحَ، پِيَّ پَسندي پُنِيُون.

10

وَسَڻُ اَکَڙُيِن جِئَن، جي هُوند سِڪَئِين، مِينهَن!
نہ هُوندَ راتو ڏِينهَن، بِس بُوندَيَنئُون نہ ڪَرِين.

11

گامَ گُندي ءَ گَنجَ، اَبَرَ مِ اُهاءُ ٿِيو؛
پَسِي پَرِ پِرِيُن جِي، ڏُور ٿِيا سَڀ ڏَنجَ؛
شالَ وَسندَو سَنجَ، عاشقَ تي اوهِيڙا ڪَري.

12

اَگَڻِ تازِي، ٻَهَرِ ڪُندِيُون، پَڪا پَٽِ سُنهَنِ؛
سُرَهِي سيجَ، پاسي پِرِين، مَرُ پيا مينهَن وَسَنِ؛
اَسان ۾ پِرِيَن، شالَ هُوَنِ بَرابَر ڏِينهَڙا.

13

بَرَ وَنا، ترَ وَنا، وَنيُون ترايُون؛

پِرهَ جو پَٽَنِ تي، ڪَنِ وِلوڙا وايُون؛

مَڪَڙَ پَرين هَنڙا، سَنگهارِيُون سايُون؛

ساري ڏُهن سامُهيُون، ٻولايُون، رانيُون؛

ٻانِهيون ۽ ٻايُون، پَڪي سُنهَن پانهنجي.

14

بَرَ وَنا، ٿرَ وَنا، وَنوجيسَرُميرَ؛

آڳَمِ ڪَري آئِيُون، پائُرِ پَري پيرَ؛

لاٿائُون، لَطِيفُ چئي، وانديُنِ مَٿان ويرَ؛

سَرَها ڪَيائُون سيرَ، سَرهيُون سَنگهارِيُون ٿِيُون.

15

بَرَ وَنا، ٿَرَ ونا، وَني ڪَڇَ ڪِنارَ؛

پونيازِيءَ پَٽَنِ تي، ڏِسُ! نايائُون نارَ؛

سَٻاجهي سَتارَ، لاٿا ڏُرتَ ڏيهَ تان.

16

سارَنگَ! سارَ لَهيجِ، اَللهَ لَگِ اُجِينِ جِي؛
پاڻِي پُوجَ پَٽَنِ ۾، اَرزان اَنَّ ڪَرِيجِ؛
وَطَنُ وَسائِيجِ، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

17

سارَنگَ کي سارِينِ، ماڙهُو، مِرگهَ، مينهِيُونِ؛
آڙِيُون اَبَرَ آسِري، تاڙا تَنوارِينِ؛
سِپُون جي سَمُوندَ ۾، نَئِين سِجَ نهارِينِ؛
پَلَرُ پِيارِينِ، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

وائي

مُنهِنجي سَيّدُ سارَ لَهندو، مُون کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.
سَجِدي پئي سُپرينءَ، زارِيُون زورِ ڪَرِيندو،
اُمَتَ ڪارَڻِ اَحمَدُ اُتِ، پِرِمَل پاڪُ پِنندو،
صُورَ ڏَڪاءُ ٿِيندو، اِڪِيُون سَپ سَجُ ڪَڍندو،
ميڙُو ٿِيندو مومِنين، اُتِ مُحَمَّدُ مِيرَ مَلهَندو،
نفسَاً نِفسِي سِپَڪو ڪَري، داتا دَرِ دوڙَندو،
مُهتُ ڏِيندُس مولو، اُتِ بَدِيُون بَخشائِيندو.

داستان پيو

1

سارَنگَ سائي سِٽَ، جهڙِيي لاڙِي لاکَ جي،
اِئَن سي اُبِن اَنگِيا، جِئَن سي چُنيءَ چِٽَ،
بَرِسيو پاسي پِٽَ، پِريائين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

2

پِري پَٽ تي آئيو، سارَنگُ سُهجَ مَنجهان؛
ڪِڙِيُون ڪَنَڻَ هارَ جِئَن، وِڄُون اُتَرَ واءِ؛
سُرَها سَبِزا ٿِيا، دامَڻَ دِبَ ڪَيا؛
پَهِري پَٽَنِئان، پَرِيائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

3

پَرِيائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا، وُٺو وارِياسو؛
ڪُٽِيِتيءَ ڪِنوَڻَ ڪَيو، چَڱو چؤماسو؛
ماڪاٽِيءَ تان موٽِيو، ڏِيئي پَبَ پاسو؛
خالِقَ ڪَيو خاصو، چِيهو چُڪِيءَ ڪَنڌِيِن.

4

چِيهو چُڪِيءَ ڪُنڌِيِن، ڪَيائِين ڳَڙَنگَ تي ڳُلَ؛
هَڏاڪُٺيان هَليو، پَري تَرايُون تَلَ؛
آنڌائِين آبَ اُڇَلَ، مَٿي باغَ بَهارَ ٿِي.

5

اَڄُ رَسِيلا رَنگَ، بادَل ڪَڊِيا بُرجَنِ سين؛
سازَ، سارَنگِيُون، سُرَندا ، وَڄائي بَرُ چَنگَ؛
صُراحِيُون سارَنگَ، پَلِٽِيُون راتِ پَڌامَ تي.

6

مينهان ۽ نِينهان، ٻَئي اَکَرَ هيڪڙي؛
جي وَسَڻَ جا ويس ڪَري، تہ ڪَڪَرَ ڪَنِ ڪيهان؛
بادَلُ ٿي بيهان، جي آگَمِ اَچَڻَ جا ڪَرِين.

7

ڪُڻِڪَنِ ڪانڌُ چِتِ ڪَيو، جُهڙُ پَسِيو جِهجَنِ؛
وَرَ رِءَ وانڍِيُنِ اَڏِيا، پَکا سي مَ پُسَنِ؛
اُتَرُ ڏاهي اُنِ جا، تہ ڪَنهن کي ڪارُون ڪَنِ؛
وارِثُ وَري تَنِ، اَچي شالَ اولو ڪَري.

8

ڪُڻڪَن ڪانڌُ چِتِ ڪَيو، جُهڙُ پَسِيو جُهڻڪَنِ؛
سُٽِيو رَڙِ رَعِدَ جي، ڪَلِيُون ڪِنون ڪَنبُنِ؛
ڪَلِيُون ڪِينَ ڪُڇَنِ، ويچارِيُون وَرَنِ ري.

داستان ٽيون

1

گَنيَرَ گَتِ سِڪَنِ، چِلَڻَ جي چاهَ پِئي؛
هِندوا حيرَتَ مِ پيا، لاڙِلي ڪِي لِبَنَ؛
چِمڪَنِ چوڏس چَندَ جِئَن، وِڄڙيُون وَهسَنِ؛
لوچَنِ ٿاءِ لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لاءِ پِرِيَنِ؛
ڪَيسَرَ قِرِيَنِ، سَنباهي سانڍُ ڪَنيا.

2

منڊَ ٿي مَنڊَل مَنڊِيا، ڪي اوهِيڙَن اوڪَ؛
چاچَرِ ٿي چَنَنِ ۾، مينهِيُون چَرَنِ موڪَ؛
سَرَهِيون ٿِيُون سَنگهارِيُون، پُوِيو پائِنِ طَوقَ؛
ميها، چِيڙَ، ڦنگِيُون، جِت ٿِيَنِ سَپيئي ٿوڪَ؛
لاهِئين مَٿان لوڪَ، ڏولائي جا ڏِينهَڙا.

3

مُنڊَ ٿي مَنڊَل مَنڊِيا، تاڙِي ڪي تَنوارَ؛
هارِيُن هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ؛
اَڄُ مُنهِنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪِيا.

4

مُحِبَّ مُنهنجا سُپرِين! آڻيئي اَللّٰهُ؛
توکي سارِيو ساهُ، اُڪَنڊِيو آهُون ڪري.

5

آگَمَ ڪَيو اَچَنِ، سَجَڻَ سانوَڻَ مِينهَن جِئَن؛
پاسي تِنِ وَسَنِ، جي سَڀُ جَمانڊَرُ سِڪِيا.

6

اُوچڻَ گُهرِجي آجڪو، جُهوپو سَهي نہ سِيُ؛
سُٺائج سُوَڙَ کي، حالُ مُنهِنجو هِيُ؛
اڱڻَ آيو ٿِيُ، تہ ڏولِيا! ڪَنهن ڏَنگ ٿِيان.

7

ڪانڌَ! تُنهنجي پاندَ ري، سَنجهي سيءَ مَران؛
ڪامِلَ! ڪَپاهُنَ مِ، پيئي ٿارَ ٺَران؛
تارِيءَ تو تَران، جِنَ وَرُ وهاڻِيءَ وارِئِن.

8

ڪانڌَ! تُنهنجي پاندَ ري، سيءَ مَران سَپ راتِ؛
ڪامِلَ! ڪَپاهُنِ مِ، جَهپَ نہ اچي جهاتِ؛
اَچِين جي پِرياتِ، تہ آئُون سِيُّ نہ سارِيان.

داستان چوٿون

1

سَڄَڻَ سانوَڻَ مِينهَن جِئَن، جُهِڙِڪَن پاسي جهوڪَ؛
ڏِيندا پاهُ پَٽَنِ کي، مَنجهان مِينهَن موڪَ؛
لَسَ پيارِينِ لوڪَ، آڳَمَ ڪَيو اُڪَنِ سين.

2

واهُندان وِڄُون ٿِيُون، ڪِڙِيُون ڏَنهن ڪَنپاتَ؛
ڪُنڊِيُون ڪاهي ڳَسِ ڪَرِيو، وَڇُون ڪَرِيو واٽَ؛
سَنگهارَنِ سُکُ ٿِيو، لَٿِي اُڃُ اُساٽَ؛
جُهڙُ ڦُڙُ ڏيئي جهاتَ، پُسائيندِيُون پَٽِيُون.

3

سَڄو صافُ نہ اُپِري، سَرِلِي وِڇان سِڄُ؛
مُنهُن چَڙِهيو ماڙهن کي، ڏِئي وڏايُون وِڄُ؛
هِنئَڙا! ڪَپُ مَ ڪِڄُ، سِگها مِلَندَءِ سُپِرين.

4

ڏَٺِ ڏِري پَٽِ پيئُون، ٿِيا وَلهارَنِ وِيَ؛
سِجُ، چَنڊُ نہ پاڙِيان، سيڻَنِ جي شَبِيهَ؛
جي جانِي اَندَرِ جِيءَ، سي پِرين پِيهي گهَرِ آئِيا.

5

ڏَٺِ ڏَري پَٽِ پيئُون، وِڄُنِ ڪَيا ڏَرَمَ؛
واحِدَ وَڏائِي ڪَيا، ڪُنڊِنِ ساڻُ ڪَرَمَ؛
سَنگهارَنِ شَرمَ، رَکُ مُنهنجا سُپِرين!

6

موٽي ماندڻ جي، واري ڪيائين وارَ؛
وِڃُون وَسَطِ آئُيون، چؤڏِس ۽ چوڏارِ،
ڪي اُتي ويئُيون اِستنبول ڏي، ڪي مَٽيُون مغرب پارَ؛
ڪي چمڪن چينَ تي، ڪي لهَن سَمرقنديُن سارَ؛
ڪي رَمي ويئُيون رومَ تي، ڪي ڪابُل، ڪي قندارَ؛
ڪي دَهليءَ، ڪي دکن، ڪي گُڙن مَٿي گرنارَ؛
ڪَنهين جُنبي جيسلميرَ تان، ڏنا بيڪانير بَڪارَ؛
ڪَنهين ڀُڄ ڀڄائيو، ڪَنهين ڍَٽ مَٿي ڍارَ؛
ڪَنهين اَچي امرَ ڪوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ؛
سائيَم! سَدائين ڪَرين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ؛
دوسَ! مِنا دِلدارِ، عالَمُ سَڀ آبادِ ڪَرين.

7

مونِي ماندائِڻ جِي، جُڙي ڪَيائِين جوڙَ؛
وِڃُون وَسَڻَ آئيُون، پِہِ پِہِ پَڏائُون پوڙَ؛
اَنِن جا عالَمَ ۾، لَکين ٿِيا ڪوڙَ؛
سارَنگَ لاتي سوڙَهہ، ساندَهِ سُهائو ٿِيو.

8

حُڪُمُ ٿِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگَ ساٿَ ڪَجَنِ؛
وِڃُون وَسَڻَ آئيُون، ٿَہَ ٿَہَ مِينهَن ٿَمَنِ؛
جَنِ مَهانگو لَهِي ميڙيو، سي ٿا هَٿَ هَٽَنِ؛
پَنجَنِ مَنجهان پَندِ رهَن ٿِيا، اِئَن ٿا وَرِق وَرَنِ؛
ڏُڪارِيا ڏِيہَ مناء، شالَ مُوذي سَپُ مَرَنِ؛
وَرِي وَڏِي وَسَ جُون، ڪَيُون ڳالِهيُون ڳَنوارَنِ؛
سَيِّدُ چوي سَپِنِ، آهِ توهِ تُنهِنجِي آسرو.

9

اَندَرِ جھڙُ جُھورِ وَھي، ٻھَرِ ڪَڪَرُ نہ ڪوءِ؛
وَسائيندي وِڄُڙي، حُبَّ جنين کي ھوءِ؛
لالَنُ جنين لوءِ، تن اوڪاٽِين نہ اَکيُون.

10

آگَمِجي آئيُون، اُتَران ڪَري اُورِ؛
جي پرين هُئَڙا ڍُورِ، سي مُون کي مِينهَن ميڙيا.

وائي

آئي مُندَ مَلارَ، آئون کِھنبا ڪَندِيَسِ ڪَپڙا؛
وَسَڻَ جا ويس ڪَيا، اَڄُ مُنهنجي يارِ؛
لارَ لائيندي وَچُڙا، پِنڙَسِ پَنيا وارَ؛
پَکي آءُ پِرِين تُون، لَهُ مُنهنجِي سَيِّدُ! سارَ.

سُر آسا

داستان پهريون

1

لوچان ٿي لاحَدَ ۾، ھادِيءَ لَھان نہ حَدُّ؛
سُپيرِيان جي سُونَھن جو، نَڪو قَدُ نہ مَدُّ؛
ھِتِ سِڪَڻُ بي عَدَدُّ، ھُتِ پرِينءَ پَروا ناہِ ڪو.

2

”آئُون“ سين اُنَ پارِ، ڪَڏِھن تان ڪونہَ پِيو؛
”اِنَّ اللّٰہَ وِترٌ يُحِبُّ الْوِتْرَ“ نيئي پيائي پارِ؛
ھيڪِڙائيءَ وَٽِ ھارِ، ھَنجُون جي ھُئَڻَ جُون.

3

بَنِ! پيائي، سُپرِين! پاڻان مُون ڪي پَلِ؛
”آئُون“ اورِيان جَھلِ، توکي رَسي ”تو“ ڏَٽِي.

4

هُو پڻ ڪونهي هِن ري، هِيُ نہ هُنهان ڌار؛
”اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَ اَنَا سِرُّهٗ“، پَرُوڙِج پچار؛
ڪَندا وِيا تَنوار، عالِمَ عارِف اَهڙِي.

5

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نَمازَ؛
سَڀِ وِڃائي سازَ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئُو.

6

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ سُجُودُ؛
وِڃائي وُجُودُ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئُو.

7

نابُودِيءَ نيئِي، عَبْدَ کي اَعلیٰ ڪَيو؛
مُورَتَ مِ مَخفِي ٿِيا، صُورَتَ پڻ سيئِي؛
ڪَبِي اِتِ ڪيهِي؟ ڳالِهہ پِرِيان جي ڳُجھ جِي.

8

جن وِڃايو وُجُود کي، سي فاني ٿيا ”فِي اللهَ“ ۾؛
نہ تِن قِيامُ نہ قُعُودُ ۾، نہ ڪو ڪَنِ سُجُودُ؛
جيلان ٿِيا نابُودُ، تيلان گَڏِيا بُودُ کي.

داستان ٻيو

1

اُپِرَنْدي ئي سِجَ، پِرِين جي نہ پَسَندِيُون؛
ڪَڍِي پيئي ڏِجَ، اَکَڙِيُون ڪانگَنِ کي.

2

نيرانا ئي نيڻَ، نيئي آڇِ پِرِيُن کي؛
سَتِرَ ڪاڏا ڪيڻَ، جہ ڏِنو مُنهُن مَحْبُوبَ جو.

3

تِن نيڻَنِ ڪِي نيرانِ، جِنِ ساجُهرُ سيڻَ سانيِيِيا؛
جِيءَ، جُسي ۽ جانِ، ڪَرَ حُضُورِي حَجُّ ڪِيو.

4

اَڪِيُون عَلَي الصَّباح، دوست ڏيکڙُ آئُيون؛
اُپيندِيُون اَرِداسَ ۾، ٻِي نہ ڪَندِيُون ڪاءِ؛
رَچَندِيُون رِءَ پاهَ، پَرِچَندِيُون پرينءَ سين.

5

وَسَنِ ۽ وَهسَنِ، ڏيهاڙِي ڏِسَڻَ لَءِ؛
ڏِسي ڏِسِي آئُيون، توءِ تَلاشُون ڪَنِ؛
ڏاپيو نہ ڏاپَنِ، پَسَڻَ مَنجهان پرِينءَ جي.

6

اَکَڙِيُون اَکَڙِيُنِ تي، ڏَمَرَ ڏوسَ ڪَرِينِ؛
جيلانہَ سِڪَڙُ سِڪِيُون، تيلانہَ دَعوىٰ مَنجِهہ دَڙِينِ؛
کِلَنِ ۽ کِرِينِ، رُسَنِ پَرَچِنِ پاڻَ ۾.

7

اَکِيُنِ کي آئُون، جان ڪِي جُهلُون پائِيان؛
لوڪُ لَتاڙِي نِندَ ۾، ساجَنُ سونائُون؛
مُون کي مارِيائُون، پاڻَ پَرِچي آئُيون.

8

اَکِيُنِ پَنهَنجِي مَتِ، پاڻَ سين پاٽَهِين ڪَئِي؛
اُتي وَجِي لَڳِيُون، جِتي جانِ ڪَپَتِ؛
نَہ ڪا ڳالِهه نہ ٻَتِ، جِيَّ ڏِني رِءَ نہ جُڙي.

9

اَکَڙِيُنِ آرو، مُونهان پُڇِي نہ ڪَيو؛
اُتي وَجِي اَڙِيُون، جِتي چَوَڻَ نہ چارو؛
هِينئَڙو ويچارو، واٺُون جَهلِيو وِجُهلي.

10

اَڪِ اُلِٽي ڏارِ، وَڻُ اُلِٽو عامَ سين؛
جي لِهوارو لوڪُ وَهي، تُون اُوچو وَهُ اوپارِ؛
مَنجهان نُوچَ نِهارِ، پُرُ پُنِيرو پِرِيَنءَ ڏي.

11

تان جي ٿِيَنِ سامُهان، پُنِيرا سُونهَنِ؛
سَنئُون وَرائي سُپِرِين، مُنهُن جي مانڊي ڪَنِ؛
رَڳُون سَپِ رَچَنِ، تَنَ ۾ تازَئِي ٿِئي.

12

اِڪيُون سي ئي ڏارِ، جِنِ سان پَسين پِرينءَ کي؛
ٻِئي ڏانهن ڪِيمَ نِهارِ، گهٽو رِيسارا سُپرِين.

داستان ٽيون

1

ديکُ مَ تُون سين تَنِ، هِي جي مَجازِياٽيُون مُنهَن ۾؛
ڪِينَ نه سُڄاتو سُپرِين، نِهاري نيٽَنِ؛
پِرين سي پَسَنِ، ٻِئي جنين ٻُوٽيُون.

2

مَجازِي مَ مَٽ ڪَرِ، پَنِيُون اِئَن نه پيرِ؛
پُڇي ٿِئين نه پيرِ، هارِي! حَقيقِيءَ جي.

3

سَنئين سُونهائي سَپَڪا، ڪا مُون مُنجهائي؛
طَلَبَ ۽ تَحصِيلَ، اورِيان ئي آهي؛
مان تَنُ تِت لائي، جِتِ آهِ نه ناهِ ڪا.

4

جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيُ خاڪيءَ جو خِيالُ؛
جانِبَ جو جَمالُ، پَسَڻان ئي پَري ٿيو.

5

جان تَنُ ڪَيوءِ نہ تيئَن، سوئِرِيان ئي سَنِهڙو؛
پِرين پائيندا ڪِيئَن، توکي اَکَڙِيُن ۾ ؟

6

اَکِيُن ۾ ٿي ويهُ، تہ آئُون وارِي ڏَڪِيان؛
توکي ڏِسي نہ ڏيهُ، آئُون نہ پَسان ڪِي پيو.

7

ڪَرِ ڪي ڪُپُرُ ڪاءِ، نانگُ مِٽيارو نِڪِري؛
اُپو جو اوناءِ، سُرِ پُرِ سَندِي سَجَڻين.

8

سَجَڻَ سَنئِيُون ڪَنِ، لوڪان ليڪي وِنگِيُون؛
سَندِي سُپرِيَنِ، پَرِ پَرُوڙَڻُ ڏاکڙو.

9

حوصِلو حَيرَت ۾، ڪَري ڪِينَ دَرَڪُ؛
جو حُسُنَ سَندو حَقُّ، سو ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَ ڪِي!

10

حوصِلو حَيرَت ۾، وَڃي ڦِيو ويچُون؛
مُحَبَتَ جُون ميچُون، ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَ ڪِي.

11

مُئي هاٿِيءَ تي مامرو، اَچي ڪيو اَنڌَنِ؛
مَنازِنِ هَٿَن سِين، اَڪِئِن ڪِينَ پَسَنِ؛
”فِي الحَقِيقَتَ“ فِيل کي، سَڄا سُڃاڻَنِ؛
سَندِي سَرِدارَنِ، بَصِيرَت بِينا ڪَري.

وائي 1

مُنهَن مَنجهِ خَلِيلُ، اَندَرِ آذَرُ آهِئين.

سَڌَ مَ ڪَرِ صِحَّتَ جِي، اَجا تُون عَلِيلُ؛

نالو ناهِ نِفاقَ جو، جِتي رَبُّ جَلِيلُ؛

مُنهَن مِ مُسَلمانُ تُون، قَلبُ تان قَلِيلُ؛

والِيءَ جي وِصالَ ۾، دوئِي ناهِ دَلِيلُ؛

اَلا! عَبدُاللَّطِيفُ چَئي، سَچو رَڪائِجُ سِيلُ.

وائي 2

مَؤتَ مُندَ نہ آهي، تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا.

”عَجِّلُوا بِالتَّوبَةِ قَبلَ المَوتِ،“ ويھُ تُون ويرَمَ لائي؛

پِريان ڪارَڻِ پاڻَ ڪي، سِڪھو ويھُ سَنباهي؛

اَجَلُ اَسارَنِ ڪي، ڪامَ وَني ٿو ڪاهي؛

وِڏائِين وَڏِڻَ لَءِ، ڳُڻُ ڪُهاڙِيءَ پاهي؛

عِمارَ تُون اَنڌَنِ جُون، ڊاهِيو ٿو ڊاهي؛

نِبا گهوٽَ گهَرَنِ ڏي، ڪَنهن وَڏِيءَ وير وَناهي؛

اُتي، عَبدُاللَّطِيفُ چَئي، بِنا ڪَفَنَ پَراهي.

داستان چوٿون

1

مَحرُومَ ٿِي مَرِي وِيا، ماهِرَ ٿِي نہ مُئا؛
چِڙِيءَ جِيئَن چُهنجَ هَٽِي، لَڏِيائُون لُئا؛
حُبابَ ئُي هُئا، اِنهِيءَ واديءَ وِچَ ۾.

2

اَسِين سِڪُون جن کي، اَسِين پُڻِ سيئُي؛
”لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ“، وَنءُ اوڏانهِين پيهِي؛
تِهان مَنجهيئُي، پارِڪَ! پِرَڪَج حَقَ کي.

3

ڏِسَڻُ ڏِسِين جي، نہ هَمہَ کي حَقُّ چَئِين؛
شارِڪَ! شَڪُ مَ ني، اَنڌا! اِنهِيءَ ڳالهِ ۾.

4

آڏو جو اِثباتِ کي، سو شِرڪُ لاهي شَڪُ؛
هُئي جنهن ۾ حَقُّ، تنهن نَفِيءَ جِهو ناهِ ڪو.

5

اِنَ پَرِ نہ اِيمانُ، جِئَن ڪَلِمي گو ڪوٺائِين؛
دَغا تُنهِنجي دِلِ ۾، شِرڪ ۽ شَيطانُ؛
مُنهَن ۾ مُسَلمانُ، اَندَرِ آذَرُ آهِئين.

6

ڪُوڙو تُون ڪُفرَ سين، ڪافِرُ مَ ڪوٺاءِ؛
هِندُو هَڏِ نہ آهِئين، جَڻيو تو نہ جُڳاءِ؛
تِلڪُ تِنين کي لاءِ، سَچا جي شِرڪَ سين.

7

مُنهُن تہ آهيرِيان ٿِي اَجرو، قَلبَ ۾ ڪارو؛
ٻَهران زيبُ زِبانَ سين، دِلِ ۾ هَچارو؛
اِنَ پَرِ ويچارو، ويجهو ناهِ وِصالَ سين.

8

تُون ڪا ڪانِي پاءِ، وَنِ ۾ وِصالَ جي؛
دُوبِينائي دُورِ ڪَري، مَعرِفَتَ مَلهاءِ؛
سُپيرِيان جي سُونهَن ۾، رُخنو ڪَون رِهاءِ؛
اِڪَ اَشهَد چاءِ، تہ مُسَلِماني ماڻِئين.

9

سُرمُون سِياهيءَ جو، رَنِ ڪي رِهاءِ؛
ڪانِي ڪارائيءَ جي، مُڙسُ ٿِي مَ پاءِ؛
اِڪِيُنِ ۾ اَتِڪاءِ، لالائي لالَنَ جي.

10

سُرمون سُرخِيءَ جو، جَڏهن پاتو جن؛
تَڏهن ڏِٺي تن، رَونَقَ ريٿي جَهِڙي.

11

سُرمون سُفيدِيءَ جو، جَڏهن وِڌو جن؛
تَڏهن ڏِٺي تن، اَڇائي عالَمَ ۾.

12

مُون تان لِڪائي گهڻو، روئَڻ ڪِي روشَنُ؛
رَسِيو ريزالَنِ کي، مَنجهان زَرديءَ ظَنُ؛
ويرِي مُون وَرَنُ، ڳالهِ ڪَيائِين ڳُجَهه جِي.

13

لَڪين سَئِين مَهراڻ، آئِي سَڀ اُذَمِيا؛
سَڙان مَنجهِين مانَ، ٻهَرِ ٻاڦَ نه نِڪري.

14

”پاڻُ“ پَردو پاڻَ کي، سُڻِي ڪَرِ سَنڀالَ؛
وِڇان جو وِصالَ، سو تان هُئَڻُ هِنَ جو.

15

”پاڻُ“ پَردو پاڻَ کي، طالِبَ! سُڻِج تُونَ؛
نَڪا هان نه هُونِ، پَردا سَڀ پاسي ٿِيا.

16

”مُون“ مُونهِين ۾ سَپَجي، مُون کي ”مُون“ جُڳاءِ؛
مُونهين جي ساڄاءِ، مُونهين مَنجهان ”مُون“ ٿِئي؛
اُنهَين اِئن جُڳاءِ، آن کي اِئن نہ چوَڻو.

17

گُندِي نِينهُن نہ سَپَجي، تُهَ نہ پَچي ماهُ؛
ڪَچِيءَ پَرِ ڪِنُاءُ، ٿِئي سَماجوڳُ سَجَڻين؟

18

نَظَرُ نِزدِيڪونِ، سَهِي نہ سَگهان ساعَتَ سِيئَن؛
پَسَڻُ پَري سَندونِ، آئُون نالي پِيڙهي نِجُهران.

19

مُون کي مُون پرِيَنِ، بَدِي وِڌو بارِ ۾؛
اُيا اِيئَن چوَنِ، مَچُڻ پاندُ پُسائِين.

20

پيِو جو پاتارِ، سو ڪِئَن پُسَڻَ کان پالِهو رَهي؟
سالِڪَ! مُون سيڪارِ، ڪو پَهُ اِنهَين پاندَ جو.

21

ڪَرِ طَرِيقَت تَڪِيو، شَرِيعَت سُجاڻُ؛
هِنئُون حَقِيقَتَ هيرِ تُون، ماڳُ مَعرفتَ جاڻُ؛
هوءِ ثابُوتِيءَ ساڻُ، تہ پُسٽان پالِهو رَهين.

22

ڪُوڙِي ڪَچ مَ ڪَڌِهين، ڦِڪِي پانئَجِ ڦانگَ؛
ساري سَناسِيُن جِئَن، لائِقَ! رَکِج لانگَ؛
تہ چارَئِي چُنِيءَ پاندَ، اوسا ڳِنهي اُڪِرين.

23

سُتوئِي سيجَ ڳُهِرين، جَفا ڏِئين نہ جانِ؛
صُلِحَ رِيءَ سيٽانِ، مَتان نُونڊين نہ چَڙهِين.

24

صُلِحُ جِن سَجَڻَ سين، سيجَ ماڻِيندا سي؛
"اَلَّذِينَ اٰمَنُوۡا وَكَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ"، اِنَ پر اُيا جي؛
نيئِي نُونڊين تي، ڏِکي چِٽي چاڙِهيا.

25

جي ڏِٺا حَلُّ حَبِيبَ سين، سُمهڻُ تن ثوابُ؛
نيڻَ هيرائي نِندَ سين، خوش ڪَيائُون خوابُ؛
اوسِيڙو عَذابُ، دِليان تَنِين دُورِ ٿيو.

26

تَنُ تَسبيحَ، مَنُ مَڻيو، دِلِ دَنبُورو جَنِ؛
تَندُون جي طَلَبَ جُون، وَحدَتَ سِرِ وڄَنِ؛
"وَحْدَهٗ لَا شَرِيۡڪَ لَهٗ"، اِهو راڳُ رَڳُنِ؛
سي سُتائي جاڳَنِ، نِندَ عِبادَتَ اُنِ جي.

وائي

ڪِي اُنهين مَنجهه آهي، هُو جي جُهونا پَسجَنِ جُهوپِڙا.

اِنَ دَرِ سيئِي اَگهِيا، جن کي ڪونَ چِتائي؛

ڏا رِيان پائنِ ڏا رِيو، پاڻُ پرِيان سين ڪائي؛

”اِنَّ اَوْلِيائِيْ تَحْتَ قَبَائِيْ“، پَنهنجا پاڻ پهرائي؛

”لَا يَعْرِفُهُمْ غَيْرِيْ“، پَرَ ڪي ڪِينَ پَسائي؛

پَنهنجِي چَڏِي پَٽَ ۾، رِڙهُ اُنين جي رائي؛

خِدمَتَ ڪَرِ خُلْقَ سين، پاندُ بِڇِيءَ ۾ پائي؛

اَڊِيُون! عَبْدُاللَّطِيفُ چئِي، اِتاهِين ڪِي آهي.

سُر رپ

داستان پهريون

1

ڳُوندَرَ ڪَيو غرَقُ، ماءُ! مُنهِنجو چِندُ ڙو؛
ڏُکوئِن مَرَڪُ، مَٿي سَڳَرَ پَندَ ڙو.

2

ڳُوندَرَ گَڏِياسِ، صِحَتَ نيڙيِ سَڄَڻين؛
مادَرِ! مارِياسِ، ڦوڙائي پِرِينءَ جي.

3

ڳُوندَرَ هَٿَ نه پيرَ، وِرهُ مَنجهِين وَهَٽُو؛
ڪُڙهِ ۾ قطارُون ڪَري، سُورَنِ لايا سيرَ؛
مُون جِئَن گهاري ڪيرَ، هيڪلِي رِءِ سَڄَڻين؟

4

اُني جِئَن مورَنِ، اوپرَ وَلهارَنِ ۾؛
سا پِرِ ڳُوندَرَ ڪَنِ، جُه ڦوڙائو سَڄَڻين.

5

ٻَرَنِ ۾ ٻَرَهيجِ، روئي ڪَـجِ مَ پَڌِ را؛
تان سُوراٽي سَهيجِ، جان لا هِيندَ ڙُ ڪو لَهِين.

6

ٻُرَ ۾، ڳُجهو روءُ، پَڌَر وِجُهه مَ پَرِينءَ ري؛
سُورَنِ سُپَرُ هوءُ، هِنئَڙا! ڪُـمَ ڪَنَنِ جِئَن.

7

جاءِ نه سَجو ڏِينهُن، هِنئَڙو اوني وَڳَ جِئَن؛
مُون پِرِيان سين نِينهُن، چِنَڻَ ڪارَڻِ نه ڪَيو.

8

پَلَ پَلَ ۾ پَلِيانسِ، پَلُ نه رَهي پِرِينءَ ري؛
جِئَن جهوريءَ ڪان جَهِليانسِ، جِهجيو تِئَن جهوريءَ پَوي.

9

ڪَڪَرَ مَنِجهه ڪَپارَ، جُهڙُ نيٽَئُون نه لَهي؛
اَجُ مُنهنجي چِتَ ۾، اُتا پِرِين اَپارَ؛
آءُ سَجڻ! لَهُ سارَ، وِرِهَ ويڙهِي آهِيان.

10

مُون مَنجهيئَي مِينهُن ڪوهُ ڪَرِينديَس ڪَڪَرين ؟
سَرَلو سارو ڏِينهُن، مُون پِريان جو نہ لَهي.

11

جُہ سي سَنپِرِ جَن، سَہَ تنين سين اورِيان؛
لُنؤ لُنؤ هيٺِ وَجَنِ، رَڳُون رَبابَنِ جِئَن.

12

چَتُرُ رَهي نہ چِتُ، وِيڙِين واڳيو نہ رَهي؛
رَئِيءَ لِنَجي نِتُ، هِنئَڙو واٽَ وِرڪَ جِئَن.

13

چوري چوري چِتُ، جان نئِينءَ وِهاڙِيءَ نِڪِران؛
نِينهُن گهرائي نِتُ، پِريان سَندي پيرَ ۾.

14

چيتارِيان چِڻِڪَن، وِسارِيان نہ وِسري؛
ويرو تارَ ڏُکَن، سَجَڻَ پِڳي هَڏَ جِئَن.

15

چيٽاري چوندِياسِ، ٻاڍِيُون سَپوئي سَنجٽِين؛
جُہ مُقابلِ ٿِياسِ، تہ سَڀِ وَجَنِمِ وِسِري.

داستان پيو

1

سَجَڻَ سان نہ پيٽَ، ڳُجُھ ڳرِهيان ڪِن سين؛
ڳاڍِيُون اِنهيءَ ريٽَ، سَلا ٻَڌي موريُون.

2

ڳاڍِيُون پيٽ وَرَنِ ۾، وَڏي وَڻَ ٿِيُون؛
پَرَ سين مُون نہ ڪَيُون، گوشي پِرِين نہ ڳَڏِيا.

3

گَونِي ۽ گُونِي، پرِين پَتائِين ڳَجَ جِئَن؛
جي مَنَ مجُوني، سي ڪِئَن وَجَنِ وِسِري؟

4

اَندَرِ اَندَرِ رِيُون، جِنَّ سي وانجِھيءَ لَٽِ مِ؛

مُون تَنَ تيترِيُون، تہ ”ڪِئَن مِلبو سَڄَڻين؟“

5

جِئَن سي ڪُوھِيءَ نارَ، وَھَنِ واريءَ ڳاڏُئان؛

هِنئَڙو پِريان ڌارَ، نِيرِيانسِ نہ نِبري.

6

سَبَرُ سِيُّ پيو، نہ مُون سَوَڙِ، نہ ڳَبَرو؛

نہ مُون ڪانڌُ، نہ قُوتُ ڪي، جوڀَنُ وَھي وِيو؛

تِنين حالُ ڪِھو، نِنڊَرَ جِنين نِجُھرا؟

7

اُتَرُ اوتُون ڏِي، نہ مُون سَوَڙِ نہ ڳَبَرو؛

سِيُّ سارِينديُون سِي، جِنين نِنڊَرَ نِجُھرا؟

8

اُتَرُ ڏِني اوتَ، نہ مُون سَوَڙِ، نہ ڳَبَرو؛

چارَئِي چُنِيءَ پوتَ، مُون رِيڙِھيندي راتِ گَئي.

9

نِينھُن نِھائِينءَ جان، ڏَڪِيو ڪوھُ نہ ڏِڪِئين؟
جَرَ جَيري چَڏي، تہ ڪِئن پَچَندا ٿانءَ؟
سَندي ڪُنڀاران، ڪَنِ ڪَريجا ڳالھَڙِي.

10

نِينھُن نِھائِينءَ جِئَن، ڏَڪِيو ڪوھُ نہ ڏَڪِئين؟
جَرَ جيري چَڏي، تہ رَڃَ پَچَندا ڪِئَن؟
تُون پڻ ڪَريج ٽِئَن، جِئَن ڪنڀارَ ڪَرِن ڪَمَ سين.

11

نِھائِينءَ ڪان نِينھُن، سِڪ مُنھِنجا سُپِرِين!
سَڙِي سارو ڏِينھُن، ٻَھَرِ ٻاڦَ نہ نِڪري.

12

نيڻ نِھائِين جان، سُتي لوڪ ڏَڪِيان؛
اُجھامِيو ٻَران، توکي سارِيو سُپِرِين!

13

ڪي جو ڪُنڀارَنِ، مِٽيءَ پائي مَنيو؛
تَنهن مان تِرَ جيتِري، جي پَئي خَبَرَ ڪرَنِ؛
هِي تان هُوندَ مَرَنِ، هنِ اَگَڙِ اورا تو ٿِئي!

سر ڪاھوڙي

داستان پھريون

1

ڪاھوڙِيُن خَفِّيءَ سين، سوجھي لَڌو سُبُحانُ؛
عاشِقَ اَھڙي اَڪَرِين، لَنگھِيا لا مَڪانُ؛
ھُوءِ ۾ گَڏِجي ھُوءِ ٿِيا، ٻاٻُو جي ٻِريانُ؛
سَپوئي سُبُحانُ، آيو نَظَرُ اُنَ جي.

2

مُون سي ڏِٺا، ماءِ! جنِين ڏِٺو پرِينءَ کي؛
رَھِي اَچِجي راتڙِي، تن جُنگَنِ سَندِيءَ جاءِ؛
تنِين جِي ساجاءِ، تُرھو ٿِئي تارِ ۾.

3

ويُئون پَبِ پَئِي، ڪيرُون ڪاھوڙِيُن جُون؛
آئُون تن ڏوٿِيُن جو، پُڇان پيرُ، پَھِي!
رُجِنِ راتِ رَھِي، ڏُونگَر جَنِين ڏورِيا.

4

تُون هَڏِ ڪُجاڙِيا، سَنجهي سَعيو نہ ڪَرِين؟

سَوارا سَندَ ڪَٽِي، ڪاهوڙِي وِيا؛

آٽِيندين ڪِيا، ڏُٺ ڏوراٽي ڏيهَ جو؟

5

ڏوٿِي سا ڏورِين، جا جُوءِ سُئِي، نہ ٻُڌِي؛

پاسا مَٿي پاهَڻِين، ڪاهوڙِي ڪوڙِين؛

وِجا اُتِ ووڙِين، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪا.

6

پَڪُلِيا پُوٽَنِ، ڏَڙَ ڪي ڳَڏِيو ڏُوڙِ ۾؛

ڳاڻِيُون، ڳِهلي لوڪَ سين، پَڌرِ پَئِي نہ ڪَنِ؛

ڪامُلِ آهي تَنِ، مُون پِريان جي ڳالَهڙِي.

7

تان وَنئُن ويهِي آءُ، اَڳَڙ ڪاهوڙِيُن جي؛

جوشَ ڏِنائُون جِيءَ ڪي، لِڪائي لوڪاءُ؛

ڏوٿِيُن ڪنهن ڏُکاءُ، سُمهِي سُک نہ ماڻِيو.

8

ڏُٿُ نہ ڪُٿو ڏوٿِين، جيڪِي ڏُٿُ ڪَرِينِ؛

اُهِجاٽِيُون عالمَ جُون، اوريائِين آٽِينِ؛

تِهان پوءِ ڏسِينِ، پِريان سَندِي ڳالهڙِي.

9

جي ڪو ڏُٿُ ڪَري، تہ ڏُونگَرَ ڏورَڻُ ڏاڪِڙو؛

چِپَرُ ڪِينَ ڏِئي، سُوکڙِيُون سُتَنِ کي!

10

مُون ڪاهوڙِي لَکِيا، گَهرِين نہ گهارِينِ؛

واحِدَ لَڳِ وِلهُنِ مِ، رويو جَرُ هارِينِ؛

گوندَرِ گُذارِينِ، جہُ ڏوٿِي ڏُٿَ کَڌُ ٿِيا.

11

ڪاهوڙِيُنِ ڪَٽِي، ساجُهرُ ٻَڌا سَندِ را؛

ڏورِيندي مِ ڏُونگَرين، ڪَيائُون پاڻُ پِٽِي؛

ڏُکَنِ ڏِيلُ هَٽِي، چيہُ لَذائُون چَپَرين.

12

ڪَٽَنِ نه ڪَيڪانَ، پَنڌَ پَراھين هَلِيا؛
ڏوٿِيَرا ڪَنهن ڏُٿَ ڪي، جُنبِيا ڏُنهَن جابانَ؛
ڪاھوڙِيُنِ اُھِجاڻَ، اَنگ نه سَجِي اَڳِڙِي.

13

سُڪا مُنهَن سَندِنِ، پيرين پُراٽا ڪيٽِڙا؛
سا جُوءِ ڏوري آئَيا، سُونهان جِتِ مُنجَهن؛
گُجها گُجهيُون ڪَنِ، تِهان پَراھين پَنڌَ جُون.

14

سُڪا سَندَ ڪَچُنِ ۾، ڪَرِڪَٽا پيرين؛
ٿِمَندي نيٽِين، آن ڪي ڪاھوڙِي ڳَڏِيا؟

داستان ٻيو

1

پِيوجن پَرو، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جو؛
چَڍي ڪيٿُ ڪَرو، لوچي لاھوتِي ٿِيا.

2

پيئي جن پرڪَ، گَنجي ڏُونگَرَ ڳامَ جي؛
واري سَپُ وَرقَ، لوچي لاهُوتِي ٿيا.

3

پيئي جِنين باسَ، گَنجي ڏُونگَرَ ڳامَ جِي؛
ڇَڏي سَپِ لِباسَ، لوچي لاهُوتِي ٿيا.

4

ڪَهڙو اَٿيئي ڪامُ، گَنجي ڏُونگَرَ ڳامَ ۾؟
پَسِي تنهن پاهڻَ کي، اَچي نه آرامُ؛
مَتان ڏُونگَرَ ڏورِئين، اُجهين ڪُهُ عَوامُ؟
هَرا ڪَري حَرامُ، ڪامُ نه ڪاهوڙِي ٿِئين.

5

ڏيهُه ڏيهائي ناهِ، جِتي پيرُ نه پَکِيانَ؛
تِتي ڪاهوڙِيانَ، وَرَ ڏيئي وَڻَ چُوندِيا.

6

جِتِ نہ پَکِيءَ پيرُ، ٽِتِ ٽمڪي باهِڙِيءَ؛
پِيو ٻارِيندو ڪيرُ، ڪاهوڙِڪِيءَ ڪيرَ ري؟

داستان ٽيون

1

اَچِي پِيا آٿ مِ، واٿَ وِڃائِي جَنِ؛
اُوءِ ٻِصيرَ بَرَّنِ مِ، اَندا ٿِيو اُپَنِ؛
ڪَنَنِ آڏِيُون ٽاڙِيُون، ڳُنگَن جِئَنِ ڳهَمَنِ؛
فِراقِيءَ فرمان جو، آهي پَرُ پوڙَنِ؛
لَنگها ٿِيا لاهُوتَ ڪي، سُتا پِيا سِڪَنِ؛
ڪَپَتِ ڪاهوڙِيَنِ، آهَ اُٿِي پِئي نہ لهي.

2

ڏِسي ڏوري ڏُونگرَين، واٽ وِڃائي جَنِ؛
ڪُرَندان ڪِي پرُوڙِيو، رَندُ سي نه رِڙهَنِ؛
پيئي دار دَيُون ڪَيو، پيرَتِ تان نه پُڇَنِ؛
ڏُوڙِپِرِيان لَءِ ڏارِ ڪَيو، ويچارا وِڃَنِ؛
خبَرَ ڪاهوڙِيَنِ، آهي لِڪ لاهُوت جي.

3

ڪُپيرِيءَ ۾ پيرُ، ڪَنهِين پاتو پيرِيين؛
جِيان مُنجهه ماڙهُئين، سَجَڻ تِيان ئي سيرُ؛
اُنَ پُون سَندو پيرُ، ڪوڙِن مَنجهان ڪو لهي.

4

سُونهَپ ۾ سَبَ گهٽا، مُنجَهه ماڪِي هوءِ؛
پَرو تَنهِين پوءِ، جو اُجهي پوءِ اُنِ تان.

5

ڏوري ڏوري ڏيهَ، ماءِ! ڪاهوڙِي آئيا؛
مَيَنِ پيرين ڪيهَ، ڪُهُ جاڻان ڪَنهن پارَ جي.

6

جَھنگَلِ ھَلِيا، سي نہ پُلِيا، راهَ ھَلِيا ڦُرِجَنِ؛

اَوَجَھِڙ سي نہ پوَنِ، ٻيئِي جنِين چڏِيُون.

7

جَھنگَلُ آھيڙِيُنِ کي، پَنَڌُ ڪَيو رُوندو؛

نہ ڪُتا، نہ ڪوڙِڪُون، چَڙھِيو اُپو چُوندو؛

ھَڏھِين نہ ھُوندو، اِنهان پوءِ عالَمَ ۾.

8

وَرُ سا سُڄِي ويڙه، جنھن ۾ سَجَڻُ هيڪڙو؛

سو ماڳُ ئِي ڦِيرِ، جِتي ڪوڙِ ڪُماڙُھئِين.

9

ڪارِي راتِ، اَڇو ڏِينھُن، اِيُّ صِفَتان نُورِ؛

جِتي پِرِينءَ حضُورُ، تِتي رَنگُ نہ رُوپُ ڪر.

10

ڏُونگَرين ڏسِجَنِ، اَڄُ پِڻُ رُيُون اُنِ جُونِ؛
ڏوٿِيَڙا ڏُٿَ کي، آرا ڙاڻ اَچَنِ؛
خِيما کاھوڙِيَنِ، اَڄُ نہ اُنهِين پيٽِيين.

11

کاھوڙِي کَرا، سُوڌِي خَبَرَ پَکِيا؛
سوجھي جن ڪَيا مَٿي اَگَڻِ آھِرا.

سر بروو سنڌي

داستان پهريون

1

چاڪي وَڃيو چو، پيلي ڦِٽين پِنَ جو؟
وَٽُ ڪَنجَڪَ ڪَرِيمَ جي، جَڳَ جو والِي جو؛
سَؤڪو هُوندو سو، جنهن جو عِشقُ الله سين.

2

جِنَ ڪا ڪاني ڪانهَن، لُسَندي لاتِيون ڪَري؛
اَچِي پَئي اوچِتي، دَرِدَ پريان جي دانهَن؛
وِيجَ! ڏَنِيئِين ڪُهُ ٻانهَن؟ سُورَهِنئين ڪي سامُهان.

3

ڏَرَتي دُونهَ جِنَ، سِرَ پَرَ سُپِيرِيُنَ ڏي؛
لَڳو آهِ لَطِيفُ چئي، تَنُ پريان ڏي تَنَ؛
حاصُلُ ٿِئي هِنَ، قَرِينو قَرِيبَ جو.

4

لِڱيءَ جو، لَطِيفُ چَئِي، نڪو قال نہ قِيلُ؛
لِڪئي لامُون ڪوڙِيُون، نيٽِين وَهي نِيرُ؛
هِنئَڙا! ٿِيُ سُڌِيرُ، ڪالهہ قَرِيبَنِ لَڏِيو.

5

ڪي اوڏائِي ڏُورِ، ڪي ڏُورِ بہ اوڏا سُپِرِين؛
ڪي سَنپِرجَن نہ ڪَڏهِين، ڪي نہ وِسرَنِ مُورِ؛
جِنَ مينهِن ڪُنڊيءَ پُورِ، تِنَ دوستَ وَراڪو دِلِ سين.

6

ڪوني ڪُناٺُون، اَجُ پڻ اَکِڙِيُن سين؛
ماسُ وِراهي هَلِيا، ڪَرنگَلُ چَڏِياٺُون؛
"وَتَوَاصَوۡا بِالۡحَقِّ وَتَوَاصَوۡا بِالصَّبۡرِ" اِئين اُتاٺُون؛
مُئي مارِياٺُون، کِلِي گهائِيو سَڄَڻين.

7

ماڙهُو گهرن مالُ، آئُون سَپ ڏِينهَن گهران سُپرِين؛
دُنيا تنهن دوسِتَ تان، فِدا ڪَرِيان فِي الحالُ؛
ڪَيَسِ نامَ نهالُ، پَسَڻُ تان پَري ٿِيو.

8

ڪَڏهِن طاقِيُون ڏِينِ، ڪَڏهِن کُلَنِ دَرَ دوسِتَنِ جا؛
ڪَڏهِن اَچان، اَچَڻُ نه لهَان، ڪَڏهِن ڪونِيو نِينِ؛
ڪَڏهِن سِڪان سَڏ کي، ڪَڏهِن گُجهاندَ رَ گِرَهِينِ؛
اَهڙائِي آهِينِ، صاحِبَ مُنهنجا سُپرِين.

9

صُورَتَ گهڻو سُهڻا، ٽاٽا سَندَنِ ٿُوهَ؛
ريلو ڏِئي رُوحَ، جو ڪائي، سو ڪامِي مَري.

داستان پيو

1

جانِبَ! تُون جيڏو، آهِين شانَ شَعُورَ سين؛
مُون تي ڪَرِ، مُنهنجا پِرين! توهُ تُسِي تيڏو؛
اِيُ ڪامِلَ! ڪَمُ ڪيڏو؟ جِئَن نوازِينم نِگاهَ سين.

2

جانِبَ مُنهنجي جِيءَ ۾، تُنهنجي طَمَعَ پوءِ؛
وَٽُ ڪاتي، وِڍِ انگڙا، اَدَبُ ڪَرِ ۽ ڪوءِ؛
پانيان پالُ سَندوءِ، جي ساجَنَ! سَنئُون نِهارِئِين.

3

جانِبَ! اِيئَن نه جُڳاءِ، جيئَن مارِيو، موٽيو نه پُڇين؛
رَتِيءَ رَتُ نه سِنجُري، سِڪَ تُنهنجي ساءِ؛
اَسان تو ئي لاءِ، پَرِ ۾ پُوڄائُون ڪَيُون.

4

جَڏِهن پَوي يادِ، صُحبَتَ سُپيرِيُن جي؛
فَرِيادُون فَرِيادِ، ناگَهَ وَجَن نِڳيو.

5

ڪَڙو مَنجِهه ڪَڙي، جِيئَن لُهارَ لِيپِيو؛
مُنهِنجو جِيُ جَڙي، سُپيرِيان سوگهو ڪيو.

6

نازَ مَنجهاران نِڪِري، جَڏهِن پِرين ڪَري ٿو پَنڌُ؛
پُون پڻ ”بِسمِ اَللهُ“ چئي، راهَ چُمي ٿي رَنڌُ؛
اُپِيُون گهٽي اَدَبَ سين، حُورُون حيرَتَ هَنڌُ؛
سائِنءَ جو سَوگَندُ، ساجَنُ سَپَنِئان سُهڻو.

7

فانِي نِي فانِي، دُنيا دَمُ نہ هيڪڙِو؛
لَٽي لوڙهُ لَتَنِ سين، جوڙِيندَءِ، جانِي!
ڪوڏِرِ ۽ ڪانِي، آهي سِرِ سَپَڪَنهِين.

8

اَجُ پڻ اَنگِيَمِ اَنگَ، هڻان حَبِيبَنِ جي؛
جا پَرِ سَوِنٽيءَ سَنگَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئي.

9

اَڄُ پڻ ڄُڙِيِمِ جوڙ، دوسِتُ پيهِي دَرِ آئيو؛
سُڪَنِ اَچِي ڏُکَنِ کِي، مُحڪَمُ ڏِني موڙَ؛
جا پَرِ ڪَتِيءَ ڪوڙ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئي.

داستان ٿيون

1

عِشۡقُ اَهِڙِي ذات، جو مانجهِي مُنجهائي مَيَن کِي؛
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏونگرين، روئَڻُ سَجيائي راتِ؛
اُٿي ويٺي تاتِ، مِيان! مَحۡبُوبَنِ جِي.

2

يارُ سَڏائي سَپُڪو، جانِي زِبانِي؛
آهي آساني، ڪَمَ پِئي ٿِي ڪَلَ پوي.

3

آدِمِينُ اِخلاصُ، مَٿائي مانو ڪَيو؛
هاڻِ ڪائي سَپُڪو، سَندو ماڙُهوءَ ماسُ؛
دِلبَرَا هِنَ دُنيا ۾، وَڃِي رَهندو واسُ؛
پئي سَپُ لوڪَ لِباسُ، ڪو هِڪَدِل هُوندو هيڪِڙو.

4

شُڪُرُ گَڏِياسُون، سِپِرِين! جِئَري، جاني يارَ!
ويئي جن جي وَٽِ ۾، ڪوڙين ٿِيا قَرارَ؛
ڏَٺيمَ! ڪَرِ مَ ڌارَ، پاڙُو تن پِرِيُنَ ڪان.

5

ڪوڙي، ڪَڻُ مَ سُپِرِين! ڪَنيَئي تان ڪوڙِ؛
عادَتَ جا اَڪِيُنَ جِي، سا نيئي نِباهِجِ توڙِ؛
مُون ۾ عَيبَنِ ڪوڙِ، تُون پاڻُ سُڃاڻِج، سُپِرِين!

6

ڪِئان سِڪِئين سُپِرِين، ڪاسائِڪِي ڪارِ؟

تِڪِي ڪاتِي هَٿِ ڪَري، مُنِيءَ سين مَ مارِ؛

چوري چاڪَ نِهارِ؛ سورَنِ سانگهيڙا ڪَيا.

سُرُ رامڪلي

داستان پهريون

1

نُورِي ۽ نارِي، جوڳِيئڙا جَهانَ ۾؛
ٻَرِي جن ٻارِي، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

2

جوڳِيَئڙا جَهانَ ۾، هُئا مَنجِهه حَمامَ؛
آرامان اَرَڳُ ٿِيا، اوڏا نہ آرامَ؛
ڪَيائون قِيامَ، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

3

وارو! ويراڳِيُنِ کي، ويلَ مَ وِساريج؛
قَدَمُ ڪاپڙِيُنِ جا، لِيلائي لَهيج؛
پيرَتَ پَسِيو پَٽَ جي، وَجَهَ کي وجيج؛
راتو ڏِينهَن رِڙهيج، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

4

واڇَٿ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏي وَٿُ؛
سونُ سَپوئِي سِڱِيُون، پَسِي ڪِينَ مَ ڪَٿُ؛
ويساهي ويلَ ڪَنهِين، پُورَبِ ويندو پَٿُ؛
هَلُ! ڪَنيائُون هَٿُ، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

5

واڇَٿ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏو مالُ؛
مَقالان مَهَندِ ٿِيا، ڪونهي وَٽِنِ قالُ؛
حاصُلُ جنِين حالُ، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

6

جان ڪِي مُون ڪي ني، پَڳه پائي پارَٺ ڏيِ؛
پَهَ پَرُوڙِيَمِ پَٿَ جا، مَنجهان ڪِينرَ ڪَيِ؛
هاڻي جي هِنئي، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

7

سَتُرُ سِڪَڙُنِ سين، لَحظي لاٿائُون؛
ڪِينرَ ڪُنِي آهيان، اُنِهن جي آئُون؛
مُون ڪي مارِيائُون، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

8

ميڙِيو پاڻُ پَرِيون ڪَيو، جوڳِي جَلائِين؛
سامِي سِڪَڙُنِ سين، خودِيءَ کي ڪائِين؛
هُو جي تارِ تِڳائِين، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

9

پَسِيو آسَڻَ اُنِ جا، اُدُوها اَچَنِ؛
ڪِينرَ ڪاپڙِيُنِ جا، صُبُحَ تان نہ سُجَنِ؛
جي رائي منجهِ رَهَنِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

10

آسَڻَ وَٿِ آهُون ڪَرِيان، وَسِ نہ مُنهنجي واٿُ؛
لَڳُمِ لاهُوتِيُنِ جو، ڪِينرَ مَنجهان ڪاٿُ؛
هَلڻَ کي هَيهاتُ! آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

11

وَتِنِ ويٺي آهِيان، ڏِسيو ڪِينَ ڏِسانِ؛

جَنهِن جِهوئِي ناهِ ڪِي، سا ڪا سُونهَن سَندِيانِ؛

پَسِيو ڪِينَ پَسانِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

12

ٻاٻُو ٻِيڪارِي ٿِيا، اَڄُ نہ آسَڻَ وَٽِ؛

خودِي ڪانئِي هَليا، پيرُ نہ لائي پَٽِ؛

”هَيءِ! هَيءِ!“ جنين هَٽِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

13

ٻاٻُو ٻِيڪارِي ٿِيا، پَڄِي چَڏِيائُون پاڻُ؛

نِسوروئِي نِينهَن جو، نانگَنِ وَٽِ نِڏاڻُ؛

سِرِڪَنڌُ جَنين ساڻُ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

14

نانگا نانيءَ هَليا، هِنگلاجان هَلِي،

ديکِي تن دُوارِڪا، مَهيسِيُن مَلِهي؛

آگَهُ جن عَلِي، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

15

پاڻَهِين وِيئا پاڻَ سين، پَرِ مِ پَرِياڻِين؛
سامِي سَفَرِ هَلِيا، آسَڻُ اُجهائِين؛
رُخِصَتَ رُئارِين، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

16

جُزو وِجايو جوڳِئِين، ڪُلَّ سين آهِين ڪَمُ؛
آسَڻُ جِنِ عَدَمُ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

وائي

سَندَ ڙِيانِ سِگَڙِيءِ، ٻَاِلھہ ڳُجَھڙِيءِ، مُون مارِيندي ڪَڏِھِين.

جا وَڄائِنِ جَتَڙا، نہ تَنِھن نَڙَ جَھڙِيءِ؛

مُرلِيءَ کي جَنِھن ماتِ ڪَيو، نہ تَنِھن تُلِ تُنبَڙِيءِ؛

تارِيو جَنِھن توڏِيءَ کي، نہ سو ڳِھندُ نہ ڳِھندَ ڙِيءِ؛

ڏارِيو جَنِھن ڏِباچَ کي، تَندُئان تَنِھن تِڪَڙِيءِ؛

نہ سِريءِ، نہ سِنڌُ ڪاھ، نڪا ھِندُ ھَھِڙِيءِ؛

مِنائِيان مِنِيءِ ڳھَٺو، چَوندا جن چَڪَڙِيءِ؛

وَنئُن اونائِيءِ اُنَ کي، ويہُ مَر، ڪَڙُ وِڪَڙِيءِ؛

بيخودِ ٻاٻو سي ٿِيا، ٻُرَندِي جن ٻُڌَ ڙِيءِ؛

جا سارا ھيلَ سُبحانُ جِيءِ، تَنِھن واڪاڻُ ڪَھِڙِيءِ؟

سَھَسِين سُرودَنِ کي، پاٽان پوءِ وِڄھندَ ڙِيءِ؛

ڳھاندارَ مِرُون موھِيا، ھِيءَ ماڙُھو مُھَندَ ڙِيءِ؛

اَديون! عَبدُاللّطِيفُ چئِيءِ، ھِيءَ مُٺا جيارِيندَ ڙِيءِ.

داستان پيو

1

ڪَيَمِ ڪاپِڙِيُنِ جي، پَهرين ڏِينهن پَرُوڙَ؛
سَگها ساعَتَ نہ هڪڙي، چارئي پَهرَ چُورَ؛
سدائين سيَّدُ چئي، هونِ سناسي ۾ سُورَ؛
جوڳي ساڻَ ضَرُورَ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

2

ويهي ويراڳِيُنِ جو ٻِئي ڏِينهن ٻُڌمِ حالَ؛
اُنِ جا ڏاڍا ڏُوڙِ پَڪُلِيا، جاڳوٽا زَوالَ؛
تن جاڙِي ڄَٽائُون چَڏِيُون، چوٽا چَڳِيءَ چالِ؛
ويچارا وُجودَ جِي، ڪَنهن سان ڪَنِ نہ ڳالِ؛
نانگا ٿِيا نِهالُ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

3

ٽِئين ڏينهن ٽِمڪائِنِ، ڏُونهِيُون دائَرَنِ ۾؛
ميڙِيو ڪَرَڄ ڪانِيُون، جوڳِي جَلائِنِ؛
سَندِيُون ڪامَڻَ خَبَرُون، آديسِنِ آهِنِ،
ڳُجُهه نہ ڳالهائِنِ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

4

چوٿين ڏِينهن چوگانَ ۾، ڪَنهن جَنهن پَه پِيا؛
وَهَمَ پِرِيان جي وَدِيا، تن ۾ ڪُوڙ ڪِها؟
اندَرِ آديسِنُ ڪي، اَچَنِ جوش جِها؛
سامِي سونُ ٿِيا، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

5

ڪَنهن جَنهن پُورَ پَچائِيا، پَنجين ڏِينهن پَئِي؛
اَندَرِ آديسِنُ ڪي، سُورَنِ شاخ ڪَئِي؛
مُحَبَتَ جي ميدان ۾، لاشَڪُ پِيا لَهِي؛
تن ڪي ساري راتِ، سيَّدُ چئي، ڳُوندَرَ ساڻُ ڳَئِي؛
ڪَرِيو سيڻَ سهي، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

6

پِيا ڪَنهِن پَرياڻَ ۾، ڇَهين ڏِينهن ڇَٽِي؛
اَندَرِ آديسِيُن کي، ڏُريان ئي ڏِٺي؛
ٻَرِي ٻاجهارا ڪَيا، ڪانئَي خاڪَ ڪِٽِي؛
پِنيو پَنج ڪَٽِي، لِڪا پُٽَن لوڪَ ۾.

7

سَتين ڏِينهن، سَيَّدُ چئي، ڏاڄا ڏوتائُون؛
اُپِي اَلَکَ سامُهون، ٻانُهون ٻَڌائُون؛
وَڏِيءَ ڪَنهن وِلاتِ جا، اُهُجَ آندائُون؛
رُوحُ پَنهنجو رامَ سين، پَرِ ۾ پُوتائُون؛
ڪَٽِيو ڪِدائُون، لِڪا پُٽَن لوڪَ ۾.

8

اَنين ڏِينهن، اُپِي وِيا، جوڳِي جاءِ ٻَجاءِ؛
سا پَرِ سامِي سکيا، جا پَرِ جوڳَ جُڳاءِ؛
ويروتارَ وُجودَ ۾، اُنِ کي رامُ رَهيوئِي آهِ؛
ڪَنهن جَنهن ڪمائِي لاءِ، لِڪا پُٽَن لوڪَ ۾.

9

نائِين ڏِينهن نيٽانِ، اوجاڳِي اُجارِيا؛
سَباجهي ٻاجَهه ڪَئي، سُجاڳي سيٽانِ؛
جِتي نَظَرُ ناٿَ جو، اُتي اوتارانِ؛
اِهي اُهڃاڻانِ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

10

ڏَهين ڏِينهن ڏِکَ ٿِيا، پِرِينءَ پاٻوهِيا، پَسُ؛
وَرقَ جي وِصالَ جا، سي واري ڪيائُون وَسُ؛
لَذائُون، لَطِيفُ چئي، سَندو گُروءَ گَسُ؛
جوڳِيُنِ ڪَٿِيو جَسُ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

11

وَريو ويراڳِيُنِ جو، ڪارِهين ڏِينهن ڪَرَمُ؛
جوڳِيُنِ جاٿائُون پِنيُون، هَلِي وِيا حَرَمُ؛
دائِم جَهِليو دَمُ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

12

مَنَ مُرادون پُنيُون، ٻارِهين ڏِينهن ٻَئي؛
جوڳِي اِنَ جاتا ڪي، ٿي سِڪِيا سَپِيئي؛
سَمانا سيئي، جي گُرَ گڏِجي آئيا.

داستان ٽيون

1

سَدائِين سَفَرَ ۾، رَمَنِ مٿي راهَ؛
پُرَنِ پُورَبَ پَنڌَ ڏي، مَنجهه موالِي ماهَ؛
جنِ اَلَکَ سين آگاهَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تِنِ جا.

2

نِڪرُ ناهِ ڪُلهي ڪَري، هو مَ هُوندَنِ جيئَنِ؛
لاهُوتِي، لَطِيفُ چئي، هُونِ نہ آديسِي اِيئَنِ؛

سي ڪاپڙي ڪِيئَن، جي ڏا رِين تعَلُقَ تِرَ جيترو ؟

3

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙي، ڪَنوتيا ڪَنَ چِيرَ؛
سَدا وِهَن سامُهان، عاشِقَ اُتَرَ هِيرَ؛
تَسا ڏيئي تَنَ کي، ساڙِيائُون سَرِيرَ؛
جي فَنا ٿِيا فقِيرَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تِن جا.

4

سامِي ڪامِي پرِينءَ لَءِ، ڪُسِي ٿِيا ڪَبابُ؛
جَهڙو ڏِسَن ڏوهَ کي، تَهڙو تِن ثوابُ؛
اُوتِين اَرِتي ڳاڏُئون، مَنجهان اکِيُن آبُ؛
سَندو ذاتِ جوابُ، تُون ڪِئَن پُڇِين تِن کي ؟

5

سامِيُن سِڱُ ڪُلَهَن تي، سَنڱ مِڙوئِي سُورُ؛
ڪَهَندا وِيا ڪابُلَ ڏي، ڪو جو پِيڙُن پُورُ؛

مَڙهِيءَ جو مَذِڪُورُ، ڪالهہ ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.

6

سامِي! مَڙهِي سَندِياءِ، سامُهِين مون سيلَهہ ٿِي؛
سا تان ڪُهُ اَڏياءِ، جان نانگا وَڃِين نِڪِري؟

داستان چوٿون

1

جي پانئَين جوڳِي ٿِيان، ته سَڱَ سَپيئَي ڇِنُ؛
وڃِي دَرِ دوسَتَنِ جي، نانگا! ڪِيمَ نِنُ؛
پَٽ تِنِين جي پِنُ، جِن ٻُجهي نہ ٻُجهيو.

2

جي پانئَين جوڳِي ٿِيان، ته سَڱَ سَپيئَي توڙِ؛
جي ڄاوا نہ ڄاپَندا، جِيُّ تِنِين سي جوڙِ؛

تہ تُون پُهچين توڙِ، مُحَبَّتَ جي مَيدانَ ۾.

3

جي پانئين جوڳِي ٿِيان، تہ مَنُ پُوري، منجهہ مارِ؛
دائِمُ دُونهين دِلِ ۾، مَنَ سين مالِها وارِ؛
سَهُ سَيڪا آرِ، آڳي جي اَدَبَ سين.

4

جي پانئين جوڳِي ٿِيان، تہ ڪِين پيالو پِيُّ؛
ناهِ نِهاري هَٿِ ڪَري، "آءٌ" سين اُتِ نہ پِيُّ؛
تہ سَندو وَحدَت وِيُّ، طالِبَ! توڙان ماڻئين.

5

جي پانئين جوڳِي ٿِيان، تہ مُنهَن ۾ مُندِا پاءِ؛
ڪَنين ڪِينَ وِجائِيو، جِن ۾ ڪوڙين ڪَڪَرَ وِڏاءِ؛
چَڏِ چادَرَ، ٻَڌُ چمِڙا، جُتِي تو نہ جُڳاءِ؛

تہ سامِيڙا ! سَندِياءِ، گُرَ وَٽِ گالا نہ ٿِئي.

6

جوڳِيُنِ جوڳُ جُڳاءِ، جوڳُ پِڻ سُونهي جوڳِيين؛
جوڳِيُنِ سَندِي جانِ ۾، ڳُجُھ ڳجھاندَرُ آہِ؛
ھاءِ! مُونهِين کي واءِ! جا آءٌ جوڳُ نہ سِکي.

7

جوڳَ نہ جوڳو تُون، کَرِين پَچارُون جوڳَ جُون؛
ھِڪڙو پَنڌُ پرِيُن جو، ٻِي تُنهنجِي پُون؛
سامِي سيڻَنِ ڏُون، رُئَندا ئي رَتُ وِيا.

8

جوڳِي ھُونِ نہ جِڙا، پائي جوڳُ مَ جِيُّ؛
ھارِيا! ھِنِ کَنَنِ سين، سُڻُ سَنِيھو اِيُّ:
”وِجائي وُجُودَ کي، پاڻان پاسي ٿِيُّ“؛

هَڏِهين ڪونهي هِيُّ، اَسارا! ”آءٌ“ چَوِين!

9

جان ڪي جوڳِي ٿِيُّ، نا تہ نرجا! وَنئُن نِڪِري؛
ڪوهُ ٿو ڪَنَ ڪَپائين، جان نہ سَهِين سِيُّ؟
پَجُ! پَراهُون ٿِيُّ، مَتان پِيا لَڄائِيين.

10

جوڳِي ٿِيَنِ نہ يارَ، ڪَنهِين سين قَرِيبُ ٿِي؛
مان مُلاقِي اُنِ سين، جَنِ پُورَبَ جي پَچارَ؛
اَنَئِي پَهَرَ اُنِ جي، آهِ نانِيءَ ڏانهَن نِهارَ؛
لائي وِيا لَطِيفُ چئي، اَندَرَ مَنجهَه اَپارَ؛
سامِيُنِ ساڻُ سَتارَ! لاهُوتِي لالُ ٿِيان.

11

ڳولا جي ڳِراهَ جا، جُوتا سي جوڳِي؛

ڦِٽَلَ سي ڦوڳيِ، جِنِ شِڪَمَ سانڍِيا.

12

ڪَنَ ڪورائي، ڪاپڙِي، جِندا! ٿِيُّ مَ جوءِ؛
سِرَ سِپاهِيُنِ وِڪيا، سو ڪِ نہ، سامِي! سوءِ؛
جيڪِي پُڇِين، پُڇُ سو، ڳُنگا نِيَنِ نہ ڳوءِ؛
وَجُ لاهُوتِي لوءِ، عِجِزَ کي آجو ڪَري.

13

نِسوروئِي نِينهَن جو دِلِ ۾ دُودُ دُکاءِ؛
آٽِي آڳِ عِشقَ جِي، ٻاري جانِ جَلاءِ؛
جِندا! اِئَن جُڳاءِ، جِئَن آتَشان آبُ ٿِئي.

14

هُو جي ڪَنَ ڪَپارَ جا، سُوڌو سو نہ سُٽِيِنِ؛
اَنَدَرِ جي آهِينِ، سُرُ سَنِيهو اُنِ سين.

داستان پنجون

1

مُونا طُور سِينا، سَندا سَنياسِينُ؛
پُورَبِ ڪَنيو نہ پاڻَ سين، بُودُ بيراڳِينُ؛
رِدا آهي راز جِي، اَوچَڻُ آديسِينُ؛
قُربُ ڪاپڙِيُنِ، نهَن چوٽِيءَ سِيئَن ڏِڪيو.

2

مُونا جن مِحرابُ، جُسو جامِعَ تِن جو؛
قِبلي نُماءُ قَلّبُ ڪري، تَنَ کي ڪَيائُون طَوافُ؛
تَحِقيقَ جِي تَڪبِيرَ چئي، جِسمان ڪَيائون جوابُ؛
تِن ڪَهڙو ڏوهُ حِسابُ، جن هِنئڙي هادِي حَلُ ٿِيو.

3

مُنهُن مِحرابُ پِرينءَ جو، جامِعَ سَڀَ جهانُ؛
فَرَهِيءَ تان فُرقان جِي، ڪاتِيائون قُرآنُ؛
اُڏامِي اُت وِيو، عَقُلُ ۽ عِرفانُ؛
سَپوئِي سُبحانُ، ڪاڏي وِجي نِيَتيان.

4

مَنجهِه مُحَبَتَ مَچُ، ٻَهَر ڌُوڏا ڌُوڙِ سين؛
چَڏِيائُون چِرَ لَهِي، ڪُوڙُ، ڪُلَڪَڙُ، ڪَچُ؛
اَوَڳُڻَ اوڏا نه ٿِيا، ڳُڻُ ڪَيائُون ڳَچُ؛
جِئَن سَڙَنِ، تِئَن سَچُ، جِئَن سَڙَنِ، تِئَن سَنَرا.

5

ڪيهي ڪامَ ڪاپِڙِيي، ٿا اَهڙِي رَوَش رَوَنِ؟
نڪا دِلِ دوزَخَ ڏي، نڪي بِهشتُ گهُرَنِ؛
نَڪو ڪَمُ ڪُفارَ سين، نَڪا مُسلمانِي مَنِ؛
اُيا اِيئَن چَوَنِ، ته پِرين ڪَجو پانهِنجو.

6

نا اُميدي آجِڪو، اَوچَڙُ آديسِيَنِ؛

سَدا سُکِ وَسَنِ، طالبَ اوءِ تقدِيرَ جا.

7

نا اُميدي آجِڪو، اَوچَڙُ آديسِيُنِ؛
ڪَڏهِين تازِيءَ پُٺِ تي، ڪَڏهِين هيٺ هَلَنِ؛
ساميَڙا سَمُوندَ ۾، تنبي جِئَن ترَنِ؛
جي واڳوءَ واتِ وجَنِ، تہ ڪُسَنِ، ڪُچَنِ ڪِينَ ڪِي.

8

لالَ ڪي لالُ ٿِيا، لالُ لَنگهِيو جَنِ؛
عَدَمَ جي اوڙاهَ تي، ڪَيا آسَڻَ آڏوتِيَنِ؛
گَردانِيو گُنگَنِ، گِرداب ڪي گِيانَ سين.

9

وِلهُونِ، ويلاءِ، واوَ، جوڳِيُنِ جهَلِيا جانِ ۾؛
اَجهو رِءَ اَللهُ، ڪونهي ڪاپَڙِيُنِ جو.

10

نا مُرادِي ٻَجُھرو، عَدَمُ اوتارونِ؛
رَضا راجُ سَندونِ، مُورُ نہ مَڱَڻِ ڪِي پيو.

داستان ڇھون

1

ڪَنهِن جنهِن ڪُنا ڪات، جِئَن سامِي مُورُ نہ سَنرا؛
ڏِينهان ڏُکِي ڏِيلَ ۾، سُورُ سَجائِي راتِ؛
سَندي جوڳِيان ذاتِ، جيجان! هوءِ جَدائِڙِي.

2

رُوحِ ۾ رَهِيُن رامُ، ٻَهِرِ ٻولِينِ ڪِي بيو؛
پيالو پُرُ ڪري، جوبَ پِيئائُون جامُ؛
تِهان پوءِ تَمامُ، تن تَڪيا تاڪي ڇَڏِيا.

3

مَٿا مُوءِ ٿِيانِ، سَدا سُوئِيتا ڪاپَڙِي؛
ڪوني ڪَنهِن نہ پُڇيا، ڪي اَندَرِ اندوهِيانِ؛

جيڪا ڇماراڻِ، سا مَنجهه گُوندَ رَ گذِري.

4

وِيٺي جَنهِين وَرِهَ ٿِيا، مَٿي سين ميري؛
اَکِيون جَنهِن جُون اَلڪَ ڏي، پُون ڏي نہ پيري؛
ڪارا ٽِيان ڪَڪا ٿِيا، ڇَرانِيا ڇيري؛
لُڙِڪَ لال لَطِيفُ چئي، ڪنبي ۽ ڪيري؛
نِيڻهُن نہ نِيري، سُورَ چَرندي سَنرو.

5

نانگَنِ ڪَينَ نَمايو، ناٿُ نَمايو نِيڻهَنِ؛
مَڙهِنِ اُتا مِيڻهَنِ، جوڳِيان سَندِيءَ ذاتِ کي.

6

نَڪِي نَمَنِ ناٿَ کي، ناٿُ نہ نَمائِنِ؛
جاتا ڪَنِ نہ جوڳَ کي، جوڳُ نہ جُهارِنِ؛

آديسِي آڻِين، اُهِجاڻِيُون اَلماسَ جُون.

7

هَرَ هَرَ ڪَنِ اُميسَ، ڏُوَنِ ڍِهاڻِي ڏوتِيا؛
جن نہ مارِي ميسَ، ناٿُ نہ نَمِي تن کي.

8

گُهندِنِ پاسي گِهندَ، ڳُڎُ گُڎا رِين گودَ ڙِيا؛
پَليتِيءَ ڪان پانهِنجا، پاڪُ رَکِيائون پِندَ؛
نانگا ڪَنِ نہ نِندَ، وَجَنِ رُوندا رامَ ڏي.

9

ٿِهڙا ڪَڙِجَ ڪَڪِرا، جَهڙا جائُنِ ڦُلَ؛
تِنِ سامِيُنِ جي سڌ مَران، جن جي گودَ ڙِيُنِ ۾ گُلَ؛
اندَرِ مُلان مُلَ، ٻِهَرِ ڪوجها ڪاپَڙِي.

10

يادِ ڳُرو ڪَنِ گودَ ڙِيا، پِرَ بازا رِ بِيٺا؛
پَڙهَنِ سُورَ سُبحانَ جِي، پِيَنِ تَنهِن پِيٺا؛
جيلان مُنهَن مِيٺا، تيلان نَشا چاڙِهيائُون نِينهَن جا.

داستان ستون

1

قُوتَ ڪَڙايا ڪاپَڙِيِ، طعامَ نہ طاماعُونءِ

سَنِ هَنيائُون سُڃَ ۾، پَهرَ نہ پيِنائُونءِ

اَوَسَرَ آسائُون، اُٿيِ گُوندَرَ گَڏِيا.

2

پَنَنِ ڪِينَ پَٽُ ڪَٽِيِ، گُهرَنِ ڪِينَ گَهرانءِ

مَهيسِي مخلوقَ جي، اُپِينَ دُورِ دَرانءِ

پُڇَنِ ڪوهُ شَرعان، جُہ اَندَرِ عَدالَتَ اُنِ جي؟

3

پَنَنِ جِو پَٽُ ڪَٽِيِ، سو جي سُڃاڻِنِءِ

تہ ٻَرَ ۾ ٻيڪَ لَهَنِ، پَهرَ نہ پَنِنِ ڪاپَڙِي.

4

اَسُڪُ جِن اوِيرَ، سي سانجهيءَ رَهَنِ سُمهِي؛
لاهُوتِي لَطِيفُ چئي، آڏي ڏِيَنِ اُلِيرَ؛
سُتو لوڪُ پَسي پِيا، سامي مٿي سَيرَ؛
ڪيڏانهُن ڪندا پيرَ؟ مِڙوئِي مٿو ٿيو.

5

وِچِينءَ وِٺا رَهَنِ، سانجِهيءَ رَهَنِ سُمهِي؛
ٻُڪَ مَرندي ٻِڪِيا، ڪَنهِن ڪان ڪَيِنَ گُهرَنِ؛
پيٽَ نہ هيرِيائُون پانهِنجا، چوري ساڻ چَسَنِ؛
ڦَڪِي فَقِيرَنِ، ماڳِيان پِنِي ماٿِ جِي.

6

ڪَشي ساڻُ ڪَشَنِ، ڏِيل ڪَيائون ڏُبِرا؛
پيٽَ نہ هيرِيائُون پاڻهِنجا، چوري ساڻُ چَسَنِ؛
اهِڙِيءَ راهَ رَسَنِ، ڪاپِڙِي ڪابُولَ ڪي.

7

آديسِي آديسُ، هِتان ڪَري هَلِيا؛
ڪاپِڙِيُن قَلْبَ ۾، ڪَيو ڏُوراڻو ڏيسُ؛
ويراڳِي نئون ويسُ، راوَلَ ڍِڪي رَميا.

8

آديسِيُنِ اَدَبُ، آهي اَکِڙِيُن ۾؛
تن جو حَسَبُ نَسَبُ ناهِ ڪي، نہ اَما نہ اَبُ؛
سامِيُنِ کي سَپين پرين، رُوحَ ۾ رَهيو ربُ؛
رِءَ لانگوٽِيءَ لَبُ، پاڇِي ڪَنِ نہ پاڻَ سين.

9

لُنگُ ڪَڍيائون لانگَ، موٽِي ڪَنِ نہ مَسَحُو؛
جا اِسلامان اَڳي هُئي، سا سُئُون ٻانگَ؛
سامِي چَڏي سانگَ، گَڏِيا گورَکناٿَ کي.

10

پُوڄا ڪارِ مَ پاڻَ کي، ڪوءِ راوَلَ! ٻَنِ رُڄاتُ؛
لِباسان لَطِيفُ چئي، پَلِ ويراڳي! واتُ؛
مَنُ ماري ڪرِ ماتُ، تہ تِيرٿ پَسِين تَڪِيو.

11

پُوڄا ڪارِ مَ پاڻَ کي، جوڳِي! رَکِج جوڳُ؛
خَلِقَ خادِمُ جِئَن ڪَرِين، اِيُ راوَلَ! وڏو روڳُ؛
پَڳَنِ ڪونهي پوڳُ، نانگا وَڃَنِ نِڳيا.

داستان اٺون

1

رَهِيا اَٿيئَي راتِ، صُبُحَ وِينديءِ صابِري؛
لُڻءَ لُڻءَ منجهه، لَطِيفُ چئي، ڪَرِ تنِين جي تاتِ؛
سَندِي جوڳِيانِ ذاتِ، ٻِئي پيري مَسَ مِڙي.

2

تان ڪِي ساڻُن اورِ، جان آهِين اوطاقُن ۾؛
ڏَهه ڏَهه پيرا ڏِينهَن ۾، پارُ مَٿائُن گهورِ؛
وِيا جي هِنگلورِ، ته ڪَرَمِ مِلندءِ ڪاپِڙي.

3

تان ڪِي وَٽِن ويهُه، جان آهِين اوطاقُن ۾؛
سامِي سَفَرِ هَلِيا، ڏُورِ چِتائي ڏيهُه؛
چَڏي سُکُ ساڙيهُه، مٿي گَنگا گَجيا.

4

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، جاڳرُ جوڳِيَڙَنِ جو؛
ساري سَناسِيُنِ کي، رُئَندين تان روءِ؛
پَسُ! پارِيان تو، لاهُوتِي لڏي وِيا.

5

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَنوارِين؛
آديسِي اُٿِي وِيا، مَڙهِيُون مُون مارِين؛
جي جِيَّ کي جيارِين، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.

6

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، سندي جوڳِيُنِ جوڙَ؛
ساري سَناسِيُنِ کي، کامي ٿِيَس کوڙَ؛
مَن جنِين سين موڙَ، سي لاهُوتِي لڏي وِيا.

7

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، ڪَرڳل ڪِينَ رُوئَنِ؛
نہ اُهي آديسِي اَسُڪا، جن سين مَڙهِيُون سُونهَنِ؛
مَڙهُ پُورِيائُون ماٿِ تي، واجَٿَ ڪِينَ وَجَنِ؛
وِيا نانگا سي نِڪِري، پَهرَ نہ پُورِيِنَ؛

سارِيو سَناسِين کي، اولاڪا اَچنِ؛
لاجَئُون لاهُوتِينَ، جوڙي ڏِنيُون جِيَّ کي.

8

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، دُونهِين، ڏُنڊُ، نہ لاٿَ:
وِيا ويراڳِي، نِڪرِي، چِتَ چَڪائي چاٿَ؛
آءٌ مارِيَسِ تَنهِين ماٿَ، جِيجان! جوڳِيَڙَنِ جي.

9

جِياسُون جوڙَ ٿِي، جوڳِيءَ لاٿو جارُ؛
سندو پُورَبَ پارُ، آچِيائِين اَنڌَن کي.

10

هيءِ! جي هُئا هِتِ، نہ مَٿن هُوندَ حَقُّ ٿِيو؛
مَڻِيُون، مُورَتَ، مَتِ، مانَ وِسرِيُون ڪِي لهان.

داستان نائون

1

بُکَ وِڏائُون بُکِرِيِن، جوڳِي ڪندا جُجَ؛
طَلَبَ نہ رَکَنِ طَعامَ جِي، اوتِيو پِينِ اُجَ؛
لاهُوتِيُنِ، لَطِيفُ چئي، مَنُ ماري ڪيو مُجَ؛
سامِي جهاڳِي سُجَ، وَسَنئُن کي وِڃها ٿِيا.

2

نہ گِندا نہ گَبِرِي، نہ لانگوٽِي لِکَ؛
جيڏِنهن پَرِين وِکَ، تيڏَنهن صاحِبُ سامهُون.

3

ڪچِي ڪاچوٽِي، نانگَن پَڌِي نِينهَن جِي؛
جَهِڙا آيا جَڳَ ۾، تَهڙا وِيا موٽِي؛
اُنِين جِي چوٽِي، پُورَب ٿِيندِي پَڌِرِي.

4

جِنَ ٿا پُڇَنِ اَنّ کي، تَن جِي پُڇَنِ پَنڌُ؛
نہ رِڙهِي لَڏائُون رَندُ، لَٿِيَن لُکَ لَطِيفُ چئي.

5

جا بَرادَ بُتَنِ جِي، سا اُجَ بُکَ آديسينَ؛

روزا رِندَ رَکنِ، عيدَ نہ اوڏا ڪاپَڙِيَ.

6

جَنهِن سَناسِيءَ سانڍِيو، گَندي ۽ گِراهُ؛

اُنهِيءَ کان الله، اَجا اَڳاهُون ٿِيو.

7

وِنو پُڇِين پَرُ، ڪَر ڪا هِنئارَ هَلَڻَ جِيَ؛

اَجُ، آديسِي! مَرُ، صُباحَ مَرَندو سَپُڪو.

8

پَرِينديئِي پِيرِ ٿِيا، ڇڏِي گَنجو گامُ؛

گُروءَ سِندي گَسَ ۾، جن ڪَيا تَنَ تَمامُ؛

وِيهِي ڪَيو نہ وِچَ ۾، تِن آديسِيُنَ آرامُ؛

رَهَ ۾ گَڏِيُنَ رامُ، پَنڌان جُٺا ڪاپَڙِيَ.

9

اَکِيُون، آلو ماهُ، سدا سَناسِيُنَ جُون؛

واري نيڻَ نِندَاهُ، جاڳِي جَهِليا جوڳِئِين.

10

اجا سي آهِين، جي سَزاوارَ سِگُنِ جا؛
ويٺا وَڄائِين، جي سَنَاسِي! سُڻِئين.

11

مَرَڻُ مُسَلَّمُ جنِ، واحِدُ تِن نه وسري؛
مٿي سَڱَرُ ڪاپِڙِي، ڪا نانگا نِندَ نه ڪَنِ؛
نيڻَ سدائِين تِنِ، اوجاڳَنِ اُجارِيا.

12

ڏورَڻُ گَهڻو ڏاڪِڙو، ڏورِج مَ رِءَ ڏِئي؛
تان تان هوئِج حُجِري، جان سين يارُ جِئي؛
جڏهِن پاسي پاڻَ ٿِئي، تڏهِن چَڏِج تَڪِيو.

13

ڏورِ مَ ڏِٺان ڏارَ، ڏورَڻُ گَهڻو ڏاڪِڙو؛
ڪوڙين لَکَ هزارَ، اِنَ اُونداهِيءَ اَنڌا ڪَيا.

14

تو جو ڏِئو پانئيو، سا سُورَجَ سُهائي؛

اَنڌَنِ اُونداهِي، جي راتِ وِهامي ڏينهُن ٿِيو.

15

ناٿُ جَنهِين نِنڊِ ، تِتِ نہ نهارِيو جوڳِئين؛

ڪي ڪُوِساهِيا ڪاپڙِي، پُرِيا پَراهين پَنڌِ ؛

هُو هِنَهِين هَنڌِ ، ٿي هُنهَئِن وِيا هِنڪِلاجَ ڏي.

16

ناٿُ جَنهِين نِنڊِ ، تِتِ پڻ نهارِيو جوڳِئين؛

سي سُوِساهِيا ڪاپَڙِي، پُرِيا پَراهين پَنڌِ ،

هُو هُئو هِنَ هَنڌِ ، هُنِ هِنڪِلاجان هَٿِ ڪيو.

17

گُذَرَ گَئي گُذِرانُ، ڪِينَ قَبُولِ ڪاپَڙِي؛

عَلِيءَ جو مَيدانُ، سَڪَرُ سَناسِيُنِ کي.

18

هُو جي ٿِيا هِرَڪيس، تِن لِڳي ڪِينَ لِباسَ سين؛

وَتَن وِلَهي ويسَ، لاهُوتِي لَطِيفُ چئي.

19

ٻُڪَ اُنِين جي ٻِڪِيا، ڏُوڙِ اُنِين جو ڏُوپُ؛

ڪَيائُون سو ئِي رُوپُ، جِئان لوڪَ لَڄَ ٿِئي.

20

سِڱِيُون، سيلِيُون، ڳَبَرِيُون! ٿيئي تولَ ٿڳو؛

پَٽُ هَٽِي پَٽَ سين، پيري تِن پَڳو؛

لاهُوتُ جِن لَڳو، سي مَڙهِيان مُورُ نه نِڱِيا.

21

ڪوءِ ڳوڏَ ڙا! ٻَنِ ڳَبَرِيُون! نيئي ڪِدائُون ڪانءِ؛

جيڏانهِين جوڳُ وِيو، نيڻ تيڏانهِين نانءِ؛

پُٽو اِئَن پانءِ، تہ سِڱيون شُومَتَ هَٿ جُون.

22

جا گُرَ ڏِني گودِڙِي، سا مُون کي ٿِي مَرڪُ:
چيلا! ماري چَرِخُ، اوڍي ويہُ اَدَبَ سين.

23

جا گُرَ ڏِني گودِڙِي، سا ٿِي لاهِيندي لَجَ:
سندا تنهن سُهَجَ، چيلو چوندو ڪيتِرا ؟

24

جا گُرَ ڏني گودِڙِي، سا مُون گھَٽِي سُهاءِ:
نيئِي رَساٽِي ماءِ، اوڍِئِن جي اَدَبَ سين.

25

اَندَرِ رِلا رِليُون، ٻَهَرِ پَٽولا:
اِنَ پَرِ ڪاپَڙِي، گَڏَهَ جا گولا.

26

ٻَهَرِ رِلا رِليُون، اندَرِ پَٽولا؛
اِنَ پَرِ ڪاپَڙِيءَ، خدا جا گولا.

27

گُلَ گُلَ پَسِي گودِڙيا، گهٽا مَرِ پانئِجِ؛
سوئِي سُڃاڻِجِ، هِيُّ هُو آهي هيڪڙو.

28

پَٽَ چَڏِيائون پَٽَ ۾، ڏَندَ چَڏِيائُون ڏِسُ!
آلائِشان اَڳِي ٿِيا، موٽِي ٿِيَنِ نه مِسُ؛
هِيُّ چَڏِيائُون حِسُ، وَڃِي ڪالَهه ڪُلُ ٿِيا.

سر ڪاپائتي

داستان پهريون

1

توڙي تُون ڪاتارِ، جِمَ هيڪلِي پيرِئين؛
ڏِني ڪا ڏُئارِ، صَراف اِنهَين سُٿَ ۾.

2

جان ڪَتين تان ڪتُ، هِيءَ هَڏِ وِهاڻِي؛
ڪاپائِتي سَپَڪا، ڪِتي سيباڻِي؛
ڄاتو جِن ڄاتِي، تِن هَٿان پِهِي نه ڇَڏِي.

3

هيءَ هَڏِ وِهاڻي، جان ڪَتين تان ڪتُ؛
ڪو پنهَنجي عِيدَ کي، پيري ڪَج پرَتُ؛
مَتان روئِين رَتُ، صُباحَ وِچِ سَرتِيين.

4

ڪَنَڻَ جي ڪانہ ڪَرِين، سُتي ساهِين هَڏُ؛
صُباحَ ايندَءِ اوچِتو، عيدَ اُگهاڙِنَ گڏُ؛
جتِ سَرتِيون ڪَندَءِ سَڏُ، اُتِ سِڪَندِينءَ سينگارَ کي.

5

اَجُ پڻ اُجهڻَ کي مَرين، نَڪي ڪَتُءِ ڪالَ؛
پوري! توسين پالَ، ڪانڌُ ڪَرِيندو ڪيترا؟

6

اَجُ پڻ اُجهڻَ کي مَرِين، نَڪي ڪَتُءِ ڪالَ؛
مونا اُنجي اَڪَرِيا، اَرٽ ڍَرڪي مالَ؛
هَيءِ! تِنين جي حالَ، جن ڪاپي منجهان ڪَين ڪَيو.

7

سي تو ويهي وِجائيا، جي ڪَتَڻَ سندا ڏينهَن؛
اَرِٽ اوڏِي نہ ٿِئين، پورِي! پوري سِيئَن؛
ڪَندُ ڪتندِينءَ ڪِيئَن، اَگَڻِ عجيبَن جي؟

8

سونَ سارِيڪا هَٽڙا، ڪوهُ نہ ڪَيِن رَڏِ؟
ويهِي ڪُندَ، ڪاپو ڪَرِ، گُهٽُون گوهِيُون چَڏِ؛
تہ صَرافاڻي سَڏِ، مَرَڪِيو هُوندَ مَٿائِين.

9

پَڳو ئِي پيرِ، جانسين رَتو راسِ ٿِئي؛
بُرِيءَ بيڪارِيءَ سين، هارِي! پاڻُ مَ هيرِ؛
ڪِٿُ ڪَنِديُون ڪيرِ، نِئَن سين نہ جاڻِجي؟

10

پيرِئين ۽ پانئِين، اِئَن وِڏُوڙو ڪانڌُ؛
ويٺِي اورِ اَرَٿَ سين، ڳِچِيءَ پايو پانڌُ؛
تہ تُنهِنجو ئي وِڙوانڌُ، ڪِتو وِتو نہ ٿِئي.

11

چائُتِ پائِي چِٽَ مِ، سَنهو ڪَتيو جَنِ؛
تِنِ جو صَرافَنِ، دُڪو داخِلِ نہ ڪَيو.

12

مُحَبَتَ پائي مَنَ ۾، رَنديا روڙِيا جَنِ؛
تِنِ جو صَرافَنِ، اَڻَ توريو ئي اَگهائيو.

13

ڪو جو وَهُ ڪاپائَتِنِ، ڪنبَنِ ۾ ڪَتَنِ؛
ڪارَڻِ سُودَ سَوارِيُون، آڻَنِ مَنجهه اَچَنِ؛
اُنِ جيءَ سُونهَنَ، سَيَّدُ چئي، صَراف ئي سِڪَنِ؛
اَگهيا سُٺَ سَندَنِ، پائي ترازِيءَ نه تورِيا.

14

سُٺُ اُنِنِ جو سَڦِرو، جي پَرِ ۾ پِڃائِنِ؛
آوازُ اَرَٽَ جو، ساهَ نه سُڻائِنِ؛
لِڪايو لَطِيفُ چئي، ڪَنبِيو ڪَتائِنِ؛
جي ماڻِڪَ موٽائِنِ، توءِ مُلهه مَهانگو اُنِ جو.

15

ڪي اوٺِين عَرَبَ ۾، ڪي ڪابُلَ مَنجھ ڪِتَنِ؛
سُٽُ اُنِ جو سَڦرو، مَنِيو ماڻِڪَنِ؛
قادرَ ڪِيمَ ڪَدَنِ، ٿيلھي ٿُلھي وارِيُون.

16

پيرِئين، ۽ پانئيين، پانڻُ پَڄي چَڏِ؛
ڪِتو وِتو پورِهيو، هوڏِ وِجَهنديءَ هَڏِ؛
هِتي ڏيڊو مَنِجِ ڏَڏِ! جتي ڏَڪَنِ ڏَهَسئي وارِيُون.

17

اولياڻِيان اَرَٿَ، ڪيڏانهن ڪَتَڻَ وا ريون؟
پَهيُون مٿي پَٿَ، لُڙجَنِ لاڪِيڙَنِ جُون.

18

ڪَتي ڪَتي ڪالَھ، اَڄُ نہ آتَڻِ آئِيُون؛
اَرَٿُ اُڪلي مالَھ، پُوري وِيئِيون نِجُھرا.

19

نہ سي وَوُڻ وَڻِن ۾، نہ سي ڪاتارِيُون؛
پَسِيو بازارِيُون، هِنئَڙو مون لُوڻ ٿِئي.

20

تاڄِي توريائُون، عَيبَ نِڪتا اَڳِيان؛
ڪوني ڪاپائِتُنِ ڪي، پَرِ ۾ پُڇيائُون؛
اَگَلَڙي آءُ، مُون ڪان پَڙا پَڳا نہ ٿِيا.

وائي

ڪا هِنئَين سين لاءِ پوري! ڪا هِنئَين سين لاءِ.
تُنبائي تاڪِيدَ سين، جِن پِڇايو پاءُ؛
لَسي تَندُ لَطِيفُ چئي، هَلي تِن هَٿاءُ؛
پَهِيُون تُنهِنجُون جِهرِڪَن جهورِيُون، پِيُون اُڏايُون واءَ؛
اَرَٿَ پاسي اوجِهرِين، توکي سُمَهَڻَ آيو ساءُ؛
آڏيءَ، عَبدُاللَّطِيفُ چئي، رِوئي رِيجهائِج راءُ.

سُرُ پُورَب

داستان پهريون

1

ڪري، ڪانگَا! ڪُرنشون، پيرين پِرينءَ پَئيج؛
آءٌ جو ڏِيَنئِي سَنِيهو، وِچ مَ وِساريج؛
اَللهَ لَگِ، لَطِيفُ چئي، گُجهو ڳالهائيج؛
چُئان تَنَ چئيج، تہ ڪِنياتا! خوش هُئِين.

2

آءٌ اُڏامِي، ڪانگڙا! پارانيان پَچارِ؛
ويهي هِتِ وِصالَ جو، تان ڪو تِرُ تَوارِ؛
جي ڏِسَڻَ ۾ ڏيسارِ، سي اُڏامِي آئِڻ پِرين.

3

پارانيان پَچارِ، مٿي لامَ لَطِيفُ چئي؛
ڦيرِ مَ فَضِيلَتَ تُون، جا ڪُرَ اَوَان جي ڪارِ؛
جي ڏِني ۾ ڏينارِ، سي اُڏامِي آئِڻ پِرين.

4

وَهلو وَرُ، وَرِيا پِرين، آءُ ڪانگا! لَنئُن لاتِ؛

وِيا جي قلاتِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

5

ڪانگَلَ! سي ئي ڪوٽِ، پِرين جي پَرڏيهِ وِيا؛

جنين رِءَ جَهانَ ۾، اکِڙيُن ارُوتِ؛

الله لَڳِ، لَطِيفُ چئي، ڪَج ڳاراچو ڳوٺِ؛

جي ڏَمِريا ڪَنهن ڏوٺِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

6

پِرين جي پَرديسَ ۾، تِن جي ڪانگا! ڪَج خَبَرَ؛

تہ سَڀ مَڙهايان سونَ سين، پکِي! تُنهنجا پَرَ؛

گُهمِي مَٿان گهَرَ، ڏِج پارانيا پرينءَ کي.

7

ڪِڏي، ڪانگا! تو ڏِٺان، هِنئون سارِ هَٿَن؛

وَجي ڪاءُ وِلاتَ ۾، اکِيان عَجيبَن؛

پِرين مانَ چوَنِ، تہ هِئَن قُربانُ ڪيرُ تِئي!

8

ڪانگَلَ قَرِيبَنِ جا! اِچي وائِيءَ وَڻُ؛
توءِ بُوءِ بَهارَ جِي، مُشڪَ ڪَثُورِيءَ مَڻُ؛
اِچي عَجِيبَنِ جو، اورانگِهج اَڱڻُ؛
توکي پَسِي تَڻُ، سُورَنئان صافُ ٿِئي.

9

آندِيُون ڪانگَ قَرِيبَ جُون، اَجُ واڌايُون واهَ؛
مَنَ مُرادُون پِنيُون، ٿِيون سَرَهائِيُون ساهَ؛
آندا پِرِين اللهَ، سَڌَ مُنهِنجا سابِ پِيا.

10

ڪانگَلَ! تُنهِنجي چانگَ، جَڏو جِيُ جِياريو؛
مٿان لامُنِ لَتَ ڏِيو، ٻولِئين سِرِ ٻيلانگَ؛
اُڏِرُ مٿان ڦانگَ، تہ گهرِ آوَنِ سُپِرِين.

11

ڪانگَل! نيئِي ڪانگِ، مُنهنجِي ڏي مَحبُوبَ کي؛
”لالَنَ! لايئِي ڏِينهَڙا، ڪَنهن سِٽاٽِي سانگِ؛
اَوان رِءَ اَڙانگِ، وِيئي وِرِهَ وَسائِيان.“

12

رِءَ پِريان پَرديسَ ۾، وِرِهَ وَڏي ڪِي وَسَ؛
اَکِيُون پارِ پِرِيُن جِي، ٿِيُون گامَ نِهارِين گَسَ؛
ڏِيندا پانڌِي ڏَسَ، ڪِيَنءَ جُون آڻي خَبَرُون.

13

زاغَ! تُنهنجِي ذاتِ جو، ٿورو مَٿي مُون؛
اُڏامِج، عَبدُاللَّطِيفُ چئِي، صُبحَ سيٽِن ڏُون؛
ڪَج وِيَنتِيُون وِترِيُون، ٻاجهائِج ٻهُون؛
تہ ”لالَنَ! ڪَون لَهُون، جِهو تو جَهانَ ۾.“

14

قَرِيَنِ جو ڪانگڙو، مٿي ٽارَ ٽِلي؛
ڪَڙيو ڪِنياتو خَبَرُون، ڪِيرُون ڏِيو ڪِلي؛
لائي جَنھِن لالَنَ سان، مُنھِنجي باتِ ٻِلي؛
سو وَرُ چَشمَنِ سان چَلي، جو دَرٻارِي دوسَ جو.

داستان ٻيو

1

تَن اَکِيُن اُتان سُکَ، کِلندي کَٽَنِ جي؛
پرِيُنِ پاٻوھَڻَ سان، ڏُورِ ڪَيا سَڀِ ڏُکَ؛
ماڙھُنِ ليکي ٻُکَ، سامِي سُورَ سَنَا ڪيا.

2

سامي چائِيين، سُکُ طَلبِئِين، سِکَئِين نہ، سامِي!
اَچا اورِئِين پَندَ مِ، وِٺِين وِسامِي؛
گُرَ کي تُون نہ گَڏِئِين، چائِيين اِنعامِي؛
دائِمُ مُدامِي، پورو رَھِجِ پرِينءَ سين.

3

پُورَبِيا پُوري وِيا، آسَڻَ آڏِيءَ راتِ؛
سُيَمِ نہ سَنياسِيُن جُون، پَچارُون پرپاتِ؛
ڪا جا جوڳِيءَ ذاتِ، مِٿَ نہ معذُورَنِ جا.

4

مٿي راهَ رَوان ٿِيا، پُورَبِ پُورِيائُون؛
هي گهَرُ گهورِيائُون، آڳانڊِيائُون اڳيان.

5

پُورَب پُورَب تَبِ ڪَرُون، جَب هِنئَڙي آوَن پُورَ؛
سِڪَندي ڪي سَجَڻين، نِڪُون لائُون نُورَ؛
مارِيَسِ تَنهِن سُورَ، جِئَن ساجَنُ سُجي، نہ مِلي.

سر ڪارايل

داستان پھريون

1

”وَحِدَهٗ“ وائي، چَڙهندي چَيائين؛
سو لُڙُ لَنگھِيائين، جِتي پارَڪَ پَکِيان.

2

ٻَگھَنِ سين ٻارُ هَٽِي، اُڏاڻو آڪاسِ؛
جِتي پِرِين سَنداسِ، سو سُر مَٽِي هَنجَڙو.

3

اکڙيُون اوڙاهَ ۾، اُپو تَڪي تارِ؛
پِڻُون جي پاتارِ، هَنجُ تِنين جو هيرَئُون.

4

وَجِين نه پيهِي، پِڻِ لَءِ پاتارَ ۾؟
ڪنڌِيءَ ۾ ڪيهِي، هاجَ تُنھِنجِي هَنجَڙا.

5

ثِيو حُضُوري هاڻِ، سوجها پِيَسِ سَرَ جي؛
ڪَندي لَڏِي ڪاڻِ، پَکِيَڙِي پاتارَ ۾.

6

اڇو پاڻِي لُڙُ ثِيو، ڪالُورِيو ڪَنگِڻ؛
اِيندي لَڄَ مَرَنِ، تَنِهن سَرَ مٿي هَنجَڙا.

7

هَنجَن سِين هيڪارَ، جي ڳَرُ ڪَري نِهارِئِين؛
ٻَگهِن ساڻ پِيهارَ، پيلهَ نه ٻَڌِين ڪَڏهِين.

8

آءُ اُڏامِي هَنجَڙا! سَرَ ۾ سارِينَئِي؛
مَتان مارِينَئِي، پارِڌيري پَهُ ڪَري.

9

ڪَوُنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پَوُنر پري آڪاسِ؛
ٻِنِين سَندي ڳالِهڙِي، رازِقَ آندِي راسِ؛
تَنِهن عِشقَ ڪي شاباسِ، جَنِهن مُحَبَتي ميڙِيا.

10

ڪَوئنر پاڙُون پاتارَ ۾، پوَنرُ پِري ۾ سُجَ؛

ٻِنِين سَندِي ڳالھِڙِي، عِشق اِيُّ اُھجَ؛

توءِ نہ لَھِنِ اُجَ، جي پِيو پِيَنِ پاڻَ ۾.

11

جيھَرَ لوڪُ جَھپَ ڪري، اوھيرَ اُڏامَنِ؛

پِڻُون جي پاتارَ جا، چيتارِيو چُڻَنِ؛

ڪوهُ ڪَندا ڪي تَنِ، پاڙھيڙِي پَہُ ڪَري؟

12

وِيا مورَ مَرِي، ھَنجُ نہ رَھِيو ھيڪِڙو؛

وَطَنُ ٿِيو وَرِي، ڪُوڙَنِ ڪانيرَنِ جو.

داستان پيو

1

سو پَکِي سو پِچرو، سو سَرُ سوئي هَنجُ؛
پيهِي جان پَرُوڙِيو، مون پانهِنجو مَنجُهه؛
ڏِيلَ جَنهِن جو ڏَنجُهه، سو مارِي ٿو مَنجِهه ڦِري.

2

سَنها پانءِ مَ سَپ، وياءَ واسِينگَنِ جا؛
جَنِين جي جَهڙَپ، هاٿِي هَنڌان ئي نه چُري.

3

آسَڻَ جن اَريجَ مِ، اُوءِ ڪَچَرَ وِه کَري؛
تِن جا مُنهَن مَلَڪَنِ جهِڙا، تِڪو نان نه ٽَرِي؛
جي اُنهِين ساڻُ اَڙِي، تہ ڪانهي جاءِ جَرِيءَ جي.

4

آسَڻَ جن اَريجَ ۾، تن جي وِهُ جو وَرَنُ ڀيو؛
تن جو ڪَندو ئي ڪَمُ ڪَري، جي مَٿِس پيرُ پِيو؛
پُرِيَنئان آھي پَڌِرو، تن نانگَنِ جو نِھو؛
ڪِلي ويلَ ڪِھو، جو سامُھون ٿِئي سَپَنِ کي؟

5

ڪَنهِن ڪَنهِن ڪاريءَ ذاتِ کي، مورَ بہ مَٿائِنِ؛
جي چِتُرا چَڪِيا ڪَري، نہ وِگَ وَرائي ڏِينِ؛
ساٿَ سَمُورا نِينِ، جي مَنِين پائني موتِيا.

6

پِھرِين ڪاري نانگَ جي، ڪو چِرڪِيَلُ چيڙَ ڪَري؛
ھي ھَٽي ڏَنگَ ڏَسائيو، تہ ويجهو تان نہ وَري؛
جيڪي تَپِ مَري، جيڪي سِڪي صِحَتَ کي.

7

ڪَپُرَ! گاروڙِيُنِ سين، وڏو وِڏُءِ ويرُ؛
نانگَ! نہ ويندين نِڪِرِي، تو ڏَرِ مَٿي پيرُ؛
هِيُّ تِنين جو ديرُ، جن جُھوناگَڙُھ جَلائِيو.

سُرُ پرڀاتي

داستان پهريون

1

اِيَّ نہ ڀانَ ڀيرُ، جِئَن ڪينَرُ ڪِيرِيءَ ٽَنگِيو؛
سُونهاري صُبُوحَ سين، وِجهي ويٺين ويرُ؛
توکي چوَندو ڪيرُ، ڪِيرَتَ ڏاران مَنگَڻو؟

2

سُتو ڪِئَن ننڊُون ڪَرِين، رو وهاڻِيءَ روءِ؛
سُپان سازُ سندوءِ، پيو هُوندو پَٽَ ۾.

3

سيراندِيءَ سازُ ڪيو، سُمهِين سارِي راتِ؛
جاجِڪ ڪاڻي ذاتِ، اِيَ هوءِ اَڳهِين؟

4

جنِين سُکُ ناهِ ڪو، چارَڻَ سي چَئَجَنِ؛
رُجُنِ راهَ پُڇَنِ، مٿي ڪُلَهَنِ ڪِينَرا.

5

مُوڙهو پُٽين مَگَنّا! ڪيڏانهن هُئين ڪالَ؟
لَنگها! چَڏِ، لَطِيفُ چئي، اُجَهڙَ جا اَفعالَ؛
سَپَڙَ دَرِ سُوالَ، ڪَرِ ته قيمَتَ آئِين.

6

چارَڻُ لَگو، پَنڌُ گهٽو، ڪِي چوٽائِيءَ چَئِيجِ؛
هِتِ ڪِي هلائِيجِ، اُتي آءٌ نه اچڻو.

7

جيڪِي ڏَڏَنِ ڏي، ڳُجِهيان ئي ڳُجَهه ۾؛
سي جي سُٽَنِ ڪَڏَهِين، ڪِرِتِ وارا ڪي؛
ته سازَ مِڙوئي سي، هُوندَ پِٿون ڪَنِ پَلَڪَ ۾.

8

اُتِ ڪِرِتِ وارا ڪيترا، ڪِرِتِ ڪَبو ڪوهُ؟
جيڪِي بَندو ڪَمُ ڪري، سو مِڙوئي ڏوهُ؛
تون پارِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَچِين ته سونُ ٿِيان.

9

اُٺيو اَبوجهاءُ، سَپَڙ جو سَڌُ ٿِيو؛
جِنَ اَئِين ڪِيرَتَ ڪَٿُ نہ سِڪِيا، تِنَ پاٽا رِيڏو راءُ؛
مڱو مون مُلاءُ، آءُ اَوهان جو آهِيان.

10

ڏاتِ نہ آهي ذاتِ تي، جو وَهي سو لَهي؛
آرِيُون اَبوجَهنِ جون، سَپَڙُ چامُ سَهي؛
جو راءَ وَتِ راتِ رهي، تَنهِن جُڪِي تان نہ ٿئي.

11

ڏَڏُ تِي ڏانُ گُهرِيج تُون، چَڏِ وِچا وِجائي؛
سَپَڙَ راتِ سَنباهِيا، تازِي تو لائي؛
جو چاڙي نہ ڇائي، تَنهِن سين پيلي ڏِٽيءَ پاجَهہ ڪِي.

12

پيو ليئِين لُٽَ، سَڄِيُون راتِيُون سُمهِين؛
اُٿِي آڏِيءَ نہ ڪَرِئِين، سَپَڙ ساڻُ سَهَٽَ؛
رُونجھي راتِ اُپَڙِيا، پيِڻِيئُون پاٽِيٽَ؛
ميڙي تِنان مَٽَ، چُوندي پَرِيا چارڻِين.

13

ڏاتارَ ڏُکَ ڪَيا، پاٽا مَٿي مَڱڻِين؛
”مُون دَرُ ڇَڏِيو، مَڱڻا! مَڱِين ڪوهُ پِيا؟
تَڏِهن تو پِيا، وِچان وِلَها ڏِينهڙا.“

14

مَڱُ تَنهِين ڪان، مَڱڻا! جو ڏِيهاڙي تو ڏِئِي،
ڪُوڙا دَرَ دُنِيا جا، جاچِڪَ! مَڱِين جي؛
سُپان توهِين کي، موٽي ڏِيندا مُنهَن مِ.

15

ڪَڙَهَ اڳِيان ڪَپُ، ڍِهاڙي ڏاتارَ جي؛
لَنگها! لاهِ مَ لِڪَ سِيئَن، مَٿان چانئُٺِ چَپُ؛
مَڱڻهارَنِ مَپُ، ڪونهي پِيو ڪِيرَتَ ري.

16

سَپَڙُ ساهُ پَساهِ، جاجِڪ! جِمَ وِسارِئين؛
ريهي رُپي سَندِيُون، تَنڌُون تُنبي ڪي پاءِ؛
لَنگها! تون لِيلاءِ، اڳِيان وڃِي اُنَ جي.

17

تُون سَپَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تُون صاحِبُ، آءٌ سَڳُ؛
پُڇِي تُنهِنجو پَڳُ، ڪُلهي پاتَمِ ڪِينَرو.

18

تُون سَپَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تُون ڏاتارُ، آءٌ ڏوهُ؛
تُون پارِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَچِين نه سونُ ٿِيان.

19

اُپرِيو تارو، اُٿي وَرَ وِهاڳُ ڏيءِ؛

سَپَڙُ رِيسارو، چِتِ پَرِکي چارَٽِنِ.

سُرُ ڏَهَرُ

داستان پهريون

1

ڪَرِ ڪي ڳالهَڙيُون، ڪَندا! ڍورَ ڌَڻِيُنِ جُون؛
ڪِئَن سي راتَڙيُون، ڪَنهِن پَرِ ڏِينهَن گُذارِئين؟

2

جان تو هُئَڙو سُورُ، ڪَندا! ڍور ڌَڻِيُنِ جو؛
مٿي لامُنِ ٻُورُ، موريءَ مَجَرَ نه ڪَرِئين.

3

ڪَندا! تُون ڪيڏو، جَڏهِن پَرِيو ڍورُ وَهي؟
جَسودَنِ جيڏو، تو ڪو ڳَڏِيو پَهيَڙو؟

4

سَچُ ڪِ سُڪو ڍورُ، ڪنڌيءَ اَڪَ ڦُلارِيا؛
جُنگَنِ چَڏِيو زورُ، سَرُ سُڪو، سُونگي گيا.

5

سُڪِي ڍورُ ڍَيُون ٿِيو، ڪنڍِيءَ ڏِنو ڪائو؛
سو پاٽِي پَٽِيهَلَ ۾، اَڳِيون نہ آيو؛
ماڙُهنِ ميڙائو، ڪَنهِين ڪَنهِين پيٽئَين.

6

ڍورُ نہ اَڳِينءَ ڍارَ، مهَندِ مَلاحَنِ لَڪِيو؛
موڙِي چوڙِيا مَڪُڙا، پَسِي پاٽِيءَ پارَ؛
جَسودَنِ جيها يارَ، پِيَڙا وِيرَ وماسَ ۾.

7

جان واهُڙَ ۾ وَهُ، تان تون، مَچَ! نہ موٽِئين؛
ڪائي ۾ ڪوهہ ڪَرِئين، پوءِ موٽَڻَ جو پَهُ؟
سِرَ مَٿِي تُون سَهُ، مَهِميزُون مَلاحَنِ جُون.

8

جان جَرُ هُئَڙو جالَ، تان تُون، مَچَ! نہ موٽِئين؛
پَوَندِيءَ اَڄ ڪِ ڪالَ، سانپِيُون سانگِنِ جُون.

9

جان جَرُ هُنڙو سِيرَ، تان تُون، مَڇ! نہ موٽِئين؛
آڏا اَڏي ڪِيرَ، گهَٽ بہ جَهلِيءَ گهاٽئين.

10

مَتو آهِين مَڇ! ٿُلهو ٿو ٿُونا هَڻين؛
جا تو ڏِني اَچ، تنهِن پاڻِيءَ پُنا ڏِينهَنڙا.

11

ڪُنڊِي ڪَلِين وِچ ۾، جَڏهِن هَنيائُون؛
موتِ نہ مارِيائُون، ڏورِ ڏئي وِيا ڏُکَ جي.

وائي

لائِيءَ جا وَرُنَ ڪِي، سا ڪانڌَ! مُنهِنجي ڪورا.
ماءُ! مارِيندَمِ ڪَڏهِين، هِنَ پرِينءَ جي هورا؛
اَچَنِ پرِين پَيَکِيا، ڪَرَ بابِيهو جِئَن مورا؛
سيڙين سِرڪَنڊُ سَيَجي، پيو عَطُرَ پرِين اَتورا؛
چَپَرُ ڪَٿُورِي ٿِيو، بِي تازِي ڦُلَنِ ڦورا؛
اَلا! عَبدُاللَطِيفُ ڪي، سانوَل ميڙِ سَنپُوڙا.

داستان پيو

1

مَدِيني جا مِيرَ! سُڻ مُنهنجا سَڏَ ڙا؛

سَرَڻِ تُنهِنجي سِيرَ، تُون پارِ لَنگهائِين پيَرَڙا .

2

ڏَٽي! سو وارِئِين واءُ، جو ميڙائو سَڄَڻين؛

وَهِيءَ واٽ مَٿاءُ، هِنئڙي آسَرَ مَ لهي.

3

نيڻَ جي نِهارِين، سي اَڄُ نه اوتِي آئِيا؛

هَنجُون نه هارِين، پاڻِي پُنهُونءَ جامَ ري.

4

نيڻَ نِهاري مُنهنجا، روئِي ٿِيا رَتُ؛

پُنهُونءَ هوءِ پَهَتُ، ته پارِي نِيَن پاڻ سين.

5

اَڄُ اَگَرُ ڪيٽانِ، آسَرَ لِڳِي سوريانِ؛

ڏُونگَرِ ڏِينهَن لِڳانِ، مانَ وَرِڪَن سُپِرِين.

6

اَللهَ جِئَن نالوءِ، تِئَن مُون وَڏو آسِروءِ؛

خالِقَ! تُنھِنجي ڪاندِ جوءِ، پَرو پاندُ نہ ڪوءِ؛

نالوءِ ربَّ! سَندوءِ، رَھِيو آھِم رُوحَ ۾.

7

صاحِبَ! تُنھِنجي صاحِبي، عَجَبُ ڏِني سُون؛

پَنَ ٻوڙِين پاتالَ ۾، پَھَڻَ تارِين تُون؛

جيڪَرَ اِچِين مُون، تہ ميرِيائِي مانُ لَھان.

8

جيڏو تُنھِنجو نانءُ، ٻاجَھ ٻہ اوڏِيائي مَڱَانءِ؛

رِءَ ٿَنيِين، رِءَ ٿُوڻِيِين، تُون ڇِپَرُ، تُون ڇانءُ؛

ڪُجاڙو ڪَھانءِ؟ توکي مَعلُومُ سَپَڪا.

9

سَتَرُ ڪرِ سَتّارَ! آءٌ اُگھاڙِي آھِيان؛

ڏَڪِئين ڏَڪَڻھارَ! ڏيئي پاندُ پَناهَ جو.

وائي

مُون کي ننڊَ نہ نيڻين نيڻين، ڪالھُون پوءِ لَڪَن ۾.

موٽُ تُون آيَلَ! مُنهنجي ماءُ! تان تو ڏُکُ نہ ڪيٽين ڪيٽين؛

هُوءِ نہ نينمِ پارَ سين، جا ويند ڙِي سيٽين سيٽين؛

ڪالھُوِٽيان اَجُ گھَٽِي، جهورَ ڙِي جهيٽين جهيٽين.

پِيُون سَپُ واڳِيُون وَرَنِ سين، آءٌ جا واڳِڙِي ويٽين ويٽين.

هِنئَڙو ڏا ڙهُونءَ گُلَ جِئن، روئِي رَتڙو نيٽين نيٽين.

اَلا! عَبۡدَاللَطِيفُ چئِي، مُحِبَّ اسان تُون ميڙين ميڙين.

داستان ٽيون

1

ڪَرِ ڪو پيرو ڪانڌَ! مُون نماڻِيءَ جي نجهري؛

پِرين! تُنهِنجي پاندَ ۾ دولا! ڏَڪِي آهيان.

2

جِئَن تون قائِمُ ڪانڌ! تِئَن آءٌ وَرَ! وِلهِي نہ ٿِيان؛

پَکي چِنان پاندَ ۾ گَنڍُ نہ ڇاڙي ڪو پيو.

3

ڪانڌَ ڀِنِ ڪيتِرا، مُون وَرُ وِڏي ڪانڌِ؛
پاٽا ڏَڪي پاندِ، جي ڏِسي ڏوهُ اِکِنِ سين.

4

وَرَ سين وِجهيو ڪانِڻ، ڪَرَ سين ڪِلَڻ پائِيين؛
پورِي! مُنڌَ اَجانِڻ، ڪَڻ چَڏِيو ته مِيڙِئِين.

5

سُتا! اُٿي جاڳُ، ننڊَ نہ ڪَجي ايتِري؛
سُلطاني سُهاڳُ، ننڊُن ڪندي نہ ٿِئي.

6

ڪِي سُمهُه، ڪِي جاڳُ، ننڊَ نہ ڪَجي ايتِري؛
اِيُ مانجهاندي جو ماڳُ، جو تو ساٽِيهُ پانئيو.

7

جاڳَڻَ مَنجهان جَسُ، آهي اَدا! جن کي؛
لاهي جو، لَطِيفُ چئي، مَٿان قَلْبَ ڪَسُ؛
وَرنهَ! ڪَجان وَسُ، صُبُحَ ساڻ، سَيَّدَ چئي.

8

هِي تان ٿورَ ڙِيُون، جي تُون، پورا! پَسي پُلئين؛
راڻِيُون پِيُون گهَڙِيُون، جي تو اِيندِيُون هيڪلي.

9

سُمَهَڻان ساڙو، جيڏِيُون! جيڏو ئي ٿِيو؛
پِرين سين پاڙو، مُنهِنجو نِندَ نِبيرِيو.

10

پِرَهَ ڦُٽِي، راتِ گَئِي، جهيڻا ٿيا نَکَٽَ؛
هارِي! وِيءَ وَٽَ، گهڻا هَٽندِينءَ هَٽڙا.

11

پيئي جا پِرِياتِ، سا ماڪَ مَ پَسو ماڙهُئا!
روئي چِڙِي راتِ، ڏَسي ڏُکوِيَن کي.

12

ڏولُ مَ ڪَٽِي ٻانهَڙِي، پِرَهَ مَ ڪَٽِي پاندُ؛
آءُ پَنهِنجو ڪانڌُ، لوڪان لِڪي رائِيان.

13

ڦِريا پَسِي ڦيڻُ، ڪَرِين ڪِيرُ نہ چَڪِيو؛
دُنيا ڪارَڻِ ڏِينُ، وِڃائي وِلَهَا ٿِيا.

داستان چوٿون

1

روهِ راماٽا ڪَنِ، اَڄُ پڻ هَلَڻَ هارِيُون؛
ڪَرَڳُلَ ڪُونجَڙِيَن، رائي ۾ راتِ ڪَيو.

2

وِڳُرُ اُڪِيري سَرُ سارِيو، سُورَ چَري؛
جُهري جِهجندي ڏِئي، سَنِيها ڪي سَڄَڻِين.

3

وِڳُرُ وِساري، ويٺِيءَ ڪِئَن ماتِ ڪَري؟
ڪِ تو نہ ماري، رُڻُ جُهڻُ سَندِي سَڄَڻِين؟

4

وِڳَرَ وِيا وَهِي، ڪالهه تُنهنجا ڪُونجَڙِيي!

ڪَندِينءَ ڪوهُ رهِي، سَر مِ سُپيرِيُن ري؟

5

وِڳَرَ ڪَيو وَتَن، پِرِت نه چِنَنَ پاڻَ مِ؛

پَسو پَکيَڙَن، ماڙُهنِئان ميٺ گهڻو.

6

مَ لنئُن ڪُونجِي! ماٺ ڪَرِ، چورِ مَ هِنئَين چاڪَ؛

ڦِٽيُون جي فِراقَ، سي ڳهِر ڳارِينديُون ڪيتِرو؟

7

ڪُونجَڙِيءَ ڪالهه لَنئِي، سَجَڻَ وِڌَمِ چِتِ؛

آءُ جنين رِءَ هِتِ، ڳهنگهَرَ ڳارِيان ڏِينهَڙا.

8

اُتَرَ ڏي آلاپَ، ڪالهُونڪَرَ ڪُونجَ ڪَري؛

پِرِين پَسِي مَنجِهه خوابَ، وِهاڻِيءَ وايُون ڪَري.

9

ڪُونجُون ٿِيُون ڪُڻڪَنا، جيڪُسِ هَلَڻَ هارِيُون؛
ٻَچا پوءِ اَٿَنِ، وَڃَنِ واندا ڪَندِيُون.

10

آيُون ڏورَ ڏِري، اصُلَ سَندي آسِري؛
ڪَنڀَرَ پُونءِ ڪَرِي، پاٽان پَيرَ ڏُکويا پَکڻين.

11

ڪُونجَ نہ لَکيو ٻانُڻ، مارِيءَ سَندي مَنَ مِ؛
اوچِتي پَرِيانءَ، وِڳَرَ هَٽي ويڇُون ڪَيا.

12

ڪُونجَ! نہ پَسِين ڪَڪَ، ڏَٻُ جَنهِن سِين ڏَيِيو؛
مارِيءَ ماري لَکَ، وِڳَرَ هَٽي ويڇُون ڪَيا.

13

مارِي! مَرِين شالَ! ڏَٻ وَجَنئي ڏِيُون؛
جِنئَن تو اَڇِي ڪالَ، وِڏو وِچِ وِرِهَنِ ڪي.

14

ڪيرَ ڪرِينديِ رِسَ، آيلِ! سَنگهارَنِ سين؛

جنِين جي خَميسَ، وارِيُون واري چڌِيُون.

15

جِينَ سي سَنگهارَ، اَجهي جنِين گهارِيان؛

مانَ لَهَنئُون سارَ، وِچ وِلهين ڏِينهَڙِين.

16

جي پانئين وَسَ چران، تہ سَنگهارَن سين لَڏِ؛

تہ هاجي سَندِي هَڏِ، ڪُوڪَ نہ سُٽِين ڪَڏهين.

17

مَنڌِيُون مَٿِ گَڙَنِ، جهوڪَ بہ سُونهَنِ پهِيَڙا؛

سَندِي سَنگهارَنِ، جُوءِ جِئاري جَڏِ ڙين.

18

جاڳو، جاڙيجا! سما سُک مَ سُمهو؛

پَسو، آن پاريا، لاکو ٿو لوڙِيُون ڪَري.

19

ٽاٽُونڪِين پَلاڻَ، سَدا هَٽَن ڪَرِڪَرا؛
لاکي لوڙائُن جا، اَهِڙا ئَي اُهڃاڻَ؛
ڏِئَي تَنگَنِ تاڻَ، ڪُوڪَ ڪارِيندا ڪَچَڙي.

20

ريبارَنِ! رِيجهاءِ، لاکو لُولاٽُنِ سين؛
سائُو مانَ سَندِياءِ، نَٽُ مَٿائي ناڪُرُو.

21

لاکا لَکَ سُجَنِ، ڦُلاڻِيءَ پيرُ پيو؛
جَنهن پِرَ راڻا، راڄِيا، ڪوٽَنِ مَنجه ڪُنبَنِ؛
جَنِهن جو جاڙيجَنِ، سُتي سَنچو نہ لَهي.

22

لاکو لِکِيءَ تي چَڙهي، لَکِي لاکي هيٺِ؛
سونهرايُون سِرِ ڪَيو، پِيڙي پَڌي بيٺِ؛
ڪَندو ڏَمَرَ ڏيٺِ، صُباحَ ساڻُ سَپَڪَنهِين.

سُرُ بلاول

داستان پهريون

1

وِسَهُ اِنهِين ويڻ ڪي، جِئَن دَعوَتَ ڪِـي داتا؛
مَضۡمَضَهٗ واتا، وِجُهه تہ ڏيئي واتَ مِ.

2

پِيُ مَ طَهُورا، وانءُ اورانگهي اورِيان؛
وِچان جي وِصالَ ڪي، سي سَپ اُجُورا؛
حاصُلُ حُضُورا، سَمي جي سَپ ٿِئي.

3

سَما! تو سِرَ چَٽُ، ناتَ پاڳارا پُرُسَ پيا؛
ڳَهڻَ! تُنهِنجي ڳِچَڙي، اچي جالَ جَڳَٽُ؛
جِنِ جيها ئي پَٽُ، تِنِ تيها ئي ٻِڪيا.

4

سمو تِن سَڏَ ڪري، جِنِ تي وڏو ويرُ؛
اُٿي نہ آجِي ڻِيان، پائي پاڪوڙي پيرُ؛
تو رِءَ پِيو ڪيرُ، سَرَڻِيُنِ جا سونا سَهي.

5

سَرَڻِيُنِ جا سونا سَهي، وَسيلو وِلهَنِ؛
لُڏي ڪِينَ لَطِيفُ چئي، اَڳِيان لالُ لَڪَنِ؛
جِتِ ڪوڙين ڪِينَ ڪُڇَنِ، اُتِ پابوهي پَڌَ رو.

6

تَڙِ تَڙِ ڪِيمَ تَرَسُ، سَرُ نِهارِج سَپِرو؛
ڏِينڊُءِ لَڪَ، لَطِيفُ چَئي، راجَ راهُوءَ جي رَسُ؛
وِلها جنهن وَنِهيا ڪَيا، پاڳَ تِنهنِجي پَسُ؛
ڪوڙين لاهي ڪَسُ، جي ڳالهائي ڳاٺُ ڪٺي.

7

علاؤالدِّينُ آئيو، ڪَٽي چَلِ چُڳيرُ؛
ڪَنهِين ڪِينَ هِمَٿيو، ڪانَ جَهلِيندو ڪيرُ؟
سُومِرين سامَ ڪَنئي، اَبڙي ڪَيو اُٿ پيرُ؛
هو مُهانئِين مِيرُ، پر مَسِتُورانِ مارِيو.

8

سَرَٽِيُنِ جي سُکَ لِءِ، سامَ ڪَنئي سَردارَ؛
جي آيُون اَبڙي جي آڌارَ، سي سُونگ نه ڏِينديُون سُومِريُون.

9

پِينَ مِڙَني ڏِنيُون، ڏِئي نه ڏُونگرَ راءُ؛
اَڻَ ڏِنِيُن آڏو ڦِري، ڏِنيُون ڏِئي ڪِٿاءُ؛
لوريُون لکَ مَٿاءُ، اُنَ مَٿيري موٽائِيُون.

10

اَبڙو اَڳاهَنِ ۾، پَرَ جَهلو پارِي؛
سَمي سُوالِيُنِ کي، ويلهَ وسارِي؛
مَنهَن مُنِي جَڪرو، طامائُنِ تارِي؛
پُڇي سي پارِي، جي عاجِز اَجورَنِ ۾.

11

ابڙو اَڳاهَنِ ۾، سَيَرُ جِئَن پيلي؛
سي پَٺَ ڪَنهن نه پُورِيا، جي ٿو پَڙُ پيلي؛
سَجَڻَ سانوَڻَ مِينهَن ۾، جِئَن، رُڃُون ٿو ريلي؛
اَچَنِ جي ويلي، تِنِ بورَ بَخِشي پِٺَ ڏِٺي.

12

اَبڙو وَڏَ وَڙو، سُوَڙو، سَمو، سُونهن سَپَن؛
تَنهن دَرِ سَپ اَچَنِ، ڪَنڌُ نه ڪَدي ڪَچَ ڏِٺي.

داستان پيو

1

جَڪِرو جوڙي، پاڻَ ڏِٺيءَ پيدا ڪَيو؛
ڪيهَرَ جِئَن ڪَرُ ڪٽي، مُڇُون مَلُهه موڙي؛
سَمُونڊَ جِئَن سِيرَ ڪَيو، ٿو ٻارِ جِئَن ٻوڙي؛
گهوٽُ چَڙهِيو گهوڙي، پيچِنُ لائي پيچِرا.

2

جَڪِرو جَسَ ڪَرو، پِيا سَپِ اَنِيرا؛
جِيائِين جُڙيو جَڪِرو، تِيائَين نہ پِيا؛
مِٽي تَنهِن ماڳا، اَصُلُ هُئَي ايتِرِي.

3

ڏِني جادَمَ جَڪِري، چِتِ نہ پِيا چَڙهَنِ؛
نہ ڪي ڪُوهَ ڪَجَنِ، جہُ سَرُ لَپي سَپَرو؟

4

هَٿان جادَمَ جَڪِري، وِٽي وِچ مَ پوءِ؛
پِي پِي سو پُرِ ٿيو، جو حاڪِمَ پاسي هوءِ؛
ڪَيف ڏاران ڪوءِ، جِئي ڪو مَ جهانَ مِ.

5

هَٿان جادَمَ جَڪِري، وِٽي پوءِ مَ وِچُ؛
”اچو! آيا نِچُ!“ سَمي وائِي واتَ مِ.

6

جَڪِري جهو جُوانُ، ڏِسان ڪونَ ڏيهَ مِ؛
مُهَڙُ مِڙَني مُرِسَلِين، سَرسُ سَندِس شانُ؛
”فَڪَانَ قَابَ قَوسَيِنِ اَوۡ اَدۡنَیٰ“، اِيُ مُيسَرُ ٿِيُس مَڪانُ؛
اِيُ آگي جو اِحسانُ، جَنهِن هادِي ميڙِيُمِ هَهڙو.

داستان ٽيون

1

ڪوهُ نہ جُهارِئين جَڪِرو، جنهن ڏيهَ ڏيا ڏيئي؟
جي لُڏِيا ٿي لِينگهن مِ، شالُن مِ سيئي؛
سَمي سَپيئي، طاماعُو تارِ ڪيا.

2

اَلا! جُنگَ جِيَنِ، جِنين اَجهي گهارِيان؛
شالَ مَ سُڪي ويئَرِي، جِئان پِيّ پِيَنِ؛
مَرَڪَڻَ! اَڪَرِيَنِ، تو ڏِني مُون سُڪُ ٿِئي.

3

اِيندي لَٿي اُجَ، پيرَ پَيرِيندي ٿِرِيا؛
مَنجِهه ويئَرِيءَ سُجَ، ڪَرَ لَڏِي رِڻُ اُڪارِيين.

4

تُون اوڏَرُ، تُون اوڏَڪو، تُون اجهو، تُون اَگُ؛
هِتِ پِڻُ تُنهِنجو تَڪِيو، مَهَندِ پِڻُ تُونهِين ماگُ؛
سي لورِيُون ڏِيَنِ نہ لاگُ، جي اَجهي آيُون اِبڙِي.

5

پَسَنديئَي پُرِ ٿِيا، جَڪِرو ئي جاجِڪَ؛
ٿِئان ڏِني مَڱَڻيَ، طَهُورا جي تِڪَ؛
سَمي پَڳِين سِڪَ، واصِلُ ٿِيا وِصالَ ۾.

6

جي اُڏَمِيو اَجُ، تہ وَسندو سون سَنگُ؛
جالَ ڏَئيندو جُنگُ، جَڳُ ڏَئيندو جَڪِرو.

داستان چوٿون

1

وِڳُنڊُ وَرِي آئِيو، وَسَنِ ڪين وِڏوسِ؛
گَندِي، مانِي، ماڳُ موچارو، پاسي پيرَ ٿِيوسِ.

2

وِڳُنڊُ وري آئِيو، پينارَنئُون پوءِ؛
مُحڪَمَ لَڳِسِ موچِڙا، ڏَرو نہ ڏِنُسِ جوءِ؛
وينو اِئين چوءِ، تہ پيِران پاسي نہ ٿِيان.

3

اَسُورَ سَندي آسِري، وِٺو آهِ وِڳنڊُ؛

هَڏِ نہ ڇَڏِيندو هنڌُ، آيِس بُوءِ بَهارَ جِي.

4

اَسُورَ سَندو آسِرو، وَڳَندَ کي وِڏو؛

جُسي ۾ جَڏو، پر کِيَڻَ تي کُڙا کٽي.

5

وَڳَندُ وِري آئيو، بَدُو سين بَدِبُوءِ؛

خاوَندَ! ڏي خُوشبُوءِ، تہ سُرهو ٿِيان سُپِرِين!

6

وَڳَندُ وِري آئيو، ڪِنو ٿِي ڪوجهو؛

ڇَڏي نہ موزو، لَڳِس آرُ عَطارَ سين.

7

داتا سَندي دَرَ تي، وَڳَندُ وِٺو پَسُ!

تَنهِن روڳِيءَ کي رَسُ، جو آلُودو آزارَ سين.

8

وَڳَنڊُ وِري آئيو، نِسورو ئي نَرَڳُ؛
ڳَندا ڳُلابِي ڪَري، سَيَّدَ جو سَرَڳُ؛
عَطُرَ سين اورَڳُ، تہ هُئين سَدائين سُرَهو.

9

وَڳَنڊُ وِري آئيو، بَدُو بي نِمازُ؛
جِئَن تِتِرَ مٿي بازُ، وَڳَنڊُ تِئَن سُرهاڻِ تي.

10

وَڳَنڊُ وِري آئيو، ڪونڙِيان ڪُلاٿُ؛
سَندو ڪِرِڙَ ڪاٺُ، هَڻُ نَرِڳيءَ کي نِڪَٽِين.